

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

حق ۽ واسطا محفوظ

بيدل سائين ۽ جو رسالو
مُرتب: اختر درگاهي
سال: 2011ع
تعداد: هڪ هزار
ڪمپوزنگ: فهيم منگي
ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي
چپائيندڙ: بيدل يادگار ڪميٽي
چپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور
قيمت: 500 روپيہ

© All Rights Reserved

BEDIL SAIN JO RASAALO
Compiled by: Akhter Dargahi
First Edition: October 2011
Quantity: 1000 Copies
Composing: Faheem Mangi
Title Design: Saeed Mangi
Published by: Bedil Yadgar Committee
Printed by: Popat Printing Press Khairpur
Price Rs. 500/-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

درگاھ بيدل بيڪس روھڙيءَ جو ٻاھريون ڏيڪُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بيدل سائينءَ جي مزار جو اندريون ڏيڪُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بيدل سائينءَ جو رسالو

فهرست

- اداري پاران 15
- پيش لفظ 17
- فقير قادر بخش بيدل رحہ جي سوانح حيات 40
  - خانداني پس منظر 43
  - والد بزرگوار فقير محمد محسن جو احوال 50
  - بيدل سائينءَ جي ولادت ۽ نالو 56
  - تعليم ۽ علمي مقام 62
  - طريقت جو سلسلو ۽ باطني فيض 72
  - تصنيف ۽ تاليف 86
  - مجازي مام 101
  - اولاد 111
  - وصال 112
- بيدل سائينءَ جي ڪلام جو مختصر جائزو 113
- بيدل سائينءَ جو رسالو 147
  - وحدت نامو 149
  - فرائض صوفيہ 172
  - ابيات سنڌي 175
  - متفرقا بيت 179
  - نوان بيت 181
  - سرود نامو (سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون) 185
  - مرثيو ۽ منقبت 232
  - سرائڪي ڏوهيڙا 350
  - سي حرفيون 355

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

رسالي ۾ شامل ڪافين جي الف بي وار فهرست

1. آءُ آهيان اسرار، عالم ليکي آدمي 228
2. آءُ سارو سر آهيان، پول نہ ڪو ٻيو پانيان 197
3. آءِ پلي يار آئين، وڃو ڏکي انساني 197
4. آءُ تون ساڏڙي ڪول سدا جيوين ڏولیا 268
5. آءُ وس نيڙي يار نہ تہ مرويسان 252
6. آ وس رانجھا ساڏڙي ويڙهي 331
7. آؤ سين ڪول اساڏي ڪڏاهان 342
8. آءُ تون سنجھ صُبا حين 338
9. آهيان نور نفيس جوڙيم جوڙ جڳت جي 206
10. آيو پهري ويسُ صورت جو بيرنگ نيارو 227
11. آيو نيهئون نور نيارو اڄ انساني اوتار ۾ 214
12. آپ ڪري سر اپنا ظاهر نانءُ ڪيتس انسان دا 286
13. آج پيا هوري ڪيلن آيا 244
14. آهي هندو مومن ايڪ 276
15. آپي وسندا آپي رُسندا هي شيعا سُني ڪون 274
16. آپنون غير نہ ڄاڻين اپنا سر سُجاڻين 255
17. آهي عشق عجب اوقات 300
18. آيا شاھ نيارا اڄگ مين 335
19. اچي پياسي اسي يار محبت جي مهرياڻ ۾ 213
20. امر نهيءَ جون ڳالهيون اوري 209
21. اپنا پيد ڪين پاءِ ڏونهان دا پيد تو پايا 301
22. اسان پرديسي پري ٿون آئي 309
23. الله ڪري شل آوي رانجھو ساڏڙي ويڙهي 325
24. بخش ميڏي تقصير رانجھن سائين 270
25. بدنامي دي پڳ تي ٺهندي 291
26. برهہ جو باري بار رمز بازن ريءَ 199
27. برهہ بسنت ڪي باس 238
28. برهي ڪي بي اختياري 289
29. برهہ بهار هوئي چؤڏاري 241

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

30. برھ پلي تون آئين آءِ ويران وسايوئي 278
31. باغ بھاران من نھين پانودي 239
32. بشريت دا ڪر بھانا 269
33. بيخودي دا باب جو پڑھي 338
34. بيڪس ڪاڻ پنيور ۾ 211
35. ٻاجھ تيڏي مرجا نوديان 257
36. ٻُجھي مام منصوري پري پري 201
37. ٻاجھون گم ٿيوڻ دي يارو 316
38. ٻاجھون فاني ٿيوڻ اپني 348
39. ٻاروچو توساڻ ووڑين چو وٽڪار ۾ 215
40. ٻلا ٿيوي ڏولیا سانون درس وکاءِ 250
41. تخت هزارا چوڑ رنگپور دي وچ 334
42. تخت هزار مين وسيان رانجھو نال 324
43. توريءَ عين عذاب توڙي باڙي باغ بھشت جا 215
44. تون تہ اھو ساڃي آھين ذات مقدس پاڪ 198
45. تون تہ اھو آھين ساڃيو پُل نہ ٻي ڪنھن پول 198
46. تون تہ جو آھين سو آھين 185
47. تون تہ چو ٿو لوڪ پُلائين 186
48. تون تہ ساڃيو سچڻ آھين 185
49. تو ۾ سو سر ساروجنھنجا پنڌ پُڄين 217
50. تو بن ساڏا ڪوئي حال نہ پُڇندا 302
51. تون ساڏي نال پيارا ڪڏان ٿيسين 263
52. تيڏي مُک ويکڻ دي ڪيتي 344
53. تو بن اور نھين ڪو جڳ مين 345
54. تون تہ مھر نظر مڙ پال 224
55. تيري لئي مين دلبر ڦرندا جو 267
56. ٿيءُ غيب ۾ تون غيب لنگھي عيب ثوابون 229
57. ٿي آيس انسان آھيان اسرار عجائب 211
58. ڄاڻ تو پيدا ڪيو ڪن مون ڇيءِ 231
59. ڄاڻ پنھون تون آھين 210
60. ڄاڻ ڏاڍن سان نيھن نہ لائجي 231

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

61. پرينءَ کان پروڙ هي پرايم 221
62. پُريا پورب پار سامي سنگ چني ويا 220
63. پُورب پھ پيون سامي ويا سنسار 221
64. پُھچ پير پيران ہڏي هي ہاڏايو 228
65. پھري ويس جلالي يار ڪري لا و بالي 258
66. پيارا جم جالين جالين 346
67. جاڏي ڪاڏي پاڻ چڏ تون غير گمان 204
68. جاني جوڳي دا ڪر بھانہ راھ مسافر 326
69. جالي ساڏو مين سنسار 206
70. جوئي آهيان سوئي آهيان 205
71. جوشئون جلائي جسم ڪي 190
72. جوڳي والي ويس ۾ ڪوئي راھ مسافر 321
73. جنھن سر آيا نيھن آپي ڏس ڏيسي 251
74. جنھن نون عشق بتاوي راھ 276
75. جيھي لباس مين آوي 339
76. جسم دي پول نہ پُلين تون هين 333
77. جيوين محبوب دا رايا 322
78. جھاتي پاءِ درونِي ويکين 294
79. چاڪ ڪيتا سانون چور 325
80. چاڪ ڏھون ساڏا چاھ ڙي 320
81. چاڪ نھين يار ساڏا 324
82. چاتم بار عشق دا جو باري 340
83. چال اھين دي نال ڪريندا 292
84. چاھئون چاتي روز ازل وچ 290
85. چشمان والڙي چال 256
86. چلو ري سنئيان چرچا ويکين 241
87. چلڙ عشق دي چال ملي ملواڙي دا 315
88. چلندا چال انا نيت دي هر مظهر 292
89. چيٽڪ لاتا چاڪ مايا مرويسان 249
90. چوڙ دوئي دا ديس وحدت وطن 332
91. حسن اساڏا هادي برحق 332

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

92. حسن بسنت بهانا کيتس آپ وکاوڻ 242
93. حسن بسنت مين ڏيوي ڏکالي 242
94. حسن تساڏي سهسي چاڑهي 282
95. حسن دا جلوا کعبہ قبليٰ 268
96. حُسن دي هَل هگام ساڏا هوش 252
97. حُسن بسنت بهار بيرنگي 238
98. حُسن سونهارا رهبر ساڏا حق دا راهہ 272
99. خاکي کيڙم ويس نہ تہ آهيان نور 210
100. خاک وچون اکسير بنيا 331
101. خمر کنهن خاصي خماريا 195
102. دعويٰ دُرنگي جي ستي 194
103. دم دم دلبر کاڻ 226
104. دم موليٰ دم موليٰ 333
105. دم دي سُرت سنيال رکين دم هي اسرار 271
106. دم ذاتي مهرياڻ جي تون دم نون 265
107. دم الله عشق دي راهہ اٽائي 312
108. دم الله عشق کيتي مين جائي 313
109. دم وچون آدم جو بٹيا 303
110. درد فراق دي کيتي سوز گداز 285
111. درد عشق وچ جنهن سر ڈتڑا 298
112. دلبر ساڏڑي ديري 284
113. دلڑي ساڏي چور کيتہ ڈوليا 269
114. دل کساوڻ لوک هساوڻ 309
115. ديدان والڑي ڈاڑي راهہ مسافر 250
116. ديدن سان کري ڈاڑو 222
117. ديس چڈي پرديس تون آئين 223
118. ڈاڍا اوقات کو آيا 287
119. ڈاڍا چيٹک لايا انهان ناز پريان 347
120. ڈون ٹي دم اهين پچري وچ 345
121. ڈيندا يار ڈکالي ظاهر 289
122. ڈس کيڈو آنبهہ کيو 196

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

123. ذاتي خيال اثباتي سمجھڻ 230
124. ذاتي حُسن صفاتي گھونگھٽ 343
125. ذوق سرود پچو درويشان 202
126. رائي پنھنجي يار پيارو 219
127. رات مون جي مارن جو نئون نياپو 207
128. رانجھو اساڏي ويڑھي يار آوندا 303
129. رانجھا تخت هزاري دا سائين 327
130. رانجھو يار پلايا سانون در عشق 327
131. رانجھو والي رمز اساڏي 320
132. رانجھو نال مين ويسان 283
133. رانجھو نال مين تخت هزاري ويسان 311
134. رانجھو نال اساڏا روح رليا 310
135. راتي ڏينھان رکين دم دم نالي 336
136. رنگ ثبوت صفائي دا 262
137. رنگپور ساڏي روح نہ پاوين 321
138. رنگا رنگ ظھورا تيڏا 288
139. رکندي خون ڪرڻ دا رايا 257
140. رخ رانجھو دا ڪعبہ قبليٰ 329
141. رک تون سُرت سُجاڻ تہ تون 260
142. رمز چوان يا مام چوان 230
143. رانجھو دي رمز ساڏا من موهيا 330
144. سالم سنيها هوبَھو پھتا پرين 188
145. سالڪ رمز سرود جي سمجھن 202
146. سالڪن جي سر تي سدائي 199
147. سانون محبوب دي ماڻي 323
148. سانون عشق تيڏا تڪرار لڳا 314
149. سانون رات راتوڪي رانول 256
150. سانون نينان دي ناز 329
151. سانون رمز ڏاڍي يار لائي 281
152. سانون ڏتڙي يار ڏيکالي 274
153. سالڪ سير سلوڪ دا ڪر 306

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

154. ساڈي نال کيا کيتا عشق تساڈي 279
155. ساڈي دل کسکي زورا زور 349
156. ساڈي نظر تُون دلبر کيون کر تو 280
157. ساڈي گھر سائيان کليا باغ 240
158. ساڈي طرف سنيهان پهتا هي اج 259
159. ساڈي نال تو لنوڑي جو لاتي 341
160. ساڈي تساڈي ڳالهين بهه بهه 324
161. ساڈي رمز ڈساوڻ کيتي 277
162. ساڈيان تہ اکيان لڳيان 319
163. ساڈي نال لائي ڈولڻ آپي 295
164. سر اسرار حقيقي آهيان 219
165. سر سبحاني آهيان صورت کيل 196
166. سر سمجهه تون سارو مار منصوري 194
167. سمجهه رک سالک سچا ڈس 208
168. سر حقيقت وارو سالک کو سمجهي 192
169. سهڻا تيڈيان چشمان سانون چيتک 243
170. سر امامين آيا بار غمان دا 279
171. سنئيان ويکو رنگ پياري دا 339
172. سکي وسي آپ سهڻا دکي وسي 305
173. سجدا کيتا ساڈي ساهه 270
174. سهڻي نال لڳي ساڈي ديدان 275
175. سهڻي اڳون ساڈي آزي آزي 254
176. سهڻي نال لڳي ساڈي ياري 275
177. شاهنشاه سيالين دي وچ شوقئون 326
178. شاه درياهه لهر وچ آيا 268
179. شاهي طبل وڄاوڻ واري ول ول 345
180. شاه حُسن دا شان 296
181. صورت جو سردار پلي کري آيو 227
182. صورت انساني دي اولي سمجهه تہ 279
183. صورت محمدي مين روشن هي سر سارا 294
184. صورت انساني دي اولي ويک تہ کون الیندا 288

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

185. صورت دا واپاري آيا ساڈي ديس 337
186. صورت حق دي هي انسان 262
187. صوفي لا مذهب تڪرار 203
188. ظاهر بندو باطن مولا 219
189. ظاهر بين سمجهه نهين سگهدي 337
190. عاشق ٿئين تان سر ڏين 191
191. عاشق ٿيءُ الستي ماڻ منصوري مستي 246
192. عشق سندو آثار نڪي ڳجهو رهندو 227
193. عشق امام محمد مهدي دوئي اٿئي دجال 203
194. عشق جو ڏس اسرار سڀ صورت ۾ يار سمايو 224
195. عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو 189
196. عشق لڳا سانون مايا مايا 253
197. عشق الست بربڪم والا 258
198. عشق لڳا تدبيران چُڪيان 327
199. عشق ڏي ڪر امدادي 346
200. عشق اسانون وڪلايا عجب اسرار 240
201. عشق دي لاوڻ ڪيتي 308
202. عشق دا بحر عميق 247
203. عشق دي الڻي ڪيل 343
204. عشق جي الڻي چال 246
205. عشق دي لڳڙي تار مينون 243
206. عشق دي چوپڙ ڪيلن عاشق 255
207. عشق نهين آسان 251
208. عشق اڪ تون ڪون هين 297
209. عشق نهين ڪائي چرچي بازي 299
210. عشق دي آتش مينون 273
211. عشق بتاوي راهه هدايت 283
212. عشق تساڏيدي طعني 321
213. عشق وڪاندا اسانون نت نت 288
214. عشق اُهين دي ڏيوا ٻاليا 347
215. عشق عطا الاهي هي برهه نه چيز بهائي هي 290

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

216. عشقئون آيو آيو صورت ويس پر سهٹو 217
217. عشقي کا درياهه بيڪنار عميق سٹيجي 307
218. عشقدا اعليٰ شان 335
219. عشقي سانون چاڻي چڪائي 273
220. عاشقاندا نال مذاهب آک سنئيان 261
221. عقل جو ويواختيار 225
222. علم عقل دا ڪم نه يارو 269
223. غازي در منصوري مارن 325
224. فاذڪروني اذڪرڪم 200
225. فڪر نفي اثبات ڪسي دن 307
226. فوجان حُسن ديان چڙهيان 316
227. قرب نهين وچ قال 287
228. ڪانگ لنوي مٹي لات 223
229. ڪين ڇاڻن يار عام عشق جي مام 200
230. ڪڏهن ايندين منهنجا جاني 222
231. ڪونه ڏٺوسي جڳ منجهه جيڏيون 231
232. ڪعبو قدسي توهي ساڻ 201
233. ڪري سينگار صورت جو 205
234. ڪيهي ڪيهي لاٽئه رمزان 252
235. ڪنون جدائي مين جلنديان 336
236. ڪيهي لاٽئه يار جاني 323
237. ڪٽان هين بيرنگ سڏائين 282
238. ڪهه عشق ڪهان سي آئي هو 291
239. ڪر اعتبار ته ويڪين جلوا 285
240. ڪيا آکان ڪس دي اڳون 253
241. ڪر هڪ ترڪ وجود 330
242. ڪهڙيون ديدان لايون 193
243. ڪيا جو ڪنز هدايه پڙهيا 332
244. ڪوئي عاشق بي سر بي پا 348
245. ڪٽ ڪا پنچي ساچ ڪهو تم 304
246. ڪيها هل هلائيه 322

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

247. گم ٿي گم ٿي گم ٿي غازي 218
248. لاهوتي سي لعل 220
249. لاشڪ آ شائقن کي 229
250. لامڪانون ڪيون ڪر آئين 259
251. لدني علم دا جي تون شائق 302
252. لٽ نيتي دل ساڏي هڻ ڪر ينداٸين 326
253. لٽ نيتي دلڙي چيريان دي چمڪار 248
254. لڳيان لڳيان لڳيان ديدان 254
255. لنو ساڏي نال لاٸي دلبر 280
256. لڳي اساڏڙي ياري 284
257. مورک پرجهه ڪي پاڻ ڪي 188
258. مون سان پيڇ پنهونءَ جو 193
259. معنيٰ وجودي ڪر صحي 195
260. مايا مينون جوڳي ڪيها جادو 349
261. مار نعارا اناالحق دا 307
262. مرد آها منصور 300
263. مار گهتيا سانون 248
264. موهن پيارا ڪر آيا بسنتي ويس 239
265. مين ماهي دي نال لوڪان لنوڙي 331
266. مينون چاڪ نہ ڇاٽين 310
267. محبوبان ڪيها ماريا 286
268. مين تہ نڪاروڙي آهيان 319
269. ماهي يار دي نال ٻيلي ويسان 245
270. معشوقاندي مام عام ڪيا ڇاٽن 247
271. مين تہ بيراڳڻ ٽيان 254
272. ماري نيهن دا نغارا 298
273. معاف ڪرين لڳ مولا 285
274. مين تہ سيلانڻ ٽيان 318
275. مذهب دا ست ڪوڙا جهيڙا 330
276. مڪ ماهي دا ڪعبہ قبليٰ 344
277. مڪ ماهي دا نور تجليٰ 306

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

278. محبت دي مام اوکي 295
279. من تن لگن لڳي ڳيان دليان 266
280. مينون تساڈي يار چنتا لڳ ڪڙي هي 272
281. مينون تساڈي تانگھ لڳڙي پيارا 349
282. نامیان نسھرونیھن جو نعرو ھڻج 186
283. نئون نياپو آيو ماروئڙن جوموندڙي 207
284. ناز دي خنجر نال هميشہ عاشق 349
285. نهين الله ڪوئي اور 270
286. نيھن دي نڪتي سالڪ سمجھن 261
287. نين لڳي نروار ڙي سنئيان 328
288. ننگ اساڏڙا پالين 287
289. نت نھاريان مين راھان 249
290. نهين سوکي لنو لاوڻ 308
291. نيھن لڳا ساڏا جائي 284
292. نهين حاجت پڙھڻ پڙھاوڻ دي 299
293. نين لڳي رانجھو نال سنئيان 317
294. نڪر منجھان ناسوت 204
295. واقف وسھ هي ڳالھڙي 190
296. وجي محو ٿي محبوب ۾ 187
297. ويندس نات مري موٽج دوست 214
298. ويکو شاھ حُسن دا آوندا 266
299. ويکو رانول رمزان ليّان 264
300. وحدت دا رک خيال 260
301. وه ٽور عجب جيھي ٽرندي 265
302. واه وا جلواپاندي هو 281
303. وحدت دا ويساهي 301
304. وه بيرنگي آپ آدم بنکي آيا 304
305. هت هت حامي آھ اسانجو 218
306. هر طرف ساجن ٿو وسي 225
307. هوت سگھي لھ سار 212
308. هرمظھر مين يار ڪنون منگ فيض 271

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

309. هر گهٽ دي وچ هوري کيلي 276
310. هرجا هو حق ڇاڻي آپ وچون نہ آڻي 277
311. يا ڪي ٽئين وجي يار 216
312. يار عجب اسرار بنايا 320
313. يار ڪريندا لحظي لحظي 286
314. يار يگانہ هرجا وسندا 306
315. يار تون تہ سهسين رنگ 245
316. يار سڃڻ دي ڳالهين 283
317. يار پريم لڳايا وي 293

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

اداري پاران:

شاھ جي رسالي ۽ سچل سائين جي رسالي کان پوءِ "بيدل سائين جو رسالو" سنڌ جي فڪري ۽ ادبي تاريخ ۾ خاص طور تي صوفياڻ ۽ ڪلاسيڪل شاعريءَ جي حوالي سان ٽيون وڏو اثاثو ۽ اُهجاڻ آهي، جنهن کي سنڌ جي نامياري محقق، اديب، شاعر ۽ تصوف جي ڄاڻو محترم اختر درگاهي نهايت عشق ۽ اُڪير سان مرتب ڪيو آهي. بيدل سائينءَ جي هن رسالي ۾ بيدل سائينءَ جو سمورو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام پيش ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ترتيبوار سنڌي بيت "وحدت ناموَ"، "فرائض صوفيا" "سرود ناموَ" (ڪافيون) سرائيڪي ڏوهيڙا ۽ سي حرفيون شامل آهن. بيدل سائين جو اهو ڪلام هن کان اڳ ۾ به مختلف حصن ۾ شايع ڪيو ويو هيو. سڀ کان پهريان گدومل هرجاڻي 1940ع ۽ 1943ع ۾، بولچند راجپال 1950ع ۾ ۽ آخري پيرو اُن کي مرحوم عبدالحسين شاه موسوي 1954ع ۾ ترتيب ڏنو جنهن جو ٽيون چاپو 1991ع ۾ پڻ پترو ٽيو. انهن ذڪر ڪيل ڪتابن ۾ جيتوڻيڪ بيدل سائينءَ جي سوانح عُمري ۽ ڪلام جا اهم پاسا اجاگر ٿيل آهن پوءِ به جيئن ته اهو ڪم اڃ کان پورا 57 سال اڳ جو ٿيل هو، ان ڪري ضروري هو ته ان کي جديد تقاضائن سان ۽ هيل تائين جي ڪيل نئين تحقيق جي روشنيءَ ۾ سهيڙجي.

محترم اختر درگاهي هن تاليف ۾ هڪ طرف بيدل سائينءَ جي سوانح حيات تي نئين انداز ۽ نئين تحقيق سان روشني وڌي آهي ته ٻي طرف بيدل سائين جي ان ڪلام کي هن کان اڳ شايع ٿيل سمورن ڪتابن ۽ 8 قلمي نسخن سان پيٽائي ان جو مستند متن تيار ڪيو آهي جنهن لاءِ سندس مددگار بيدل سائينءَ جي ڪلام جو اهو اهم، معتبر ۽ مستند قلمي نسخو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بٹيو آهي جيڪو بيدل سائين جي فرزند ۽ طالب فقير محمد محسن بيڪس (وصال 1298ھ) جي هٿ اکرن ۾ لکيل آهي.

بيدل يادگار ڪاميٽي جتي بيدل سائين جي ٻين تصانيف کي شايع ڪرائڻ جو هڪ اهم سلسلو شروع ڪيو آهي اُتي بيدل سائينءَ جو رسالو هڪ وڏي ۽ اهم ڪاميابي آهي.

محترم اختر درگاهيءَ جا هن کان اڳ بہ تحقيقي ڪتاب "بيدل جو اردو ڪلام" "تذڪره جانشاهي"، ديوان بيدل (اردو)، جانشاهي بزرگن جو ڪلام ۽ "بيدل بيڪس سڪايل" مجتا ماڻي چُڪا آهن جڏهن تہ "بيدل سائين جو رسالو" ڪيس سنڌ جي محققن جي پهرين قطار ۾ اچي بيهاريو آهي.

بيدل سائين جي رسالي کي خوبصورت شايع ڪرڻ تي بيدل يادگار ڪاميٽي محترم قربان منگي ۽ محترم فهيم منگي جو شڪريو ادا ڪري ٿي.

آڪتوبر 2011ع

بيدل يادگار ڪاميٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پيش لفظ

فقير قادر بخش بيدل، سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ عظيم صوفي ۽ وحدت الوجودي شاعر هجڻ سان گڏوگڏ برڪ ۽ بيمثال جيد عالم، باڪمال عارف، اعليٰ مفڪر، رنداني شخصيت جو مالڪ ۽ سالڪ ٿي گذريو آهي. فقير قادر بخش بيدل جي فَنَ ۽ فِڪر، علم ۽ فَقر تي اسان جيترو به لکيو آهي يا جيترو به لکنداسون اهو سندس عِلمي، روحاني ۽ عارفاني شخصيت جو احاطو نه ڪري سگهندو. ان سلسلي ۾ هتي سندس فرزند، وارث ۽ سندس پهرين سوانح نگار فقير محمد محسن بيڪس جو چيل اهو "وصال نامو" پيش ڪجي ٿو جيڪو هُن پنهنجي والد بزرگوار ۽ پير مُغان بيدل سائينءَ جي وصال ٿي چيو آهي:

رمز رندیءَ جو عجائب روهڑيءَ ۾ راز هو
نالي بيدل بادشاهه بيشڪ اُتي شهباز هو.

موج مستيءَ ۾ سدا سلطان سرفراز هو
حلاج جي حالت ۾ هردم من خدا ممتاز هو.

پير مغان جي پيش هڪ حقيقت مجاز هو
هم اوست واري حال ۾ محمود سو اياز هو.

درد واري دين ۾ هو ويڑ وحدت باز هو
عشق جي اوتار سان دلدار دست دراز هو.

هن تماشي گاهه ۾ اٺهه سندي آواز هو
مرضيءَ موجب پانهنجي سو سير صفاتي ساز هو.

سال ٻارهن سؤ اٺيانوي ۾ سوز گداز هو
سورهين ذوالقعد جي هاديءَ سندو پرواز هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بيدل مُرشد منهنجو سائين غريب نواز هو
بيڪس خادم در سندس کي عشق جوآغاز هو(1)

بيڪس سائينءَ جي چيل انهيءَ "وصال نامي" ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ بيدل سائين رندي رمز جو راز، موج ۽ مستيءَ ۾ سرفراز، منصور حلاج واري ڪيفيت ۾ ممتاز، صاحب حقيقت ۽ مجاز، هم اوست واري حال ۾ شهباز، درد واري دين ۾ وحدت باز ۽ عشق جي اوٽار ۾ بلند پرواز هو.

بيشڪ فقير قادر بخش بيدل عشق جو امام، رندن جو رهنما، مستن جو مُهندار، منصور حلاج جو همراز ۽ مجاز کان حقيقت جي عرش تي اُڏامندڙ شهباز هو. هي تہ آهي بيدل سائينءَ جي روحاني ۽ رندي شخصيت جو ذکر پر جيڪا ڳالهہ ڪيس سنڌ جي علمي تاريخ ۽ ادب ۾ مٿانهون مقام ڏياري ٿي اهوآهي سندس عظيم ۽ باڪمال صوفي شاعر۽ وحدت الوجودي مفڪر هُجڻ. بيدل سائين سنڌ جي اَساسي ۽ عظيم شاعرن جي ان قطار ۾ نمايان نظر اچي ٿو جنهن قطار ۾ ڪانئس اڳ سنڌ جو سرتاج شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ حضرت سچل سرمست پنهنجي اعليٰ مقام ۽ فڪر سان موجود آهن. بيدل سائين پنهنجي پيش رو شاهہ لطيف ۽ سچل سائين جو تمام گهٽو عقيدت مند هيو ۽ سندن ئي فڪر ۽ فن جو تسلسل ٻڌيو، نہ صرف ايترو بلڪ بيدل سائين انهيءَ اعليٰ آدرشي فڪر ۽ خوبصورت فن کي زوردار نموني اڳتي پڌ وڌايو ۽ فڪري توڙي فني طرح نوان لاڙا پيدا ڪيا.

فقير قادر بخش بيدل نہ صرف سنڌي، سرائڪي، اردو، فارسي ۽ عربي هولين جو باڪمال شاعر هيو بلڪ اعليٰ پائي جو عالمَ، فاضل، مفسر، محدث ۽ نثر نويس پڻ هيوجنهن پنهنجي 59 سالن جي حياتيءَ ۾ رندي ۽ وحدت الوجودي ڪلام سان گڏوگڏ بيمثال عِلمي، روحاني ۽ عرفاني تصنيفون لکيون جن جو ذکر اسان اڳتي هلي ڪنداسون.

"بيدل سائينءَ جو رسالو"، فقير قادر بخش بيدل جي اهڙي عظيم، اَساسي ۽ باڪمال شاعريءَ جو مجموعو آهي جنهن ۾ سندس سنڌيءَ سرائڪي ڪلام شامل آهي، جنهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

1. سرود نامو (سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون)
2. وحدت نامو (سنڌي بيت)
3. فرائض صوفيہ (سنڌي بيت)
4. ابيات سنڌي (متفرقا سنڌي بيت)
5. سرائڪي ڏوهيڙا ۽ سحرفيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

فقير قادر بخش بيدل جو اهو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام گهٽا سال اڳ ئي شايع ٿي چڪو آهي ۽ ان کان اڳ جو ان ڪلام جي شايع ٿيل ڪتابن جو تفصيلي اپياس ڪجي هتي انهن جو سرسري جائزو وٺجي ٿو.

1. ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عُمري ۽ سرود نامو (ٻن جلدن ۾): مؤلف گدومل هرجاڻي مطبوعا 41-1940ع

هن ڪتاب جي ٻنهي جلدن ۾ بيدل سائين جي سوانح عمري ۽ بيدل سائينءَ جون 255 سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون شامل آهن جڏهن ته وحدت نامو، فرائض صوفيا ۽ ابيات سنڌي هن ۾ شامل نه آهن.

2. سرود نامہ: مؤلف گدومل هرجاڻي مطبوعا، مارچ 1942ع

هن ڪتاب ۾ مٿي ذڪر ڪيل ڪافين کانسواءِ سرائڪي ڏوهيڙا، سلوڪ، هڪ سحرفي ۽ ٻہ اردو غزل شامل آهن.

3. وحدت نامہ: مؤلف گدومل هرجاڻي مطبوعا، ڊسمبر 1943ع

هن ڪتاب ۾ بيدل سائينءَ جي وحدت نامي جا 149 بيت شامل آهن.

4. بيدل جو سنڌي ڪلام: مؤلف بولچند راجپال مطبوعا، 1950ع

هن ڪتاب ۾ بيدل سائين جي مختصر سوانح عمري کان سواءِ وحدت نامي جا 149 بيت، فرائض صوفيا جا 21 بيت، متفرقا 11 بيت 82 سنڌي ڪافيون، هڪ مرثيو ۽ منقبت شامل آهي.

5. ديوان بيدل: مؤلف عبدالحسين شاهہ موسوي پهريون چاپو 1954

هن ڪتاب ۾ بيدل سائينءَ جي تفصيلي سوانح عُمري کانسواءِ وحدت نامو (151 بيت) فرائض صوفيہ (23 بيت) ابيات سنڌي (32 بيت)متفرقا (8 بيت) 316 سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون، 27 سرائڪي بيت، چار سرائڪي سحرفيون، 12 اردو غزل، سلوڪ، ٽي فارسي غزل، هڪ مخمس، تاريخهاي ۽ هڪ عربي غزل شامل آهي.

بيدل سائينءَ جي سنڌي ۽سرائڪي ڪلام جي انهن ذڪر ڪيل شايع ٿيل ڪتابن جا جيڪي قلمي ماخذ ۽ نسخا رهيا انهن جو وچور هن طرح آهي:

گدومل هرجاڻي واري چاپي ڪتاب جا قلمي ماخذ

1. قاضي پير محمد وارو قلمي نسخو
2. بيڪس سائينءَ جو دستخط لکيل ڪتاب
3. ڪنعئي جو قلمبند نسخو (2)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بولچند راجپال واري چاپي ڪتاب جا قلمي ماخذ

1. جيوڻ لعل وارو قلمي نسخو
2. فقير غلام علي مسرور وارو قلمي نسخو
3. قاضي پير محمد وارو قلمي نسخو
4. بيڪس سائينءَ وارو قلمي نسخو. (3)

عبدالحسين شاه موسوي واري چاپي ڪتاب جا قلمي ۽ چاپي نسخا

1. غلام مهدي قاضيءَ جو قلمي نسخو
2. پانڌيا جهامنداس وارو قلمي نسخو
3. نواب علي شاه وارو قلمي نسخو
4. علي گل شاه وارو قلمي نسخو
5. فولاد فقير وارو قلمي نسخو
6. علي بخش ڪمتر وارو قلمي نسخو
7. سومر فقير جو بياض
8. ماستر ويرومل جو بياض
9. لکميچند پانڌيا جو بياض

چاپي نسخا: 1. راجپال بولچند وارو ڇپيل ڪتاب 2. هرجاڻي گدومل وارو ڇپيل ڪتاب (4)

"بيدل سائينءَ جو رسالو" مرتب ڪرڻ دوران راقم الحروف وٽ مٿي ذڪر ڪيل شايع شده ڪتابن ۽ ٻين تذڪرن کان سواءِ جيڪي اهم قلمي ماخذ ۽ نسخا مطالعي هيٺ رهيا انهن جو وچور هن طرح آهي.

1. بيدل سائين جي فرزند فقير محمد مُحسن بيڪس جو لکيل قلمي نسخو سن 1294هـ
2. فقير محمد مُحسن بيڪس جو لکيل هڪ ٻيو قلمي نسخو
3. قاضي غلام مهدي ۽ آخوند فيض محمد جو لکيل بياض
4. گوردَنداس سوپاٽي وارو قلمي نسخو
5. فقير غلام علي مسرور وارو قلمي نسخو
6. لطف علي عثمان سکري وارو قلمي بياض
7. عبدالرحمٰن خانڪڙهي وارو قلمي نسخو
8. آخوند نور محمد مهر وارو قلمي نسخو

"بيدل سائينءَ جو رسالو" انهن سمورن قلمي نسخن ۽ شايع ٿيل ڪتابن سان پيٽي ۽ سنواري مُرتب ڪيو ويو آهي جنهن جو بنيادي ماخذ اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

فقير محمد مُحسن بيڪس جي هٿ اکرن ۾ لکيل بيدل سائين جي ڪلام جو قلمي نسخو رکيو آهي ڇاڪاڻ تہ بيڪس سائين، بيدل سائينءَ جو فرزند، طالب ۽ شاگرد هيو تنهن ڪري سندس لکيل بيدل سائينءَ جي ڪلام جو نسخو سيني کان وڌيڪ معتبر ۽ مستند آهي. بيدل سائينءَ جو اهو ڪلام، بيڪس سائينءَ جي ڪنن تي ننڍپڻ کان پيو جڏهن سندس والد ۽ پير مُغان اجان وصال نہ فرمايو هيو ۽ تہ بيڪس سائينءَ جو تعلق بيدل سائينءَ سان تمام ويجهو هو، پاڻ سندس ئي وات ۽ فڪر جو پانڌيئڙو ۽ سندس روحاني رمزن جو واقف هيو. ٽئين ڳالهہ تہ بيڪس سائين بيدل سائينءَ جي ئي فيض سان پاڻ بہ عربي ۽ فارسي ٻولين جو ڄاڻو، عربي، فارسي اردو، سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين جو باڪمال شاعر ۽ صوفيانہ شاعريءَ جي فڪر، اصطلاحن، اقوالن ۽ ٻين فني خوبين کان بخوبي باخبر هو. تنهن ڪري سمورن حوالن سان سندس لکيل بيدل سائينءَ جو ڪلام ڪنهن بہ شڪ شبي کان مٿي آهي. اسين هتي بيڪس سائينءَ جي لکيل بيدل سائينءَ جي ڪلام جي انهيءَ اهم ۽ مستند قلمي نسخي جو تعارف پيش ڪريون ٿا.

- **بيڪس سائينءَ جي هٿ اکرن ۾ لکيل بيدل سائينءَ جي ڪلام جو اهم نسخو:**

فقير محمد مُحسن بيڪس جي هٿ اکرن ۾ لکيل بيدل سائين جي ڪلام جو اهو اهم نسخو 209 صفحن تي مشتمل آهي جيڪو راقم الحروف کي موسوي خاندان جي چشم و چراغ سيد عبدالحسين شاه موسوي ثاني طرفان عنايت ٿيو ۽ ہ ٽي سال مطالعي هيٺ رهيو بعد ۾ اها امانت مالڪن جي حوالي ڪري ان جي فوٽو ڪاپي پاڻ وٽ محفوظ ڪئي وئي. بيڪس سائينءَ پنهنجي خوبصورت هٿ اکرن سان هن نسخي جي شروعات فهرست سان ڪئي آهي ۽ ان جي مٿان هن طرح لکيو اٿائين:

"فهرست سرود نامہ حضرت پير مُغان جناب قدس الله روح قلبي فتوحہ اللهم اهدنا وفي عشق بہ بيڪس بخش بحرمت سيدنا محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم."(5)

بيڪس سائينءَ سرود نامي جي شروعات بيدل سائينءَ جي "وحدت نامي" کان ڪئي آهي پر بيڪس سائينءَ انهن بيتن جو سرو "وحدت نامو" نہ لکيو آهي پر ان جي جاءِ تي "بيت" لکيو اٿائين. ان بعد ڏوهيڙا، سنڌي بيت سلوڪ ۽ سرود نامي ۾ شامل سنڌي، سرائڪي ڪافيون شروع ٿين ٿيون جيڪي مختلف راڳن ۽ راڳڻين جي ترتيب سان لکيون ويون آهن ۽ خود فهرست ۾ ئي هر راڳ ۽ راڳڻيءَ جي ڪافين مٿان صفحو نمبر لکي نشاندهي ڪئي وئي آهي اهڙي طرح نسخي ۾ صفحي 25کان 136 تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪُل 18 راڳن ۾ راڳڻين تي مشتمل سنڌي ۾ سرائڪي ڪافيون گڏ ڏنيون ويون آهن جن جو ڪُل تعداد 305 ٿئي ٿو. بيڪس سائين سنڌي ۾ سرائڪي ڪافين کي ان دور جي رواج مطابق فارسي لپي ۾ لکيو آهي. ان بعد ٻي اردو غزل اچن ٿا ۾ صفحي 137 کان بيدل سائينءَ جون چار سحرفيون، صفحي 149 کان بيدل سائينءَ جو ڪتاب قصيده من تواريخ/تاريخهاي شروع ٿئي ٿو جيڪو صفحي 163 تي ختم ٿئي ٿو. صفحي 164 کان بيدل سائينءَ جا ڪُرسي نامہ، صفحي 166 تي بيدل سائينءَ جون چيل سندس ۾ن فرزندن محمد مُحسن ۾ محمد فريد ۾ قاضي پير محمد جي چئني فرزندن جي ولادت جون تاريخون لکيل آهن. 168 صفحي کان بيدل سائينءَ جا فارسي "خطبت الجمعت" شروع ٿين ٿا جيڪي صفحي 183 تائين آهن. صفحي 184 تي بيدل سائين جو فارسي "قصيده در بيان عشق هير رانجها" ڏنو ويو آهي ۾ صفحي 190 تي بيدل سائينءَ جا فارسي ۾ لکيل "عقائد" آهن. اهڙي طرح صفحي 193 کان فارسي مخمس، فارسي غزل، قصيده، منقبت، سنڌي مرثيو، مناقب هندي لکي وئي آهي ۾ پوءِ بيدل سائين جا سنڌي بيت "فرائض صوفيا" آهن جن جو تعداد 21 آهي. ان بعد بيدل سائين جو فارسي غزل ۾ رُباعي ڏئي، ان جاءِ تي بيڪس سائين ان نسخي جو اختتام هن طرح ڪيو آهي.

"تمت تمام شد هٰذا کتاب رموز الوحدته و خروج من اکثرت هم ساغر جامي ديوان بيدل نامي توحيد شمامي تصنيف جناب حضرت مرشد ڪريم پير مغان رحيم کشش نمانپده الي لاهوت و مئي بخشنده من خمخانہ باهوت هادي راه صفا و مرشد خدا نما پير طريقت سالڪان، رهبر معرفت عارفان قدس الله روح وافا ض علينا فتوح صورت اتمام و معني اختتام پزير رفت بتاريخ پانزدهم شهر ذوالقعد شريف 1294هـ بروز خميس بوقت نيم روز در موسم سياره، از دست مسڪين بيڪس غلام بيوس خادم عشاقان و طالب در ويشان لم يزلي في تقويم فقير محمد محسن سگ درگاهہ صاحبان ڪريمان صوفيان سرتاج مڪملان سرگروه بيسران قدس سره".

انهن اختتامي ڪلمات کان پوءِ بيڪس اڳتي ب لکندو ويو آهي جنهن ۾ آخري ورق تي سندس لکيل فارسي دُعا ۾ فارسي شعر ۾ بيدل سائينءَ جي ڪلام جي انهيءَ نسخي جي تاريخ پڻ رقم ڪئي اٽائين. جيڪا هن طرح آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

چونکہ گشتہ تمام این مکتوب از یمن شاہ معرفت محبوب
کـــرد پیر مغان ہمین تصنیف در زبان سندہ کافیات شریف
گـشـــت تـــحـریـــر از بـیـکـس از عنایت شہ رقوم این بس
سـال دو صد و از دہ دران ہنگام بود چارم نود ز شرب مدام
شہـر ذوالقعد پـانـزدہ تـاریـخ روز پنج شبنہ بود آن تاریخ

مـتـفـرم بـسـوئي مـیـرانـپـور
بیکس خادم است ہم سگ در.

ساڳي صفحي تي بيڪس سائين بيدل سائينءَ جي ولادت جو سن تاريخ ۽ پنهنجي فارسي مدح لکي آهي ۽ ان سان هي نسخو پورو ٿئي ٿو.

بيڪس سائينءَ نسخي جي شروعات "سرود نامہ" جي عنوان سان ڪئي آهي جنهن ۾ هن بيدل سائينءَ جو وحدت نامو ۽ "سرود نامو" يعني راڳ ۽ راڳڻين تي چيل سندس سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون لکيون، بعد ۾ جڏهن بيدل سائين جا ٻيا ٻ نندڙا نندڙا ڪتاب جهڙوڪ ڪرسي نامہ، تاريخهاي، خطبات وغيره ۽ پڻ مخسمات ۽ ٻيو فارسي ڪلام لکيائين تہ پوءِ ان سموري بياض۽ مجموعي يعني سموري دفتر کي اختتاحي ڪلمات ۾ لکيائين "ديوان بيدل".(5) اسان هن ڪان اڳ بيدل سائينءَ جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جي شايع ٿيل پنجن اهم ڪتابن جي فهرست پيش ڪئي آهي، هينئر مذڪوره شايع ٿيل ڪتابن جو بيدل سائينءَ جي ڪلام جي قلمي نسخن ۽ ماخذن جي روشنيءَ ۾ اپياس پيش ڪريون ٿا جنهن مان اها خبر پوندي تہ آخر اسان کي "بيدل سائينءَ جو رسالو" مُرتب ڪرڻ جي ضرورت ڇو محسوس ٿي.

- **گلومل هرجاڻي جي تاليف ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عُمري ۽ سرود نامو:**

گلومل ڪنڊ مل هرجاڻي جو تعلق روهڙي شهر سان هو جنهن سڀ کان پهريان فقير قادر بخش بيدل جي ڪلام کي سندس سوانح عُمريءَ سان گڏ ٻن جلدن ۾ شايع ڪرائي منظر عام تي آندو ڪتاب جو نالو رکيائين. "ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عُمري ۽ سرود نامو" جنهن جو پهريون جلد 1940ع ۾ ۽ ٻيو جلد 1941ع ۾ شايع ٿيو. بيدل سائين جي سوانح عُمريءَ ۽ ڪلام جي پهرين ۽ قديم ڇاپي ڪتاب جي ناڻي گلومل هرجاڻيءَ جي هن تاليف کي وڏي اهميت حاصل آهي. اهوئي سبب آهي جو "بيدل يادگار ڪاميٽي" ان ڪتاب جي ٻنهي جلدن کي ڪٺو ڪري گلومل هرجاڻيءَ جي سوانح عُمري سان گڏ 2007ع ۾ شايع ڪرايو آهي. گلومل هرجاڻي واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

تاليف ۾ بيدل سائينءَ جو "سرود نامي" تي مشتمل ڪلام شامل آهي البت گدومل هرجاڻي ڪتاب جو نالو "ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عُمري ۽ سرود نامہ" رکيو شايد ان ڪري جو ان وقت فارسيءَ جو دور هو ۽ فارسيءَ ۾ شاعريءَ جي گڏيل مجموعي کي "ديوان" سڏيو ۽ لکيو ويندو هو بيڪس سائين بہ جڏهن پنهنجي نسخي ۾ بيدل سائينءَ جون مختلف تصنيفون ۽ مختلف صنفن کي قلم بند ڪيو تہ ان جي آخر ۾ "ديوان بيدل" رقم ڪيائين. گدومل هرجاڻي انهيءَ ڪتاب ۾ شامل ڪافين جي ترتيب اڳين قلمي نسختن تحت راڳ ۽ راڳڻين جي بنياد تي رکي، ڇاڪاڻ تہ بيدل سائين جون ڪافيون مختلف راڳن ۽ راڳڻين جي روپ يا بنياد تي چيل آهن. جن کي سندس جا فقير راڳي عام محفلن ۾ ڳائيندا رهيا آهن ۽ ڳائيندا رهن ٿا.

اهڙي طرح گدومل هرجاڻي پنهنجي تاليف ۾ بيدل سائينءَ جو 255 ڪافيون 18 راڳن ۽ راڳڻين بسونت، بهاڳ، مالڪوس، ڪامول، گوري، نٽ ڪلياڻ، پورب، سارنگ، ديسي، سهڻي، سسئي، سورٺ، آسا، بلاولي، ڏناسري، برووَ، جهنگلو ۽ جوڳ ۾ ترتيب ڏنيون آهن.(6) اسان بيڪس سائين جي هٿ اکرن ۾ لکيل جنهن اهم قلمي نسخي جو ذڪر ڪيو آهي انهيءَ ۾ بہ اهي ساڳيا راڳ ۽ راڳڻيون آهن جن جي بنياد تي بيدل سائينءَ جون ڪافيون چيل آهن البت بيڪس سائين انهيءَ نسخي ۾ بيدل سائينءَ جون 305 ڪافيون ڏنيون آهن جڏهن تہ گدومل هرجاڻي ڪُل 255 ڪافيون ڏنيون آهن.

- **گدومل هرجاڻي جي تاليف "وحدت نامہ":** "وحدت نامو" بيدل سائينءَ جي چيل وحدت بابت ۽ هم اوست واري فڪر تي سنڌي بيتن جو مجموعو آهي جنهن کي پڙ سپ ڪان پهريان گدومل هرجاڻي ڪتابي شڪل ۾ 1943ع ۾ شايع ڪرايو. گدومل هرجاڻي وحدت نامي جا اهي ساڳيا 149 بيت ڏنا آهن جيڪي ان ڪان اڳ مختلف قلمي نسخن ۾ لکيا ويا آهن.(7)
- **بولچند راجپال جي تاليف "بيدل جو سنڌي ڪلام":** بولچند راجپال تہ گدومل هرجاڻيءَ ڪان بہ اڳ ۾ بيدل سائينءَ جي سوانح حيات ۽ ڪلام کي سهيڙڻ لاءِ ڪوششون ورتيون پر اها شيءِ گدومل هرجاڻي جي نصيب ۾ اچي وئي جو سندس ڪتاب اڳ شايع ٿي ويو بعد ۾ بولچند راجپال گدومل هرجاڻي جي تاليف ڪان ڏهہ سال پوءِ 1950ع ۾ "بيدل جو سنڌي ڪلام" سهيڙي پڌرو ڪيو، جنهن ۾ وحدت نامو ۽ فرائض صوفيا جي بيتن سان گڏوگڏ، هڪ مرثيو هڪ منقبت ۽ بيدل سائينءَ جون 81 سنڌي ڪافيون شامل آهن جڏهن تہ ڪتاب ۾ بيدل سائين جي سوانح عُمري بہ لکي وئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بولچند راجپال غلطيءَ وچان آخر ۾ 82 کافي طور مشهور شاعر ڪشنچند بيوس جي ڪافي بيدل سائين ڏانهن منسوب ڪري ڇڏي آهي جنهن جا هيءَ آهن:

پکيئڙا ولر کان وڇڙيا وڃي اوکيءَ منجهه اڙيا.

ڪافيءَ جي هيڻان خود بولچند راجپال اهو نوٽ لکيو آهي ته هيءَ ڪافي عام جام درسي ڪتابن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي پر ڪنهن به معتبر قلمي نسخي ۾ لکيل نه آهي(8) مذڪوره ڪافي محمود شاه بخاري جي مُرتب ڪيل "ڪليات بيوس" ۾ ڪشنچند بيوس جي ڪافي طور پڻ شامل آهي.(9)

- عبدالحسين شاهه موسوي جي تاليف "ديوان بيدل": گدومل هرجاڻي ۽ بولچند راجپال کان پوءِ بيدل سائينءَ جو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام مرحوم عبدالحسين شاه موسوي مرتب ڪيو. "ديوان بيدل" جي ئي نالي سان ان تاليف کي سنڌي ادبي بورڊ پاران 1954ع ۾ شايع ڪيو ويو جڏهن ته ان جا هيل تائين ٽي چاپا اچي چُڪاآهن. موسوي صاحب واري تاليف "ديوان بيدل" ۾ بيدل سائينءَ جو جيڪو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام شامل آهي ان جو تعداد گدومل هرجاڻي ۽ بولچند راجپال جي ڏنل ڪلام کان وڌيڪ آهي چاڪاڻ ته هڪ طرف موسوي صاحب جي آڏو ان ڪلام جا ۽ چاپي نسخا (گدومل وارو ۽ بولچند راجپال وارو) موجود هئا ته ٻي طرف موسوي صاحب پنهنجي شوق، محنت ۽ اثررسوخ سان بيدل سائينءَ جو وڌيڪ ڪلام هٿ ڪري "ديوان بيدل" ۾شامل ڪيو، نه صرف ايترو بلڪ موسوي صاحب بيدل سائين جي ٻين تصانيف مان نموني طور اردو غزل، سلوڪ، فارسي غزل ۽ مخمس پڻ پنهنجي تاليف جي زينت بڻايا ان سان گڏوگڏ بيدل سائينءَ جي فارسي شعرن ۾ چيل حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم، اصحابن سڳورن، امامن پاڪن ۽ ٻين بزرگن جي وصال جون تاريخون، بيدل سائين جي عربي شعر جو نمونو ۽ ضميمي ۾ بيدل سائينءَ جي 28 تصانيف جو وچور پڻ پيش ڪيو(10) جڏهن ته ان کان اڳ گدومل هرجاڻي بيدل سائين جي 18ڪتابن ۽ بولچند راجپال بيدل سائينءَ جي 11 ڪتابن جو ذڪر ڪيو هيو.

عبدالحسين شاه موسوي صاحب بيدل سائين جي سوانح عُمريءَ تي به ڪافي محنت ڪئي ۽ بيدل سائين جي ڪلام تي به محققانه ۽ عالمانه روشني وڌي آهي. انهن سمورين خوبين هوندي به موسوي صاحب واري تاليف "ديوان بيدل" ۾ ڪجهه اهڙيون ڳالهيون نظر آيون آهن جن جي چنڊچاڻ ڪرڻ تمام ضروري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

اسان هن کان اڳ اهو ٻڌائي چُڪا آهيون تہ بيدل سائين جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪافين جي ڪتاب ڪي سمورن قلمي بياضن ۽ نسخن ۾ "سرود نامي" جوسِرو ڏنو ويو آهي نہ صرف ايترو بلڪ هر محقق ۽ سوانح نگار بيدل سائينءَ جي "سرود نامي" ڪي صرف ڪافين جو ڪتاب لکيو ۽ سڏيو آهي. خود موسوي صاحب پاڻ بہ "ديوان بيدل" ۾ ٽن جاين تي "سرود نامي" ڪي صرف ڪافين جو ڪتاب سڏيو آهي ۽ هن طرح لکيو آهي:

1. "بيدل جيڪو سنڌي ۽ سرائڪي ۾ ڪلام چيو سو موزون بہ آهي غير موزون بہ. وحدت نامو دوهن جي صورت ۾ آهي ۽ سرود نامي ۾ ڪافيون آهن." (ڏسو ديوان بيدل مؤلف عبدالحسين شاه موسوي صفحو 56 ڇاپو ٽيون 1991ع)

2. "سرود نامو جو فقط ڪافين جو مجموعو آهي" (حوالو ساڳيو صفحو 48)

3. "فقير صاحب سنڌي يا سرائڪي زبان ۾ ڪو نثر ۾ ڪتاب ڪونہ لکيو. سندس نظم ۾ ڪتاب آهن. 1. وحدت نامو (سنڌي) 2. فرائض صوفيا 3. سرود نامہ: سنڌي ۽ سرائڪي ڪافين جو مجموعو. از انسواءِ سحرفيون مناقب، مرثيہ ۽ ڏوهيڙا ڇيا اٽس." (حوالو ساڳيو صفحو 278)

اصل ۾ "سرود" هڪ ساز جو قسم آهي ۽ سرود نامي جي نالي مان ئي ظاهر آهي تہ اهو ڪلام جيڪو موسيقيءَ جي مختلف سُرن ۽ راڳن جي بنياد تي لکيل هُجي. بيدل سائينءَ جون سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون جيئن تہ راڳداري جي اصولن تحت 18 مختلف راڳن ۽ راڳڻين جي روپن ۽ بنياد تي چيل آهن انهيءَ ڪري ڪافين جي مجموعي ڪي "سرود نامو" نالو ڏنوويو اهوئي سبب آهي جو بيڪس سائينءَ توڙي ٻين ڪاتبن جي نقل ڪيل قلمي نسخن ۾ "سرودنامي" جي هرڪافيءَ مٿان ان جو مخصوص راڳ يا راڳڻي لکي وئي آهي. بعد ۾ بيدل سائين جي انهن ڏوهيڙن ۽ سحرفين ڪي بہ "سرود نامي" ۾ شامل ڪيو ويو جيڪي پڻ موسيقيءَ جي اصول مطابق ڪن خاص راڳن جي بنياد تي چيا ويا. جڏهن تہ ڪن صنفن ڪي وري الڳ حيثيت بہ حاصل رهي جئن وحدت نامو ۽ فرائض صوفيا. موسوي صاحب جي تاليف ڪان اڳ شايع ٿيل توڙي قلمي نسخن ۾ بہ بيدل سائينءَ جي ڪافين ڪي راڳ ۽ راڳڻين جي ترتيب ڏني وئي آهي، ان لحاظ ڪان موسوي صاحب ڪي بہ اهوئي گهربو هو تہ هو بہ "سرود نامي" جي ڪافين ڪي راڳ ۽ راڳڻين جي بنياد تي ترتيب ڏي ها، پر موسوي صاحب تہ "ڪافين" ڪي رديف وار رکي سرود نامي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جي اصل حيثيت ۾ ترتيب کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ انکي ستو سنئون "ديوان" جي شڪل ڏئي ڇڏي جڏهن ته رديف وار ديوان غزلن جو ٿيندو آهي نه ڪي ڪافين جو، ڇاڪاڻ ته ڪافين ۾ قافيو ٿيندو آهي يا وراڻي. جي موسوي صاحب ڪافين جي وراڻيءَ کي رديف سمجهيو آهي ته پوءِ ان سلسلي ۾ اهو عرض ڪبو ته موسوي صاحب واري ديوان بيدل ۾ 200 کان مٿي ڪافيون اهڙيون آهن جن ۾ صرف قافيو آهي ۽ انهن جو ڪوبه رديف يا وراڻي ناهي ته پوءِ انهن کي قافيه وار لکڻ ڪپندو هو نه ڪي رديف وار. ٻي اهم ڳالهه ته بيدل سائين جي ڪجهه ڪافين ۾ آوازي قافيا به استعمال ٿيل آهن مثال طور: موسوي صاحب واري ديوان بيدل جي ڪافي نمبر 27 ۾ هڪ قافيو "س" جو آهي ته ٻيو "ث" جو ، اهڙي طرح ڪافي نمبر 29 ۾ ڪجهه قافيا "س" جا آهن ته هڪ قافيو "ش" جو آهي. پوءِ ان جو فيصلو ڪيئن ڪبو ته ڪهڙي رديف يا قافيي جي ڪافي آهي. نتيجي طور موسوي صاحب آوازي قافين کان لاتعلق ٿي ڪافي نمبر 27 ۽ 29 کي رديف "س" ۾ شامل ڪيو آهي ٻي پاسي ڪافي نمبر 137 رديف "ب" ۾ شامل ڪئي وئي آهي جڏهن ته ان جو هڪ قافيو "پ" جو به آهي. ان ڳالهه جو احساس موسوي صاحب کي اڳتي هلي ٿيو آهي جو هن ڪافي 162 کي ٻن رديفن "ر" ۽ "ڑ" ۾ ڇاڻايو آهي ڇاڪاڻ ته ان ڪافيءَ جو هڪ قافيو "ر" ته ٻيا قافيا "ڑ" جا آهن. ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته اساسي شاعرن جي ڪافين کي زبردستي رديف وار بنائڻ درست نه آهي.

- <u>بيدل سائينءَ ڏانهن منسوب ڪلام:</u> مرحوم عبدالحسين شاه موسوي واري تاليف "ديوان بيدل" ۾ بيدل سائينءَ ڏانهن منسوب ڪجهه اهڙو ڪلام به اچي ويو آهي جيڪو بيدل سائينءَ جو چيل نه آهي ۽ بغير تحقيق جي شامل ڪيو ويو آهي. اهڙي ڪلام جو تفصيل وار ذڪر ڪجي ٿو.

<u>وحدت نامو:</u> بيدل سائينءَ جو چيل "وحدت نامو" سنڌي بيتن جو مجموعو آهي جنهن ۾ ڪُل 149 بيت آهن. ۽ ان جي شروعات هن بيت سان آهي.

هستيءَ کي هم اوست ۾ ڪيو گم جنين
ڏئو ترت تنين اکين شعاع شهود جو.

وحدت نامي جو آخري يعني 149 هون بيت هن طرح آهي.

تماشو هر طور ۾ صوفي سدائي
ٻوڙي ٻيائي همه کي حق چوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بيدل سائين جي ڪلام جي سمورن قلمي نسخن ۽ بياضن ۾ جن جو ذڪر اسين مٿي ڪري آيا آهيون ويندي بيڪس سائينءَ جي لکيل نسخي ۾ "وحدت نامي" جا اهي 149 بيت ئي نقل ڪيا ويا آهن. ٻي پاسي گلومل هرجاڻي توڙي بولچند راجپال جي شايع ٿيل تاليفن ۾ پڻ وحدت نامي جا اهي ئي 149 بيت ڏنا ويا آهن مگر عبدالحسين شاه موسوي صاحب "وحدت نامي" جي آخر ۾ ٻه ٻيا بيت به شامل ڪيا آهن جن جو نمبر 150 ۽ 151 هون آهي جيڪي هتي ڏجن ٿا:

تماشو هر طور ۾ صوفيءَ جو صدبار
ڪري ڏڙ سسيءَ کون ڏار پچيائين پوءِ پورب کي.

بيدل جا هي بيت تلقين رباني
ڪري عياني ڇڏئين راز رندن جو.

پهريون بيت فني حوالي سان به وحدت نامي جي ٻين بيتن کان وزن ۽ بحر ۾ ڪمزور آهي جڏهن ته ٻيو ۽ آخري بيت ۾ ائين لڳي ٿو ته ڇڻ ڪنهن پڙهندڙ يا ڪاتب وحدت نامي جي بيتن کان متاثر ٿي ڪري پنهنجي طرفان اهو بيت لکيو هُجي. ٻي پاسي موسوي صاحب به انهن بيتن متعلق ڪو حوالو يا ڪنهن نسخي جو نالو نه ڄاڻايو آهي ته ڪيس اهي بيت ڪٿان مليا. بهرحال انهن بيتن تي اڃان وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ابيات سنڌي

مرحوم عبدالحسين شاه موسوي جي تاليف "ديوان بيدل" جي ابيات سنڌي واري حصي ۾ پنج بيت اهڙا شامل آهن جيڪي پڻ بيدل سائينءَ جا چيل نه آهن ۽ بيدل سائينءَ جي ڪلام طور شامل ڪيا ويا آهن. اهي پنج ئي بيت "ابيات سنڌي" حصي جا پهريان پنج بيت آهن جيڪي هتي ڏجن ٿا.

1. ڇڏيائون سپ سانگ ڪندا ڪوهه نماز کي
جيڏانهن عَالَمَ آسرو تيڏانهن ڪن نه تانگهه
نه کي پرن ڪلمو نه کي هڏن ٻانگ
لاهوتي بي لانگ عدم کون اڳي ويا.

2. ڳجهه ته ڳرين لاءِ ڪڻ بورائو باز کي
آهي تنهن انڌيءَ جي جيفي پاسي جاءِ
وجو ڪاڄ اُتائين ڪاءِ هو جو ڪُوتُ ڪتن جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

3. ڪاريهر جي هر ۾ جيڪو وجهي هانهن
جي نہ ڪرائي دانهن تہ ڪاريهر ڪيئن ڪوٽجي

4. ڪاريهر جي هر ۾ جيڪو وجهي پير
جي نہ ورائي ويہ تہ ڪاريهر ڪيئن ڪوٽجي.

5. ڪاريهر جي هر ۾ جيڪو ڪري لنگهہ
جي نہ ڇرائي ڇنگهہ تہ ڪاريهر ڪيئن ڪوٽجي.

اهي پنج ئي بيت اسان جي مطالعي هيٺ آيل بيدل سائينءَ جي ڪلام جي ڪنهن بہ قلمي نسخي ۾ موجود ناهن، نہ ئي بيڪس سائينءَ پنهنجي قلمي نسخي ۾ نقل ڪيا آهن ۽ نہ ئي موسوي صاحب جي تاليف ڪان اڳ بيدل سائينءَ جي ڪلام جي ڪنهن ڇاپي نسخي ۾ آهن. اصل ۾ انهن بيتن مان پهريان ٻہ بيت حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا ۽ آخري ٽي بيت بيڪس سائينءَ جا آهن جن جي وضاحت هن ريت ڪجي ٿي.

پهريان ٻہ بيت بيدل سائينءَ خود پنهنجي تصنيف "پنج گنج" ۾ شاه لطيف جي ڪلام طور شامل ڪيا آهن. "پنج گنج" بيدل سائينءَ جي اهم فارسي تصنيف آهي جنهن ۾ تصوف جي سبقن کي چاليهن درجن ۾ پنجن دليلن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ ان جي چوٽين دليل طور شاه لطيف جو ڪو سنڌي بيت بيان ڪيو ويو آهي اهڙي طرح اهي ٻئي بيت بيدل سائينءَ جي ڪتاب پنج گنج ۾ شاه لطيف جي ڪلام طور پڙهي سگهجن ٿا. جنهن لاءِ ڈسو مرحوم سبحان بخش قريشيءَ جو ترجمو ڪيل ڪتاب "پنج گنج" مطبوعا 1976ع جو درجو اٺنيهون صفحو 192 ۽ درجو پنجتيهون صفحو 218، 219.

آخري ٽي بيت جيڪي پڻ "ديوان بيدل" ۾ شامل ڪيا ويا آهن اهي بہ بيدل سائينءَ جا نہ بلڪ بيڪس سائينءَ جا آهن ڇاڪاڻ تہ هڪ طرف اهي بيت بيدل سائينءَ جي ڪلام جي ڪنهن بہ قلمي نسخي ۾ موجود ناهن جي هُجن ها تہ ان جو حوالو موسوي صاحب ضرور ڏي ها ٻي پاسي اسان کي اهي بيت بيڪس سائينءَ جي ڪلام جي هڪ اهم قلمي نسخي ۾ نقل ڪيل مليا آهن. راقم الحروف وٽ بيدل سائينءَ جي وڏي معتقد فقير غلام علي مسرور (وصال 1953ع) جي هٿ اکرن ۾ بيدل سائينءَ ۽ بيڪس سائينءَ جي ڪلام جي بياض جو نقل موجود آهي جنهن ۾ مسرور فقير بيدل سائينءَ جون اڪثر تصنيفون ۽ ڪلام نقل ڪيو آهي ۽ بيڪس سائينءَ جو ڪلام پڻ لکيل آهي جيڪو بياض جي صفحي 219 کان صفحي 245 تائين آهي. مٿي بيان ڪيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ٽن بيتن مان بيت نمبر 3 ۾ بيت نمبر 4 بيڪس سائينءَ جي ڪلام واري حصي ۾ بيڪس سائينءَ جي ڪلام طور نسخي جي صفحي 230 ۽ 231 تي لکيو ويو آهي ۽ جيئن ته انهيءَ سلسلي جو ٽيون بيت به وراٽيءَ، هوليءَ ۽ خيال جي لحاظ کان ساڳيو ئي آهي تنهن ڪري اهو بيت به بيڪس سائينءَ جو ئي ٿي سگهي ٿو.

ڪافيون

مرحوم عبدالحسين شاه موسوي واري تاليف ديوان بيدل ۾ هڪ اهڙي ڪافي پڻ ڏني وئي آهي جيڪا بيدل سائينءَ جي چيل ناهي ۽ غلطيءَ وچان ديوان بيدل جي ڪافين واري حصي ۾ پهرين ڪافي طور شامل ٿي وئي آهي. اها ڪافي هيءَ آهي:

پکيئڙا ولر کان وچڙيا وڃي اوکيءَ منجهه اڙيا
زهري زلف زوراور جا توکي ڏُهرا دام پيا.

مذڪوره ڪافي سڀ کان پهريان بولچند راجپال پنهنجي تاليف "بيدل جو سنڌي ڪلام" مطبوعا 1950ع ۾ آخري ڪافي طور شامل ڪئي جنهن جو ذڪر اسين هن کان اڳ ۾ ڪري چُڪا آهيون. اها ساڳي ڪافي موسوي صاحب پنهنجي تاليف "ديوان بيدل" ۾ پڻ ڏئي ڇڏي سو به پهرين ڪافيءَ طور. اصل ۾ اها ڪافي ڪشنچند بيوس جي آهي ۽ سندس شاعريءَ جي ڇپيل ڪتاب "ڪليات بيوس" ۾ پڻ شامل آهي جنهن لاءِ ڏسو "ڪليات بيوس" جو صفحو 61 مُرتب ڊاڪٽر محمود شاه بُخاري مطبوعه 1991ع.

تصحيح

راقم الحروف هن کان اڳ پنهنجي هڪ مضمون "ديوان بيدل جو اڀياس" مطبوعا ٽماهي "مهراڻ" ڄامشورو جولاءِ / ڊسمبر 1993ع ۾ موسوي صاحب واري "ديوان بيدل" ۾ شامل ٻه ٻيون ڪافيون به بيدل سائينءَ ڏانهن منسوب ڄاڻايون هيون جيڪي آهن:

ڪافي 1. دم دم دلبر ڪاڻ سڪ سهٽيءَ ڪي سير گهرڻ جي.

ڪافي 2. پاڻ تو پيدا ڪيو ڪن مون چيئه انسان ڪر.

پهرين ڪافي متعلق اهو چيو ويو هيو ته اها ڪافي بيدل سائينءَ جي چيل نه آهي ڇاڪاڻ ته ان وقت تائين مذڪوره ڪافي بيدل سائينءَ جي ڪلام جي ڪنهن به قلمي نسخي ۾ موجود ڏٺي نه وئي هئي. جڏهن ته اها ساڳي ڪافي روهڙي تعلقي جي هڪ ٻي درويش شاعر "مير عبدالقادر" ڏانهن پڻ منسوب هئي جو سنڌ جي برڪ محقق مرحوم ڊاڪٽر ميمڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

عبدالمجيد سنڌي پنهنجي هڪ ادبي ڪتاب "جوتيون جواهرن جون" مطبوعا 1975ع ۾ مذڪوره ڪافي "مير عبدالقادر" جي ڇاڻائي ۽ ايترو به لکي ويو ته اها ڪافي "ديوان بيدل" ۾ پُلَ وچان اچي وئي آهي. راقم الحروف کي اڄ اها تصحيح ڪندي ۽ اعتراف ڪندي خوشي ٿي رهي آهي ته مذڪوره ڪافي "دم دم دلبر ڪاڻ سڪ سُهٽيءَ کي سير گهرڻ جي" بيدل سائين جي ئي آهي ۽ ان جو ثبوت اهو مليو آهي ته راقم الحروف کي محترم دوست انجنيئر نجيب احمد گهمرو رهندڙ حال خيرپور ميرس وٽان بيدل سائينءَ جي ڪلام جي هڪ اهم قلمي نسخي جي فوٽو ڪاپي عنايت ٿي آهي جنهن جي مُهڙ ۾ بيڪس سائينءَ جي هٿ اکرن ۾ اها ڪافي لکيل آهي جنهن ۾ بيدل سائين پنهنجو نالو "عبدالقادر" استعمال ڪيو آهي. جيئن ته بيڪس سائين "مير عبدالقادر" کان اڳ ٿي گذريو آهي تنهن ڪري اهو مڇٽو پوندو ته بيڪس سائين جي لکيل اها ڪافي مير عبدالقادر جي نه بلڪ بيدل سائينءَ جي آهي. جيتري قدر ڪافي "پاڻ تو پيدا ڪيو ڪن مون چَيَئہ انسان ڪر" جو تعلق آهي ته اها ڪافي به اڃان تائين سوالیہ بڻيل آهي ۽ اسان کي بيدل سائينءَ جي ڪلام جي ڪنهن به قلمي نسخي ۾ ملي نه سگهي آهي پر جيئن ته انهيءَ ڪافيءَ جي ڪنهن ٻي شاعر جو به پتو پڄي نه سگهيو آهي تنهن ڪري ان ڪافيءَ متعلق اڃان وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي.

اڏواڏ ڪافيون

مرحوم عبدالحسين شاه موسوي جي تاليف "ديوان بيدل" ۾ ڪافين واري پاڳي ۾ بيدل سائينءَ جون ڪُل 322 ڪافيون ڏيکاريون ويون آهن جن ۾ هڪڙو اردو غزل "بيرنگ آسما رها سهس رنگ مين" به آهي جيڪو بيدل سائينءَ جي شايع ٿيل اردو ديوان ۾ پڻ شامل آهي. تنهن ڪانسواءِ باقي 321هن ڪافين ۾ ٽي ڪافيون ڊبل ڏنيون ويون آهن يعني ٽن ڪافين کي اڏو اڏ ڪري ڇهن ڪافين جي روپ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. انهن مان پهرين ڪافي نمبر 13 آهي جيڪا صفحي نمبر 116 تي آهي، اها ڪافي نامڪمل آهي جڏهن ته اها ساڳي ڪافي مڪمل مصرعن سان صفحي نمبر 121 تي ڏني وئي آهي جنهن جو نمبر 62 آهي. يعني ڪافي نمبر 13 ختم ڪري نمبر 62 برقرار رهڻ گهرجي. ٻي ڪافي جنهن جو ديوان بيدل ۾ ڪافي نمبر 116 آهي ۽ صفحي 162 تي ڏني وئي آهي اها ڪافي پڻ نامڪمل آهي، اها ساڳي ڪافي مڪمل مصرعن سان صفحي نمبر 129 تي ڏني وئي آهي جنهن جو نمبر 135 آهي يعني ڪافي نمبر 116 ختم ڪري ڪافي نمبر 135 برقرار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

رهڻ کپي. ٽئين کافي جنهن جو نمبر 269 آهي ۽ صفحي 219 تي ڏني وئي آهي اها کافي پڻ نامکمل ۽اڏو اڌ شايع ڪئي وئي آهي، ساڳي کافي مکمل طور تي "ديوان بيدل" جي صفحي 240 تي ڏني وئي آهي جنهن جو نمبر 318 آهي. يعني کافي نمبر 259 ختم ڪري کافي نمبر 318 برقرار رهڻ گهرجي. اهڙي طرح جيڪڏهن موسوي صاحب واري "ديوان بيدل" مان هڪ اردو غزل، هڪ ڪشنچند بيوس جي کافي ۽ اهي ڊبل کافيون ڪيڊجن ٽيون تہ پوءِ ڪل کافين جوتعداد 317 بيهي ٿو.

ڪلام جون مختلف پڙهڻيون

بيدل سائينءَ جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جي شايع ٿيل سمورن ڪتابن کي جيڪڏهن اسين بيڪس سائينءَ جي هٿ اکرن ۾ لکيل بيدل سائينءَ جي ڪلام جي قلمي نسخي سان پيٽايون ٿا تہ ڪلام جي پڙهڻين ۾ کافي فرق نظر اچي ٿو ۽ ان حوالي سان اسان کي بيدل سائينءَ جي ڪلام جو بيڪس سائينءَ وارو متن ۽ان جون پڙهڻيون وڌيڪ مستند نظر اچن ٽيون. گلومل هرجاڻي توڙي بولچند راجپال اهو ڄاڻايو آهي تہ وٽن جيڪي قلمي ماخذ هئا انهن ۾ هڪ نسخو بيڪس سائينءَ جي هٿ اکرن جو به هُيو جڏهن تہ عبدالحسين شاهموسوي صاحب کي ديوان بيدل جي پهرين ڇاپي مُرتب ڪرڻ وقت بيڪس سائينءَ وارو قلمي نسخو ملي نہ سگهيو هيو بعد ۾ "ديوان بيدل" جي ٻي ڇاپي کان اڳ موسوي صاحب کي مذکوره بيڪس سائينءَ وارو نسخو ملي ويو جنهن جو اظهار "ديوان بيدل" جي ٻي ڇاپي مطبوعہ 1961ع جي ديباچي ۾ هن طرح ڪيو اٿائين "سن 1955ع ۾ بيڪس جي دستخط "ديوان بيدل"جي نسخي جي خبر پئي جو خريد ڪري پاڻ وٽ محفوظ رکيو ويو تہ ٻي ڇاپي وقت ساڻس پيٽي چپٽو ڏبو. اها خبر سيڪريٽري صاحب سنڌي ادبي بورڊ کي ڪئي وئي جنهن پڻ انهيءَ خيال جي تائيد ڪئي ۽ مونکي وقت اچڻ تي ڪتاب پينڊ لاءِ ڏياري موڪليو. قلمي نسخي سان پيٽ ڪندي مختلف پڙهڻين کانسواءِ هڪ کافي ڪم نظر آئي جا درج ڪئي وئي آهي."(12) هئڻ ائين ڪپندو هيو تہ موسوي صاحب بيڪس سائينءَ جي نسخي جي متن کي اهميت ڏي ها ۽ ان جون پڙهڻيون برقرار رکي ها مگر موسوي صاحب بيڪس سائين جي پڙهڻين کي حاشيي ۾ ڏئي ڇڏيو ۽ پنهنجي متن کي ئي برقرار رکيو نتيجي طور موسوي صاحب واري متن ۾ بيدل سائينءَ جي ڪلام جون گهڻيون غلط پڙهڻيون شامل ٿي ويون آهن جيڪي بيڪس سائين جي نسخي ۾ وڌيڪ درست آهن. ائين به ناهي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

کو موسوي صاحب وٽ وقت گھٽ هيو. چاکاڻ تہ اسان ڏسنداسون تہ موسوي صاحب ٻي ڇاپي ۾ ديوان بيدل جي پهرين ڇاپي جون ڪافي غلطيون دُرست ڪيون آهن. مثال طور: ديوان بيدل جي پهرين ڇاپي مطبوعا 1954ع جي صفحي 232 تي سرائڪي ڪافين واري حصي ۾ هڪ اردو غزل ڏنل آهي "دو جگ کا بادشاه هي مست شراب عشق" اهو غزل ديوان بيدل جي ٻي ڇاپي مان خارج ڪري ڇڏيائين. ان کان سواءِ پهرين ڇاپي جي ضميمي ۾ شامل ڪافين کي متن ۾ مناسب هندن تي رکيو اٽائين. ديوان بيدل جي پهرين ڇاپي جي صفحي 261 تي سنڌي ڪافي "سر سبحاني آهيان" سرائڪي ڪافين واري حصي ۾ آهي هن کي درست ڪري ٻي ڇاپي ۾ سنڌي حصي ۾ آندوويو آهي جڏهن تہ هڪ ٻي سنڌي ڪافي "جالي ساڏو مين سنسار" درست ٿي نہ سگهي جو اها ايڏا تائين ديوان بيدل جي ٽئين ڇاپي ۾ بہ سرائڪي ڪافين واري حصي ۾ آهي. تنهن کان سواءِ موسوي صاحب ديوان بيدل جي پهرين ڇاپي ۾ ڏنل ڪن ڪافين جي متن ۾ پڻ ٻي ڇاپي ۾ تبديليون ڪيون آهن مثال طور: ديوان بيدل جي پهرين ڇاپي ۾ هڪ سرائڪي ڪافي هن طرح آهي:

مين نون چاک نہ ڇاڏين شاه هزارا بہ مين هون

اها ساڳي ڪافي ديوان بيدل جي ٻي ڇاپي ۾ هن طرح آهي.

مين نون چاک نہ ڇاڏين شاه هزارا مين هون.

ديوان بيدل جي پهرين ڇاپي ۾ هڪ سنڌي ڪافي هن طرح آهي.

آهيان نور نفيس جوڙيم جڳت ساري.

اها ساڳي ڪافي ديوان بيدل جي ٻي ڇاپي ۾ هن طرح آهي

آهيان نور نفيس، جوڙيم جوڙ جڳت جي ساري.

بهرحال جيڪڏهن وقت سر بيڪس سائينءَ جي نسخي جي مدد سان بيدل سائينءَ جي ڪلام جوصحيح متن تيار ڪجي ها تہ بهتر ٿئي ها چاکاڻ تہ بيڪس سائينءَ جي نسخي ۾ آيل بيدل سائين جي ڪلام جي پڙهڻين ۾ ۽ موسوي صاحب واري "ديوان بيدل" جي پڙهڻين ۾ ڪافي جاين تي گهڻو فرق نظر آيو آهي، ڪٿي تہ اهو فرق هلڪو ڦلڪو آهي پر ڪن ڪن جاين تي ايڏو فرق آهي جو ان سان بيدل سائينءَ جي فڪر توڙي فن تي منفي اثر پوي ٿو. راقم الحروف تہ بيدل سائينءَ جي سمورن قلمي توڙي ڇاپي نسخن سان پيٽ ڪري اهڙيون پنج سؤ کان بہ وڌيڪ مختلف پڙهڻيون نوٽ ڪيون آهن جن کي هن رسالي جي حاشيي ۾ ڏسي ۽ پڙهي سگهجي ٿو. هتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

اسان صرف موسوي صاحب واري "ديوان بيدل" جي متن سان بيڪس سائينءَ جي نسخي کي پينڌي مختلف پڙهڻين جا مثال پيش ڪريون ٿا جن مان اها خبر پوي ٿي ته بيڪس سائينءَ جي نسخي جون پڙهڻيون وڌيڪ مستند آهن.

موسوي صاحب واري "ديوان بيدل" ۾ وحدت نامي جو هڪ بيت هن طرح آهي:

هُو ويچارن واهرو مسڪينن ملجاء
وڃي آڇه اُن جي سُور سيئي سلجاء
تنهن ريتيءَ سان رلجاء جاپٽي پرينءَ جي پير جي.

بيڪس سائين اهوبيت هن طرح لکيو آهي جيڪو وڌيڪ صحيح آهي.

هو ويچارن واهرو مسڪينن ملجاء
وڃي آڇه اُن جي سور سيئي سلجاء
تنهن رتيءَ سان رلجاء جا پٽي پرين جي پير جي.

موسوي صاحب واري "ديوان بيدل" ۾ وحدت نامي جو هڪ بيت هن طرح آهي.

لنگهي ويو نوڪنڊ کون نانگن سندونشان
نفي ۽ اثبات کون پري پَيُن پرياڻ
پاڻون پاسي پاڻ آديسي آرام ٿيا.

بيڪس سائين اهو بيت هن طرح لکيو آهي جيڪو وڌيڪ صحيح آهي.

لنگهي ويو نوڪنڊ کون نانگن سندو نشان
نفي ۽ اثبات کون پري پين پرياڻ
پاڻئون پلي پاڻ آديسي آرام ٿيا.

هينئر موسوي صاحب واري ڇاپي نسخي "ديوان بيدل" ۾ آيل ڪلام۽ بيڪس سائينءَ جي لکيل قلمي نسخي ۾ بيدل سائين جي ڪلام جي ڪن مختلف پڙهڻين کي پيش ڪجي ٿو جن مان خبر پوندي ته بيڪس سائينءَ جي پڙهڻين ۽ موسوي صاحب جي پڙهڻين ۾ ڪيڏو فرق آهي هتي اسان ڪجهه مثال ڏيون ٿا باقي مختلف پڙهيون هن رسالي جي حاشيي ۾ ڏنيون ويون آهن. هيٺ ڏنل مثالن ۾ اوهان غور سان ڏسندؤ ته معنيٰ، مفهوم توڙي فني حوالي سان به موسوي صاحب واريون پڙهڻيون ڪمزور آهن.

ڪافي نمبر 2 جي مصرع 4.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

موسوي صاحب: عشق جو جامو پهري، صورت منجهه سمائين.

بيکس سائين: عشق حُسن جو جامو پهري، صورت منجهه سمائين.

کافي نمبر 5 مصرع پهرين

موسوي صاحب: هٽ ڏوءُ تون هستيءَ کون ٽيءُ خودي‌ءَ کون بيزار ميان.

بيکس سائين: هٽ ڏوءُ هستيءَ کون ادا، ٽيءُ خود کنون بيزار ميان.

کافي نمبر 11 مصرع 4

موسوي صاحب: بيدل برهه جي باغ مان کوواس واسن جو وٽيج
نعرو خدائي هڻ سدا وحدت کي کثرت تي منيج.

بيکس سائين: بيدل برهه جي باغ مان کو واس ورهن جو وٽج
نعرو خدائي هڻ سدا وحدت تي کثرت کي منج.

کافي نمبر 50 ٽلهه

موسوي صاحب: اچي پياسي، اسين يار محبت جي مهرياڻ ۾.

بيدل سائينءَ جي انهيءَ کافيءَ جا سمورا مصرع پَسي، دَسي، هَسي وغيره استعمال ٽيل آهن جيکي ٽلهه "اسين" سان فني طور نه ٽا ملن بيکس سائين ان جو ٽلهه هن طرح لکيو آهي.

اچي پياسي اسي يار محبت جي مهرياڻ ۾.

بيکس سائين جو لکيل قافيو "اسي" وڌيڪ درست ۽ ٺهڪندڙ آهي مونکي معلوم ٽيو ته "اسي" شڪارپور ۽ "اسين" جي جاءِ تي استعمال ٽيندو آهي.

کافي نمبر 64 مصرع 1

موسوي صاحب: جوڳي نڪتا جوڳ کون چڏي جسم جنجال.

بيکس سائين: جوڳي نڪتا جڳ کون چڏي جسم جنجال.

کافي نمبر 80 ٽلهه

موسوي صاحب: پهچ پير پيران ٻَڌيءَ هيءُ ٻاڏايو.

بيکس سائين: پهچ پير پيران ٻُڌي هيءُ ٻاڏايو.

کافي نمبر 81 مصرع 4

موسوي صاحب: بيدل وٽ پاڻيءَ کي پريءِ حبابُون.

بيکس سائين: بيدل وٽ پاڻيءَ کي بحر لهر حبانون.

کافي نمبر 82 مصرع 3

موسوي صاحب: هستيءَ جي مرض آهي والله شوق شافي
من سان مناظرو کر چڏ منفي ۽ نافي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بيڪس سائين: هستيءَ جي مرض جو آ والله شوق شافي
مون سان مناظرو ڪر ڇڏ مقتضي و نافي.

ڪافي نمبر 37 مصرع 4
موسوي صاحب: موسيٰ فرعون منهن صورت عجب چالا چلاياسي.
بيڪس سائين: موسيٰ فرعون مـون صورت عجب چالا چلاياسي.

ڪافي نمبر 159 مصرع 3
موسوي صاحب: چشم سياهه جڏان چوٽان مارن عاشق شدي راهه نهارن
واعظ دردون ڪـڙي پُـڪـارن ديدان دي وچ ديد اڙائي
بيڪس سائين: چشم سياهه جڏان چوٽان مارن عالم شدي راهه نهارن
واعظ دردون ڪـڙي پُـڪـارن ديدان دي وچ ديد اڙائي.

ڪافي نمبر 200 مصرع 3
موسوي صاحب: قاضي ڪنز قدوري پڙهندي مفتي مُـلان دي وچ مرندي
بيڪس سائين: قاضي ڪنز قدوري پڙهندي مفتي مسلان دي وچ مرندي.

ڪافي نمبر 149مصرع1
موسوي صاحب: پوشيده قبائين رنگبرنگي ڪرندا نقش نگار وي.
بيڪس سائين: پـهـر قـبـائـين رنگبرنگي ڪرندا نقش نگار وي.

ڪافي نمبر 223ٽلهه
رانجهو ساڏي ويڙهي يار آوندا پانوندا رمزان لاوندا.
انهيءَ ڪافيءَ جا ڪُل ڇهه مصرع آهن، هيٺيان ٻه مصرع موسوي
صاحب واري ديوان ۾ ناهن جيڪي بيڪس سائين مڪمل لکيا آهن.
5. جاء الحق و زحق الباطل ماهي آيا گئي ڪيڙي يار
6. بيدل سُن تون انا سره آپ نون سمجهه سويري يار.

ڪافي نمبر 105 ٽلهه
موسوي صاحب: معشوقاندا مانُ عاشق ڪيا ڇاٽن.
بيڪس سائين: معشوقان دي مام، عام ڪيا ڇاٽن.

ڪافي نمبر 276 ٽلهه
موسوي صاحب: سالـڪ ڇوڙ وجود هيا ڪُج فن فنون نه چلندا.
بيڪس سائين: ڪر هڪ ترڪ وجود هيا ڪج فن فنون نه چلندا.

ڪافي نمبر 286 ٽلهه
موسوي صاحب: جسم دي پول نه پُلين تون تـ ڪڇ اورهين
بيڪس سائين: جسم دي پول نه پُلين تون هين روح روحاني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جسم دي پول نہ پُاين تون هين نور نوراني.

اسان هتي بيڪس سائينءَ جي قلمي نسخي جي ڪجھ پڑھٽين جي موسوي صاحب واري "ديوان بيدل" سان ان ڪري پيٽ ڪئي آهي تہ موسوي صاحب کي "ديوان بيدل" مرتب ڪرڻ وقت تمام گھٽو مواد ۽ ڪلام دستياب ٿيو ۽ ونس بيدل سائين جي ڪلام جا پورا 9 قلمي نسخا ۽ ہ چاپي ڪتاب مطالعي هيٺ رهيا، پوءِ بہ سندس متن ۾ ڪافي غلط پڑھٽيون اچي ويون. اسان بيڪس سائينءَ جي قلمي مسودي کي بيدل سائينءَ جي ڪلام جو مستند ماخذ سمجھندي ان کي بيدل سائين جي ٻين 8 قلمي نسخن ۽ سمورن چاپي ڪتابن سان پيٽائي هڪ مستند "بيدل سائينءَ جو رسالو" ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٽي سگھي ٽو تہ راقم الحروف کان پڻ ان سلسلي ۾ ڪي غلطيون ٽي ويون هُجن جو اها بشري تقاضا آهي، ان لاءِ اهو عرض ڪندس تہ جيڪڏهن اهڙيون غلطيون نظر بہ اچن تہ انهن جي علمي انداز ۾ اصلاح ڪئي وڃي.

بيدل سائينءَ جو نئون ڪلام

فقير قادر بخش بيدل جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام کي سڀ کان پهريان گدومل هرجاڻي 1940ع ۾ ۽ ان کانپوءِ سنڌي ڪلام کي بولچند راجپال 1950ع ۾ تاليف ڪيو، جڏهن تہ بيدل سائين جي مذڪوره ڪلام کي آخري پيرو عبدالحسين شاهہ موسوي مُرتب ڪيو جنهن جو پهريون جلد سنڌي ادبي بورڊ پاران 1954ع ۾، ٻيو جلد 1961ع ۾ ۽ ٽيون جلد 1991ع ۾ پڌرو ٿيو آهي. مرحوم موسوي صاحب پنهنجي تاليف ۾ بيدل سائينءَ جو اهو ڪلام بہ شامل ڪيو، جيڪو گدومل هرجاڻي ۽ بولچند راجپال کان رهجي ويو هيو. موسوي صاحب واري "ديوان بيدل" لاءِ جيتوڻيڪ چيو پيو وڃي تہ ان ۾ بيدل سائينءَ جو سمورو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام شامل آهي تنهن هوندي بہ راقم الحروف کي اها جستجو رهي تہ ٽي سگھي ٽو بيدل سائينءَ جو ڪجھ ٻيو ڪلام بہ هجي جيڪو موسوي صاحب واري "ديوان بيدل" ۾ شايع ٿيڻ کان رهجي ويو هُجي. ڪافي سال انهيءَ کوجنا ۾ رهيس، خوشقسمتيءَ سان تازو راقم الحروف کي بيدل سائينءَ جي ڪلام جا اهڙا ٻہ اهم ۽ مستند قلمي نسخا مليا آهن، جن مان بيدل سائينءَ جو اهڙو سنڌي ۽ اردو ڪلام ميسر ٿيو آهي، جيڪو بيدل سائينءَ جي ڪلام جي ڪنهن بہ شايع ٿيل ڪتاب ۾ موجود ناهي. انهيءَ سان هڪ تہ بيدل سائينءَ جي اڃان بہ وڌيڪ ٽڙيل پکڙيل سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ڪلام هٿ جو اشارو ملي ٽو تہ ساڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

وقت اهو چوڻ ۾ رد ٿئي ٿو تہ ڪو موسوي صاحب واري ڪتاب "ديوان بيدل" ۾ بيدل سائينءَ جو سمورو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام شامل آهي.

هتي اهو ٻڌائيندي گهڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي تہ بيدل سائينءَ جو اهو نئون ۽ اڻڇپيل ڪلام جنهن پهرين اهم ۽ مستند قلمي نسخي تان مليو آهي اهو خود فقير قادر بخش بيدل ۽ فقير محمد محسن بيڪس جي پنهنجن هٿ اکرن ۾ لکيل آهي. ياد رهي تہ مرحوم عبدالحسن شاهہ موسوي پنهنجي تاليف "ديوان بيدل" جي صفحي 5 تي بيدل سائينءَ جي پنهنجن هٿ اکرن ۾ لکيل هڪ نسخي جو ذڪر ڪندي ڄاڻايو آهي تہ: "فقير جو پنهنجن هٿ اکرين سندس ديوان اڄ ٻہ گهمرن (مديجي ضلع سکر جي پرسان ڪيٽيءَ ۾ رهندڙ) وٽ موجود آهي جنهن جي هڪ ورق جو فوٽو سندس مُهر جي فوٽو سان گڏ منڌ ۾ ڏنو ويو آهي."(13)

راقم الحروف کي انهيءَ ساڳي اهم قلمي نسخي جو نقل مذکوره گهمرا خاندان جي چشم و چراغ محترم نجيب احمد گهمرو حال رهندڙ خيرپور ميرس وٽان عنايت ٿيو آهي. اصل نسخو سندس ڏاڏي مرحوم در محمد گهمرو (رهندڙ ڪيٽي مير محمد گهمرو) جي مملوڪ هُيو، جتان وراثت ۾ سندس والد ڊاڪٽر عباس علي گهمرو کي مليو ۽ هينئر محترم نجيب احمد گهمرو وٽ موجود آهي. مذکوره قلمي نسخو جنهن جو نقل/فوٽو اسٽيٽ اسان کي مليو آهي اهو 100 صفحن تي مشتمل آهي ۽ ان جي سائيز فل اسڪيپ پيپر جيتري آهي. نسخو جيئن تہ تمام قديم آهي تنهن ڪري ان جي فوٽو ڪاپي صاف نہ ٿي سگهي آهي ۽ ڪٿان ڪٿان ڪلام پڙهڻ ۾ نہ ٿو اچي. اصل نسخي جي مالڪ محترم نجيب احمد گهمرو راقم الحروف کي اهو ٻڌايو تہ انهيءَ نسخي جو ٻيو حصو ٻہ وٽس موجود آهي، ٿي سگهي ٿو تہ نسخي جو اهو حصو وڌيڪ چنڊ ۽ صاف هجي ۽ منجهس ڪٿي نہ ڪٿي بيدل سائينءَ جي مُهر يا نالو واضح لکيل هُجي. مذکوره نسخي ۾ بيدل سائينءَ جو فارسي ديوان "مصباح الطريقت"، "عقائد"، "اردو ديوان" ۽ بيڪس سائينءَ جي هٿ اکرن ۾ لکيل بيدل سائينءَ جي تصنيف "تقويت القلوب في تذکرت المحبوب" ۽ بيدل سائينءَ جو ڪجهہ سنڌي ڪلام شامل آهي. جنهن ۾ بيدل سائينءَ جي هڪ سنڌي ڪافي "دم دم دلبر ڪاڻ سڪ سُهٽي کي سير گهرڻ جي"، هڪ سرائڪي ڪافي، "ناز دي خنجر نال هميشہ عاشق قتل کريندا يار" ۽ هڪ منقبت سان گڏوگڏ بيدل سائينءَ جي سنڌي بيتن واري حصي ۾ ڏهہ سنڌي بيت ۽ مرثئي جي موضوع تي هڪ چوسٽو شامل آهي. ذڪر ڪيل بيدل سائينءَ جون ٻہ ڪافيون ۽ منقبت تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

مرحوم عبدالحسين شاهه موسوي پنهنجي تاليف "ديوان بيدل" ۾ ڏنيون آهن جڏهن ته هن نسخي ۾ بيڪس سائينءَ جي هٿ اکرين لکيل ڏهه سنڌي بيت ۽ هڪ چؤسٽو بيدل سائين جي ڪنهن به شايع ٿيل ڪتاب ۾ شامل ناهن ۽ بلڪل نوان ۽ اڻڇپيل آهن.(14)

انهيءَ ڪلام ڪان سواءِ راقم الحروف کي بيدل سائينءَ جو هڪ اهڙو اردو نظم به مليو آهي جيڪو پڻ بيدل سائينءَ جي ڪنهن به شايع ٿيل ڪتاب ۾ موجود ناهي حالانڪ راقم الحروف جڏهن 1997ع ۾ "بيدل جو اردو ڪلام" مرتب ڪري شايع ڪرايو تڏهن به اهو نظم دستياب ٿي نه سگهيو هيو.

بيدل سائينءَ جو اهو نئون ۽ اڻ ڇپيل اردو نظم اسان کي فقير غلام علي مسرور جي هٿ اکرين لکيل بيدل سائينءَ جي ڪلام ۽ ٻين تصنيفات جي بياض مان مليو آهي جنهن جي صفحي 314 تي اهو اردو نظم لکيل آهي. فقير غلام علي مسرور (وصال 1953ع) بيدل سائينءَ جو تمام وڏو عقيدتمند هيو جنهن بيدل سائينءَ جا سمورا ڪتاب وڏي عشق ۽ ادب سان اُتاريا هيا، جن جو نقل سندس فرزند فقير مٺل مسرور وڏي فراخدلي ۽ پيار سان "بيدل يادگار ڪاميٽي" کي عنايت ڪيو. (15)

مٿي ذڪر ڪيل بيدل سائينءَ جي ڪلام جي اهم ۽ مستند قلمي نسخن مان مليل بيدل سائينءَ جا اهي سنڌي ڏهه بيت، هڪ چؤسٽو هن رسالي جي ڪلام واري پاڳي ۾ "نوان بيت" جي عنوان سان شامل ڪيا ويا آهن. ٿي سگهي ٿو ته بيدل سائينءَ جو اجان به ڪو اهڙو ٻيو سنڌي، اردو يا سرائڪي ڪلام هُجي جيڪو ظاهر ٿي نه سگهيو هجي. ان سلسلي ۾ اسان جي جستجو ۽ ڪوشش جاري آهي ۽ جاري رهندي.

اختر درگاهي

سيپٽمبر 2011

درگاهي هائوس،
ميمڻ محلو روهڑي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

فقير قادر بخش بيدل جي سوانح حيات

فقير قادر بخش بيدل جي دور کي اٽڪل ڏيڍ سؤ سال ٿي گذريو آهي، انهيءَ عرصي دوران سمورن سوانح نگارن بيدل سائينءَ جي سوانح حيات متعلق جيڪي ڪجھ لکيو آهي سو خاطر خواھ ضرور آهي پر اُنکي مڪمل چئي نہ ٿو سگھجي، چاکاڻ تہ بيدل سائينءَ جي سوانح عُمريءَ جا ڪيترائي اھڙا پاسا آھن جن جي متعلق شروع کان ئي اسان جا مانائتا اديب ۽ محقق خاموش رھيا آھن، ساڳي وقت ڪجھ اھڙيون ڳالھيون ۽ واقعا بہ آھن جن تي محققن ۽ مؤلفن جو اختلاف راءِ بہ آهي، اسان ان ڳالھ کي اڳتي هلي وضاحت سان پيش ڪنداسون. حيرت ان ڳالھ جي آهي تہ بيدل سائينءَ کان گھٽو اڳ جي بزرگن جھڙوڪ شاھ عنايت شهيد، شاھ عبداللطيف ڀٽائي، پير محمد راشد روضي ڌڻي ويندي سچل سرمست جي سوانح حيات متعلق بھتر انداز ۾ ڄاڻ ملي ٿي جڏھن تہ بيدل سائين جي حوالي سان خاص طور تي سندس خاندان، وڏن جي احوال، شجري ۽ سندس مڪتبي تعليم تربيت ۽ اُستادن متعلق احوال اٽپورو ۽ مختلف ملي ٿو.

بيدل سائين پاڻ بہ پنھنجي وقت جو تمام وڏو پڙھيل ڳڙھيل عالِم، وڏو عارف، باڪمال شاعر ۽ مورخ ٿي گذريو آهي جنھن تصوف ۽ عرفان جي موضوعن تي فارسي ۽ عربي ٻولين ۾ وڏا ڪتاب تصنيف ڪيا، بلڪِ سرور ڪائنات حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم کان وٺي اصحابن سڳورن رضي الله عنه، امامن پاڪن عليهم السلام ۽ ڪيترن ئي بزرگن جي وفات جون تاريخون فارسي قطعات ۾ محفوظ ڪيون. پاڻ ھڪ مورخ جي حيثيت ۾ شهيد شاھ عنايت جھوڪ واري جي شخصيت ۽ سندس شھادت تي پوري تاريخ لکيائون ويندي پنھنجي ٻن فرزندن ۽ پنھنجي محبوب قاضي پير محمد جي ڇٽني فرزندن جي ولادت جون تاريخون فارسي نظم ۾ رقم ڪيون پر بيدل سائين پنھنجي خاندان، ڏاڏڻگ، شجري يا پنھنجي حياتيءَ ۽ تعليم تربيت بابت ڪابہ تحرير ڇڏي نہ ويو، شايد انهيءَ ڪري تہ پاڻ ھڪ برڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

صوفي ۾ وحدت الوجودي هُيو ۽ ذات پات جي ٻنڌڻ ۽ "فلان ابن فلان" جي خول ۾ قيد نه هُيو.

ذات چپاوت، لوڪ ڀُلاوت لالن ڪيڙو لبيس. (بيدل)

بهرحال بيدل سائينءَ جو فرزند فقير محمد مُحسن بيڪس ئي اهو پهريون سوانح نگار آهي جنهن پنهنجي والد بزرگوار ۽ پير مُغان فقير قادر بخش بيدل جي وصال تي جيڪو ڪلام چيو انهيءَ ۾ هُن بيدل سائينءَ جي روحاني ۽ رندي شخصيت جو چٽو عڪس پيش ڪيو ۽ ٻڌايو ته سندس مُرشد (بيدل) روهڙيءَ ۾ رندي رمز جو راز، حلاجي حالت ۾ ممتاز، وحدت باز ۽ عشق جو اوتار هُيو. بيڪس سائينءَ ئي اهو پهريون سوانح نگار آهي جنهن بيدل سائين جي وصال جي تاريخ ۽ سندس عُمر هن طرح محفوظ ڪئي.

هن تماشي گاهه ۾ اٺهٺ سندي آواز هو
مرضيءَ موجب پانهنجي سو سير صفاتي ساز هو.

سال ٻارهن سؤ اٺيانوي ۾ سوز گداز هو
سورهينءَ ذوالقعد جي هادي سندو پرواز هو

چون ٿا ته بيدل سائينءَ جي پهرين سوانح عُمري سندس محبوب قاضي پير محمد جي فرزند قاضي غلام مهدي لکي هُئي جنهن جو مختصر ذڪر فقير هدايت علي نجفي تارڪ ۽ بولچند راجپال به ڪيو آهي. البت قاضي غلام مهدیءَ جي انهيءَ تصنيف جو نقل ڪٿان به ملي نه سگهيو آهي ۽ هيل تائين ناپيد آهي. پي پاسي قاضي غلام مهديءَ جي هڪ ٻي اهم تصنيف "انيس المساڪين عرف راحت السالڪين" جو ذڪر ڪافي تذڪرن ۾ اهم ماخذ طور آيل آهي. اهو ڪتاب سنڌ ۾ صوفي فڪر خاص طور تي شهيد شاهه عنايت جهوڪ واري جي خاندان، سندس شهادت ويندي سندس خاص خليفن متعلق هڪ مفصل ڇاڻ فراهم ڪري ٿو. مذڪوره ڪتاب قلمي صورت ۾ آهي ۽ ان جو نقل راقم الحروف وٽ پڻ موجود آهي.(16)

قاضي غلام مهديءَ جي تصنيف "انيس المساڪين عرف راحت السالڪين" ۾ بيدل سائينءَ جي سوانح حيات متعلق سندس والد بزرگوار فقير محمد مُحسن جو احوال ۽ سندس مرشد عبدالوهاب شاهه جيلاني پاڻڻاڙي واري کان فرزند ارجمند جي تولد ٿيڻ جي دُعا ۽ بعد ۾ بيدل سائينءَ جي جوانيءَ واري دور ۾ مجاز متعلق هڪ واقعو ملي ٿو.

بيدل سائينءَ جي ئي سوانح عُمريءَ جا ٻه اهم ۽ شروعاتي ماخذ جيڪي هن وقت تائين سوانح نگارن ۽ محققن کان گمنام رهيا آهن اُهي آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

نارائڻ گرناڻي جو مضمون "بيدل فقير" جيڪو بيدل سائين جي وصال کان اٽڪل 50 سال بعد شايع ٿيو ۽ هيو فقير هدايت علي نجفي تارک جو ڪتاب "تاريخ شعراء سنڌ" جيڪو تارک فقير 1930ع ۾ لکيو ۽ بعد ۾ اردو ترجمي سان برقي پريس بهاولپور مان 1945ع ۾ شايع ٿيو. اسان انهن ماخذن جو بيان اڳتي آڻيندا سون.

بيدل سائينءَ جي شخصيت ۽ سوانح متعلق هين شروعاتي ڇاپي مواد ۾ پير حسام الدين راشدي ۽ ڪاڪي پيرومل آڏواڻي جا مقالا ۽ مضمون آهن جيڪي 1932ع کان 1937ع تائين شايع ٿيا. ان دوران "سنڌو" رسالي جو ايڊيٽر بولچند راجپال بيدل سائين جي سوانح ۽ ڪلام کي سهيڙڻ لاءِ روهڙي شهر جا پنڌ ڪيا، تان جو روهڙي شهر جي ئي هڪ نوجوان گدومل هرجاڻي بيدل سائينءَ جي سوانح عُمري ۽ ڪلام کي سهيڙي 1940ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. گدومل هرجاڻي بيدل سائينءَ جي سوانح عُمري بابت ڪنهن به ماخذ جو حوالو نه ڏنو آهي ۽ صرف ايترو لکيو آهي ته "سمورو احوال سخت ڪشالا ڪڍي شهر جي وڏاکن کان پڇي تصديق بعد سَنڊَن ۽ راوين سميت ڏنل آهي." (17). گدومل هرجاڻي واري ڪتاب ۾ اڪثر واقعا قاضي غلام مهدي بن قاضي پير محمد جي زباني ڄاڻايل آهن جڏهن ته هين روايت ڪندڙن ۾ ماستر محمد رمضان، پڳٽ دوراڪو، ميان تصدق حُسين، بيدل بخش شاهه ٽرڙيءَ وارو، ديوان هاسانند، پائي ويرو مل، منشي هيمراج، ديوان نرملداس ۽ نصير فقير شامل آهن.

1950ع ۾ جڏهن بولچند راجپال "بيدل جو سنڌي ڪلام" شايع ڪرايو، ان ۾ لکيو اٽائين ته "بيدل صاحب جي زندگيءَ جو احوال گهٽي پاڳي قاضي پير محمد جي فرزند جي لکيل ڪتاب تان ورتل آهي هو صاحب ڄاڻائي ٿو ته اهو احوال ڪيس ذاتي آزمودي مان حاصل ٿيو هو ڇاڪاڻ ته هو بيدل صاحب جي پوئين حياتيءَ جي وقت ۾ هميشه ساڻس صحبت ۾ گذاريندو هو." (18) بولچند راجپال جو اشارو قاضي غلام مهديءَ جي ڪتاب ڏانهن آهي پر پاڻ ان جو ڪوبه تفصيلي ذڪر نه ڪيو اٽائين ان بعد 1954ع ۾ مرحوم عبدالحسين شاهه موسويءَ جو سهيڙيل "ديوان بيدل" شايع ٿيو. موسوي صاحب جي اڳيان بيدل سائين جي سوانح عُمريءَ جا ڇاپي ماخذ گدومل هرجاڻي جو "ديوان بيدل"، بولچند راجپال جو "بيدل جو سنڌي ڪلام" ۽ لطف الله بدوي جو "تذڪره لطفي" رهيا جڏهن ته موسوي صاحب هڪ هي قلمي ماخذ طور جهامنداس پائيه جي ڪتاب "سوانح عمري بيدل" جو پڻ مختصر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ذکر کیو آهي، ساڳئي وقت موسوي صاحب پڻ بيدل سائينءَ جي سوانح حيات متعلق اکثر ڳالهيون قاضي غلام مهدي جي زباني رقم کيون آهن ۽ هين روايت کندڙن ۾ آخوند عبدالغفور ساکن پراٹو سکر ۽ سيد پير ڏني شاه جو ذکر کيو آهي.(19)

مٿي ذکر کيل اهم ماخذن کانسواءِ 1976ع ۾ شايع ٿيل مرحوم سبحان بخش قريشي جو مُرتب کيل بيدل سائين جو کتاب "پنج گنج"، مرحوم گل محمد انصاري جو کتاب "کلام بيدل" مطبوعہ 1989ع ۽ راقم الحروف جو کتاب "بيدل جو اردو کلام" (مطبوعہ 1997ع) ان سلسلي جون اهم ڪڙيون آهن. جن کان علاوه بيدل سائينءَ جي شخصيت ۽ کلام تي شايع ٿيل مختلف ادبي تذکرا ۽ مقالا نظر مان گذريا آهن.

هن کتاب ۾ فقير قادر بخش بيدل جي سوانح عُمري مٿي ذکر کيل سمورن ماخذن جي روشنيءَ ۾ پيش ڪجي ٿي ۽ ان جو دائرو بيدل سائينءَ متعلق هيل تائين کيل تحقيق جي نتيجن تائين ئي آهي جيڪڏهن اڳتي هلي کو سُڃاڻ محقق ٿوس ثبوتن ۽ دستاويزن جي روشنيءَ ۾ ان کي اڳتي وڌائيندو يا کي نوان نتيجا ظاهر کندو تہ اُهي اسان سيني جي لاءِ قابل قبول هوندا.

خاندانی پس منظر

فقير قادر بخش بيدل جو تعلق روهڙي شهر جي هڪ اهڙي خاندان سان هُيو جيڪو فقيري خيال ۽ حال وارو هُيو. توڙي جو هن گهراٹي کي فقيري ۽ روحاني رمز اڳ ئي مليل هُئي پر بيدل سائين پنهنجي گهراٹي ۾ اهو پهريون باڪمال بزرگ بڻيو جنهن پنهنجي اعليٰ عِلمي لياقت ۽ باطني/روحاني فيض سان وڏو مقام ماڻيو. شايد ان ڪري بيدل سائينءَ جي پهرين سمورن سوانح نگارن سندن خاندان جو ذکر بيدل سائينءَ جي والد بزرگوار فقير محمد مُحسن کان کيو آهي ۽ ان کان مٿي ڪنهن بہ بزرگ جو احوال بيان نہ کيو نہ ئي وري کين اهو احوال ملي ئي سگهيو هيو. خاندانی پس منظر جي حوالي سان سڀ کان پهريان ذکر شخصيت جي ذات يا قبيلي جو ٿيندو آهي. بيدل سائينءَ جي سوانح عُمريءَ جي بنيادي ۽ شروعاتي ماخذن ۾ سندس ذات پاٹولي يا خواجا ڄاڻايل آهي جڏهن تہ اڳتي هلي ڪجهہ سوانح نگارن "پاٹولي" سندن خاندانی ڪرت ۽ "قريشي" سندن ذات ڄاڻائي آهي. اچوتہ هاڻي ان جو سلسليوار جوئزو وٺون. بيدل سائينءَ جي سوانح عُمريءَ جي سڀ کان پهرين ماخذ طور فقير هدايت علي نجفي تارک جو کتاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

"تاريخ شعراء سنڌ" دستياب ٿيو آهي جنهن ۾ لکيل آهي تہ "بيدل جو نالو قادر بخش ۽ والد جو نالو محمد محسن پاٽولي هيو." (20) مذکوره کتاب تارڪ فقير 1930ع ۾ لکيو جيڪو بعد ۾ سن 1945ع ۾ اردو ترجمي سان برقي پريس بهاولپور مان شايع ٿيو. بيدل سائينءَ جي ئي سوانح عُمري جو پيو اهم ۽ شروعاتي ماخذ آهي پير حسام الدين راشدي جو مضمون "عشق جو اوتار حضرت بيدل پوتار" جيڪو سن 1933ع ۾ ماهوار سنڌو ۾ شايع ٿيو. انهيءَ ۾ ب راشدي صاحب لکيو آهي تہ "سائين وڏي جو نالو عبدالقادر هو. ڪيس قادر بخش ب سڏيندا ها. ويٽل روهڙي شهر جو هو، سندس والد بزرگوار پاٽولپ جو ڪم ڪندو هو جنهن ڪري "خواجہ" ب سڏبو هو." (21)

گدومل هرجاڻي، بيدل سائينءَ جي والد بزرگوار محمد مُحسن سان گڏ سندس سؤٽ بيگ محمد جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ "اُهي ذات جا قريشي هئا" (22) ۽ اڳتي هلي اهو ب لکيائين تہ "فقير صاحب پشت بشت اصل رهاڪو روهڙي شريف جا هئا. بولچند راجپال وري هن طرح رقم طراز ٿيو "بيدل جا ابا ڏاڏا روهڙيءَ ۾ رهندا هئا ۽ پاٽولڪو ڏنڌو ڪندا هئا." وري اڳتي لکيائين تہ "سندن خاندان قريشي آهي" (23) تذکره لُطفيءَ وارو صاحب لکي ٿو تہ "حضرت بيدل جي والد بزرگوار جو نالو خليفو محمد محسن هو نسب ۾ قريشي هو." (24) مرحوم عبدالحسين شاه موسوي پنهنجي تاليف ديوان بيدل ۾ ڪٿي ب بيدل سائين جو خاندان "قريشي" نہ لکيو آهي ۽ صرف اهو لکيائين تہ "چوڻ ۾ اچي ٿو تہ حضرت بيدل جي زماني ۾ روهڙيءَ ۾ تسر جو ڪپڙو ڌهندو هو. فقير صاحب جا وڏا تسر جي ڪپڙي اُٽڻ جو ۽ پاٽولڪو ڏنڌو ڪندا هئا ۽ ڏنڌي ڪري پاٽولي سڏبا هئا. ڏنڌو اوچ نيچ ذات تي پاڻي ڦيري ڇڏي ٿو تنهن ڪري سندن بنياد جي صحيح خبر پئجي نہ ٿي سگهي تہ ڪير هئا". (25).

بيدل سائينءَ جو خاندان ڪڏهن روهڙيءَ ۾ آيو، ڪٿان آيو ۽ ڪهڙي دور ۾ آيو ان جو ب ڪو مستند ۽ تفصيلي احوال نہ ٿو ملي. البت فقير هدايت علي نجفي ۽ مرحوم لطف الله بدوي ئي اهڙا محقق آهن جن انهيءَ متعلق قلم کنيو آهي. فقير هدايت علي نجفي تارڪ لکي ٿو تہ "سندن (بيدل جا) بزرگ شاهجهان بادشاهہ جي زماني ۾ دهليءَ کان تجارت ڪندا روهڙيءَ ۾ اچي رهيا" (26) مرحوم لطف الله بدوي، تذکره لُطفيءَ ۾ رقم طراز آهي تہ "ممڪن آهي تہ سندن (بيدل جا) وڏا اسلامي حڪومت جي اولين دور ۾ اچي سنڌ ۾ رهيا هُجن مگر تاريخ سنڌ جي عدم موجودگيءَ ۾ وقت جو مقرر ڪرڻ گهڻو مشڪل آهي." (27) پير حسام الدين راشدي، گدومل هرجاڻي، بولچند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

راجپال ۽ عبدالحسين شاهه موسوي حتاکه قاضي غلام مهدي پڻ انهيءَ بنسبت بلڪل خاموش رهيا آهن ۽ بيدل سائينءَ جي وڏن جي احوال طور سندس والد بزرگوار فقير محمد محسن کان مٿي ڪوبه شجرو، ڪوبه نالو نه ڄاڻايو آهي. جيڪو تعجب خيز آهي. اڳتي هلي يعني تمام گهڻن سالن کان پوءِ سن 1976ع ۾ مرحوم سبحان قريشي جڏهن بيدل سائينءَ جو ڪتابُ "پنج گنج" ترجمو ڪري ڇپرايو تہ هن صاحب بيدل سائين جي سوانح حيات واري باب ۾ انهيءَ ماڻار کي ٿوڙي ۽ بيئل پاڻيءَ ۾ پٽر اُڇلائيندي بيدل سائينءَ جي خاندان جون ٻہ پيڙهيون مٿي ذڪر ڪيون. سندس بيان ڪيل بيدل سائينءَ جي خاندان ۽ شجري جو متن جيئن جو تيئن اسين هتي پيش ڪريون ٿا.

"فقير قادر بخش بيدل جي پڙڏاڏي جو نالو ميان عبدالقادر قريشي هو جيڪو اصل ملتان شهر جو رهاڪو هيو. پاڻ قريشي صديقي ۽ غوث بهاءُ الحق جي گهراڻي سان تعلق رکندو هو. پاڻ واپار ڪندو هو جنهن ڪري سندس وقت سٿو گذرندو هو. پاڻ ظاهري علم جي تحصيل کان پوءِ معرفت جي علم ۽ سلوڪ حاصل ڪرڻ جي شوق ۾ اهل الله جي صحبت جي تلاش ۾ رهيو، آخرڪار صوفي سيد جان الله شاهه روهڙائي، جيڪو ملتان روانو ٿي چڪو هو، ان جي خدمت ۾ رهڻ لڳو، ٻيو دفعو 1130هـ ۾ صوفي شاهه عنايت الله ميرانپور واري جي شهادت بعد صوفي جان الله شاهه ملتان روانو ٿي ويو تہ پوءِ ڪجهه ڏينهن بعد جڏهن روهڙي واپس آيو تہ ميان عبدالقادر ٻہ پوري خاندان سميت پنهنجي وطن کي هميشہ لاءِ الوداع چئي، پنهنجي مُرشد سان گڏجي روهڙي آيو ۽ پاڻ ريشم باف محلي ۾ هڪ جاءِ خريد ڪري رهڻ لڳو."

مرحوم سبحان بخش اڳتي لکي ٿو تہ ميان عبدالقادر کي ملتان مان اچڻ وقت ٻہ نينگر ساڻ هئا. 1. غلام فريد 2. غلام لطيف. اهي ٻئي پڻ صوفي جان الله شاهه جي فرزند صوفي قلندر علي شاهه جي صحبت ۾ گذاريندا هئا اتان فيضيات ٿي معرفت جي منزل ماڻيائون. ميان غلام فريد کي هڪ نينگر ميان محمد محسن نالي هو ۽ ميان غلام لطيف جي نينگر جو نالو ميان بيگ محمد هو هي ٻئي نينگر پڻ وڏن جي دستور مطابق صوفي قلندر علي شاهه جي وڏي فرزند فتح علي شاهه عرف جُمن شاهه جي خدمت ۾ گذاريندا هئا." (28)

مرحوم سبحان بخش قريشي، بيدل سائينءَ جي وڏن جي مٿي بيان ڪيل شجري ۽ احوال جو ڪوبہ حوالو ڪا روايت يا مستند دستاويز فراهم نہ ڪيو آهي تہ اهو احوال ۽ شجرو ڪيس ڪٿان مليو. پر جيڪڏهن ونس کو اهڙو احوال يا شجرو هُيو تہ هن صاحب 1930ع کان 1954ع تائين، پير حسام الدين راشدي، گدومل هرجاڻي، بولچند راجپال، عبدالحُسين شاهه موسوي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ٻين تذڪره نويسن کي ڇوڻ فراهم ڪيو جن ساڻس بيدل سائين جي سوانح عُمريءَ بابت رابطا ڪيا. اسين شروع ۾ قاضي غلام مهدي بن قاضي پير محمد جي قلمي تصنيف "انيس المساڪين عرف راحت السالڪين" جو ذڪر ڪري چُڪا آهيون جنهن جي صفحي 76 کان 92 تائين شاه عنايت جهوڪ واري جي اهم بزرگن ۽ خليفن ۾ سيد مير جان محمد شاه جو تفصيلي احوال ڏنل آهي ۽ ان ۾ سيد جان محمد شاه رضوي جي طالبن ۽ مريدن جو ذڪر ٻه آهي مگر مرحوم سبحان بخش قريشي پاران بيان ڪيل مير جان محمد شاهه جي ملتان جي سفر ۽ بيدل سائين جي پڙڏاڏي "عبدالقادر" جو سندس مريد ٿيڻ ۽ ساڻس گڏ روهڙي اچڻ وارو قصو ڏنل ناهي.(29) قاضي غلام مهدي جيئن ته بيدل سائينءَ جو شاگرد ۽ سندس محبوب قاضي پير محمد جو فرزند هيو، تنهن ڪري بيدل سائينءَ جو پڙڏاڏو جيڪڏهن مير جان محمد شاه جو مريد هجي ها ۽ هو ملتان کان آيل هُجي ها ته اهو احوال قاضي غلام مهدي پنهنجي تصنيف ۾ ضرور لکي ها. ان کان علاوه مرحوم لطف الله بدوي جي اهم تاليف تذڪره لُطفيءَ ۾ ۽ سندس هڪ ٻي اهم مضمون بعنوان "مير جان الله شاه رضوي" مطبوعه نئين زندگي ماهه فيبروري 1957ع ۾ سيد مير جان الله شاه رضوي جو جيڪو مفصل احوال ڏنو ويو آهي انهيءَ ۾ ٻه بدوي صاحب مير جان الله شاه رضوي جي ملتان طرف سفر جو ڪوبه ذڪر نه ڪيو آهي بلڪ صرف ايترو لکيو اٿائين ته "هن هوڻناڪ واقعي شاهه عنايت جي شهادت کان پوءِ مير صاحب روهڙيءَ ۾ اچي رهيو جتي سندس فيض کان هر خاص و عام مستفيد ٿيو"(30) هوڏانهن مرحوم سبحان بخش قريشي جو اهو لکڻ ته "وڏي عبدالقادر جا ٻه نينگر غلام فريد ۽ غلام لطيف ، مير جان الله شاه جي فرزند صوفي قلندر علي شاهه جي صحبت ۾ گذاريندا هئا پڻ مستند معلوم نه ٿو ٿئي ڇاڪاڻ ته قاضي غلام مهديءَ جي ئي مٿي بيان ڪيل ڪتاب "انيس المساڪين" جي صفحي 94 کان 107 تائين مير جان الله شاه جي فرزند مير قلندر علي شاه جو احوال ۽ سندس مريدن ۽ طالبن جو احوال ڏنل آهي مگر انهيءَ ۾ ٻه اهو بيان ٿيل ناهي ته بيدل سائين جو ڏاڏو غلام فريد ۽ سندس ڀاءُ غلام لطيف مير قلندر علي شاه جا طالب هئا يا وٽس موجود رهندا هئا. هي پاسي 2000ع ۾ جڏهن راقم الحروف ڪتاب تذڪره جانشاهي مُرتب ڪرڻ دوران جانشاهي خاندان جي بزرگن سان لهه وچڙ ڪئي ته انهن وٽان ٻه خانداني طور تي اهڙي ڪابه روايت نه ملي ته ڪي بيدل سائين جا وڏا اصل ملتان جا هئا يا اهي مير جان الله شاه رضوي سان گڏجي ملتان کان روهڙي آيا هئا. هينئر انهن سيني سوالن جو جواب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

اسان کي هڪ اهڙي قلمي ۽ مستند دستاويز منجهان ملي ويو آهي جيڪو بيدل سائينءَ جي حياتيءَ واري دور جو آهي جنهن جي مطالعي مان مرحوم سبحان بخش قريشي جا ڇاڻايل بيدل سائين جي ڏاڏي ۽ پڑڏاڏي جا نالا ثابت نہ ٿيا آهن تنهن ڪري سندن وڏن جو ملتان منجهان اچڻ واري ڳالهہ تہ پاڻ هُرتو غيرمستند بڌجي وڃي ٿي. اسين جنهن اهم ۽ تاريخي دستاويز جو ذڪر ڪري رهيا آهيون ان جو سڀ کان پهريان انڪشاف برڪ عالم ۽ محقق علامہ مفتي عبدالوهاب صاحب چاچڑ پنهنجي هڪ مقالي "دين جو جهنبو حضرت بيدل سائين" مطبوعہ بيدل ـ 4 ، 2004ع ۾ ڪيو آهي ۽ هن طرح رقم طراز آهي. "بيدل سائينءَ جي لکيل هر ڪتاب ۾ هڪ ئي ڳالهہ ڏهرائي وئي آهي تہ بيدل سائين جي وڏي ڏاڏي جو نالو عبدالقادر هو جيڪو ملتان کان روهڑي لڏي آيو، ان کي ٻہ پٽ هئا غلام فريد ۽ غلام لطيف. ميان غلام فريد کي هڪ پٽ هو محمد مُحسن ۽ميان غلام لطيف کي پٽ هو بيگ محمد. فقير محمد محسن کي پٽ ڄايو عبدالقادر جيڪو پوءِ قادر بخش ٿيو. انهيءَ روايت مطابق بيگ محمد فقير قادر بخش جو ڇاڇو ٿئي ۽ فقير بيدل سائينءَ جي ڏاڏنگ ۾ بيگ محمد جو نالو ظاهر نہ آهي پر جيڪي پراڻا دستاويز اسان وٽ آهن انهن جو هڪڙو نقل ڪريان تو جنهن مان سندس خاندان تي روشني پوي ٿي. اهو دستاويز هڪ خانداني موروثي پلاٽ جي وڪري بابت آهي جيڪو بيدل سائين ۽ ٻين وارثن وڪرو ڪيو.

اين ذکر يست دربيان آنکہ اعتراف شرعي نمود فضيلت پناهہ فقير قادر بخش خلف مرحوم محمد مُحسن بن مغفور. مُلا بيگ محمد خواجہ از قبل نفس خود و وکيل شرعي ثابت الوکالتہ از قبل خواصران خود عريک عصمت پناهہ مسمات اسلام خاتون بنت محمد محسن مذکور زوجہ متوفي بيگ محمد ولد عبدالله بن بيگ محمد مذکور. مسمات حميد خاتون بنت محمد محسن مذکور زوجہ ملا محمد زمان ولد عطا محمد وازقبل بنت ابن العم خود مسمات لعل خاتون بنت بيگ محمد مذکور وازقبل ابن بن العم خود عبدالله صغير ولد بيگ محمد بن عبدالله بن بيگ محمد مذکور.

تاريخ نمره ماه جماد الثاني 1262هـ

عبده قادر بخش ولد محمد محسن

اهو اقرار نامو قاضي محمد افضل جي ڪورٽ ۾ پيش ٿيو ۽ ان وقت محتسب قاضي عبدالخالق هو. انهيءَ دستاويز مان ثابت آهي تہ وڏو بيگ محمد فقير قادر بخش جو ڏاڏو ۽ ننڍو بيگ محمد فقير صاحب جو سڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

۽ پيٽيوو ٽئي جنهن جي ڪبير نياڻي لعل خاتون ۽ صغير پٽ عبدالله جو بيع نامي ۾ وڪيل ٿيو ۽ وڏي بيگ محمد جي ذات "خواجہ" ڄاڻايل آهي".(31)

مولانا عبدالوهاب چاچڙ صاحب جي بيان جو بنياد جيئن تہ بيدل سائينءَ جي پنهنجي دور جي هڪ اهم دستاويز تي آهي تنهن ڪري ان ۾ لکيل بيدل سائينءَ جي وڏن جا نالا وڌيڪ مستند ۽ پڪا آهن مذڪوره دستاويز ۾ بيدل سائينءَ جي ذات "خواجا" ڄاڻايل آهي، ياد رهي تہ اسان هن باب جي شروع ۾ ئي پير حسام الدين راشديءَ جي هڪ مقالي جو حوالو اڳ ئي ڏئي چُڪا آهيون جنهن ۾ پڻ پير صاحب بيدل سائينءَ جي والد بزرگوار کي "خواجہ" لکيو آهي. هي خاص ڳالهہ تہ مٿي بيان ڪيل سنہ 1262هـ جي دستاويز ۾ فقير عبدالله بن بيگ محمد، بيدل سائينءَ جو پاٽيجو ڄاڻايل آهي جنهن کي اڳين سوانح نگارن بيدل سائينءَ جو سؤٽ لکيو آهي. عبدالله فقير جي بيدل سائينءَ جي پاٽيجي هجڻ جي هڪ هي اهم شاهدي بہ ملي آهي، جيڪا آهي فقير هدايت علي نجفي تارڪ جو ڪتاب "تاريخ شعراء سنڌ" جنهن ۾ پڻ تارڪ فقير اهو لکيو آهي تہ "سندس (بيدل) وٽ پڙهڻ لاءِ شاگرد ايندا رهيا مگر ڪجهہ عرصي بعد جنهن کي سبق ڏين پيا اهو مجذوب ٿي پئي ويو. اها حالت ڏسي پڙهائڻ بند ڪري چڏيائون ۽ پنهنجي پاٽيجي عبدالله کي پڙهائڻ جو ڪم سپرد ڪري خلوت ۾ خدا جي ياد ۾ مصروف رهڻ لڳا ۽ هميشہ تارڪ رهڻ لڳا."(32)

هن هيٺ اسين مرحوم سبحان بخش قريشي جو بيان ڪيل ۽ مولانا عبدالوهاب چاچڙ صاحب جي ظاهر ڪيل تاريخي دستاويز جي روشنيءَ ۾ بيدل سائينءَ جي خاندان جو شجرو پيش ڪريون ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بيدل سائينءَ جي خاندان جو شجرو

مرحوم سبحان بخش قريشيءَ جو بيان ڪيل



سنہ 1262ھ جي دستاويز مطابق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

والد بزرگوار فقير محمد مُحسن جو احوال

فقير قادر بخش بيدل جو والد بزرگوار فقير محمد مُحسن فقيري خيال وارو ۽ درويش هيو. سندس جنم سنڌ جي هڪ معتبر شهر روهڙيءَ ۾ ٿيو، جتي سرور ڪائنات حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي وار مبارڪ جي روحاني ڪشش ۾ ڪيترن ئي بزرگن ۽ اولياڻن جو اڇڻ وڇڻ رهندو هو. ساڳئي رقت سندس دور ۾ روهڙي شهر ۾ ئي شهيد شاهه عنايت جهوڪ واري جي وڏي خليفي ۽ برڪ عالم ۽ فارسي جي باڪمال شاعر سيد مير جان محمد شاهه رضويٰ* جي درگاهه ڪيترن ئي فقيرن ۽ طالبن جي روحاني اُڃ اجهائي رهي هئي. فقير محمد محسن جي شخصيت تي روهڙي شهر جي اهڙي روحاني راز جو اثر ۽ ڪشش ٿي جو اڪثر وقت عبادت ۽ رياضت ۾ گذرندو هوس. مرحوم لطف الله بدوي تذڪره لُطفيءَ ۾ لکي ٿو ته "خليفه صاحب (محمد محسن) روهڙيءَ ۾ پاڻولکو ڏنڏو ڪندو هو پر ان سان گڏ ڪيس فقيرن جي صحبت جو به شوق رهندو هو" تذڪره لُطفي وارو صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته "خليفه محمد محسن وڏو مرتاض عابد ٿي گذريو آهي. رات ڏينهن عبادت الٰهي ۾ مست رهندو هو. هن قرب ۽ ويجهڙائيءَ آخر رنگ لاتو، جڏن روايتون ملن ٿيون تنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته "محمد محسن" به ڪو گهٽ درجي جو درويش نه هو."(33) بولچند راجپال به لکيو آهي ته "ميان محمد محسن فقيرياڻي طبعيت وارو انسان هو، سندس دل دنيا جي ڪٽ راڳن کان ڪٽي ٽيل هُئي جنهن ڪري هن جو گهڻو وقت خدا جي عبادت ۽ مرشد جي شيوا ۾ گذرندو هو. مرشد جي مهرباني سان هو چگي پدوي کي پهتو".(34) بولچند راجپال فقير محمد مُحسن لاءِ اهو به لکي ويو آهي ته ڪيس شاعريءَ جو شوق به هو جيڪو صحيح نه آهي. چاڪاڻ ته اسان کي ڪٿان به فقير محسن جو ڪلام ملي نه سگهيو آهي نه ئي ڪنهن ٻي ماخذ مان. سندس شاعر هجڻ جو اشارو مليو آهي. ٻي پاسي بولچند راجپال پنهنجي ڪتاب "بيدل جو سنڌي ڪلام" ۾ جيڪا قلندر شهباز جي مدح فقير محمد مُحسن ڏانهن منسوب ڏيکاري آهي اها به فقير محمد محسن جي نه بلڪ بيدل سائينءَ جي فرزند محمد مُحسن ثاني عرف بيڪس جي آهي جيڪا بيڪس سائينءَ جي ڇاپي توڙي قلمي نسخن ۾ به ملي ٿي. مٿي بيان ڪيل جستجو ۽ ڳولا ۾ فقير محمد محسن کي روحاني فيض حاصل ٿيو سو، صوفين جي سرتاج شهيد

---

* سيد مير جان محمد شاهه رضوي اول ۽ سندس خاندان متعلق پڙهو راقم الحروف جو ڪتاب "تذڪره جانشاهي" مطبوعا 2001ع پاران سڪر هستاريڪل سوسائٽي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

شاه عنايت جهوڪ واري جي روحاني سلسلي جي هڪ بزرگ سيد عبدالوهاب شاه جيلاني پاڻ کي ۽ وٽان. بيدل سائينءَ جي والد بزرگوار فقير محمد مُحسن جو مرشد سيد عبدالوهاب شاهه حيلاني، سيد مير جان محمد شاهه رضوي اول جي طالب غلام رسول وٽجاري جي مريد فقير غلام محمد جو مريد هيو. بيدل سائين جو والد فقير محمد محسن سيد عبدالوهاب شاهه جو طالب ڪيئن ٿيو ان جو احوال قاضي غلام مهدي ولد قاضي پير محمد پنهنجي ڪتاب "انيس المساڪين عرف راحت السالڪين" ۾ هن طرح لکيو آهي:

"مير جان الله شاه وڏو فيض جو صاحب ٿي گذريو آهي سندس هزارها مريد هئا پر تن ۾ هڪ غلام رسول نالي وٽجارو پٽاڻ ويٺل خراسان جو وڏي ڪماليت جو صاحب هو ان جي مريد ڪرڻ جو جو تذڪرو هن ريت آهي. غلام رسول خراسان جو پٽاڻ سوداگر هو جڏهن پنهنجي ڪم سان روهڙيءَ آيو ميرجان الله شاه رضوي جي ولايت ڪرامت جو ٻڌي اچي قدمبوسي ڪئي ۽ جيڪي ٻڌائين سو ڏٺائين. اعتقاد ڪري مريد ٿيڻ جو عرض ڪيائين. هن سان لک روپئي جو مال ساڻ هو. پاڻ فرمايائونس ته توسان گهٽو مال آهي پهريائين اهو وطن ڇڏي پوء اچي مريد ٿي جي نه ته فيض وڏڻ بعد اهو مال پنهنجي هٿين پاڻ لٽيندين. ورنديءَ ۾ عرض ڪيائين، اسين پٽاڻ آدمي سخت آهيون ڪنهن کي پائي ڏيڻ وارا نه آهيون سائين مونکي مريد ڪري. پاڻ فرمايائونس ته جيڪا تنهنجي مرضي پوء پاڻ هن کي مريد ڪري فيض ڏنائون پوء سندس اهڙو حال ٿيو جو اهو سڀ مال خدا پاڪ جي واٽ ۾ پاڻ خيرات ڪري مير جان الله شاه صاحب جي حضور ۾ رهندو آيو. وڏو ڪامل ولي الله ٿيو گهٽو عرصو اتي روهڙيءَ ۾ رهيو آخر ڪائنن وطن وڃڻ جي اجازت طلبيائون جا مليس مگر حڪم مليس ته خراسان پهچڻ شرط توکان غلام محمد مريد ٿيندو. غلام محمد کان سيد عبدالوهاب شاه جيلاني پاڻ کي وارو مريد ٿيندو، ان وقت اسان جي گادي واري وٽ امانت نه هوندي ان ڪري تون غلام محمد ۽ غلام محمد سيد عبدالوهاب شاهه کي چوي ته پاڻ کي روهڙيءَ اچي امانت ڏئي پوء موڪي وڃي. غلام رسول فقير اهو حڪم ونڊي خراسان ويو."(35) سيد مير جان محمد شاه رضوي جي مٽي بيان ڪيل وصيت جڏهن فقير غلام رسول وٽجاري ۽ فقير غلام محمد کان ٿيندي سيد عبدالوهاب شاه جيلاني پاڻ کي واري وٽ پهتي. ان وقت درگاه مير جان الله شاه رضوي جو سجاده نشين مير جان محمد شاه رضوي جو پوٽو سيد فتح علي شاهه بن سيد منور علي شاهه هيو. "انيس المساڪين" ۾ قاضي غلام مهدي لکي ٿو ته شاهه قلندر علي (ابن مير جان محمد شاهه اول) جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

وفات بعد مير جان الله شاهه جو نندو پٽ منور علي شاهه گاديءَ تي ويٺو جنهن 1199هجري ۾ وصال فرمايو. کين ڇهه پٽ هئا، جن مان ميان فتح علي شاهه سندن وڏو پٽ مسندنشين ٿيو مگر وٽن امانت، کانه هُئي. ان وقت ميان عبدالوهاب شاهه جيلاني ڪچي کان انجام موجب امانت ڏيڻ آيو. ميان فتح علي شاهه وٽ اچي سارو تذڪرو عرض ڪيائين. ميان فتح علي شاهه سجاده نشين هيو ان کي اها ڳالهه نه وڻي چيائون ته اسان وٽ فيض ڪونهي ڪو جو اوهان ڏيڻ آيا آهيو. شاهه عبدالوهاب سائين فرمايو ته قبلا اوهان اسان جا مرشد آهيو اسان کي فيض اوهان جي دروازي تان مليل آهي اسان کي مجال نه آهي جو ايئن چئون ته اوهان کي فيض ڏيون. ائين چئي موڪلائي اٿي هليا. ميان جان الله شاهه ميان فتح علي شاهه جي نندي پاءُ جو اها خبر ٻڌي تنهن ڏکي وڃي شاهه عبدالوهاب جي محافي کي کلهو ڏنو. (شاهه عبدالوهاب سائين دائما محافي تي سواري ڪندا ها.) مير جان الله شاه جو محافي کي کلهو ڏيڻ ۾ شاه عبدالوهاب جو فرمائڻ "محافو جهليو جو مرشد جي اولاد مان آهن اچي محافي کي کلهو ڏنو آهي." پاڻ محافو رکائي مير جان الله شاهه کي پاڪر پائي فرمايائون:

جاني ميڏي دا ڪوئي نهين ثاني
مليم يار جو جاني جنهن دا ڪوئي نهين ثاني

لطف ماهي دا مين تي آيا درد ٽيا درماني
سيد عبد نون آپ وڏايس ڏتس چا شاهاني.(36)

انيس المساڪين ۾ قاضي غلام مهدي اڳتي لکي ٿو ته شاه عبدالوهاب سائين مير جان الله شاه کي فيض ڏنو ۽ مرشد جو امر بجا آندو ۽ مير جان الله شاه، شاه عبدالوهاب سائين کي ڇهه مهينا پاڻ وٽ رهايو ۽ شاهه عبدالوهاب سائين پنهنجي نياڻيءَ جو سگ مير جان الله شاه جي وڏي پٽ مير جمن شاهه کي ڏنو. شاه عبدالوهاب سائين کي شاه شاهان ڪري سڏيندا آهن. پاڻ عالم فاضل وڏي ڪماليت جا صاحب هئا. سندن زبان ته سيف الرحمٰن هئي. پاڻ اهي ڇهه مهينا هر جمع ڏينهن روهڑي شهر ۾ پاتولکي سمٽي وٽ جا مسجد آهي. ان ۾ وعظ ڪندا ها. انهيءَ ڪري انهيءَ مسجد کي اڄ تائين وعظ واري مسجد چوندا آهن. جنهن مهل وعظ ڪندا ها ته پهريائين چوندا ها "سڻ وي بندا." اهو آواز جنهن جي ڪن تي پوندو هو سو بيهي رهندو هو" قاضي غلام مهدي ساڳي ڪتاب جي صفحي 113 تي لکيو آهي ته "فقير محمد محسن وڏو (بيدل سائين جو والد) به سندن مريدن مان هيو." ۽ اڳتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

لکي ٿو ته "جڏهن شاه صاحب ڇهه مهينا روهڙيءَ ۾ رهي پاڻڻاڙي روانو ٿيو تڏهن خليفه محمد محسن جي ٻانهن سائين مير جان الله شاه جي حوالي ڪري سندن خليفو مقرر ڪري اُسهيا."(37) مرحوم عبدالحسين شاهه موسوي ٻه لکيو آهي ته جڏهن شاه شاهان روهڙيءَ مان روانو ٿيڻ لڳو ته سندس (فقير محمد محسن) جي ٻانهن مير جان الله شاه کي سونپيائين جنهن ٻه کيس خليفو مقرر کيو. اها خلافت اڃان تائين انهيءَ خاندان ۾ هلندي اچي."(38) برڪ محقق ۽ اديب مولانا دين محمد وفائي پنهنجي ڪتاب "تذڪره مشاهير سنڌ" ۾ لکيو آهي ته "فقير بيدل جي والد ان کان پوءِ مير جان الله شاهه ثاني کان ٻه بيعت ڪئي. جو وڏي جان الله شاه جو پوٽو هو."(39) انيس المساڪين عرف راحت السالڪين ۾ بيان ڪيل سيد عبدالوهاب شاه جيلاني جو روهڙي اچڻ وارو قصو ۽ روحاني امانت مير جان الله شاه ثاني کي ڏيڻ واري روايت ويندي فقير قادر بخش بيدل جي والد بزرگوار جو ونس مريد ٿيڻ واري ڳالهه، گدومل هرجاڻي ۽ موسوي عبدالحُسين شاه پنهنجن ڪتابن ۾ جيئن جو تيئن نقل ڪئي آهي البت انهن صاحبن سيد عبدالوهاب شاه جيلاني جي مريد ٿيندڙن ۾ بيدل سائين جي والد بزرگوار فقير محمد محسن جي سوٽ ڄاڻايل فقير بيگ محمد کي ٻه شامل کيو آهي. گدومل هرجاڻيءَ موجب "هڪ ڏهاڙي فقير محمد محسن ۽ بيگ محمد جي پاڻ ۾ سڳا سوٽ هئا ۽ ذات جا قريشي هئا اچي شاه شاهان جا مريد ٿيا هو ٻئي گڏجي روهڙي شهر جي ٻاهران ڳڪريءَ تي جتي هينئر ڊپٽي صاحب جو بنگلو آهي ان جي پرسان واري ٽڪريءَ تي ويهي الله سائينءَ جو ذڪر ڪندا ها. آخر هڪ ڏينهن فقير محمد محسن جو مراقبو ڪلي پيو ۽ کيس سمورو دلي مطلب حاصل ٿيو. اها خبر جڏهن فقير بيگ محمد کي ڪيائين ته فقير بيگ محمد سوچيو ته اهڙي جيئڻ کان مرڻ پلو آهي تنهن ڪري پاڻ کي ٽڪريءَ تان ڪٽي اڇلايائين مرشد سندس سچائي ۽ صدق ڏسي مٿس مهر ڪري ان ٽپي ۾ سڏ کيس يعني مراقبه ڪلي پيس" (40) گدومل هرجاڻي واري اها روايت، مرحوم عبدالحسين شاه موسوي پڻ پنهنجي تاليف ۾ جيئن جو تيئن نقل ڪئي آهي مرحوم سبحان بخش قريشي پڻ ڪتاب "پنج گنج" ۾ فقير محمد محسن ۽ سندس سوٽ ڄاڻايل فقير بيگ محمد واري ساڳي بيان کي ورجايو ته آهي پر سبحان بخش مرحوم انهيءَ بيان ۾ مير جان الله شاهه جي خلافت ۾ فقير محمد محسن سان گڏ فقير بيگ محمد جو نالو ٻه شامل ڪري ويو آهي ۽ هن طرح رقم طراز آهي ته "پاڻڻاڙي رواني ٿيڻ وقت (عبدالوهاب شاه جيلاني) فقير محمد محسن ۽ فقير بيگ محمد کي خلافت عطا ڪري اها وصيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

کیائین تہ همیشہ جان علي شاھہ جي خدمت ۾ رھجو ۽ ھيٺيون شيون تبرک طور ڏنائين.

1. تاج مبارک 2. گودڑي مبارک (گيڑو رتل)
3. ھک بيت، مئي کہ خوردم ببلد پاگ بلوچ
نشہ در لوھري نمود تمام.(41)

اسين ھن باب ۾ سيد عبدالوھاب شاھ جيلاني جي روھڑي اچڻ، سيد ميرجان الله شاھ رضوي ثاني کي امانت ڏيڻ ۽ وٽس بيدل سائينءَ جي والد فقير محمد محسن جو مريد ٿيڻ وارو بيان، قاضي غلام مھدي جي لکيل اھم ماخذ انيس المساکين تان نقل ڪري چکا آھيون. اسين ڏسنداسون تہ مذکوره ڪتاب ۾ ڪٿي بہ بيگ محمد نالي ڪنھن بہ بزرگ جو نالو نہ ٿو ملي ٻي پاسي ھن ڪان اڳ بيدل سائين جي شجري متعلق پيش ڪيل سن 1262ھ جي اھم قانوني ۽ تاريخي دستاويز کي ڏسئون ٿا تہ وڏو بيگ محمد سائين، فقير محمد محسن جو والد (بيدل جو ڏاڏو) ۽ ننڍو بيگ محمد، فقير محمد محسن جو پائيٽيو ۽ نياڻو ۽ بيدل سائين جو پيٽيوو ۽ سؤٽ ثابت ٿئي ٿو.

بيدل سائين جو والد فقير محمد محسن سموري حياتي پنھنجي مرشد سيد عبدالوھاب شاھ جيلاني جي حُڪم تي سيد مير جان الله شاھ ثاني جي خدمت ۾ گذاري. "انيس المساکين عرف راحت السالکين" جي صفحي 116 تي لکيل آھي تہ "پاڻ (سيد مير جان الله شاھ) ڪوٽ ۾ اندر باغ ٽکر رکايو ھئائون ان جو نالو راحت العاشقين رکيو ھئائون. انھيءَ باغ جو ڪم ھلائيندڙ خليفو محمد محسن ھو. ان ٿوري باغ ۾ سڀ جنس جا ميوا جيکي بہ روھڑيءَ جي باغن ۾ آھن سڀ موجود ھا ۽ باغ ھر موسم ۾ ڦريل رھندو ھو. خليفي محمد محسن کي سندس (مير جان الله شاھ جو) حڪم ھو تہ جيکو بہ شھر جو آدمي باغ ۾ اندر اچي ان کي جھڑي ميوي جي موسم ھجي سڀ ميوا بنا قيمت ڏيندو وڃ توڙي سؤ گھمرو ڪٽي اچي."(42)

فقير محمد محسن جو وصال

قاضي غلام مھدي ولد قاضي پير محمد پنھنجي ڪتاب "انيس المساکين عرف راحت السالکين" جي صفحي 117 تي سيد ميان علي اڪبر شاھ رضوي جانشاھي جي احوال ۾ بيدل سائينءَ جي والد بزرگوار فقير محمد مُحسن جي وصال جو ھک واقعو بيان ڪيو آھي. جيکو ھن طرح آھي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

"سيد مير علي اڪبر شاه حضرت شاه شاهان سائين جو ڏوهٽو، مير جان الله شاه جي حياتيءَ ۾ هڪ دفعي بيمار ٿيا ها ۽ سندن حياتي خدائي دربار مان جيڪا لکيل هُئي سا پوري ٿيل هئي ان ڪري جڏهن مير جان الله شاه ڏٺو ته صاحبزادي جي عُمر پوري ٿيل آهي تڏهن ڏاڍي مغمومي حالت ۾ اندران ٻاهر اوطاق ۾ اچي ويٺا. ان وقت سندن خليفه محمد محسن کين عرض ڪيو ته قبلا مغمومي جو باعث چا؟ پاڻ فرمايائون ته صاحبزاده علي اڪبر شاه تمام سخت بيمار آهي ۽ حياتيءَ جي اميد نه آهي. خليفه محمد محسن عرض ڪيو ته قبلا مان الله جو ليکو جاچيندس ۽ فجر جو سائين جن کي احوال عرض رکندس. پاڻ فرمايائون ته چگو. ورندي فجر تي خليفه محمد محسن اچي عرض ڪيو ته قبلا رات الله تعاليٰ جو سارو دفتر جاچيم ته صاحبزادي جي عمر پوري ٿيل هئي وري ڏٺم ته بندي جي عمر ٻارهن ورهيه باقي آهي تنهن تي مون هڪ سال ڪڏهن ڪڏهن جي بيماريءَ جو ڪيڙي جدا ڪيم باقي يارهن سال صفا صحت جا صاحبزادي جي نالي لکيم. بندو اها قيرقار الله جي دفتر ۾ ڪري آيو آهي سو قبول ڪري. مير جان الله شاه سائين ٽي دفعا وري وري پنهنجي خليفي کان تصديق ڪئي ته تو دل و جان سان ائين ڪيو آهي جڏهن هن ٽي دفعا قبول ڪيو تڏهن پاڻ فرمايائون ته چگو، پوء خليفه عرض ڪيو ته قبلا بندي کي موڪل ٿي ته گهر وڃي سمهي ته صاحبزادو چگو ڀلو ٿئي ۽ اٿي ويهي. پاڻ خليفي کي موڪل ڏنائون جو گهر ويو ۽ ٻارهن مهينا ڪٽولي تي هڪ هنڌ سمهي دم ڏنائون ۽ مير علي اڪبر شاه يارهن ورهه ساندهه حال حيات هو جو ڪڏهن به مٿي ۾ سور به نه پين"(43)

انيس المساڪين ۾ آيل بيدل سائين جي والد بزرگوار فقير محمد محسن جو سيد علي اڪبر شاه رضوي کي پنهنجي حياتي ارپڻ وارو قصو گدومل هرجاڻي پڻ پنهنجي تاليف ديوان بيدل ۾ جئن جو تيئن ڏنو آهي. اضافي طور گدومل هرجاڻي مٿين واقعي جي روشنيءَ ۾ فقير خليفه محمد محسن جي وفات جو سن 1259هجري ڄاڻايو آهي.(44) جڏهن ته بولچند راجپال ۽ مرحوم عبدالحسين شاه موسوي مذڪوره واقعو ۽ فقير محمد محسن جي وفات جو سن پنهنجن تاليفات ۾ شامل نه ڪيو آهي. مرحوم سبحان بخش قريشيءَ جي تاليف "پنج گنج" ۾ اهو واقعو ساڳي طرح ملي ٿو. مرحوم سبحان بخش قريشي اهو به لکيو آهي ته "جڏهن خليفو محمد محسن صاحب 1259هـ ۾ وصال ڪري ويو ته صوفي جان علي شاهه (اصل ۾ سيد جان الله شاه ثاني) پنهنجي درگاهه ۾ خليفي صاحب کي اهڙي هنڌ رکايو جو هن وقت صوفي جان علي شاهه جي بلڪل قدمن ۾ موجود آهي."(45)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

مٿي بيان کيل واقعي مان هڪ اهم سوال ايري ٿو. اسان ڏسنداسون ته ”سيد علي اڪبر شاهه اول سن 1270هـ ۾ وفات ڪري ويو. جيڪڏهن ڪيس صحت جا ملندڙ يارهن سال گهٽائجن ٿا ته پوءِ اهو سن 1259هـ جو ئي بيهي ٿو هاڻي ڏسنداسون ته سيد جان الله ثاني جي وفات جو سن آهي 1255هـ يعني انهيءَ واقعي کان مير جان الله شاه پورا چار سال اڳ وفات ڪري چڪو هو، هينئر سوال اهو ٿو پيدا ٿي ته پوءِ اهو واقعو جان الله شاه ثاني جي ڏينهن ۾ ڪيئن ٿيو؟

بيدل سائينءَ جي والد بزرگوار فقير محمد محسن جي مزار درگاهه مير جان الله شاه رضوي روهڙي ۾ سيد مير جان الله شاه ثاني جي بلڪل پيراندي‌ءَ کان آهي جنهن سان گڏ هڪ هي مزار آهي جيڪا بقول مرحوم سبحان بخش قريشيءَ جي فقير قادر بخش بيدل جي والد فقير محمد محسن جي سؤٽ فقير بيگ محمد جي آهي جنهن لاءِ لکي ٿو ته ”سن 1272هـ ۾ پاڻ (فقير بيگ محمد) انتقال ڪري ويو سندس مزار به سيد صوفي جان الله شاه جي درگاهه تي خليفي محمد محسن صاحب جي لڳ آهي.“(46) ياد رهي ته اسان شروع ۾ شجري واري باب ۾ سن 1262هـ جي هڪ اهم دستاويز جو ذڪر ڪري چُڪا آهيون جنهن ۾ بيگ محمد اول بيدل سائينءَ جو ڏاڏو ۽ بيگ محمد ثاني، بيدل سائينءَ جي والد بزرگوار جو سؤٽ نه بلڪ ڀائٽيو ۽ نياڻو ثابت ٿيو آهي.

بيدل سائينءَ جي ولادت ۽ نالو

فقير قادر بخش بيدل، سيد عبدالوهاب شاه جيلاني پاڳناڙي واري جي دُعا سان فقير محمد مُحسن جي گهر ڄايو. ”انيس المساڪين عرف راحت الساڪين“ ۾ آيل آهي ته ”فقير محمد محسن وڏو ويٽل روهڙيءَ جو سندن مريدن مون هو انهيءَ شاه صاحب عبدالوهاب سائين کي عرض ڪيو ته مونکي پُٽ نه ٿو بچي سو دعا ڪريو ته پٽ ٿئي. پاڻ فرمايائون ته اوهان کي پٽ ٿيندو جو صاحب شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت جو ٿيندو مگر هڪ پير البت ضعيف هوندس. شاه صاحب جي امر موجب سائين محمد محسن کي فقير قادر بخش (جنهن جو تخلص بيدل آهي) پٽ ڄايو“(47) گدومل هرجاڻي، وري هن طرح لکيو آهي ته ”هڪ ڏينهن فقير محمد محسن پنهنجي مرشد کي عرض ڪيو ته قبلا بندي کي ڪو فرزند دلبند ڪونه آهي سو دعا ٿي، پاڻ فرمايائون ”انشاءالله اوهان کي اهڙو فرزند ڇمندو جو شريعت، طريقت،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

معرفت ۽ حقيقت جو صاحب ٿيندو." گدومل هرجاڻي اڳتي لکي ٿو تہ "ٿورن گھٽن ڏينهن کان پوءِ فقير محمد محسن جي گھر هڪ ڇوڪرو ڄايو. اتي هڪ شخص اچي خبر ڪئي تہ فقير صاحب مبارڪ هجيو فرزند ڄائو اٿو پر هڪ پير مڙيل اٿس. اهي لفظ ٻڌڻ شرط مير صاحب (مير جان الله شاه ثاني) زبان مبارڪ مان فرمايو تہ ابا منڊو نہ ڇڏ اهو روهڙي شهر جو جهنڊو ٿيندو."(48) مرحوم عبدالحسين شاه موسوي ۽ "ديوان بيدل" ۾ فقير قادر بخش بيدل جي ولادت جو مٿيون احوال جيئن جو تيئن لکيو آهي.(49)

اڳين سمورن سوانح نگارن جهڙوڪ نارائڻ دي گرناٽي، حسام الدين راشدي، پيرومل آڏواڻي، گدومل هرجاڻي، بولچند راجپال ۽ مرحوم عبدالحسين شاه موسوي فقير قادر بخش بيدل جي ولادت جو سن 1814ع مطابق 1230هجري لکيو آهي.(50) جڏهن تہ فقير صاحب بيدل جي فرزند فقير محمد محسن بيڪس هڪ هنڌ سندن ولادت جو سن فارسي شعر ۾ 1231ھ ڪڍيو آهي. اهو هتي ڏجي ٿو.

تاريخ تولد شد جناب حضرت پير مغان قدس سره

رغيب آمده روضته العارفين
بگفتم: گلي راحت العاشقين
1231ھ(51)

ان لحاظ کان بيدل سائينءَ جي ولادت جو سن 1231هجري مطابق 1815ع بيهي ٿو. ولادت وقت فقير صاحب جو نالو "عبدالقادر" رکيو ويو پر اڳتي هلي پاڻ "قادر بخش" جي نالي سان اهڙو معروف ۽ مشهور ٿيا جو گويا هينئر "عبدالقادر" جي نالي سان کو گهٽ سڃاڻيندو. اهوئي سبب آهي جو فقير صاحب بيدل پاڻ ۾ عمر جي آخري ڏينهن تائين پاڻ کي ٻنهي نالن سان لکندو ۽ سڏائيندو آيو. هتي اسين ان تي تفصيلي روشني وجهون ٿا.

فقير قادر بخش بيدل جي نالي متعلق شروعاتي ماخذن تي نظر وجهون ٿا تہ ان متعلق نارائن دي گرناٽي، پير حسام الدين راشدي، پيرو مل آڏواڻي، ۽ بولچند راجپال هڪڙي ئي ڳالهہ لکي آهي تہ "سندس نالو "عبدالقادر" هو پر عام ريت کيس قادر بخش ڪري سڏيندا هئا" گدومل هرجاڻيءَ وٽ وري فقير قادر بخش بيدل جي نالي متعلق هڪ نئين روايت جنم ورتو، هو صاحب لکي ٿو تہ "سندس نالو ڇمڙ وڏت عبدالقادر رکيو ويو. فقير عبدالقادر جڏهن بلوغت کي رسيا تڏهن پنهنجو نالو فقير قادر بخش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سان مشهور ڪرائڻ لڳا ڇاڪاڻ تہ سندن نالو غوث الثقلين قطب الدارين مولانا محبوب سبحاني عبدالقادر جيلاني جي اسم مُبارڪ جھڙو ھو."(52)

مرحوم عبدالحسين شاھ موسوي پڻ گڏوملِ ھرجاڻي واري انھيءَ روايت کي اڳتي وڌايو، ھو صاحب لکي ٿو تہ بروقت سندس نالو "عبدالقادر" رکيو ويو پر پوءِ پيران پير دستگير جي ادب وچان ڪيس قادر بخش سڏيو ويو. ساڳي وقت مرحوم موسوي صاحب اھو پڻ لکيو تہ "فقير پاڻ کي ٻنھي نالن سان سڏائيندو آيو."(53)

اسين جڏھن فقير قادر بخش بيدل جي تصانيف ۽ ڪلام جو مطالعو ڪريون ٿا تہ ان مان اھا پڪ ٿيو وڃي تہ فقير قادر بخش بيدل آخر تائين پاڻ کي ٻنھي نالن سان لکندو ۽ سڏائيندو آيو آھي. يا ائين ڪٽي چئجي تہ سندس ولادت جو نالو "عبدالقادر" ھو ۽ عرفيت "قادر بخش". اسين جڏھن اھو چئون ٿا تہ فقير صاحب آخر تائين پاڻ کي ٻنھي نالن سان سڏائيندو آيو. تہ ان لاءِ دستاويزي ثبوت بہ پيش ڪرڻ گھرجي. اسان شروع شروع ۾ بيدل سائينءَ جي دور جي ھڪ اھم تاريخي ۽ قانوني دستاويز جو ذڪر ڪيو آھي جيڪو سن 1262ھجريءَ جو تحرير ٿيل آھي. اھو دستاويز سندن خانداني موروثي پلاٽ جي وڪري بابت آھي جيڪو قاضي محمد افضل جي ڪورٽ ۾ پيش ٿيو. اسان ڏسنداسون تہ ان اھم موقعي تي بہ فقير صاحب جن پنھنجو نالو "قادر بخش" لکرايو آھي نہ ڪي "عبدالقادر". انھيءَ مان اھا خبر پوي ٿي تہ ان وقت فقير صاحب عام طور تي "قادر بخش" جي نالي سان ئي مشھور ھو ۽ سندس سڃاڻپ قانوني طور تي "قادر بخش" جي نالي طور ئي قبول ڪئي وئي. انھيءَ واقعي کان ٿي سال پوءِ سن 1265ھجريءَ ۾ بيدل سائين پنھنجي ھڪ فارسي قطعي ۾ وري پنھنجو تعارف "عبدالقادر" نالي کرايو آھي. جيڪو ھن طرح آھي:

فقير عبدالقادر کہ صوفي وحنفي است
فگند طرح سکونت بہ قصبہ لوھري
يک ھزار دو صد شصت و پنج کرد رقم
سطور چند، بہ ترتيب نغز نظم دري.(54)

انھيءَ قطعي رقم ڪرڻ کان ڇھ سال بعد سن 1271ھجريءَ ۾ بيدل سائينءَ پنھنجي ھڪ ٻي تحرير ۾ جنھن ۾ وري پاڻ "الراقم فقير قادر بخش" لکيو آھي. انھيءَ تحرير جو عڪس موسوي صاحب مرحوم ديوان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بيدل جي صفحي 3 تي ڏنو آهي.(55) هي طرف وري سندس هڪ ڪافيءَ ۾ "عبدالقادر" نالو استعمال ٿيل آهي.

عشق ازلي جن کي آهي ڪاڻ ڪُنبن جي تن کي ناهي
عبدالقادر ڄاڻ ناهي ڪنهن جي سُرڪ سلڻ جي.(56)

هتي اسين پڙهندڙن جي سهوليت لاءِ بيدل سائين جي نالي متعلق اهم سوانحي ماخذن ۽ دستاويزن جو چارٽ پيش ڪري رهيا آهيون.

بيدل سائينءَ جو نالو عبدالقادر يا قادر بخش
اهم سوانحي ماخذن جو سرسري جائزو

نمبر	ماخذ	قلمي/ چاپي	ڪاتب/مصنف	سن ڪتابت اشاعت	نالي متعلق عبارت
01	اهم تاريخي دستاويز، مقالو "درين جو جهنبو" از مولانا عبدالوهاب چاچڙ مطبوعا بيدل – 4	قلمي	دستاويز لکائيندڙ بيدل سائين خود	1262هـ	فقير قادر بخش
02	عڪس تحرير بيدل سائين مطبوعا ديوان بيدل مولف عبدالحسين شاه صفحو – 3	قلمي	بيدل سائين خود	1271هـ	الراقم: فقير قادر بخش مُهر خادم العلماء فقير قادر بخش
03	ساڳيو	قلمي	بيدل سائين خود	1261هـ	فقير عبدالقادر
04	انيس المساڪين عرف راحت السالڪين	قلمي	قاضي غلام مهدي بن قاضي پير محمد	نقل 1917ع	فقير ميان قادر بخش
05	تاريخ شعراء سنڌ	قلمي/ چاپي	فقير هدايت علي نجفي تارڪ	1930ع/ 1945ع	قادر بخش فقير
06	مضمون عشق جو اوتار حضرت بيدل پوتار	چاپي	پيرحسام الدين راشدي	1932ع	سائين وڏي جو نالو عبدالقادر هو ڪيس قادربخش به سڏيندا هئا
07	مضمون: بيدل فقير	چاپي	پيرومل آڏواڻي	1937ع	سندس اصل نالو عبدالقادر هو مگر عام طرح قادر بخش ڪوئيندا هئس
08	ديوان بيدل	چاپي	گدومل هرجاڻي	1940ع	سندس نالو عبدالقادر رکيو ويو. جڏهن بلوغت کي رسيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

					پنهنجو نالو قادر بخش سان مڙهور ڪرائڻ لڳا چاڪاڻ ته سندس نالو محبوب سبحاني عبدالقادر جيلاني جي اسم مبارڪ جهڙو هو.
09	بيدل جو سنڌي ڪلام	چاپي	بولچند راجپال	1950ع	سندس نالو ميان عبدالقادر هو مگر عام ريت قادر بخش ڪري سڏيندا هئس
10	تذڪره لطفي	چاپي	لطف الله بدوي	1952ع	جمڙ وقت سندس نالو عبدالقادر رکيو ويو. وڏو ٿيو ته عبدالقادر جي بجاءِ قادر بخش چوڻ عبدالقادر پيران پير جو اسم گرامي هو
11	تذڪره مشاهير سنڌ	چاپي 1974ع	مولانا دين محمد وفائي	قلمي 1950ع	قادر بخش
12	ديوان بيدل	چاپي	عبدالحسين شاهه موسوي	1954ع	سندس نالو عبدالقادر رکيو ويو پر پوءِ پيران پير دستگير جي ادب وچان ڪيس قادر بخش سڏيو ويو فقير پاڻ کي پڇاڙيءَ تائين هنهي نالن سان سڏائيندو آيو
13	پنج گنج	چاپي	سبحان بخش قريشي	1976ع	محمد محسن نينگر جو نالو عبدالقادر رکيو پر جڏهن پاڻ وڏا ٿيا ته محبوب سبحاني جي اسم گرامي سبب قادر بخش به سڏائڻ لڳا
14	مثنوي دلڪشا	چاپي	ڊي ڪي منشار اماڻي	1996ع	فقير قادر بخش عرف عبدالقادر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

مٿي پيش ڪيل چارٽ ۾ دستاويزي ثبوتن مان اها خبر پوي ٿي ته بيدل سائينءَ جا آخر تائين ٻئي نالا استعمال ٿيندا رهيا آهن ۽ فقير صاحب جن پاڻ به مختلف هنڌن تي ٻئي نالا لکندو رهيو آهي البت سندن قادر بخش نالو وڌيڪ معروف ۽ عام سڃاڻپ طور آيل آهي. باقي ٻ ندس ڇڻيءَ وارو نالو "عبدالقادر" "قادر بخش" طور ڪيئن مشهور ٿيو ان بنسبت اسان جي محترم دوست ۽ نامياري شاعر ۽ اديب علي اظهر موساڻي هڪ ٻيو به امڪان ظاهر ڪيو آهي جيڪو پڻ توجهه طلب آهي،علي اظهر موساڻي لکي ٿو ته:

"بيدل فقير جي ولادت سن 1815ع کان تقريبا پوٽا ٻه سؤ سال اڳ سن 1644ع ڌاري هندستان جي شهر پٽنه لڳ هڪ صوفي درويش ۽ فارسي زبان جي عظيم شاعر جي ولادت جو ذڪر ملي ٿو جيڪو اڳتي هلي "مرزا عبدالقادر بيدل" جي نالي سان مشهور ٿيو." موساڻي صاحب اڳتي لکيو آهي ته اسان جي فقير قادر بخش بيدل جي مرزا عبدالقادر بيدل سان روشناس ٿيڻ جو واقعيو تاريخ ۾ ملي ٿو، پوءِ جڏهن بيدل فقير پنهنجو ڪلام محبتي فقيرن کي ٻڌايو ته انهن مان ڪنهن ڪيس چيو ته هي ڪلام ته پنجاب واري بيدل جا ٿا لڳن جنهن کي بيدل فقير وجد ۾ اچي ويو ۽ وڌيڪ ٽي عدد غزل في البديع چيائين. مٿين پس منظر جي حوالي سان جڏهن فقير قادر بخش بيدل جي عالمانه شخصيت ڏي نظر وجهبي ته اهو امڪان بلڪل واضح ۽ ڇنو نظر اچي ٿو ته بيدل فقير "مرزا بيدل" جي شخصيت ڪلام ۽ فڪر ڪان مڪمل طور تي باخبر هو ۽ فڪر، شاعري ۽ اتفاقي طور تي نالن جي هڪجهڙائي سبب پنهنجو نالو قادر بخش اختيار ڪيائين ۽ شايد اهوئي سبب هو جو فقير قادر بخش بيدل پنهنجي هڪ فارسي ديوان "سلوڪ الطالبين" ۾ پنهنجو تخلص "طالب" ڪتب آندو آهي ۾ پوءِ ڪنهن سبب "بيدل" جي تخلص کي وڌيڪ پسند ڪندي پنهنجو نانو عبدالقادر مان قادر بخش تبديل ڪيائين ۽ هميشه لاءِ پنهنجي سڃاڻپ فقير قادر بخش بيدل قائم رکيائين."(57) علي اظهر موساڻي جنهن امڪاني ڳالهه جو بيان ڪيو آهي ان کي ان روايت مان به هٿي ملي ٿي جيڪا گدومل هرجاڻي ۽ مولانا دين محمد وفائي به لکي آهي. هرجاڻي صاحب به ديوان بيدل ۾ لکيو آهي ته "والد صاحب (بيدل جي) فرمائين ته سياڻي استاد وٽ پڙهڻ وينجو ٻئي ڏينهن به غزل لکي استاد وٽ کين ڏيکاريائون استاد بيدل تخلص ڏسي فرمايو ته هتان چار سؤ ڪوهه پري اتر طرف پنجاب ملڪ آهي جتي هڪ بيدل نالي شاعر ٿي گذريو آهي جنهن جا هي به ڪلام آهن. استاد جو ايترو ٻڌي کين اهڙو ڪو خيال پيو جو اتي جو اتي غزل عربي فارسي ۽ اردو چيائون."(58) مولانا دين محمد وفائي به اها ڳالهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

لکي آهي تہ .طالب علمي واري زماني ۾ هن (بيدل سائين) هڪ خواب ڏٺو جنهن ۾ سيوهڻ قلندر عثمان مروندي جي درگاهہ تي حاضر ٿيڻ جو اشارو ٿيو. هي صاحب ٿن تنها سيوهڻ روانو ٿي ويو. سيوهڻ کان موٽڻ بعد هن شعر چوڻ شروع ڪيو. سڀ کان پهريون هڪ فارسي غزل چيائين:

زاهدا از مسجد يکبار بہ ميخانہ در آ
عهد و پيمانہ شکن طالب پيمانہ در آ

چون ٿا تہ اهو غزل جڏهن پنهنجي استاد صاحب کي ڏيکاريائين تہ هن صاحب کي اعتبار ئي نہ ٿي آيو. چيائينس تہ اهو غزل شايد مرزا عبدالقادر بيدل دهلويءَ جو آهي جنهن تي فقير قادر بخش بيدل عرض ڪيو تہ مون تي ذات ٿي آ اجهو اوهان جي سامهون غزل لکان ٿو. جنهن کان پوءِ ارتجاليہ انهيءَ مجلس ۾ بہ فارسي غزل لکي استاد جي خدمت ۾ پيش ڪيائين جنهن کيس آفرين ڪئي آهي".(59) بهرحال چا بہ هُجي اهو هڪ مڃيل اصول آهي تہ علمي ۽ ادبي حوالي سان اهوئي نالو لکيو ويندو آهي جيڪو ان شخصيت جي ادبي سجاڻپ ڏيکاري ۽ هن کي سندس هم نام ٻين عالمن ۽ شاعرن کان الڳ تلڳ ڪري بيهاري ان ڪري اسان جي ڪن دوستن جو اهو خيال غلط آهي جيڪي چون ٿا تہ جيئن جو بيدل سائين جي چئيءَ جو نالو عبدالقادر هو تنهن ڪري کيس صرف ۽ صرف "عبدالقادر بيدل" لکيو وڃي ڇاڪاڻ تہ ان سان عام پڙهندڙ لاءِ اهو مونجهارو پيدا ٿيندو تہ اهو "عبدالقادر بيدل" سنڌ وارو آهي يا "مرزا عبدالقادر بيدل دهلوي" وارو ٻي پاسي وري سنڌ ۾ بہ بيدل سائينءَ کان پوءِ لاڙڪاڻي جو هڪ شاعر "عبدالقادر بيدل" جي نالي سان ٿي گذريو آهي. ان ڪري ضروري آهي تہ اسين بيدل سائينءَ کي "فقير قادر بخش بيدل" لکون يا وري، "فقير عبدالقادر عرف قادر بخش بيدل".

تعليم ۽ علمي مقام

فقير قادر بخش بيدل نہ صرف سنڌ جو باڪمال صوفي شاعر ۽ مفڪر هيو بلڪ پاڻ اعليٰ تعليم يافتہ ۽ برڪ عالمُ پڻ هيو اهوئي سبب آهي جو سندس علمي ۽ عرفاني مقام جو هر محقق ۽ عالم اعتراف ڪيو آهي. ان حوالي سان فقير قادر بخش بيدل جي شخصيت سنڌ جي تاريخ ۾ ٻين سمورن صوفي شاعرن ۽ مفڪرن کان بنهہ نرالي آهي. فقير قادر بخش بيدل جو جنم ئي هڪ علمي ۽ فقيري گهراڻي ۾ ٿيو سو بہ وقت جي وڏن عالمن ۽ درويشن جي دُعا سان جن بيدل سائينءَ متعلق اڳ ئي اهڙيون پيشنگويون ڪيون هُيون. مثال طور بيدل سائينءَ جي ولادت کان اڳ جڏهن سندن والد بزرگوار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

فقير محمد مُحسن پنهنجي مرشد ۽ وقت جي برک عالم ۽ بزرگ سيد عبدالوهاب شاهه جيلاني پاڳناڑي واري کان فرزند ارجمند لاءِ دُعا گهرائي ته شاه شاهان سائين عبدالوهاب شاهه اهو فرمايو ته "اوهان کي فرزند ارجمند ٿيندو جو صاحب شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت ٿيندو. ٻي پاسي جنهن ڏينهن بيدل سائينءَ جو جنم ٿيو سيد مير جان الله شاه رضوي ڏني فرمايو ته "اهو وهڙيءَ جو جهنبو نيندو". فقير قادر بخش بيدل جي وڏڏت هڪ درويش ۽ قادري طريقي جي دست بيعت صوفي جي گهر ۾ ٿي اهڙي طرح هن هڪ علمي، فقيري ۽ صوفيانه ماحول ۾ اکيون کوليون. بيدل سائينءَ جي والد بزرگوار وٽ وقت جي اهه صوفي فقيرن ۽ درويشن جو اچڻ وڃڻ رهندو هو جن جي علمي ۽ عرفاني ڪچهرين بدل سائينءَ جي شروعاتي تربيت ڪئي، پوءِ جڏهن بيدل سائين وڏو ٿيو ته سندس پائي جو ڪوبه عالمُ نه هو. اڄ به فقير قادر بخش بيدل جون تصنيفون سندس علمي مقام جون دليل ۽ سَنَدون آهن. ظاهري علمُ ڪنهن اُستاد يا مڪتب مان ئي حاصل ٿيندو آهي. بيدل سائين جي دور ۾ سکر ۽ روهڙي جو شهر وڏو علمي مرڪز هُيو جتي برک عالمن جا مدرسا ۽ مڪتب موجود هئا بيدل سائين ڪهڙن عالمن ۽ استادن وٽ ۽ ڪهڙن مدرسن ۾ پڙهيو ۽ بنيادي توڙي اعليٰ تعليم حاصل ڪئي ان جو احوال ملي نه سگهيو آهي. سواءِ هڪ ڳالهه جي جيڪا مولانا عبدالرحمٰن سکر واري جي حوالي سان ڪئي وئي آهي جنهن جي تفصيلي جائزو اڳتي وٺنداسون. فقير قادر بخش بيدل پاڻ به پنهنجي ڪنهن تصنيف ۾ نه ڪنهن اُستاد جو ذڪر ڪيو آهي ۽ نه ئي ڪو اشارو ئي ڏنو آهي. فقير قادر بخش بيدل جي ظاهري علم حاصل ڪرڻ ۽ سندس تعليم تربيت متعلق سندس سوانح عمري جي مختلف ماخذن ۾ جيڪو احوال ڏنو ويو آهي اهو هتي پيش ڪجي ٿو. نارائن ڏي ڳرناٽي جنهن بيدل سائينءَ کي متعارف ڪرائن جي پهرين اشاعتي ڪوشش ڪئي، بيدل سائين متعلق لکيو آهي ته "ننڍي وهيءَ ۾ استاد وٽان خير کي سکيو پر عربي، پارسي ۽ اردو ۾ جيڪي ڪتاب لکيا اٿس ۽ سنڌيءَ ۾ جي ڪافيون چيون اٿس تن مان ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌيءَ ۾ شاهه جو شعر ۽ پارسيءَ ۾ مثنوي ۽ ٻيو ڪيترو شعر ۽ قرآن شريف سارو پڙهيو هئائين، پر انهيءَ واسطي گهٽ چون ٿا ته جڏهن ٻارهن ورهين جو هو تڏهن سيوهڻ واري لعل شهباز فقير جي زيارت ڪرڻ ويو جتان اها سيڻ ڏات مليس."(60)

فقير هدايت علي نجفي تارک ڇاڻايو آهي ته "فقير قادر بخش عِلمَ جي تحصيل روهڙي ۽ سکر جي عالمن جي خدمت ۾ ڪئي. مولوي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

عبدالرحمٰن صاحب سکر واري جنھن کي انگريزن کان هندن کي مسلمان ڪرڻ جي سَنَدَ مليل هُئي سندس استاد هو.“(61) پير حسام الدين راشدي لکي ٿو ته ”سائين وڏو (بيدل) جهڙو هو عشق جو اوتار اهڙو ئي وري ظاهري علم جو هو پوتار. عربي، فارسي، اردو ۽ سرائيڪي زبانون ته چڙ مادري هوليون هيس. جڏهن انهن زبانن ۾ ڪلام چوڻ ۾ هندو هو ته بس درياهه يلغائي ۽ واهڙ وهائي ڇڏيندو هو.“(62) فقير قادر بخش بيدل جي شروعاتي تعليم جي حوالي سان هڪ اهم حوالو گدومل هرجاڻي جي تاليف ”ديوان بيدل“ ۾ ملي ٿو جنهن ۾ گدومل هرجاڻي لکيو آهي ته مرحوم قاضي غلام مهدي جو چوڻ آهي ته هي احوال پڻ فقير صاحبن فرمايو هو جو عرض پيش رکان ٿو.“ فرمايائون ته اسان جي والد صاحب اسان کي پنجن ورهين جي ٻمار ۾ استاد وٽ پڙهڻ لاءِ وهاريو مگر ٻارهن ورهين جي عمر تائين اسان کي هڪ ”الف“ کان سواءِ ٻيو ڪو اکر ياد نه هو. اسان جي استاد کي پوري پڪ هئي ته غبي طبع ڪري اسان جو پڙهڻ مشڪل ۽ محال آهي. تنهن هوندي به والد صاحب جي چئي موجب روز استاد وٽ ويندا هئاسين.“(63) ان مان خبر پوي ٿي ته بيدل سائين ٻارهن سالن جي عُمر تائين مڪتب ۾ استاد وٽ ويندو رهيو البت سندس دل جيئن ته باطني فيض سبب ننڍي هوندي کان ئي ”عشق“ سان ٽمٽار ٿي چڪي هئي ان ڪري ظاهري علم ڏانهن سندس لاڙو ڪو گهٽو دلچسپيءَ وارو نه رهيو. بولچند راجپال به لکيو آهي ته اڃان پنجن ورهين جو مس ٿيو ته سندس والد کيس ملان وٽ مڪتب ۾ ويهاريو. ننڍي هوندي کان ئي دنيوي علم سان چاهه گهٽ هوس ڪيترن موقعين تي هو مڪتب مان اُٿي وڃي وڻ جي هيٺان پور پڃائيندو ڏسبر هو. سندس دل مڪتب ۾ وڃڻ تي ڪاوڙ هُئي پر پيءُ کي ناراض نه ڪندو هو. ٻارهن ورهين جي عُمر تائين مڪتب ۾ تعليم پرايائين.“(64) پوءِ اڳتي هلي ائين ئي ٿيو. بيدل سائينءَ تي علم و تدريس دوران ئي باطني اسرار ۽ راز سبب اهڙو ديوانگيءَ جو دور آيو جو مدرسي ۽ مڪتب کي ڇڏي ڪجهه عرصو سير سياحت ۾ رهيا، جنهن جو تفصيلي ذڪر اسان اڳتي ڪنداسون ان دوران ئي بيدل سائينءَ عربي، فارسي، اردو ۾ رندي ۽ صوفيانه شعر چوڻ لڳا ۽ جڏهن واپس آيا ته پنهنجي استاد کي اڇي اهي عربي فارسي اشعار ڏيکاريائون، گدومل هرجاڻي لکيو آهي ته ”انهن غزلن جي چوڻ ڪري سندن استاد کي پڪ ٿي ته ظاهري علم جي ڪين غرض نه آهي چوته فقير صاحبن کي باطني علم عطا ٿيل آهي. ٻئي ڏينهن تي فقير صاحبن جي والد صاحب کي گهرائي استاد فرمايو ته ”اي فقير محمد محسن اوهان جو نينگر اسان جي پڙهائڻ کان زور آهي چوته هنن تي خدائي علم نازل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ٿيو آهي."(65) مرحوم عبدالحسين شاه موسوي بہ قاضي غلام مهدي ولد قاضي پير محمد کان روايت نقل ڪئي آهي تہ "فقير صاحب (بيدل) کي ننڍي هوندي جڏهن دنيوي مڪتب ۾ تعليم لاءِ ويهاريو ويو تڏهن "الف" کان مٿي اصل نہ پڙهيو ۽ سندس اُستاد جو ان زماني جي ماهرن مان هيو سو بلڪل مايوس ٿي پيو" موسوي صاحب وڌيڪ اهو لکيو آهي تہ "حقيقت ڪيئن بہ هُجي پر فقير صاحب جون تصنيفون ان ڳالهہ جون دليل آهن تہ ڪيس نہ فقط پارسيءَ، عربيءَ پر قرآن، حديث، فقہ ۽ تصوف وغيره تي ڪافيءَ کان زياده عبور حاصل هو" از انسواءِ قاضي غلام مهدي هڪ ڏينهن دوران گفتگو ۾ فقير صاحب جي حافظي جي تعريف ڪندي فرمايو تہ هڪ دفعي عربي صرف جو ڪتاب هيٺ مٿي ٿي ويو سو سڄو فقير صاحب ويهي حافظي مان لکيو."(66)

تذڪره لطفي ۾ مرحوم لطف الله بدوي تہ بيدل سائينءَ لاءِ ايترو لکيو آهي تہ فقير صاحب 12 ورهين جي عمر ۾ فارغ التحصيل ٿي نڪتو. بدوي صاحب وڌيڪ لکي ٿو تہ حديث، قرآن، علم ڪلام، فلسفہ، ادب، دينيات ۽ تصوف جي نڪتن جو ماهر پنهنجي شاگردیءَ جو زمانو غبي ٿي رهيو هي ڪڏهن بہ اعتبار جي لائق ڳالهہ ٿي نہ ٿي سگهي، منهنجو قياس تہ ائين چوي ٿو تہ فقير صاحب انهن شاگردن مان هڪ هو جن کي قدرت غير معمولي دماغ عطا ڪري دنيا ۾ آڻي ٿي."(67) مولانا دين محمد وفائي ڳالهہ وڃي اتي ڳنائي تہ "مولوي قادر بخش بيدل لاءِ سندس سوانح نگارن جو خيال آهي تہ هو استاد وٽ ٽورو پڙهيو. مگر حقيقت ان جي برخلاف آهي. هو باقاعده استادن وٽ عربي علوم پڙهي ۽ عالم ٿيل هُيو، مولانا مرحوم عبدالرحمان سکر واري وٽ بہ ڪي پويان انتها جي درجي وارا ڪتاب پڙهيو هو."(68)

دور حاضر جي برڪ عالمَ ۽ مفسر علامہ عبدالوهاب چاچڙ صاحب فقير قادر بخش بيدل کي وڏو عالمَ، بلندترين عارف ڪامل سڏيندي هڪ هنڌ لکيو آهي تہ سائين قادر بخش بيدل هفت زبان شاعر ۽ فنا في الله جي اعليٰ مقام جا واصل ۽ صاحب دل بزرگ آهن. هن عالمَ ۽ عارف جي ڪتابن جي اونهائيءَ مان صاف ظاهر آهي تہ سندس نثر توڙي نظم جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ تہ وڏي ڳالهہ پر سندن تصنيفات جي خطبن جو فهم بہ سڀ ڪنهن جي نصيب ۾ نہ آهي." مولانا عبدالوهاب چاچڙ هڪ ٻي هنڌ لکيو آهي تہ هيءَ خبر تمام گهٽ ماڻهن کي آهي تہ بيدل سائين وڏو عالم ۽ درس نظاميءَ جو باڪمال فاضل هو. ديني مدرسي جو نصاب ترتيب سان پورو ڪيو هئائون ۽ پاڻ فارغ التحصيل عالمِ هُئا. مولانا چاچڙ صاحب اڳتي لکي ٿو تہ بيدل سائين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

علمي مرتبي جي ڪري وقت جي قاضين قاضي محمد افضل (وڏن قاضين مان) ۽ محتسب عبدالخالق (نندن قاضين مان) ان کي عالمن وارا لقب ڏنا آهن. مولانا چاچڙ صاحب بيدل سائينءَ جي ڪلام ۾ به ذڪر ڪيل ڪجھ درسي ڪتابن جو حوالو ڏيندي چيو آهي ته پاڻ (بيدل سائين) درس نظامي جي نصاب تي عبور رکندڙ چوٽيءَ جا عالمَ هئا"(69)

مٿي بيان ڪيل فقير قادر بخش بيدل جي علمي مقام تي نظر پوي ٿي ته اهو ثابت ٿئي ٿو ته پاڻ پنهنجي وقت جا فارغ التحصيل ۽ جيد عالم هئا ۽ جتي کين باطني فيض مليو اُتي فقير صاحب ظاهري عِلمَ به باقاعده حاصل ڪيو. البت اهو احوال ڪنهن به سوانح نگار ۽ محقق ڪونہ ڏنو آهي ته بيدل سائين ڪهڙن عالمن ۽ ڪهڙن مدرسن ۽ مڪتبن ۾ شروعاتي تعليم ۽ ظاهري علم حاصل ڪيو. مولانا عبدالوهاب چاچڙ صاحب کي به اهو لکڻو پيو آهي ته فقير قادر بخش بيدل جي استادي سلسلي بابت تذڪره خاموش آهن بلڪ ان ڏس ۾ ڪنهن ڪم ڪيو ئي ناهي. بيدل سائينءَ جي دور ۾ روهڙي ۽ سکر وڏا علمي مرڪز هئا جتي برڪ عالمَ ۽ انهن جا مڪتب موجود هئا ضرور بيدل سائين انهن منجهان ڪنهن مدرسي يا مڪتب ۾ داخل ٿيو هوندو جيئن اسين شروع ۾ بيان ڪيو آهي ته ڪيس پنجن سالن جي عُمر ۾ مڪتب ۾ ويهاريو ويو ۽ ٻارهن سالن جي عُمر تائين علم پرائيندا رهيا ۽ بقول لطف الله بدويءَ جي "فقير صاحب ٻارهن ورهين جي عُمر ۾ فارغ التحصيل ٿي نڪتو."

هتي اسين فقير قادر بخش بيدل جي دور ۾ روهڙي ۽ سکر ۾ موجود ڪجھ علمي مڪتبن ۽ عالمن جو ذڪر ڪري رهيا آهيون جيڪي اسان کي معلوم ٿي سگهيا آهن.

مولانا عبدالحليم ڪنبوي عرف پير پکي وارو

مولانا عبدالحليم ڪنبوي کي "استاد العلماء" جو درجو حاصل آهي. "سندن وڏا سمہ سنڌ جا ڪرل ذات جا هُئا، جڏهن ته پاڻ پاڪناڙي بلوچستان جي علائقي "ڪُنبي" ڳوٺ ۾ پيدا ٿيا. مولانا عبدالحليم سمورا ڪتاب هالاڻ ۾ مولانا سيد عاقل شاهہ وٽ پڙهي فارغ ٿيو ۽ اتان استاد کان موڪلائي ڪنبيءَ ۾ پهچي مدرسي جو بنياد وڌائين. مولانا ڪنبويءَ جي پهرين شاگردن مان ميان خليفہ محمد يعقوب همايوني جو نالو قابل ذڪر آهي ٻيو ممتاز شاگرد مولانا نور محمد شهدادڪوٽي آهن. هنن ٻنهي عالمن کان سڄي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سنڌ فيض پرايو ان لحاظ کان مولانا عبدالحليم ڪنبوي سڃي سنڌ جا استاد ليکيا وڃن ٿا.(70) مولانا عبدالحليم ساري عمر مجرد رهيا، مولانا عبدالحليم ڪنبوي سن 1254ھ ۾ روهڙيءَ ۾ وفات ڪئي. سندن آخري آرامگاھ ريلوي لائين جي مٿان ٽڪريءَ تي آهي ڪيس پير پکي جي نالي سان پڌ سڏيو وڃي ٿو. اسان ڏسون ٿا تہ سن 1254ھ ۾ جڏهن مولانا عبدالحليم ڪنبوي وفات ڪري ٿو تڏهن بيدل سائينءَ جي عُمر 23 سال آهي. اهو پڌ ٻڌايو ويو آهي تہ مولانا عبدالحليم 30 – 35 سال روهڙيءَ ۾ قاضي غلام محمد بن قاضي جان محمد ثالث جي اوطاق ۾ رهيا اتي درس ڪونہ ڏيندا هئا(71) راقم الحروف کي مولانا عبدالوهاب صاحب چاچڙ ٻڌايو تہ مولانا عبدالحليم صاحب کي روهڙيءَ جي ننڍن قاضين اچي پاڻ وٽ رهايو هو البت مولانا صاحب روهڙيءَ ۾ ڪو مدرسو وغيره ڪونہ هلايو"(72) هوڏانهن ڊاڪٽر محمد جمن تالپور لکي ٿو تہ ڳوٺ ٻير (قمبر) جو نامياروعالم ۽ مفتي محمد صاحب ٻيرائي روهڙيءَ مان مولانا عبدالحليم ڪنبوي صاحب وٽ پڙهي فارغ ٿيو. ڊاڪٽر صاحب هن طرح راقم طراز آهي تہ "مولانا محمد اجان ٻن سالن جو مس ٿيو تہ مولانا عبدالله (سندس والد) گذاري ويو ابتدائي تعليم کان پوءِ سندس مامو ڪيس استاد العلماء مولانا عبدالحليم ڪنبوي جي خدمت ۾ روهڙيءَ وٽي ويو. هن اتي نہ رڳو ظاهري علم پرايو پر باطني فيض بہ پرايائين. مولانا محمد روهڙيءَ مان فارغ ٿي پنهنجي ڳوٺ پهتو."(73) اسان ڏسون ٿا تہ بيدل سائينءَ جي محبوب قاضي پير محمد جو تعلق بہ انهن ئي ننڍن قاضين سان هو جن وٽ مولانا عبدالحليم ڪنبوي رهندو هو. هي پاسي مولانا صاحب جڏهن وفات ڪئي بيدل سائينءَ جي عمر پورا 23 سال هئي تہ پوءِ ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ بيدل سائينءَ جهڙو عِالمَ پنهنجي ئي شهر ۾ رهندڙ استاد العلماء مولانا عبدالحليم ڪنبوي سان نہ مليو. بهرحال ان متعلق سنڌ جا سمورا تذڪره نويس خاموش آهن.

علامہ آخوند فتح محمد

علامہ آخوند فتح محمد جو تعلق بہ روهڙي شهر سان هو پاڻ فقير قادر بخش بيدل جو همعصر ۽ ان وقت جو وڏو عالم ۽ فاضل هو. قريشي حامد علي خانائي لکيو آهي تہ آخوند فتح محمد بن شيخ محمد اڪرم سن 1205ھ - 1791ع ۾ ڄايو. علم طب، رياضي، ابجد، نجوم ۽ تعويذات جي علمن ۾ وڏي مهارت رکندو هو. آخوند ميان فتح محمد جو روهڙيءَ ۾ مدرسو هو پاڻ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

مدرسي ۾ ديني علمن جو درس ڏيندو هو. روهڙي شهر جا مسلمان خواه هندو ونس مروج سنڌي ۽ فارسي پڙهندا ها. سندن شاگردن جو حلقو وسيع هيو. روهڙيءَ جي هندن مان صوفي پارو شاهه آخوند صاحب وٽان فارسي علمن جو درس ورتو هيو. آخوند فتح محمد 13 محرم الحرام 1286هـ - 25 اپريل 1869ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي ۽ آخوندن جي قبرستان ۾ مدفون ٿيو"(74) مٿين احوال مان خبر پوي ٿي تہ جڏهن آخوند فتح محمد وفات ڪئي ان وقت بيدل سائين جي عمر پورا 57 سال هئي ۽ آخوند صاحب جو مدرسو بيدل سائين جي گهر ۽ پاڙي جي ويجهو هو مگر آخوند فتح محمد ۽ بيدل سائينءَ جي ملڻ جلڻ يا علمي رابطن متعلق ڪوبہ احوال ملي نہ سگهيو آهي.

مولوي محمد علي طالب

مولوي محمد علي طالب بہ فقير قادر بخش بيدل جو همعصر هيو. "هي بزرگ بکر جي آسپاس ڪنهن ڳوٺ جو رهاڪو هو. سندس والد جو نالو محمد پناهه هو. سندس تلخص "طالب" هيو. روهڙيءَ ۾ موجود (حضور اڪرمؐ جن جي) وار مبارڪ بابت پنهنجي ڪتاب "ظهور نامہ" ۾ شعر چيا اٿس. انهيءَ ڪتاب ۾ 446 بيت آهن جيڪو سن 1274هـ ۾ لکي پورو ڪيائين. اهو پتو پوي ٿو تہ روهڙيءَ جي آسپاس سندن ڳوٺ ۾ ڪو علمي مرڪز هو جتي تدريس سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جو شغل جاري رکيو ايندو هو."(75) مولوي محمد علي طالب ۽ فقير قادر بخش بيدل جي علمي ڪچهرين يا ملاقاتن جو بہ ڪو احوال ملي نہ سگهيو آهي.

مولانا عبدالرحمٰن سکروارو

هي ئي اهو بزرگ عالِمُ آهي جنهن متعلق اڪثر سوانح نگارن لکيو آهي تہ ونس فقير قادر بخش بيدل پڙهيو هيو. مولانا عبدالرحمٰن سکر وارو استاد العلماءُ مولانا عبدالحليم ڪنبوي جي شاگرد مولانا محمد يعقوب همايونيءَ جو شاگرد هو ۽ بيدل سائينءَ جي دور ۾ سندس سکر ۾ مدرسو هو. هاڻي اچو تہ انهن ماخذن جو سرسري جائزو وٺون جن ۾ اهو چيو ويو آهي تہ مولانا عبدالرحمٰن سکر وارو فقير قادر بخش بيدل جو استاد هيو.

فقير هدايت علي نجفي تارڪ ئي اهو پهريون سوانح نگار آهي جنهن لکيوتہ "مولوي عبدالرحمٰن سکر وارو فقير قادر بخش بيدل جو استاد هو"(76) گدومل هرجاڻي پنهنجي تاليف "ديوان بيدل" ۾ اهو ڪٿي بہ ڪونہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

لکيو آهي تہ ڪو مولوي عبدالرحمٰن سکر وارو بيدل سائينءَ جو استاد هو هرجاڻي صاحب صرف اهو لکي ٿو تہ "سندن حياتيءَ جي وقت ۾ مولوي صاحب ميان عبدالرحمٰن سکر وارو زبردست عالِمُ هو. تنهن هڪڙي معتبر آدميءَ هٿان نياپو موڪليو تہ فقير صاحب! اوهان جهڙو مشترع آدمي گيڙو رتا ڪپڙا ڪري ماتم ۾ شامل ٿي سا تہ وڌي ڳالهہ ڇئبي، جڏهن اهو پيغام فقير صاحب کي مليو تڏهن فرمايائون تہ ابا! پنو ۽ مس ڪٽي ونو تہ انهيءَ باري ۾ توکي لکايون ڇوتہ متان وسري وڃئي ۽ اهو وڃي مولوي صاحب جي پيش رک" گلومل هرجاڻي وڌيڪ لکي ٿو تہ پوءِ جڏهن اهو مولوي صاحب پڙهيو تہ فرمايائين تہ ابا فقير صاحب جي علم سان اسان جي علم جي جاءِ ناهي. فقير صاحب پل پيو ائين ڪري."(77) مٿي بيان ڪيل ساڳي روايت بولچند راجپال بہ پنهنجي ڪتاب "بيدل جو سنڌي ڪلام" ۾ نقل ڪئي آهي. پر هن صاحب بہ ڪٿي ائين نہ لکيو آهي تہ ڪو مولانا عبدالرحمٰن سکر وارو بيدل سائينءَ جو استاد هيو.(78)

مرحوم عبدالحسين شاهہ موسوي صاحب پڻ اها روايت نقل ڪندي لکيو آهي تہ "مولوي عبدالرحمٰن سکر وارو ان وقت جي جيد عالمن مان هو تنهن هڪ لڳا تعزيہ داري تي اعتراض ورتو جنهن تي فقير صاحب ان جي جواز ۾ ڪتابي سندون لکي موڪليون" اڳتي هلي مرحوم موسوي صاحب آخوند عبدالغفور ساڪن سکر پراڻي جي زباني هڪ روايت ڏني آهي تہ "هڪ دفعي فقير صاحب مولوي عبدالرحمٰن وٽ "شرح ملا" ويٺي پڙهيو. پڙهندي پڙهندي مٿس اهڙو اوقات اچي ڇڙهيو جو اچي روئڻ ۾ ڇنڪيو. ڪتاب جا ورق پسي پيا ۽ چوڻ لڳو تہ اسان کي عشق ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نظر نہ ٿو اچي."(79) مرحوم لطف الله بدوي وري ان ڳالهہ جو قائل آهي تہ مولوي عبدالرحمٰن سکر واري وٽ بيدل سائين مثنوي مولانا روم جو ڪجهہ حصو پڙهيو. هو صاحب تذڪره لطفيءَ ۾ لکي ٿو تہ "مولوي عبدالرحمٰن صاحب سکر جو هڪ برگزيده عالم ٿي گذريو آهي ان کان مثنوي مولانا روم جو ڪجهہ حصو پڙهيو هئائين. چون ٿا تہ فقير صاحب مثنوي جو سبق ونڊندي اهڙا نڪتا پڇي وهندو هو جنهن جي حل ڪرڻ لاءِ مولوي صاحب کي سبق اڳ ۾ چڱي ڏيڍو پوندو هو نتيجو اهو نڪتو جو محقق شاگرد، استاد کي محقق تر بڻائي ڇڏيو"(80) مولانا دين محمد وفائي مولوي عبدالرحمٰن سکر واري وٽ بيدل سائين جي پڙهڻ جو واقعو هن طرح ٻڌايو آهي. هو صاحب لکي ٿو تہ هڪ ڏينهن فقير قادر بخش (بيدل) شرح جامي جو درس ونڊي رهيو هو تہ اوچتو "عشق جو لفظ اچي ويو جنهن تي فقير قادر بخش بيدل کان اکين مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

گوڑھا اچي ڪتاب تي پيا. مولانا کي عرض ڪيائين "سائين منهنجا عشق جو لفظ ته زمين آسمان کان وڏو نظر اچي ٿو مونکي اهو بس آهي. هاڻي پڙهڻ نه ٿو پڄي سگهيم." مٿي بيان ڪيل واقعي مان اها ڳالهه پڪيءَ طرح واضح ٿئي ٿي ته مولوي عبدالرحمٰن صاحب وٽ جڏهن فقير قادر بخش بيدل جو وڃڻ ٿيو ان وقت مٽس باطني طور "عشق" جي عطا ۽ فيض مليل هو هو پاڻ هڪ عجيب مستيءَ ۽ اضطراب جي حالت ۾ هو ۽ ان موقعي تي بيدل سائينءَ جو اهڙو چوڻ ته "اسان کي اهو بس آهي هاڻي پڙهڻ نه ٿو پڄي سگهيم"(81) ثابت ڪري ٿو ته پاڻ مولوي عبدالرحمٰن صاحب وٽ وري اڳتي ڪونه پڙهيا. مرحوم سبحان بخش قريشي به ائين لکيو آهي ته فقير صاحب پنهنجي والد جي فرمان موجب سکر مولانا عبدالرحمٰن وٽ پڙهڻ ويا ته سهي پر جوش ۽ جلال ڪري اڳتي پڙهي ڪونه سگهيا".(82)

انهيءَ مان اها به خبر پوي ٿي ته فقير قادر بخش بيدل پنهنجي علم ۽ عرفان ۾ مولوي عبدالرحمٰن وٽ وڃڻ کان اڳ ئي ڪمال جي درجي تي پهچي چُڪا هئا. مولانا عبدالوهاب چاچڙ صاحب به لکيو آهي ته "بيدل سائينءَ جو جنم 1231هه ۾ ۽ مولانا عبدالرحمٰن جو جنم 1240هه جي لڳ ڀڳ آهي. بيدل سائينءَ جي وفات 1289هه ۾ ۽ مولانا عبدالرحمٰن جي وفات 1314هه ۾ آهي. انهن سنن ۾ اهو (بيدل سائينءَ جو) پڙهڻ ممڪن ته آهي پر نه مڃجي ته به حرج ناهي." مولانا عبدالوهاب چاچڙ صاحب ته ايترو به لکيو آهي ته انهيءَ غير يقينيءَ ڳالهه کانسواءِ بيدل سائين جي تعليم حاصل ڪرڻ جو ٻيو ڪوبه ذڪر موجود ناهي، اها ڏک جهڙي ڳالهه آهي"(83) خاص ۽ اهم ڳالهه ته انهن ئي ڏينهن ۾ خود مولوي عبدالرحمٰن سکر واري جو ڏاڏا اُستاد مولانا عبدالحليم ڪنبوي بيدل سائينءَ جي ئي شهر روهڙيءَ ۾ ۽ سندس پاڙي ۾ رهندو هو پر ان وٽ به بيدل سائينءَ جي اچڻ وڃڻ يا پڙهڻ متعلق تذڪرا ۽ تاريخون خاموش آهن. بهرحال اها ڳالهه ضرور مڃبي ته فقير قادر بخش بيدل، مولانا عبدالرحمٰن سکر واري جي علمي شخصيت ۽ مقام جو قائل ۽ متعرف ضرور هو. ان ڳالهه جو ثبوت فقير قادر بخش بيدل جي انهي رقعه (خط) مان ملي ٿو جيڪو پاڻ مولانا عبدالرحمٰن سکر واري ڏانهن لکيو اٽائون. مذڪوره رقعه /خط منظوم لکيل آهي ۽ اهو بيدل سائين جي فرزند فقير محمد محسن بيڪس پنهنجي هڪ قلمي ڪتاب ۾ نقل ڪيو آهي، جيڪو هتي پيش ڪجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

رقعہ منظوم در دفع اشکال مولوي عبدالرحمٰن
کہ در ترکیب الفاظ تاریخ مذکور آوردہ بود ترقیم یافت

اي در هر علم باکمالي — در نحو ز مخشري مثالي
خلجان کہ بشعر من عیان بود — دفعش ز خیال من نهان بود
الحال بیمن مقدم تان — باد آمد دفع وي باآسان
کین صورت هو بهوست پیدا — از سعدي برگزیده شعرا
اي بار خدائي گیتي آرائي — بر بنده پیر خود بہ بخشائي
پیر است صفت کہ درمیان است — تائید کلام بیکسان است
بنده است مضاف خد الهش — خود نیک بداني اي قوي هش
درباره خاکسار بیدل — فرمائي دعائي عشق کامل(84)

هتي انهيءَ خط جو سنڌيءَ ۾ ترجمو پيش ڪجي ٿو:

هي نظم جي صورت ۾ لکيل خط مولوي عبدالرحمٰن جي اعتراض جي جواب ۾ لکيو ويو آهي.

"اي هر علم ۾ ڪمال رکندڙ، جيئن نحوجي علم ۾ عالم ز مخشري جي مثال آهين. جيڪو وسوسو منهنجي شعر متعلق منهنجي ذهن ۾ هيو. منهنجي خيال ۾ ان جو دفع ڪرڻ مونکان ڳجهو هيو. هاڻي تنهنجي اچڻ جي برڪت سان نهايت سولائيءَ سان (ان جو حل) ذهن ۾ اچي ويو، جو اهوئي نظريو برگزيده شاعر شيخ سعديءَ جي نظريہ جي مترادف آهي. اي هن جهان جا خالق پنهنجي هن ٻيڙي ٻانهي کي بخش ڪر. اسانجي ڪراڙپ جي جيڪا صفت وچ ۾ آئي آهي (ان جي هجڻ سان) اسان جي نظريي جي تائيد درست آهي هي بندو پنهنجي الله سان واسطہ ۾ آهي. تون پاڻ هن کي بهتر ڄاڻي ٿو. اي قوي ترين هوش جا مالڪ، هن خاڪسار ٻانهي کي ڪامل عشق جي دُعا ڪرڻ فرماءِ".(85)

بيدل سائينءَ جي لکيل مولوي عبدالرحمٰن صاحب ڏانهن انهيءَ منظوم خط مان مولانا عبدالرحمٰن صاحب جي وڏي علمي مقام جي خبر پوي ٿي ساڳي وقت فقير قادر بخش بيدل جي ساڻس عقيدتمندي ۽ نيازمندي پڻ ظاهر ٿئي ٿي. توڙي جو فقير بيدل سائين انهيءَ خط جي سري ۾ مولانا عبدالرحمٰن صاحب کي پنهنجو استاد طور مخاطب نہ ٿيو آهي پوءِ بہ بيدل سائينءَ جي ڪائنس عشق ڪامل جي دُعا گهرڻ ان ڳالهہ کي ظاهر ڪري ٿو تہ بيدل سائينءَ وٽ مولوي عبدالرحمٰن صاحب جو مرتبو ۽ مقام افضل هيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

طريقت جو سلسلو ۽ باطني فيض

فقير قادر بخش بيدل جو تعلق ئي هڪ روحاني ۽ فقيري گهراڻي سان هُيو، اهو گهراڻو جنهن جي طريقت جو سلسلو بيدل سائين جي ولادت کان اڳ ئي صوفين جي سرواڻ حضرت شاه عنايت شهيد جهوڪ واري جي فڪري ۽ روحاني سلسلي سان ڳنڍيجي چڪو هو پر بيدل سائين پنهنجي گهراڻي ۾ پنهنجي باطني فيض ۾ وڌيڪ فيضياب ٿيو جو ڪيس سنڌ جي تمام اعليٰ روحاني هستين کان فيض حاصل ٿيو. اهو فيض ظاهري به هو ته باطني به. فقير قادر بخش بيدل جيئن ته پنهنجي وقت جو هڪ سُڄاڻ شاعر، مفڪر ۽ گهٽو پڙهيل ڳڙهيل هُيو تنهن ڪري هو سنڌ جي اڪثر روحاني شخصيتن ۽ درگاهن جو هڪ ئي وقت تمام وڏو عقيدتمند ۽ پاڻيئڙو رهيو. نندپٽ کان ئي روهڙي، سکر ۽ ان جي پسگردائيءَ جي درگاهن جي زيارت ڪرڻ سندس معمول هيو. انهن ۾ اروڙ جي درگاهه حضرت شاهه محمود شڪرگنج، روهڙيءَ جي درگاهه شاه حيدر حقاني ۽ پُراڻي سکر جي درگاهه شاه خير الدين جيلاني عرف جيئي شاه اهم آهن. اسين جڏهن فقير قادر بخش بيدل جي ظاهري ۽ باطني فيض جي ڳالهه ڪنداسون ته پوءِ انهن ۾ اسان کي سنڌ جون ٻي درگاهون اهڙيون معلوم ٿين ٿيون جن سان بيدل سائينءَ جو گهرو تعلق رهيو آهي. اُهي آهن حضرت سچل سرمست جي درگاهه درازا شريف، درگاهه مير جان الله شاهه روهڙي ۽ ٽئين سيوهاڻي سرڪار حضرت لعل شهباز قلندر جي دربار. انهن خاص ٽن درگاهن سان گهري تعلق جا ڇڻا اشارا اسان کي هڪ طرف بيدل سائينءَ جي پنهنجي ڪلام ۽ تصنيفات مان ملن ٿا ته ٻي طرف بيدل سائينءَ جي سوانح عُمريءَ جي اڪثر ماخذن ۾ به انهن جو خصوصي طور تي ذڪر ڪيو ويو آهي. حضرت لعل شهباز قلندر جو باطني فيض ته بيدل سائينءَ تي ڪجهه وڌيڪ ئي رهيو ۽ سندس ئي روحاني راز سان بيدل سائين رچي رينو ٿيو دل ڏئي بيدل ٿيو ۽ مجاز ۽ حقيقت جون سيئي منزلون پار ڪيون. مٿي ذڪر ڪيل ٽن اهم درگاهن ڪانسواءِ بيدل سائين سنڌ جي ٻين روحاني مرڪزن ۽ درگاهن جو پاڻيئڙو پڻ رهيو جهڙوڪ درگاهه پٽ شاهه، درگاهه پيرجوگوٺ، درگاهه پريالوءِ، درگاهه جهوڪ شريف جن جو احوال پڻ اسان هن باب ۾ اڳتي ڏينداسون. اڇوته هينئر مٿي ذڪر ڪيل انهن ٽن اهم درگاهن سان بيدل سائينءَ جي گهري تعلق ۽ اتان مليل فيض جو سلسليوار جائزو وٺون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

در تهين داتا جي بيدل پرت جو پينار هو

فقير قادر بخش بيدل جو والد بزرگوار فقير محمد محسن سنڌ جي منصور حضرت سچل سرمست جو همعصر هو. جيئن ته روهڑي ۽ درازا کو گهٽي پنڌ تي کونہ هئا تنهن ڪري توڙي جو فقير محمد محسن دست بيعت طالب سيد عبدالوهاب شاهہ جيلاني پاڳناڑي واري جو ٽيو پر هن پنهنجي مرشد جي همنام حضرت عبدالوهاب عرف سچل سائين جي منصوري شخصيت جو ديدار ضرور ڪيو هوندو. جڏهن سچل سائين سن 1242هـ ۾ وصال فرمايو تڏهن فقير بيدل سائينءَ جي عمر 11 – 12 سال هئي، انهيءَ عمر ۾ بيدل سائين پنهنجي درسي تعليم مڪمل ڪري چڪو هو ۽ چون ٿا ته بيدل سائين سچل سائينءَ جو ديدار ڪيو هيو. ان ڳالهہ جي هڪ شاهدي بيدل سائينءَ جي انهيءَ ڪلام مان به ملي ٿي جيڪو ڪلام بيدل سائينءَ، سچل سائينءَ جي وصال تي چيو:

قرب دارن جي ڪنڪ ۾ مرد منصبدار هو
در تهين داتا جي بيدل پرت جو پينار هو.(86)

هنن سٽن ۾ بيدل سائين اهو ٻڌائي ٿو ته سچل سائين سندس داتا ۽ مرشد هو ۽ پاڻ (بيدل) سندس پرت (فيض) جو سوالي ۽ پينار هو. ٻي پاسي چون ٿا ته سچل سائينءَ جو روهڑيءَ ۾ اچڻ ٽيو هو. مرزا علي قلي بيگ پنهنجي مرتب ڪيل سچل سائين جي پهرين رسالي مطبوعہ 1902ع ۾ لکيو آهي ته سچل فقير پري پري جو سفر نہ ڪيو ۽ نہ ڪو مريدن ۽ ٻالڪن وٽ ويو روهڑي، سکر، شڪارپور گهميو هئائين جتي سندس درويشيءَ جي ماڻهن ڏاڍي تعريف ڪئي ۽ گهٽا ماڻهو سندس طالب ٿيا"(87) مرزا علي قلي بيگ سن 1856ع ۾ ڄايو ۽ 1904ع ۾ وفات ڪري ويو. جڏهن بيدل سائين 1872ع ۾ وصال ڪيو تڏهن مرزا علي قلي بيگ جي عمر 16 سال هئي گويا پاڻ بيدل سائينءَ جو همعصر هو، ان لحاظ کان جيئن ته مرزا علي قلي بيگ سچل سائين جي بلڪل ويجهي دور جو هو ان ڪري سندس احوال مستند سمجهڻ گهرجي. هو جڏهن سچل سائينءَ جي روهڑي اچڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو ته ٿي سگهي ٿو ته سندس فقيري هاڪ ٻڌي فقير محمد محسن پنهنجي هونهار فرزند فقير قادر بخش بيدل سان گڏجي سندس ديدار ڪيو هجي. ٻي پاسي مرزا علي قلي بيگ اهو به لکي ويو آهي ته "ميان قادر بخش فقير بيدل روهڑيءَ وارو جو پڻ مشهور فقير ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. انهيءَ درگاهہ (درازا) تي گهٽو ايندڙ هو."(88) مرزا علي قلي بيگ جڏهن سچل سائينءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

رسالو مرتب ڪري رهيو هو تڏهن سچل سائين جي ڪلام جو هڪ اهم قلمي نسخو پڻ روهڙيءَ مان گهرايو هئائين. ان متعلق مرزا صاحب لکي ٿو ته "هيو ڪتاب روهڙيءَ مان فقير غلام حسين جو، مختيارڪار صاحب جي معرفت هٿ ڪيم هي ڪتاب وڏيڪ ڪمائتو هو"(89) جنهن فقير غلام حسين کان روهڙيءَ مان سچل سائينءَ جو ڪلام جو قلمي ڪتاب مرزا صاحب کي مليو اهو فقير قاضي غلام حسين ٽي سگهي ٿو جيڪو بيدل سائينءَ جو شاگرد ۽ سندس محبوب قاضي پير محمد جو فرزند هو ۽ ٽي سگهي ٿو ته بيدل سائينءَ جي درازا درگاهه تي ويڙ ۽ سچل سائينءَ جي روهڙي اچڻ واري ڳالهه ڪيس قاضي غلام حسين کان ئي ملي هجي، مرزا علي قلي بيگ ئي سڀ کان پهريان بيدل سائينءَ جو اهو شعر شايع ڪري ظاهر ڪيو جيڪو بيدل سائينءَ سچل سائين جي وصال تي چيو. پير حسام الدين راشدي ۽ بيدل سائين لاءِ لکيو آهي ته ان وقت جي صوفي سرمست عبدالوهاب عرف سچل سائين کان الاهي الفت جا انگ سکڻ لڳو. مرد اتان خوب مٽيا هٿ ڪئي." راشدي صاحب مرحوم ته بيدل سائين لاءِ ايترو ۽ لکي ويو آهي ته طريقت جو پير مرشد هوس "درازن جو داتا" حضرت سچل سرمست".(90) بولچند راجپال ۽ لکيو آهي ته "ميان عبدالقادر درازن جي هاڪاري بزرگ عبدالوهاب (سچو فقير) جي در جو پانڌيئڙو هو" بولچند راجپال وڏيڪ لکيو آهي ته "سمجهجي ٿو ته ميان محمد محسن، بيدل جي والد جو سچل فقير وٽ اچڻ ويڙ جو رستو هو ۽ ميان عبدالقادر پيءُ سان گڏجي ان وٽ ويندو هو"(91) مرحوم عبدالحسين شاهه موسوي پڻ ان سلسلي ۾ هڪ اهم روايت نقل ڪئي آهي. هو صاحب لکي ٿو ته "هڪ پيري راڻيپور ۾ ويڙ ٿيو ۽ مولوي محمد صادق راڻيپور واري سان ملاقات ٿي. دوران گفتگو مولوي صاحب کان معلوم ٿيو ته بيدل فقير، سچل فقير جي خدمت ۾ آيو ۽ سچل فقير سندس وات ۾ پنهنجي پير جي ڪڙي وجهي فرمايو ته "اسان هن ۾ حلول ٿي وياسين"، موسوي صاحب اڳتي لکيو آهي ته جنهن صورت ۾ سچل فقير بيدل فقير جي زندگيءَ ۾ وصال ڪيو آهي تنهن صورت ۾ ممڪن آهي ته پاڻ ۾ مليا هُجن"(92) بهرحال! هتي اسين حضرت سچل سرمست جي وصال تي چيل، فقير قادر بخش بيدل جو اهو ڪلام ڏئي رهيا آهيون جنهن مان بيدل سائينءَ جي سچل سائينءَ سان والهانه عقيدت ۽ گهرو تعلق ظاهر ٿئي ٿو.

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو
مست سالڪ من سچو عارف اُتي اظهار هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

برھ جي برسات جو تنھن ويرتي وسڪار ھو،
وجد وحدت جو سدا خاصو تھين خُمار ھو

ظاھر و باطن تھين وٺ درد جو ڏڏڪار ھو،
مرد سو منصور وانگر عشق جو اوتار ھو

منجھ سخن تنھن جي الوھيت سندو آثار ھو،
جُنگ جذبي جوش مستيءَ ۾ مثل عطار ھو.

پنھنجي رائي پرين نوي ورھيہ نروار ھو،
وصل جي پوءِ موج ماڻي ذوق جو ذخار ھو.

طور ۾ارھن سؤ ۾ائيتاليھ ۾ طيار ھو،
چوڏھين رمضان جي ھادي پون ھسوار ھو،

قربدارن جي ڪنڪ ۾ مرد منصبدار ھو
در تھين داتا جي بيدل پرت جو پينار ھو.(93)

انھيءَ ڪلام مان اھو بخوبي ظاھر ٿئي ٿو تہ بيدل سائين، سچل سائينءَ جي شخصيت جو ويجھو مشاھدو ماڻيو، جڏھن پاڻ چوي ٿو تہ "در تھين داتا جي بيدل پرت جو پينار ھو" تہ ان مان اھا پڪ ٿيو وڃي تہ ڪيس سچل سائينءَ وٽان فيض ۽ حاصل ٿيو.

جناب شاھہ جان الله صوفي مڪمل مرشد پير طريقت

فقير قادر بخش بيدل مٿيون سٽون پنھنجي ان فارسي قطعي جي منڊ ۾ لکيون آھن جيڪو شعر ھُن سيد مير جان الله شاه رضوي ثانيءَ جي وفات تي چيو. سيد مير جان الله شاه ثاني، سيد عبدالوھاب شاه جيلاني پاڪٻاڻي واري جو طالب ۽ قادري سلسلي جو وڏو بزرگ ھيو. فقير قادر بخش بيدل جو والد بزرگوار فقير محمد محسن پڻ سيد عبدالوھاب شاه جيلاني جو طالب ھو ۽ ڪيس پنھنجي مرشد شاه شاھان عبدالوھاب شاھہ، سيد مير جان الله شاه ثاني جي خلافت ۾ شامل ڪيو. فقير محمد محسن، سيد مير جان الله شاه کي پنھنجي مرشد جي ساڻي صورت سمجھي، سندس خدمت ۾ سڄي عمر گذاري. اسان اڳ ۾ لکي آيا آھيون تہ جڏھن فقير قادر بخش بيدل جي ولادت ٿي تڏھن فقير محمد محسن، مير جان الله شاه جي ڪچھريءَ ۾ ويٺو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

هو، جتي بيدل سائينءَ متعلق جڏهن اهو ٻڌايو ويو تہ نينگر هڪ پير کان ضعيف آهي تہ مير جان الله شاه اهو فرمايو تہ "ابا منبو نہ چئو، اهو روهڙي شهر جو جهنبو ٿيندو." اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ فقير محمد محسن، پنهنجي نينگر (فقير قادر بخش) کي پنهنجي مرشد سيد مير جان الله شاه وٽ دُعا جي لاءِ ضرور وٺي ويندو هو. اسان وٽ اها بہ روايت رهي آهي تہ اولاد پنهنجن وڏن جي ئي مرشدن جي عقيدت مند ۽ طالب ٿيندي آهي. البت اهو ضروري بہ ناهي، پر فقير قادر بخش بيدل جي حوالي سان اها ڳالهہ شروع کان ئي اهم ماخذن ۾ ملي ٿي تہ بيدل سائين درگاهہ مير جان الله شاه رضوي جو دست بيعت مريد هُيو. قاضي غلام مهدي بن قاضي پير محمد پڻ پنهنجي کتاب "انيس المساکين عرف راحت السالکين" جي صفحي 107 تي اهڙي ڳالهہ لکي آهي. مذکوره صفحي تي مير جان الله شاه اول جي فرزند شاه قلندر علي شاه جي وفات جو احوال ڏيندي بيدل سائينءَ جو هڪ فارسي قطعو نقل کيو ويو آهي جنهن متعلق لکيو ويو آهي تہ "شاه قلندر علي شاه سائين جي وفات جي تاريخ فقير صاحب مرحوم فقير قادر بخش صاحب روهڙي شريف مريد سندن درگاهہ جي جوڙي آهي جو هتي درج آهي."(94) پيرومل مهرچند آڏواڻي بيدل سائين متعلق لکيو آهي تہ "سچو پچو فيض پنهنجي مرشد وٽان پرايائين. بيدل فقير بہ مير جانشاهہ نندي جو مريد وڃي ٿيو. هن کي اصل کان عشق جي عنايت ٿيل هئي ويتر جو هي کامل مرشد مليس تہ هيکاري رڃي پيو."(95) گلومل هرجاڻي بہ لکيو آهي تہ فقير صاحب (بيدل) خدا جي وات ۽ رياضت جي راهہ پنهنجي والد صاحب جي وقت ۾ مير جان الله شاهہ وچين کان پُڇي هئي(96) بولچند راجپال بہ اهوئي نقل کيو تہ "عبدالقادر پنهنجي والد جي حياتيءَ جي وقت ۾ مير جان الله شاه ۾ جو مريد ٿيو هو."(97) مولانا دين محمد وفائي بہ لکيو آهي تہ برابر 12 سالن جي عمر تائين هو باقاعده استاد وٽان علم پرائيندو رهيو ان وچ ۾ سيد جان الله شاه رضوي ثاني کان بيعت بہ ڪيائين"(98) تذڪره لُطفيءَ ۾ مرحوم لطف الله بدوي، بيدل سائين متان سيد مير جان الله شاه جي فيض جو ذڪر ڪندي اهو لکيو آهي تہ "سندس (بيدل جي) استاد سندس ترقي کان مايوس ٿي ويو مگر مير جان الله ۾ئي جي فيض جي نظر هتي بہ ڪم ڪري وئي. فقير صاحب 12 ورهين جي عمر ۾ فارغ التحصيل ٿي نڪتو."(99) مرحوم سبحان بخش قريشي تہ ڪتاب "پنج گنج" ۾ بيدل سائين جي مير جان الله شاه وٽ بيعت جو سن بہ ڏنو آهي. هو صاحب لکي ٿو تہ "سندن (بيدل جي) والد صاحب سن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

1243هـ ۾ صوفي جان علي شاه (اصل ۾ جان الله شاه) وٽ سندن بيعت ڪرائي، ذڪر فڪر جي تلقين ڪرائي."(100)

فقير قادر بخش بيدل پاڻ بہ سيد مير جان الله شاه ثانيءَ جي وفات تي جيڪو فارسي شعر چيو آهي انهيءَ مان بہ بيدل سائين جي ساڻس وڏي عقيدمندي جو اظهار ٿئي ٿو.

جناب شاه جان الله صوفي — مكمل مرشد پير طريقت
بهنگام تكلم طالبان را — خبر ميداد ز اسرار حقيقت
چو در وحدت وجودي لب كشودي — بديدي سالك انوار انيت
عيان مي بود درهر مستفيدش — ازو آثار جذبات محبت
بسلسلہ قادري مي ساخت مسرور — دل دوران بہ تقريب معيت
چو عزم سير ملك لامكان كرد — جلوس آورد بر تخت هويت
پئي سال وصالش هاتفي گفت — ولي تا جور اقليم وحدت

1255هـ (101)

هتي بيدل سائينءَ جي ميرجان الله شاه ثاني جي وصال تي لکيل ان فارسي شعر جو سنڌيءَ ۾ ترجمو پيش ڪجي ٿو:

"جناب جان الله شاه، صوفي طريقت جي رستي جو مڪمل پير ۽ مرشد هو. وحدت الوجود بابت جڏهن چپ چورينڊو هو تہ تو ڏٺو هوندو تہ اهو سالڪ طالبن کي حقيقت جي رازن کان واقف ڪندو هو. سندس هر مفيد ڳالهہ ۾ سندس محبت پئي بکندي هئي. قادري طريقي سان خوش هو. سندس دل ذڪر سان ڳنديل هئي. جڏهن لامڪان جي وڃڻ جو ارادو ڪيائين تہ تخت قدرت تي موج سان وڃي بيٺڪ ڪيائين. سندس وصال جي سال کان پوءِ هاتف چيو تہ وحدت جي ملڪ جو تاجدار ۽ ڪامل ولي هو."(102)

بيدل سائين متئين شعر ۾ سيد مير جان الله شا رضوي ثانيءَ کي پنهنجي وقت جو مڪمل مرشد ۽ پير طريقت سڏيو آهي تہ پوءِ ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ بيدل سائين پنهنجي دور جي، پنهنجي ئي شهر ۾ رهندڙ مڪمل طريقت جي صاحب کان فيض نہ ورتو هُجي، پي پاسي بيدل سائين مير جان الله شاه ثاني جي متعلق ان شعر ۾ اهڙيون گهريون ڳالهيون ڪيون آهن جيڪي ڪوئي گهٽو ويجهو رهندڙ ۽ ڪو طالب ئي ڪري سگهي ٿو. مثال طور بيدل سائين ٻڌائي ٿو تہ هو (جان الله شاه) سالڪ هو ۽ پنهنجن طالبن کي حقيقت جي رازن کان واقف ڪندو هو ۽ جڏهن اها ڳالهہ پاڻ کي مخاطب ٿي ڪري چوي ٿو تہ "تو ڏٺو هوندو"، تہ ان مان خبر پوي ٿي تہ انهن طالبن ۾ بيدل سائين پاڻ بہ موجود هوندو. مير جان الله شاه رضوي جو تعلق جئين تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

قادري سلسلي سان هو ان لحاظ کان بيدل سائين جو ظاهري طريقت جو سلسلو هن ريت بڌجي ٿو. فقير قادر بخش بيدل طالب مير جان الله شاه رضوي ثاني جو اهو طالب عبدالوهاب شاه جيلاني پاڳناڑي واري جو اهو طالب فقير غلام محمد جو اهو طالب غلام رسول وڻجاري جو اهو طالب مير جان الله شاه رضوي اول جو اهو طالب شاه عنايت شهيد جهوڪ واري جو.

ميرا مرشد مڪمل هي قلندر

حسيني حيدري سلطان سرور

فقير قادر بخش بيدل جون تصنيفون، ڪلام ۽ سندس سوانح عُمريءَ جا سمورا ماخذ ان ڳالھ جي پڪي شاهدي ڏين ٿا تہ بيدل سائينءَ کي سيوهاڻي سرڪار حضرت لعل شهباز قلندر وٽان روحاني ۽ باطني فيض حاصل ٿيو. فقير بيدل سائين پاڻ بہ حضرت شهباز قلندر کي پنهنجو "مڪمل مرشد"، "رهنما" ۽ "پيشوا" سڏيو آهي. فقير بيدل سائين اڃان 11 – 12 سالن جي ئي عُمر جو هيو ۽ علم تدريس ۾ مشغول هو، جو حضرت لعل شهباز قلندر جي روحاني ڪشش ۽ باطني اسرار ۾ سيوهڻ شريف پهتو. سيوهڻ شريف ۾ ئي کيس سموري ذات حاصل ٿي، نہ صرف ايترو بلڪ پاڻ فارسي، عربي ۽ اردو ۾ باڪمال شاعريءَ جو آغاز پڻ اتان ئي ڪيائون. نارائڻ ڊي گرناٽي جي بقول بيدل سائين "جڏهن ڀارهن ورهين جو هو تڏهن سيوهڻ واري لعل شهباز قلندر جي زيارت ڪرڻ ويو جتان اها سپ ذات مليس."(103) نارائڻ گرناٽي اهو پهريون سوانح نگار آهي جنهن بيدل سائين کي متعارف ڪرائڻ جي پهرين ڪوشش ڪئي. فقير هدايت علي نجفي تارڪ بيدل سائين جي سيوهڻ سفر جو مختصر احوال ڏنو آهي، پاڻ لکن ٿا تہ "قادر بخش کي طالب علمي وارن ڏينهن ۾ خواب ۾ حڪم ٿيو تہ توکي قلندر شهباز سڏي ٿو. صبح جو اٿيو تہ خواب کي وساري ڇڏيائين ٻي دفعي وري خواب ڏٺائين تہ وري فراموش ڪري ڇڏيائين. ٽئين دفعي هڪ خوفناڪ خواب ڏٺائين تہ هڪ ملنگ لنگوٽو ٻڌل چئي رهيو آهي تہ هَلُ توکي قلندر شهباز سڏي ٿو، پوءِ پٺيءَ کي پڪڙي ڪڍ کان ڪٽي زور سان زمين تي اڇلايائين تہ کيس نہ ڄاڻ مان جاڳ ٿي ويس ڏٺائين تہ ڪڍ تان هيٺ زمين تي پيو آهي دل ۾ پڪو ارادو ڪري سيوهڻ وڃڻ جي تياري ڪيائين. سڪر بندر تان ٻيڑيءَ ۾ سوار ٿي روانو ٿيو ۽ سيوهڻ پهتو. قلندر شهباز جي درگاهہ ۾ داخل ٿيو تہ سوره والضحيٰ وليل جو ٽي سؤ ست دفعا ورد ڪيائين ۽ اتي ئي ٻہ رباعيون هڪ فارسي ۽ هڪ اردو ۾ چيائين"(104) گلومل هرجاڻي پنهنجي تاليف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

"ديوان بيدل" ۾ فقير بيدل سائينءَ جي سيوهڙ واري سفر جو ساڻيو احوال گهڻو تفصيلوار ڏنو آهي جنهن کي سمورو نقل ڪرڻ طوالت جو سبب بڻبو. تنهن ڪري هرجاڻي صاحب واري احوال کي اسين هتي مختصر طور پيش ڪريون ٿا. هرجاڻي گدومل لکي ٿو ته "ٻارهن ورهين جي عُمر ۾ هڪ رات جو خواب ۾ فقير قادر بخش کي هڪ مست ۽ ملنگ فقير (لانگوٽ بند) اچي فرمايو ته اسان ڏانهن اچ. اهڙي طرح ٻي رات به ٿيو، آخر ٽئين رات ۾ ان ملنگ فرمايو ته اسين سيوهڙ ۾ ويٺا آهيون، سو اسان ڏانهن هليو اچ. ان ڪري صبح دم ڪنهن به عزيز کي ٻڌائڻ بنان نند مان جاڳي سڌا پٽڻ تي آياسين. آخر پٽڻ لنگهي سيوهڙ شريف قلندر شهباز جي درگاهه تي پهتاسي. اتي جنهن شيءَ جي گهرج پوندي هئي سا جهٽ ۾ حاضر ۽ هڪي تڪي هوندي هئي. حضرت قلندر لعل شهباز وڏا وڙ ڪيا. سيوهڙ شريف ۾ شعر چوڻ جي به اجازت ملي هڪ اردو ۽ ٻيو فارسي چيوسين جنهن ۾ تخلص بيدل رکيو ويو. گدومل هرجاڻي اهو به لکيو آهي ته حضرت لعل شهباز قلندر جي درگاهه ۾ قرآن شريف مان ڪا سوره پڙهائون جڏهن پڙهي رهيا هئا ته اچانڪ بيهوش ۽ بي خود ٿي ڪري پيا. برابر ست ڏينهن روضي شريف ۾ مدهوشيءَ جي حالت ۾ تاسيا ۽ بکيا رهيا. درگاهه جا مجاور دروازي محفوظ ڪرڻ وقت ڪيترا به حيلا هلائيندا هئا ته به هوش ۾ نه ايندا هئا. جڏهن اٺون ڏينهن ٿيو ته اٿيا ۽ ساڻي ديوانگيءَ جي دور ۾ ڪين شعر چوڻ جو شوق ٿيو ۽ ڪلام هڪ اردو ۽ پارسي چيائون."(105) بولچند راجپال ساڻيو احوال مختصر ڏنو آهي. جنهن ته مرحوم لطف الله بدوي لکيو آهي ته "قلندر شهباز جي روضي ۾ گهرڻ سان مٿس عجيب ڪيفيت طاري ٿي. قريباً پنج ڇهه ڏينهن بيخودي جي حالت ۾ پيو رهيو. جڏهن هن اڪ پٽي تڏهن قادر بخش جي بجاءِ بيدل، عالم ۽ عاقل بدران مجذوب هو. جيترو وقت سيوهڙ ۾ رهيو اوترو وقت مٿس استغراق جي حالت طاري رهي." مرحوم بدوي صاحب وڌيڪ لکيو آهي ته هي ڳالهه بلڪل صاف ٿيل آهي ته فقير صاحب کي سچو فيض حضرت شهباز قلندر کان حاصل ٿيو."(106) مرحوم عبدالحسين شاهه موسوي پڻ، فقير قادر بخش بيدل جي سيوهڙ واري سفر جو احوال ساڻي طرح بلڪ مختصر طور ڏنو آهي. ساڻي وقت موسوي صاحب اها اردو منقبت، هڪ اردو غزل ۽ هڪ فارسي غزل پڻ نقل ڪيو آهي جيڪو بقول گدومل هرجاڻي بيدل سائين سيوهڙ جي درگاهه ۾ استغراق جي حالت ۾ چيا.(107)

مرحوم سبحان بخش قريشي پنهنجي تاليف "پنج گنج" ۾ بيدل سائينءَ جي سيوهڙ واري سفر ۽ اتان ملندڙ روحاني فيض جو احوال گهڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

تفصيلوار ۽ گلومل هرجاڻي واري ڪتاب تان ئي نقل ڪري ٿورن اضافن سان ڏنو آهي جنهن ته مرحوم سبحان بخش قريشي انهيءَ واقعي ۽ سفر وقت بيدل سائينءَ جي عمر 15 سال ڄاڻائي آهي.

هتي اسين فقير قادر بخش بيدل جي حضرت لعل شهباز قلندر جي عقيدت ۾ چيل منقبت ڏئي رهيا آهيون.

دلامت بر ز حول روز محشر
بگڙلي دامن ابن پيغمبر
ميرا مرشد مڪمل هي قلندر
حسيني حيدري سلطان سرور.

قلندر چون محمد رهنما هي
قلندر چون علي مشڪلڪشا هي
قلندر نور حسن المجتبيٰ هي
قلندر نسل شاه ڪربلا هي
ميرا مرشد مڪمل هي قلندر
حسيني حيدري سلطان سرور.

قلندر جلوه نور جليل است
قلندر محرم سر خليل است
قلندر شافي قلب عليل است
قلندر يا ور جان ذليل است
ميرا مرشد مڪمل هي قلندر
حُسيني حيدري سلطان سرور.

قلندر آفتاب اوليا هي
قلندر مظهر سر صفا هي
قلندر صورت شير خدا هي
قلندر محض ذات ڪبريا هي
ميرا مرشد مڪمل هي قلندر
حسيني حيدري سلطان سرور.

قلندر مخزن اسرار مولا است
قلندر مطلع الانوار مولا است

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

قلندر منبع آثار مولا است
قلندر مجمع اطوار مولا است
ميرا مرشد مڪمل هي قلندر
حسيني حيدري سلطان سرور.

جمال اوست شڪل شاه مردان
ڪمال اوست شمع راه مردان
خدا است اوست عز و جاه مردان
جناب اوست زيارت گاه مردان
ميرا مرشد مڪمل هي قلندر
حسيني حيدري سلطان سرور.

قلندر سرور ابدال و اوتاد
قلندر سرگروه اهل ارشاد
مريدانش زِهر دو عالم آزاد
موجہ جاوداني خرم وشاد
ميرا مرشد مڪمل هي قلندر
حسيني حيدري سلطان سرور(108)

مٿين منقبت ڪجھ اردوءَ ۾ آهي تہ ڪجھ فارسيءَ ۾ ڇو تہ فقير قادر بخش بيدل تي سيوهڙ ۾ ايتري تہ بيخودي ۽ مدهوشي طاري هئي جو پنهنجي مادري ٻولي بہ وسري وئي هُيون. مٿي ڏنل منقبت ۾ فقير بيدل سائينءَ تي حضرت لعل شهباز قلندر جي فيض جي پالوٽ نظر اچي رهي آهي ۽ پاڻ حضرت لعل شهباز قلندر ۾ مڪمل فنا ٿي ڪري ان سان والهانہ عقيدت جو اظهار فرمايو اٽائون ۽ ڪين پنهنجو "مڪمل مرشد"، "رهنما" ۽ عليل قلب لاءِ شافي سڏيو اٽائون ساڳي وقت سندن رتبي ڪي بہ وڏي شان شوڪت سان بيان ڪيو اٽائون. سچ پچ فقير بيدل سائين تي حضرت قلندر شهباز جو وڏو باطني فيض ۽ راز ٿيو. ان لحاظ کان باطني طور تي فقير قادر بخش بيدل جو سلسلو اويسي ۽ قلندري ٻڌجي ٿو. اهوئي سبب آهي تہ هن وقت تائين فقير قادر بخش بيدل جي درگاھ تي روزانو فجر جي وقت ۽ مغرب جي نماز بعد قلندري ڌمال/نوبت وڄائي ويندي آهي، جڏهن تہ سالياني عُرس مبارڪ ۽ ٻين خاص موقعين تي درگاھ جو گادي نشين ۽ ٻيا فقير راڳ وٺراڳ ۽ سماع کان سواءِ قلندري ڌمال تي مخصوص رقص پڻ ڪندا آهن. نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

صرف ايترو پر هتي هڪ اها روايت بہ قائم آهي تہ هر مهيني چنڊ جي 21 رات حضرت لعل شهباز قلندر باطني طور روهڙيءَ ۾ فقير بيدل سائين وٽ ايندا آهن. ان روايت متعلق فقير رجب علي درازي پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکيو آهي تہ "باوجود پيرن جي معذوري جي فقير صاحب (بيدل) الله جي درگاهن ڏانهن پياده سفر ڪندا هئا ۽ سيوهڻ شريف تائين بہ پياده سفر ڪندا هئا آخر مخدوم لعل شهباز جن جو ارشاد ٿين تہ هينئر پنڌ اوهان تان معاف، آئينده اسان پاڻ اوهان وٽ تشريف فرمائينداسون."(109) فقير قادر بخش بيدل حضرت لعل شهباز قلندر جي عقيدت ۾ ٻيو بہ ڪافي ڪلام چيو آهي جيڪو سنڌي، اردو ۽ فارسي ۾ آهي.

ٻين درگاهن جون زيارتون

فقير قادر بخش بيدل، سيوهڻ شريف جي زيارت ۽ اُتان ملندڙ باطني فيض کان پوءِ سنڌ جي ٻين اهم درگاهن جي زيارت پڻ ڪئي. انهن درگاهن ۾ جن ۾ پهرين درگاهن جو ذڪر اچي ٿو اُهي آهن درگاهہ پيرجوڳوٽ ۽ درگاهہ پريالوءِ. اڪثر سوانح نگارن بيدل سائين جي درگاهہ پيرجوڳوٽ زيارت لاءِ اچڻ ۽ اُتي سيد علي گوهر شاه اصغر ڪي مثنوي مولانا روم پڙهائڻ جو واقعو نقل ڪيو آهي. سڀ کان پهريان حوالي طور انهيءَ ماخذ جو ذڪر ڪجي ٿو جيڪو هن وقت تائين گمنام رهيو ۽ ڪنهن بہ مؤلف جي شايد نظرن مان نہ گذريو تنهن ڪري اهو احوال ڪجهہ تفصيلوار ۽ مختلف پڻ آهي. اهو اهم ماخذ آهي فقير هدايت علي نجفي تارڪ جو ڪتاب "تاريخ شعراء سنڌ"، جيڪو نجفي صاحب 1930ع ۾ لکيو هو پر بعد ۾ 1945ع ۾ بهاولپور پنجاب مان شايع ٿيو. فقير هدايت علي نجفي واري ڪتاب ۾ بيدل سائين جي پيرڳوٽ زيارت جو احوال هن طرح آيل آهي. "هڪ دفعي قادر بخش فقير پير پاڳاري جي ڳوٽ زيارت لاءِ ويا. زيارت بعد مسجد ۾ قيام ڪيو. اتي هڪ مولوي رهندو هو. ان کي چيائون مولوي صاحب سورت انا اعطينا جي معنيٰ تہ ٻڌايو. مولوي صاحب کي جيڪا معنيٰ ايندي هئي ٻڌائين. بيدل فقير چيو تہ "اها معنيٰ تہ تُوت ماءُ سائياڻي روهڙيءَ ۾ آهي اها بہ ڪندي آهي." مولوي صاحب کي ڪاوڙ آئي ۽ چيو توکي جيڪڏهن وڌيڪ معنيٰ اچي ٿي تہ تون ٻڌاءِ. فقير چيو چگو ٻڌ ۽ معنيٰ شروع ڪئي مگر ٽي ڏينهن گذري ويا معنيٰ پوري نہ ٿي روايت ٻڌائيندا ويا. ڪنهن شخص وڃي پير حزب الله شاه گادي نشين کي اطلاع ڪيو تہ هڪ منڊڙو فقير مسجد ۾ آيو آهي ۽ مولوي صاحب سان سوره انا عطينہ جي معنيٰ تي تڪرار ڪيو آهي ۽ پاڻ وينو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

تقرير ٿو ڪري. پير صاحب اهو ٻڌي مسجد ۾ آيو بيدل نالو پچيائين. نالو پچي ڳلي لڳايائين ڏينهن رات خدمت ڪري پنهنجي خاص جڳهه تي ويهاريائين. آخر بيدل فقير اجازت گهري پير صاحب چيو مون تي ڪا مهرباني ڪيو. فقير چيو تنهنجو هٿ حضرت امام حسين جي هٿ ۾ ڏيان ٿو. ۽ اهو چئي روهڙي روانو ٿيو."(110) فقير هدايت علي نجفي ڪانپوءِ جيڪو اهم ڪتاب بيدل سائين جي سوانح عُمري جو آهي اُهو آهي گلومل هرجاڻي وارو. انهيءَ ۾ به بيدل سائينءَ جي پيرڳوٺ زيارت لاءِ وڃڻ جو احوال لکيل آهي پر حيرت ان ڳالهه جي آهي ته هرجاڻي صاحب وارو احوال، فقير هدايت علي تارڪ کان بنهه مختلف آهي، گلومل هرجاڻي اهو احوال هن طرح ڏنو آهي. "فقير صاحبن حضرت لعل شهباز قلندر جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته وطن وڃڻ جي موڪل عطا ٿي ۽ ديوانگي دور ٿئي. جواب ملين ته ستو پيرجوڳوٺ وڃڻ سان جي پير محمد راشد جي درگاهه تي رهندا ته ديوانگي ڇڏي ويندي ۽ پوءِ اتان پريالوءِ وڃي حضرت مخدوم محمد اسماعيل صاحب جن جي درگاهه تي ڪجهه ڏينهن رهندا شريعت حاصل ٿيندي. انهيءَ ارشاد بعد فقير صاحب سيوهڻ شريف کان ستو پيرڳوٺ اچي ميان محمد راشد صاحب جي درگاهه ۾ وڃي ويٺا. ڪجهه وقت بعد ميان پير محمد راشد صاحب جن فقير صاحبن کي ٻي دفعا فرمايو ته اول اوطاق مان گاديءَ واري صاحب وٽان ٻي پوءِ ويهو. فقير صاحب ٽئين دفعي چوڻ سان اٿيا ۽ ستو مسجد ۾ ويا جا درگاهه جي لڳ هئي. (اهو واقعيو پير صاحب جي پراڻي ڳوٺ جو آهي چوته جڏهن هو ڳوٺ ٻڏي ويو تڏهن پير علي گوهر شاه هي نئون ڳوٺ ٻڌايو هو.) مسجد ۾ هڪ مولوي شاگردن کي وڏا عربي ڪتاب ويٺي پڙهايا. فقير صاحب کي ته لدني علم عطا ٿيل هو جنهن ڪري مولويءَ جون چڪون ڪيڻ لڳا. انهن غلطين ڪيڻ ڪري علم جو گفتگو هليو مگر مولوي صاحب پورا جواب نه ٿي ڏئي سگهيو. آخر اها خبر گاديءَ جي ڌڻي پير صبغت الله شاهه کي پئي سو ستو مسجد ۾ آيا. گفتگو ٻڌي مولويءَ کي فرمايائون ته مولوي صاحب اسان کي ته وڏا وعظ ڪندا آهيو پر هن فقير کي چونه ٿا معقول جواب ڏئي سگهو؟ مولويءَ چيو ته هي لدُني علم آهي. مون وٽ ظاهري علم آهي. تڏهن پير صاحب، فقير صاحبن کي فرمايو ته ڪجهه ڏينهن هت رهي اسان جي فرزند علي گوهر شاهه کي ڪجهه علم سيکاريو پوءِ پاڻ ڪجهه ڏينهن اتي رهي پير علي گوهر شاهه کي رومي صاحب جي مثنوي مان سبق ڏنا. انهي وچ ۾ ديوانگي دور ٿين. مطلب حاصل ٿيڻ تي موڪلائي پريالوءِ آيا. اتي مخدوم محمد اسماعيل جي درگاهه شريف ۾ رهيا جتي کين شريعت حاصل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ٽي.“(111) بولچند راجپال، مرحوم لطف الله بلوي، مرحوم عبدالحسين شاه موسوي ۽ مرحوم سبحان بخش قريشي، بيدل سائينءَ جي پير ڳوٺ اچڻ ۽ سيد علي گوهر شاهه کي مثنوي مولانا روم پڙهائڻ وارو احوال مختصر ڏنو آهي. ۽ انهن جو بنياد ۽ ماخذ گلومل هرجاڻي وارو مٿيون احوال ئي آهي. جڏهن ته مرحوم موسوي صاحب وٽ ان واقعي جو هڪ حوالو جهامنداس پاڻيه وارو قلمي ڪتاب ”سوانح عمري بيدل“ ۾ آهي. جيڪو ڪتاب اڃان تائين گمنامي جي گوشي ۾ آهي. هاڻي اسان ڏسنداسون ته فقير هدايت علي نجفي جو ڏنل احوال، گلومل هرجاڻي جي ڏنل احوال کان بنهه مختلف آهي ۽ غور طلب آهي. خاص ڳالهه ته فقير هدايت علي نجفي، بيدل سائين جي پير ڳوٺ اچڻ وارو واقعيو پير حزب الله شاهه ”مسڪين“ جي دور ۾ ڄاڻايو آهي جيڪو سيد علي گوهر شاهه جو فرزند هيو. يعني ان واقعي وقت سيد علي گوهر شاهه اصغر حال حيات نه هئا ۽ وصال ڪري چُڪا هئا. ڇاڪاڻ ته پير حزب الله شاهه جي ولادت آهي 1258هـ ۾ سيد علي گوهر شاه جو وصال آهي 1268هـ ۾. يعني جڏهن پير حزب الله شاه جي دستار بندي ٿي تڏهن سندس عُمر صرف ڏهه سال هئي جڏهن ته نجفي صاحب واري احوال مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته جڏهن بيدل سائين پيرجوڳوٺ آيو تڏهن پير حزب الله شاه کافي عُمر کي رسي چڪو هيو ۽ جوان هيو جو بيدل سائينءَ کي هن ايڏي وڏي تعظيم سان پاڻ وٽ رهايو. ۽ پاسي گلومل هرجاڻي وري بيدل سائينءَ جي پير ڳوٺ واري سفر ۽ زيارت کي سندس سيوهڻ شريف واري سفر سان ڳنڍي وڃي ان دور سان ملايو آهي جڏهن بيدل سائين جي عمر 12 – 13 سال آهي ته سيد علي گوهر شاهه جي عمر ۽ 12 – 13 سال آهي ۽ ان وقت پير صاحبن جي گاديءَ تي پير صبغت الله شاه اول هئا. گلومل هرجاڻي واري انهيءَ بيان ۾ ڪنهن به حوالي يا ڪنهن اهم راويءَ جو ذڪر به ناهي ٿيل. وري اچون ٿا ۽ پاسي ته خود گلومل هرجاڻي واري ڪتاب ”ديوان بيدل“ مطبوعه 1940ع جي صفحي 15 تي بيدل سائين جي سيوهڻ واري سفر ۽ باطني فيض جو جيڪو احوال ڏنل آهي ان جو راوي بيدل سائين جي محبوب قاضي پير محمد جو فرزند قاضي غلام مهدي آهي جنهن جو چوڻ اهو آهي ته اهو احوال ڪيس فقير صاحبن (بيدل سائين) پاڻ سبق پاڙهي ڪيو هيو ته ان احوال ۾ به سيوهڻ شريف ڪان پوء صرف حضرت مخدوم محمد اسماعيل پريالوء جي درگاهه جي زيارت جو ذڪر آهي ۽ درگاهه پير ڳوٺ جو ڪوبه ذڪر ناهي ۽ ان ۾ اهو به ڪونه لکيو ۽ ٻڌايو ويو آهي ته ڪو بيدل سائينءَ کي پير ڳوٺ وڃڻ لاءِ سيوهڻ شريف مان اشارو مليو. اڳتي هلي گلومل هرجاڻي بقول سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جيڪو احوال وٺس درج هو. اهو احوال صفحي 16 کان 25 تائين ڏنو ۽ ان واقعي ۽ پيرڳوٺ جي زيارت کي بيدل سائين جي سيوهڻ واري سفر سان ڳنڍي چڏيو ۽ اهو ٻه لکي چڏيو ته پيرڳوٺ وڃڻ جو ارشاد سيوهڻ سرڪار وٽان ٿيو.(112) ٻي پاسي درگاهه سيوهڻ شريف ۾ جڏهن بيدل سائينءَ تي باطني ۽ روحاني فيض جي ايتري پالوٽ ٿيل هجي جو بيدل سائين انهيءَ فيض جو هن طرح چٽو اظهار ڪري ته "ميرا مرشد مڪمل هي قلندر" ته پوءِ اهڙي حالت ۾ وڌيڪ فيض حاصل ڪرڻ لاءِ درگاهه پيرڳوٺ وڃڻ وارو واقعيو ۽ روايت عامي ٿي لڳي. ٻي طرف سنڌ جي برڪ محقق مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پڻ بيدل سائين جي پير علي گوهر شاهه اصغر کي مثنوي روم پڙهائڻ واري روايت سان اختلاف ڏيکاريندي ان کي رد ڪيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڪتاب "اصغر سائين جو ڪلام" مطبوعه 1999ع جي مقدمي ۾ مٿي ڏنل روايت کي رد ڪندي لکي ٿو ته غور ڪبو ته انهن روايتن ۾ ڪوبه ربط ڪونهي. اهي عام روايتون آهن، جن کي گڏومل ۽ جهامنداس پاڻيه پنهنجن ڪتابن ۾ آندو. ٻيو ته بيدل قلندر شهباز تي ويو ۽ اتان وري ڪيس ارشاد ٿيو ته پير صاحب جي ڳوٺ وڃو انهيءَ جو به طريقي ۽ تصوف جي نگاهه کان ڪو ربط ڪونه ٿو نظر اچي."(113) مٿي بيان ڪيل مختلف ماخذن جي روشنيءَ ۾ انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو ته بيدل سائينءَ پيرڳوٺ جي زيارت ۽ سفر ضرور ڪيو پر سيوهڻ شريف جي زيارت ۽ فيض کان گهٽو پوءِ. ان حساب سان فقير هدايت علي نجفي جي ڏنل روايت صحيح لڳي ٿي ڇاڪاڻ ته سندس ڪتاب بيدل سائين جي سوانح عُمري جو قديم ترين ۽ شروعاتي ماخذ آهي ٻيو ته فقير هدايت علي نجفي جو روهڙي گهٽو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. فقير قادر بخش بيدل هڪ وڏو پڙهيل ڳڙهيل ۽ وحدت الوجودي صوفي هُيو. تنهن ڪري ٿي سگهي ٿو ته بيدل سائين سيوهڻ شريف جي زيارت کان پوءِ مختلف درگاهن جون زيارتون ڪنهن خاص طريقي يا مسلڪ کان هٽي ڪري ٻه ڪيون هجن ۽ اهو سندن علمي سيرُ هجي. ڇاڪاڻ ته وٺس طريقو، سلسلو يا مسلڪ وحدت جي وات ۾ زائل ٿي وڃي ٿو.

شيعا سُني آپ بڻيندا نقشبندي تي قادري (بيدل)

بهرحال فقير قادر بخش بيدل سيد علي گوهر شاهه اصغر جو همعصر هو تنهن سيد علي گوهر شاهه اصغر جي وفات تي جيڪو فارسي شعر لکيو آهي اهو هتي پيش ڪجي ٿو جنهن ۾ بيدل سائين سيد علي گوهر شاهه اصغر سان وڏي عقيدت جو اظهار ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جناب پير علي گوهر آن كريم رشيد — چو رمز ارجعي از پردگاه راز شنيد
گذاشت جسم در اين دامگاه ناسوتي — بسوئي گلشن لاهوت مرغ جانش پريد
بسوئي اصل خود آر درجوع هر چيزي — به بحر وحدت آن قطره سفير رسيد
بتافت رخ ز ظهورات آن سراپا نور — بقاف معني سيمرغ وش نهان گرديد
دلم چو سال وصالش بجست هاتف گفت — با آفتاب بپيوست نور مي وحيد(114)

1268 هجري

هتي انهيءَ شعر جو سنڌيءَ ۾ ترجمو پيش ڪجي ٿو.

"جناب پير علي گوهر جيڪو رشد و هدايت ۾ سخي هو. جڏهن پردي واري جاءِ مان ارجعي (مونڌانهن موٽ) جو اشارو پروردگار جي راز جو ٻڌائين تہ جسم کي هن فاني جهان جي ڦندي مان ڇٽو ڪيائين ۽ سندس روح مبارڪ جو پکي لاهوت جي باغ ڏانهن اُڏاٽو هليو ويو. هرشيءِ پنهنجي اصل ڏانهن موٽي ٿي. اهڙي طرح هي مسافر قطرو وحدت جي درياهہ ۾ هيو. سندس منهن مبارڪ نوراني تجليات سبب منور هو. سندس روح جو سيمرغ پکي معنيٰ جي ڪوهہ قاف ۾ ٽهي هٽي ويو. منهنجي دل جڏهن سندس وصال جو سال جاچيو تہ هاتفي آواز آيو تہ سچ سان گڏ رهندو. سندس وحدانيت جو نور حيات جاودان ۾ رهندو. (115)

فقير قادر بخش بيدل سيد علي گوهر شاهہ اصغر جي وصال جو سن 1268هجري ڏنو آهي جڏهن تہ ڪتاب "اصغر سائين جو ڪلام" مؤلف شيخ محمد فاضل ۾ وري اصغر سائينءَ جي وفات جو سنہ 1263 هجري ڄاڻايو ويو آهي. جيڪو درست ناهي ۽ بيدل سائينءَ جو ڄاڻايل سن وڌيڪ مستند آهي.

بيدل سائين مٿي ذڪر ڪيل درگاهن کانسواءِ جهوڪ شريف، پٽ شاهہ، درگاهہ شاهہ نصير نوشهرو فيروز، تجل شريف، ۽ پنهواري پٽ ويو جن جو تفصيلي ذڪر ڪرڻ طوالت جو سبب بڻبو.

تصنيف ۽ تاليف

فقير قادر بخش بيدل سنڌ جو هڪ جيد عالم، مُفڪر، عارف، باڪمال صوفي ۽ وحدت الوجودي شاعر هُيو. سندس علمي مانَ ۽ مرتبي جو ذڪر تہ اسين هن ڪان اڳ ڪري چُڪا آهيون هتي اسين بيدل سائينءَ جي انهن تصنيفات ۽ تاليفات جو وچور پيش ڪنداسون جيڪي سندس عارفانہ ۽ عالمانہ شخصيت جو نہ صرف ڇڻو عڪس پيش ڪن ٿيون بلڪ ان ڳالهہ جو ثبوت بہ پيش ڪن ٿيون تہ بيدل سائينءَ جي پائي جو سنڌ جي تاريخ ۾ ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ورلي صوفي عالم ۽ عارف هوندو. بيدل سائينءَ جي علمي فضيلت ۽ عرفاني منزل جو اندازو ان مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو تہ بيدل سائينءَ پنهنجي 59 سالن جي حياتيءَ ۾ عربي، فارسي، اردو، سنڌي ۽ سرائڪي هولين ۾ نظم توڙي نثر جا بيمثال ڪتاب تصنيف ڪيا جن مان بہ سواءِ ٽن ڪتابن جي سمورا ڪتاب عربي ۽ فارسي هولين ۾ اٿس. بيدل سائينءَ جا اهي بي مثال ۽ اعليٰ پائي جا ڪتاب سندس صوفياڻي، رندي ۽ مجازي ڪلام کان سواءِ قرآن پاڪ جي ڳوڙهي اپياس، علم حديث، تاريخ، تصوف جي اهم موضوعن، رازن، اسرارن، اشارن بابت تصوف جي طالبن کي هڪ چٽي روشني ۽ رهنمائي بخشن ٿا. ان لحاظ کان بيدل سائين سنڌ ۾ سمورن صوفي بزرگن ۽ عالمن ۾ پنهنجو مَٹُ پاڻ آهي. هتي اسين فقير قادر بخش بيدل جي سمورين تصانيفات جو سلسليوار تعارف پيش ڪريون ٿا. جن ۾ بيدل سائين جي ڪلام جا ديوان، مثنويون، سندس سنڌي ۽ سرائڪي ڪافين جو ڪتاب سرود نامو ۽ سندس بيتن جي مجموعن وحدت نامو ۽ فرائض صوفيہ کان علاوه عربي ۽ فارسي هولين ۾ هيون نثري تصانيف شامل آهن. اهڙي طرح سندس سيني ننڍن ۽ وڏن ڪتابن جو ڪُلُ تعداد 34 ٿئي ٿو.

1. مثنوي رياض الفقر

فقير قادر بخش بيدل هيءَ تصنيف پهرين فارسي مثنوي جي روپ ۾ سن 1258هـ ۾ مڪمل ڪئي، جڏهن سندس عمر 27 سال هئي. رياض الفقر ۾ صوفي درويشن ۽ فقيرن جي رياضتن جو بيان آهي ۽ منجهس هڪ هزار شعر آهن. 27 سالن جي ڦوهہ جوانيءَ ۾ ايڏي وڏي علمي فارسي منظوم تصنيف سو بہ تصوف ۽ روحانيت جي موضوع، تي بيدل سائينءَ جي علمي ۽ فني ڪمال کي ظاهر ڪري ٿي. مثنوي "رياض الفقر" کي بيدل سائين جي مجازي محبوب قاضي پير محمد پنهنجن هٿ اکرن ۾ سن 1264هـ ۾ نقل ڪيو جنهن کي وري مرحوم فقير غلام علي مسرور 1 نومبر 1924ع تي نقل ڪيو. مثنوي "رياض الفقر" جي شروعات هنن شعرن سان ٿئي ٿي:

الا اي ساقي پيمانہ عشق　　رهم بکشا سو ئي مئخانہ عشق
رسان بوئي محبت در دماغم　　لبالب شوق خود گردان ايا غم

مثنوي رياض الفقر جو اختتام هنن شعرن سان ٿئي ٿو، جنهن ۾ مثنويءَ ۾ شامل شعرن جي تعداد ۽ تصنيف جي سن کي بہ شعر ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي.

غرض اين پاره الفاظ خوشرنگ، هزار ابيات شد منظوم فرهنگ
بهفتم شهر رمضان وقت پشين، بشد آراستہ اين پيکر چنين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

دو ازده صد فزوه ز و هشت پنجاه، بود سالش بنزد مرد آگاه.(116)

2. ديوان: سلوک الطالبين

بيدل سائينءَ جو هي فارسي ديوان سن 2006ع ۾ بيدل يادگار کاميٽيءَ پاران شايع ڪيو ويو آهي جنهن کي ڊاڪٽر خضر نوشاهي صاحب مُرتب ڪيو آهي. 90 فارسي غزلن تي مشتمل هي ديوان بيدل سائين سن 1259هـ ۾ تصنيف ڪيو جنهن ۾ پاڻ پنهنجو تخلص "طالب" استعمال ڪيو اٽائين. فارسي ڪلام جي هن ديوان کي به قاضي پير محمد سن 1280هـ ۾ نقل ڪيو جنهن بعد هن ڪتاب کي بيدل سائينءَ جي فرزند فقير محمد محسن بيڪس سن 1293هـ ۾ پڻ نقل ڪيو.

ڊاڪٽر خضر نوشاهي لکيو آهي تہ انهيءَ ديوان ۾ بيدل سائين پورو فني زور ڏيکاريو آهي. ديوان سلوک الطالبين ۾ خاص ڳالهہ اها آهي تہ هر غزل ۾ جنهن حرف جو رديف مقرر آهي ان غزل جي هر مصرع انهيءَ ئي حرف سان شروع ٿئي ٿي. هن فارسي ديوان ۾ بيدل سائينءَ جو هڪ عربي غزل بہ شامل آهي. ديوان سلوک الطالبين ۾ بيدل سائين نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم، اصحاب اڪرام، ۽ امامن پاڪن سان پڻ عقيدت جو اظهار ڪيو آهي. سندس هڪ غزل جي رديف ۾ هڪ بزرگ "رشد الحق صفي الله" جو ذڪر پڻ آهي.

هادي مهدي مرشد راهہ رشد الحق صفي الله
سر الاهي شاهنشاه رشد الحق صفي الله

ڊاڪٽر خضر نوشاهي موجب هن ديوان ۾ بيدل سائينءَ ۽ علامہ اقبال جي فڪر جي مماثلت ملي ٿي يعني جيڪو فڪر علامہ اقبال ڏنو اهو ساڳيو فڪر علامہ اقبال کان گهڻو اڳ بيدل سائين جي ڪلام ۾ ملي ٿو.

مثال: پري هي چرخ نيلي فام سي منزل مسلمان کي (علامہ اقبال)
اهو ساڳيو خيال اقبال کان پهريان بيدل سائين وٽ هن طرح آهي:

ز عرش اعظم بالاست آشيانہ تو
قفس شکن بسوئي آشيان بکن پرواز.
(بيدل)

ديوان سلوک الطالبين جي پهرين غزل جو مطلع هن طرح آهي.

الاهي موج وحدت بخش درياي خيالم را
بہ بحرِ حال گم گردان حباب قيل و قالم را.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بيدل سائينءَ جي انهيءَ فارسي غزل کان اڳ ۾ اسان کي ساڳي تتبع تي لکيل حضرت مير جان الله شاه رضوي اول ۽ حضرت مير جان الله شاه رضوي ثاني جا غزل ملن ٿا جيڪي ترتيبوار سندن ديوان مير ۽ ديوان عاشق ۾ شامل آهن.

الاهي جوش طوفان بخش چشم اشکبارم را
سحاب دجله افشان کن رگ ابر بهارم را
(مير جان الله شاه رضوي اول)

الاهي موج طوفان بخش اشک ديد گريان را
سحاب آسا بر افشان کن مداهم چشم گريان را
(مير جان الله شاه رضوي عاشق)(117)

ديوان سلوک الطالبين جي آخري غزل جو آخري شعر هن طرح آهي، جنهن مان هن ديوان جي تصنيف جو سال به نڪري ٿو.

يمن قلب طالب در فقره تار بخش
مضمون رموز کن بنو شت باتمامي.(118)

3. رموز القادري

بيدل سائينءَ هن فارسي مثنويءَ ۾ غوث الاعظم سيدنا عبدالقادر جيلاني جي عربي تصنيف قصيده غوثيه جي فارسي نظم ۾ شرح ڪئي آهي. هي ڪتاب به 1259هـ ۾ تصنيف ٿيو ۽ قاضي پير محمد 1280هـ ۾ نقل ڪيو. مثنوي "رموز القادري" جي شروعات هنن شعرن سان ٿئي ٿي.

عشق ساقي سالکان ست اي رفيق، مي دهد پئمانه لبريز از رحيق
آن رحيق خوشگوار و مشکبوئي، کزوي آدم گشته سرخوش باده جوئي.

رموز القادري جا آخري شعر هن طرح آهن:

شربت از جا م طلب نوشان سرا آيت وحدت بيا موزان سرا
هديه ام بخشا ز باغستان عشق بيدلم فرما عطايم جان عشق(119)

4. مثنوي دلڪُشا:

بيدل سائين هي مثنوي سن 1263هـ ۾ تصنيف ڪئي جڏهن سندس عمر 32 سال هُئي. بيدل سائين جي هن پُر لطف ۽ پُراسرار مثنويءَ ۾ ذڪر فڪر بابت شعر چيل آهن. جنهن ۾ بيدل سائين ذڪر فڪر بابت هڪ اُستاد جي روپ ۾ سمجهاٽيون ڏنيون آهن ۽ ذڪر فڪر بابت هڪ هڪ نڪتو بيان ڪيو آهي. مثنوي دلڪشا جو هڪ نسخو سن 1295هـ ۾ فقير محمد محسن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بيڪس نقل ڪيو هيو نسخو قاضي غلام مهدي بن قاضي پير محمد 1310ھ ۾ پڻ نقل ڪيو. مثنوي دلڪشا ۾ ڪل 279 شعر آهن. پهريون شعر هن طرح

حمد محبوبي ذكرش دل كشاست، باعث تفريح طبع و جا نفز است

جڏهن ته آخري شعر هن طرح آهي:

قصہ کو تہ شد نفس رابر میار جز بذکر شائق دیدار یار(120)

"مثنوي دلڪشا" جو سنڌيءَ ۾ نثري ترجمو پروفيسر ڊي ڪي منشار اماڻي ڪيو جيڪو 1996ع ۾ صوفي سنگت بمبئي پاران شايع ٿيو، بعد ۾ ان کي ڊاڪٽر نواز علي شوق مرتب ڪيو جنهن کي بيدل يادگار ڪاميٽيءَ پاران 2005ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي.

5. مثنوي نهر البحر

فقير قادر بخش بيدل جي هيءَ نهايت ئي خوبصورت ۽ اهم مثنوي آهي. جيڪا سن 1264ھ ۾ تصنيف ٿي ۽ قاضي پير محمد سن 1280ھ ۾ نقل ڪئي، بعد ۾ قاضي پير محمد جي فرزند قاضي غلام مهدي پڻ ان کي سن 1310ھ ۾ نقل ڪيو. هيءَ مثنوي فقير قادر بخش بيدل، مولانا جلال الدين رومي کان متاثر ٿي ڪري ساڳي بحر وزن ۾ لکي آهي. ۽ ان جي نالي مان ئي اها ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ مولانا رومي صاحب جي مثنوي هڪ بحر آهي جڏهن تہ بيدل سائين جي اها مثنوي ان بحر مان نڪتل هڪ نهر آهي.

مولانا جلال الدين رومي جي مثنوي جا شروعاتي شعر هن طرح آهن:

بشنو از ني چون حكايت مي كند، و از جدائي ها شكايت مي كند

بيدل سائين ۽ جي مثنوي نهر البحر جا شروعاتي شعر وري هن طرح آهن:

بشنو از ني نغمہ سر الست، تا چہ مي گويد از ان عهد درست

مثنوي نهر البحر جا آخري شعر هن طرح آهن:

جرعہ از جام تعشق كن كرم حرمت هر اوليائي محترم(121)

6. ديوان مصباح الطريقت

فقير قادر بخش بيدل جو هي فارسي ديوان سيني شعري تصانيف کان ضخيم ۽ اهم آهي. بيدل سائين هي فارسي ديوان حافظ شيرازيءَ کان متاثر ٿي ڪري 1265ھ ۾ تصنيف ڪيو. ديوان مصباح الطريقت کي پڻ ڊاڪٽر خضر نوشاهي صاحب مُرتب ڪيو آهي جنهن کي بيدل يادگار ڪاميٽي پاران شايع ڪيو ويو آهي. ان ۾ بيدل سائينءَ جو فن توڙي فڪر ڪمال درجي جو آهي. ديوان مصباح الطريقت ۾ مختلف شعري صنعتون ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

خوبصورتيون شامل آهن. جڏهن ته ان ۾ هڪ اهڙو غزل به شامل آهي جيڪو غير منقوط (بغير نقطي جي) آهي. مطلب ته ديوان مصباح الطريقت ۾ بيدل سائينءَ جي رندي ۽ عافانه ڪلام جي پالوٽ آهي جنهن ۾ فارسي غزل جي ديوان کان سواءِ ٻيون فارسي شعري صنفون رباعيات، مخمس، مسدس، قطعات، ۽ فرديات پڻ شامل آهن. جڏهن ته هن ديوان ۾ بيدل سائين جا ڪجهه عربي غزل به شامل آهن. ديوان مصباح الطريقت جو پهريون شعر هن طرح آهي.

الاهي مطلع انوار وحدت ساز جانم را
ز ظلمت هائي كثرت رستگاري ده روانم را

ديوان مصباح الطريقت جو آخري شعر هن طرح آهي:

صوفي و صفا كيشي هم بيدل درويش
در جلوه حسن از دل آرام ربائي(122)

7. ديوان منهاج الحقيقت

بيدل سائينءَ جو هي نندڙو فارسي ديوان آهي جنهن کي پڻ بيدل يادگار ڪاميٽي پاران 2007ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي. جنهن جو مرتب پڻ ڊاڪٽر خضر نوشاهي آهي. هي فارسي ديوان سن 1265هـ ۾ تصنيف ٿيو. ديوان منهاج الحقيقت ۾ ڪُل 28 غزل آهن يعني هر رديف جو هڪ غزل آهي. پهرين غزل جو مطلع هن طرح آهي:

اي رخ تو به چشم جان آئينه خدا نما
نور صفاش سو خته پرده ديده دل مرا

آخري غزل جو مقطع هن طرح آهي:

بيدل از تو در ره تو حيد مي خواهد مدد
المدد اي آنكه از هم پايه برتر يافتي(123)

8. ڪُرسي نامه قادريه

مرحوم عبدالحسين شاهه موسوي بيدل سائينءَ جي فارسي منظوم تصنيفات ۾ 10 نمبر تي "ڪرسي نامه صوفيان قادري" جو نهايت ئي مختصر ذڪر ڪيو آهي ۽ ان جا صرف ٻه شعر ڏنا آهن. دراصل "ڪُرسي نامه" فقير قادر بخش بيدل جا ٽي مختصر فارسي نظم آهن پهرين نظم ۾ بيدل سائين دعائيه انداز ۾ سرور ڪائنات حضرت محمد مصطفي صلي الله عليه وسلم کان وٽي هارهن امامن ۽ پوءِ ويندي قادري سلسلي جي بزرگن جو ذڪر شاه عبدالوهاب قادري تائين ڏنو آهي. جنهن ۾ 16 شعر آهن ٻي نظم ۾ ساڳي طرح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

انهن بزرگن جي ذڪر "طريق ثاني" جي عنوان ۾ ڪيو اٽائين جنهن ۾ ڪُل 7 شعر آهن. اهڙي طرح آخري نظم ۾ جنهن ۾ ڪل 6 شعر آهن انهن ۾ وري شاه عنايت جهوڪ واري جي سلسلي جي بزرگن ۾ جهوڪ ڏٽي کان پوء شيخ ابراهيم، شاه سلام الله، عزت الله، محمد زاهد، فضل الله، محمد صديق ۽ سندس فرزند بايزيد جو ذڪر ڪندي سمورن صوفي درويشن اڳيان دُعا جو طالب آهي. ڪرسي نامہ قادريہ جا اهي نظم فقير محمد محسن بيڪس پٽ سن 1294هـ ۾ نقل ڪيا آهن. پهرين نظم هن طرح شروع ٿئي ٿو.

يا رب بحر مت شہ كونين مصطفيٰ
يا رب بحرمت شہ شهدء كربلا

ڪُرسي نامہ جو ٻيو نظم هن طرح شروع ٿئي ٿو.

احمد و علي و حسن و شہ زين العابدين
باقر و امام جعفر و كاظم و علي رضا

آخري نظم هن طرح شروع ٿئي ٿو.

با حرمت وحيد شهيد فرنگ عشق
حضرت عنايت الله سلطان اصفيا(124)

9. سرود نامو:

هي بيدل سائينءَ جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪافين جو مجموعو آهي. جنهن جو تفصيلي ذڪر هن ڪتاب جي پيش لفظ ۾ ڪيو ويو آهي.

10. وحدت نامو(سنڌي):

هي بيدل سائينءَ جي سنڌي بيتن جو مجموعو آهي جنهن جو پٽ تفصيلي ذڪر هن ڪتاب ۾ الڳ طور ڪيو ويو آهي.

11. وحدت نامہ(اردو):

فقير قادر بخش بيدل جي شارح گلومل هرجاڻي 1943ع ۾ چپايل بيدل سائين جي وحدت نامي (سنڌي) جي پيش لفظن ۾ بيدل سائين جي اردو وحدت نامہ (اردو ڏوهيڙن جي مجموعي) جو ذڪر ڪيو آهي پر اردو وحدت نامي جا بيت ڪٿان ملي نہ سگهيا آهن البت گلومل هرجاڻي اردو وحدت نامي جو هڪ بيت ڏنو آهي:

وحدت دا چشمہ جاري هي هر نہ رمز حقيقي پائي هي
سادا پڑهني تهين چت چايا هي بيدل اكو الف پكايا هي(125)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

12. ديوان بيدل (اردو):

فقير قادر بخش بيدل جو هي اردو ديوان آهي جنهن کي مختلف قلمي ۽ چاپي نسخن ۾ بيدل سائين جي "غزليات هندي" جي نالي سان پڻ لکيو ويو آهي. بيدل سائين جي هن اردو کلام/ديوان کي قاضي پير محمد جي فرزند قاضي غلام مهدي 1893ع ۾ نقل کيو جنهن کي پهريون پيرو راقم الحروف مُرتب کري "بيدل جو اردو کلام" جي نالي سان 1997ع ۾ شايع کرايو ۽ ان جو ٻيو ايڊيشن بيدل يادگار کاميٽيءَ پاران 2003ع ۾ ديوان بيدل (اردو) جي نالي سان شايع ٿيو. ديوان بيدل (اردو) جو پهريون غزل هن طرح آهي:

دل وحدت طلب فارغ ز قيد جسم و جان هوگا
که بينک عاشقان دائم بملک لامکان هوگا

آخري غزل جو مقطع هن طرح آهي:

درد کي راه مين مشکل هي جانا بيدل
اس کون معلوم هي جوئي که قدم پاتا هي(126)

13. فرائض صوفيه:

هي به بيدل سائينءَ جي سنڌي بيتن جو ننڍڙو مجموعو آهي جنهن جو پڻ تفصيلي ذکر کتاب ۾ الڳ طور کيو ويو آهي.

14. قصئه هير رانجها:

هيءُ بيدل سائينءَ جو هڪ فارسي نظم آهي جنهن ۾ ڪُل 88 شعر آهن ۽ انهن ۾ هير رانجهي جي قصي کي منظوم کيو اٽائين. هير رانجها کي پڻ قاضي پير محمد نقل کيو.

زهرچه خامه نويسد بنامه دوران
سواد حرف غم عشق خوشترا ست بدان

هير رانجها جو آخري شعر هن طرح آهي:

بمير بيدل در عشق گر بقا خواهي
که بعد مرگ بيابي حيات جا ويدان.(127)

15. قصه ليليٰ و مجنون:

هيءُ پڻ بيدل سائينءَ جو هڪ ننڍڙو فارسي نظم آهي جنهن ۾ ڪُل 18 شعر آهن ۽ انهن ۾ ليليٰ مجنون جي تاريخي عشقيه داستان کي مختصر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪري پيش ڪيو ويو آهي. هن نظم کي فقير محمد محسن بيڪس 1294ھ ۾ نقل ڪيو. قصيہ ليليٰ و مجنون جو پهريون شعر هن طرح آهي:

عشق بازان رتبہ دارند عالي بيگمان
قصہ ايشان بود احسن قصص اندر جهان

جڏهن تہ آخري شعر هن طرح آهي:

ليليٰ آنجا بود بيدل قيس هم برزد بخاک
صد کتاب دانش و دين برفت از خانمان(128)

مٿي ذکر ڪيل فقير قادر بخش بيدل جي ٻن مختصر نظمن "قصہ هير رانجها ۽ قصہ ليليٰ و مجنون" کي گڏيل طور "روض عشق" جي نالي سان مرزا فتح علي بيگ مُرتب ڪيو آهي ۽ بيدل يادگار ڪاميٽي پاران ان کي 2009ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي.

16. ظهور نامہ:

مرحوم عبدالحسين شاه موسوي هن ڪتاب جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ "ظهور نامہ در تصوف بہ نغمہ اناالحق" هن ۾ ڪل 22 بيت آهن. شروعاتي شعر هن طرح آهي:

چون ذان حق شائق نام و نشان شده
با وصف احمدي بدو عالم عيان شده

آخري شعر هي آهي:

جز ذات بي تکيف موجود نيست هيچ
بيدل حديث فاد تو پاک از ميان شده(129)

17. قصيده من تواريخ:

فقير قادر بخش بيدل جي هيءَ هڪ اهم ۽ تاريخي تصنيف آهي جنهن ۾ پاڻ فارسي نظم ۾ سرور ڪائنات حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم ، اصحابن سڳورن، امامن پاڪن ۽ ڪيترن ئي بزرگن ۽ ولين جي وصال جون تاريخون ابجد منجهان ڪڍيون آهن. پير حسام الدين راشدي هن تصنيف جو نالو "تاريخهاي وفات" لکيو آهي جڏهن تہ گدومل هرجاڻيءَ "تاريخهاي" ۽ عبدالحسين شاهہ موسوي ان جو نالو "تواريخ رحلت هاي رجال الله" رقم ڪيو آهي، بيدل سائين جي فرزند فقير محمد محسن بيڪس پٽ 1294ھ ۾ بيدل سائينءَ جي ڪلام جي قلمي نسخي ۾ انهن فارسي نظمن کي نقل ڪيو آهي. جنهن ۾ هڪ حصي مٿان عنوان "قصيده من تواريخ" لکيو اٿائين. ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

حصي جي ٻن ٻن شعرن ۾ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم، اصحابن سڳورن، ٻارهن امامن، غوث پاڪ رضہ، قلندر شهباز، مخدوم نوح، شاه خير الدين، سيد عبدالڪريم، شاه حيدر حقاني، شاه شهيد جهوڪ واري، شاه عبداللطيف، محمد راشد روضي ڏٽي ۽ سچل سائين، جي وفات جي تاريخ ڪڍي آهي، بيڪس سائين هن جي ٻي حصي تي عنوان "تاريخهاي" لڪيو آهي جنهن ۾ پڻ ٻن ٻن شعرن ۾ بيدل سائين ڪربلا جي شهات کي ڪبريٰ قيامت، منصور حلاج جي شهادت کي وسطي قيامت ۽ شاه عنايت جهوڪ واري جي شهادت کي صغريٰ قيامت سڏيو آهي. انهيءَ حصي کان ٻين شخصيتن جي وصال جي تاريخن کي بيدل سائين فارسي نظم ذريعي تفصيلي بيان ڪيو آهي ۽ اهڙي نظم مٿان هر ان شخصيت/بزرگ جو نالو لکيل آهي. اهڙن بزرگن ۾ قلندر شهباز، مخدوم نوح، حضرت غوث بهاءُ الحق، حيدر حقاني، شاه عبداللطيف شامل آهي. ان بعد شاه شهيد جهوڪ واري جي شهادت جي قصي کي تاريخي طور تي فارسي نظم ۾ تفصيلوار پيش ڪيو اٽائين ۽ ان مٿان عنوان آهي: "قصيده تاريخ شهادت صاحب ڪريمان شهدان حضرت ميران پور" اڳي هلي ڪيترن کي بزرگن جي وفات جون تاريخون الڳ طور تي فارسي نظم ۾ لکيون اٽائين جنهن ۾ سندس مجازي محبوبن قاضي پير محمد ۽ غلام محمد جي وفات جا تاريخي نظم به شامل آهن. بيدل سائينءَ جي انهيءَ تاريخي تصنيف کي بيدل يادگار ڪاميٽي "تاريخي قطعات" جي نالي سان شايع ڪرايو آهي. جنهن جو مُرتب آهي مرزا فتح علي بيگ.(130)

18. پنج گنج:

"پنج گنج" فقير قادر بخش بيدل جي هڪ اعليٰ پائي جي نثري تصنيف آهي. جيڪا عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي ڇاڪاڻ تہ ان ۾ قرآن پاڪ جون آيتون، احاديث شريف، فارسيءَ ۾ مولانا روميءَ جي بيتن کان سواءِ سنڌيءَ ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا بيت شامل آهن. پنج گنج بيدل سائينءَ جو تمام گهٽو مقبول ڪتاب آهي ۽ علمي ۽ روحاني حوالي سان هن تصنيف جي اهميت مٿاهين آهي. پنج گنج ۾ تصوف ۽ عرفان جي موضوعن کي 40 درجن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ هر درجي لاءِ پنج دليل ۽ شاهديون بيان ڪيون ويون آهن. جن ۾ قرآن پاڪ جي آيت، حديث مبارڪ، مولانا رومي جي مثنوي جو شعر، شاه لطيف ڀٽائي جو بيت ۽ پنجين کا حڪايت شامل آهي. پنج گنج 1264هـ ۾ تصنيف ٿيو جنهن کي پڻ قاضي پير محمد نقل ڪيو. پنج گنج ڪتاب کي سڀ کان پهريان مرحوم سبحان بخش قريشي سنڌي ترجمي سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

گڏ مُرتب کيو ۽ 1976ع ۾ پٽ شاھ ثقافتي مرڪز پاران شايع کيو ويو بعد ۾ ان ڪتاب کي اردو ترجمي سان ڊاڪٽر نواز علي شوق مُرتب کيو جنھن کي شاھ لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي 2000ع ۾ شايع کيو آھي.(131)

19. فوائد المعنوي:

فقير قادر بخش بيدل جي هيءَ عربي نثري تصنيف آهي جنهن ۾ فقير بيدل سائين جا 177 اقوال شامل آهن جيڪي انتهائي شاندار ۽ وڏي معنيٰ خيز آهن. مثال طور هڪ قول اٿس: "عشق بادشاه آهي جيڪو ٻنهي جهانن تي حڪومت ڪري ٿو." فوائد المعنوي 1264هـ ۾ قاضي پير محمد نقل کيو جنهن تان فقير غلام علي مسرور 1343هـ ۾ نقل کيو. فقير غلام علي مسرور جو ئي نقل کيل فوائد المعنويءَ جو نسخو سنڌي ترجمي سان مسرور پبليڪيشن ڪراچي پاران 2001ع ۾ شايع کيو ويو آهي. فوائد المعنوي جو آخري قول هن طرح آهي.

جنهن گفتگو کي مقصد بٹايو تنهن کي حال جو بخرو نصيب نہ ٿيندو.(132)

20. سند الموحدين:

فقير قادر بخش بيدل هن فارسي تصنيف ۾ وحدت جي باري ۾ سند طور مختلف بزرگن ۽ فقيرن جو چوندڙ ڪلام سهيڑيو آهي ۽ انهن جي عالمانہ شرح ڪئي اٿائين. هي ڪتاب بہ 1264هـ ۾ لکيو ويو ۽ قاضي پير محمد ان کي نقل کيو. هن ڪتاب ۾ مولانا رومي، قلندر شهباز، غوث الاعظم، خواجا حافظ شيرازي، شيخ سعدي، مولانا جامي، شيخ فريد الدين عطار، شاھ شرف، شاھ عبداللطيف ڀٽائي، مير قلندر علي رضوي، پير محمد راشد روضي ڏٽي، خواجہ عبدالحق درازي، ۽ سچل سرمست جو وحدت بابت ڪلام ڏئي ان جي شرح سمجھاڻي ڏني وئي آهي. جڏهن تہ "سند الموحدين" تصنيف ۾ بيدل سائين ابن العربي جي مقبول تصنيف فصوص الحڪم جي مختصر فارسي شرح پڻ ڪئي آهي.(133)

21. رموز العارفين:

فقير قادر بخش بيدل هي ڪتاب سن 1268هـ ۾ تصنيف ڪيو ۽ ان کي پڻ قاضي پير محمد نقل کيو، جنهن تان فقير غلام علي مسرور 1343هـ ۾ نقل کيو ۽ عنوان لکيو "نسخہ رموز العارفين". رموز العارفين ۾ بيدل سائين فارسي مثنوي جي گهاڙيتي ۾ مختلف بزرگن ۽ عارفن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

اقوالن ۾ اشعارن جي تشريح ڪئي آهي گويا عارفن جي رمزن کي کولي بيان ڪيو آهي. شروعات هنن اشعارن سان آهي

اي انکه توئي وجود مطلق ذات تو حقيقته الحقائق
با شکل مهر آ نچه هست پيدا از ملک و ملک توئي هويدا.

رموز العارفين جو آخري شعر هن طرح آهي:

اين نسخه کي اصل اهل دين است نامي برموز العارفين است
بيدل که نمود ترجماني اين چند رموز بس نهاني(134)

سندالموحدين ۾ حديث مبارڪن، امامن پاڪن جي قولن، اويسي قرني، منصور حلاج، بايزيد بسطامي، ابوالحسن فرقاني، جنيد بغدادي، ابوبڪر شبلي، خواجه عبدالله، معين الدين چشتي اجميري، خواجه فريد الدين شڪر گنج، ابن العربي، مولانا جلال الدين رومي، حافظ شيرازي، قلندر شهباز سيوستاني، ابو علي شرف قلندر، فخر الدين عراقي، شاه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سائين جي ڪلام جي تشريح ڪئي وئي آهي.

22. تقويت القلوب في تذكرة المحبوب:

فقير قادر بخش بيدل جو هي فارسي نثر جو ڪتاب آهي. جنهن ۾ پاڻ علم ۽ عرفان جو هڪ وڏو ذخيرو پيش ڪيو اٿائون. هن تصنيف ۾ پڻ قرآن شريف جي آيتن، حديث مبارڪن، بزرگن جي ڪلام ۽ اقوالن کي سهيڑيو ويو آهي. جن جي بيدل سائين عالمانه ۽ عارفانه انداز ۾ شرح ڪئي آهي. هي ڪتاب 1266هـ ۾ تصنيف ٿيو ۽ ان کي به قاضي پير محمد نقل ڪيو جنهن تان فقير غلام علي مسرور نقل ڪيو. تمهيد کان پوءِ مولانا رومي صاحب جي مثنويءَ جي شعرن کي پيش ڪري ان جي شرح ڪئي وئي آهي. اڳتي هلي قرآن شريف جون آيتون، احاديث شريف ۽ مختلف حڪايتون به بيان ڪيون ويون آهن. جن بزرگن جو ڪلام ڏنو ويو آهي انهن ۾ حافظ شيرازي، شاه عبداللطيف ڀٽائي، غوث پاڪ، منصور حلاج، مير جان الله شاه اول، مولانا عبدالرحمٰن جامي، مولانا رومي شامل آهن جن جي ڪلام کي حديث مبارڪ ۽ حڪايتن جي روشنيءَ ۾ روشناس ڪرايو ويو آهي.(135)

23. في بطن احاديث:

هن تصنيف ۾ فقير قادر بخش بيدل ڇهن حديثن مبارڪن جي معنيٰ ۽ تشريح ڪئي آهي جنهن کي قاضي پير محمد 5 رجب 1280هـ ۾ لکيو جنهن تان فقير غلام علي مسرور پڻ نقل ڪيو جيڪو نسخو راقم الحروف وٽ پڻ موجود آهي.(136)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

24. قرت العينين في مناقب السبطين:

هن تصنيف ۾ فقير قادر بخش بيدل ڪربلا جي واقعي متعلق حُسين واعظ ڪاشفيءَ جي ڪتاب "روضتہ الشهداء" جي چوند ڪئي آهي هن ڪتاب کي پڙ قاضي پير محمد 1280ھ ۾ لکيو جنهن تان هين ڪاتبن پڙ نقل ڪيو. هن ڪتاب کي محترم نوشاد علي جعفري صاحب وڏي محنت ۽ محبت سان سهيڙيو آهي ساڳي وقت ان جو سنڌي ترجمو بہ ڪيو آهي جنهن کي هن سال ئي 2011ع ۾ موج وحدت پبليڪيشن روهڙي پاران شايع ڪيو ويو آهي.(137)

25. انشاء قادري:

انشاء پردازي جو ڪتاب آهي، جنهن جو ذڪر پير حسام الدين راشدي، گدومل هرجاڻيءَ ۽ مرحوم عبدالحسين شاهہ موسوي پڙ ڪيو آهي. راشدي صاحب صرف ايترو لکيو آهي تہ هن ۾ فارسي زبان جا ڏهہ رقعا آهن جن کي ڪابہ تاريخ لکيل نہ آهي.(138) گدومل هرجاڻي لکي ٿو تہ هيءُ ڪتاب چئن پنن هن جزن جو انشاء نموني تي لکيل پارسي ۾ آهي. هن ۾ سي قسم جا القاب، آداب ۽ خاتمہ لکي پوءِ ڏهہ رقعا لکيا اٿس. گدومل هرجاڻي اهڙو هڪڙو القاب ۽ ان جي وضاحت پيش ڪئي آهي(139) جڏهن تہ مرحوم موسوي صاحب پڙ هن ڪتاب جو شروعاتي حصو نقل ڪيو آهي.(140)

26. تاريخ سنڌ:

هن ڪتاب جو ذڪر سي ڪان پهريان مرحوم سبحان بخش قريشي پنهنجي تاليف پنج گنج ۾ ڪيو آهي لکي ٿو تہ هي فارسي نثر ۾ آهي. گهٽو ڪري اُهي تاريخي ٽڪرا لکيا ويا آهن جن ۾ هين ملڪن جي بزرگان دين جي سنڌ ملڪ ۾ رهائش اختيار ڪرڻ بابت ذڪر آهي.(141)

27. خطبات:

مرحوم راشدي صاحب موجب هن ۾ جمعي جا 3 — 4 خطبا آهن(142) مرحوم موسوي صاحب لکي ٿو تہ هن ۾ ٽي خطبا آهن گرچہ آهن عربيءَ ۾ پر منجهن فارسي بيت چگي انداز ۾ آندل آهن ۽ پنهنجي رنگ ڍنگ ۾ لکيل آهن(143) مرحوم سبحان بخش چوي ٿو تہ هي چار خطبا شايد جمعي ۾ پڙهندا هوندا جو فارسيءَ ۾ لکيا اٿن(144) جڏهن تہ بيدل سائينءَ جا اهڙا 8 خطبا آهن جيڪي جمعي تي پڙهندا ها اهي خطبا سندس فرزند فقير محمد بيڪس 1294ھ ۾ نقل پڙ ڪيا آهن. جن جي قلمي نسخي جي ڪاپي راقم الحروف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

وٽ پڻ موجود آهي. بيڪس سائين پهرين خطبي جو عنوان "خطبتہ الجمعته المثنوي المعنوي" لکيو آهي. ان کان پوءِ خطبو ثاني، خطبو ثالث، خطبو اربعہ لکيو اٺائين اڳتي خطبو پنجون ۽ ڇهون ستون، اٺون پڻ نقل ڪيو اٺائين آخر ۾ اٺين خطبي جو عنوان "خطبتہ الجمعتہ في الوحدت" آهي. اهڙي طرح هي 33 صفحن جو ڪتاب ٿي وڃي ٿو. (145)

28. عقائد:

عقائد جي عنوان سان بيدل سائينءَ جو هڪ فارسي نظم آهي جنهن جا ڪُل 13 شعر آهن ۽ هڪ فارسي فرد اٿس. جڏهن ته عربي ۽ فارسي نثر ۾ پڻ بيدل سائين پنهنجا عقائد بيان ڪيا آهن. فقير محمد محسن بيڪس پڻ هنن عقائد کي 1294هـ ۾ نقل ڪيو آهي جنهن جي ڪاپي راقم الحروف وٽ موجود آهي. فارسي نظم وارو حصو مرحوم عبدالحسين شاه موسوي پنهنجي تاليف ديوان بيدل ۾ پڻ ڏنو آهي.(146)

29. لغت ميزان طب:

هن ۾ "ميزان طب" ڪتاب جي لغت يعني ڏکين لفظن جي معنيٰ لکي وئي آهي. گدومل هرجاڻي مرحوم قاضي غلام مهدي جي حوالي سان لکي ٿو ته جڏهن هو بيدل سائين وٽ ميزان طب پڙهندو هو ان جي لغت بيدل سائين لکي ڏني.(147)

30. وصيت نامو:

مرحوم عبدالحسين شاه موسوي لکيو آهي ته هڪ شخص امام بخش نامي چرچي ۾ چئي ويٺو ته مون ايمان وڪيو جنهن تي ماڻهن ۾ تاءُ پيدا ٿيو گرچه هن پچتايو ۽توبهہ ڪئي تڏهن بہ ماڻهن هن سان ڪائڻ پيئڻ بند ڪري ڇڏيو جنهن تي فقير صاحب (بيدل) هن جي امداد ۾ هڪ فتويٰ جاري ڪئي. مرحوم سبحان بخش هن وصيت نامي جو بيدل سائين جي خطبن سان گڏ ذڪر ڪيو آهي.(148)

31. وحدت نام (فارسي):

گدومل هرجاڻي بيدل سائين جي سنڌي وحدت نامي سان گڏ سندس فارسي وحدت نامي جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جڏهن ته حسام الدين راشدي وحدت نامہ جي سري هيٺ اهڙِي ڪتاب جو ذڪر ڪيو آهي جيڪو قاضي پير محمد مرتب ڪيو هو. ان متعلق لکي ٿو ته هي قاضي پير محمد بيدل جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

تصنيفن جو انتخاب ڪيو آهي ۽ ديباچي ۾ قاضي صاحب لکيو آهي تہ وحدت الوجود جي سلسلي ۾ جيڪي غزل مصباح الطريقت ۾ فقير صاحب چيا آهن تن سيني کي پنهنجي مطالعي لاءِ گڏ ڪيان ٿو. (149)

32. مخمسات:

مرحوم حسام الدين راشدي ۽ مولانا دين محمد وفائي بيدل سائين جي فارسي مخسمات جو الڳ ڪتاب طور ذڪر ڪيو آهي. راشدي صاحب موجب 24 صفحن جو آهي جنهن ۾ مخمسات سان گڏ فارسي غزل بہ آهن.(150) بيدل سائين جي فرزند فقير محمد محسن بيڪس پٽ بيدل سائين جي فارسي مخمسات کي 1294هـ ۾ نقل ڪيو آهي جن جي وچ وچ ۾ فارسي غزل ۽ قصيده بہ آهن. بيڪس سائين جو نقل ڪيل پهريون مخمس هن طرح شروع ٿئي ٿو:

ايدل از روز ازل آ شفتہ بروئي شما
جان بہ پيچ و تاب زان شبرنگ گيسو ئي شما(151)

33. متفرق فارسي ڪلام:

فقير قادر بخش بيدل جو هڪ اهڙو متفرق فارسي ڪلام بہ آهي جيڪو ڪنهن بہ اڳ ذڪر ڪيل ديوان يا مثنويءَ ۾ شامل ناهي. بيدل سائينءَ جي اهڙي متفرق ڪلام جو ذڪر پير حسام الدين راشدي پڌ ڪيو آهي فقير محمد محسن بيڪس پٽ بيدل سائينءَ جو متفرق فارسي ڪلام نقل ڪيو آهي. جنهن ۾ قصيده، مرثيا، غزل، فرد شامل آهن.(152)

34. صراط السالڪين:

مرحوم عبدالحسين شاه موسوي بيدل سائينءَ جي هڪ قلمي ڪتاب صراط السالڪين جو مبهم ذڪر ڪيو آهي پر ان جو ڪوبہ ڏس پتو ڪونہ ڏنو اٽائين.(153)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

مجازي مام

فقير قادر بخش بيدل جي صحبتي فقيرن، مريدنءِ طالبن جو انگ تمام گھٹو هيو، جن ۾ مسلمانن سان گڏ هندو پڻ شامل هئا. فقير بيدل جا ڪافي طالب ۽ مريد اڳتي هلي پاڻ بہ وڏا شاعر ۽ عالم بڻيا، پر هتي اسين انهن ٽن شخصيتن جو ذڪر ڪنداسون، جن کي فقير بيدل جي حوالي سان وڏي اهميت حاصل ٿي. اهي آهن: ڪرمچند، غلام محمد ۽ قاضي پير محمد. چاڪاڻ تہ انهن فقيرن کي فقير بيدل جي مجازي محبوب هئڻ جو درجو پڻ حاصل آهي. صوفين جي نزديڪ حقيقي عشق جي منزل حاصل ڪرڻ لاءِ مجازي عشق جو ڏاڪو پار ڪرڻ ضروري آهي. اهڙي طرح اسان جو بيدل سائين بہ اهڙي مجاز ۾ يگانو ۽ نرالو ۽ عشق جو اوتار بڻيو. مٿي ذڪر ڪيل فقير بيدل جا صحبتي فقير پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پاڻ بہ وڏي ڪمال جي شخصيت جا مالڪ هئا، پر هن کان اڳ انهن جي شخصيت جي ٻين پهلوئن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. فقير بيدل جي صحبتي فقيرن منجهان خاص طور تي فقير غلام محمد ۽ قاضي پير محمد کي وڏو مان ۽ مرتبو حاصل آهي، هو پنهنجي وقت جي اهم صوفي سرواڻ فقير بيدل جا نہ صرف مريد هئا، پر سندس فڪر ۽ سلسلي جا اهم سپاهي پڻ هئا، پر فقير بيدل جيئن تہ هڪ سچو صوفي ۽ پير پرستيءَ جي خلاف هو، تنهن ڪري هن جو پنهنجي پيارن طالبن ۽ مريدن سان سلوڪ هڪ محبتي دوست ۽ ساٿي جهڙو هيو. اهو فقير بيدل جي حسن سلوڪ، اخلاق، انوکي فڪر ۽ پُر اثر شخصيت جو ئي اثر هو، جو اهي شخصيتون ڇڪجي سندس حلقي ۾ شامل ٿيون ۽ پنهنجي سموري حياتي فقير بيدل جي شخصيت ۽ فڪر کي اَرپي ڇڏيائون، هتي فقير بيدل جي انهن اهم صحبتي فقيرن ۽ محبوب دوستن جو احوال پيش ڪجي ٿو.

ڪرمچند

فقير قادر بخش بيدل پنهنجي تعليم تربيت ۽ سير سياحت کان پوءِ عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهيو. تان جو سندس هڪ نوجوان ڪرمچند سان نينهن جو ناتو جڙي ويو. ڪرمچند بجاج روهڑيءَ ۾ رهندڙ بيدل جي جوانيءَ واري دور جو دوست هو. مرحوم سبحان بخش قريشي، فقير بيدل ۽ ڪرمچند جي دوستيءَ جو سن 1248هجري ڄاڻايو آهي(154) بيدل جي سمورين سوانح عمرين ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ انهيءَ زماني ۾ ڪرمچند جو بکر ۾ انگريزن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

چانوٽيءَ لڳ دوڪان هيو فقير بيدل ڪرمچند جي سڪ ۽ محبت ۾ روزانو روهڙيءَ کان بکر ويندو هو ۽ شام جو واپس موٽندو هو. تاريخ جا ورق اٽلائڻ سان اسان کي انگريزن جو بکر تي قبضي ڪرڻ ۽ ان ۾ فوجي چانوٽي ٺاهڻ جو سن 1838ع مطابق 1254هجري معلوم ٿئي ٿو. برڪ مورخ مولائي شيدائي لکي ٿو تہ "وائسراءِ لارڊ آڪلينڈ ڪابل سان جنگ ڪرڻ جو ارادو ڪيو، تنهن ڪري بولان جو رستو صاف ڪرڻ کان اڳ وائسراءِ اليگزينڊر برنس کي 8 شوال 1254هـ ۾ مير رستم ڏانهن مُڪو جنهن سنگينن جي زورتي بکر جو قلعو هٿ ڪيو. بکر ۾ فوجي چانوٽي بڻجڻ ڪري سکر پراٽي ۽ روهڙي جي هندن ناري معصوم هينيان فريئر روڊ جي منهن وٽ ننڍين جهوپڙين ۾ سيدي سامان جا دوڪان کوليا." (155) ڪرمچند به انهن ئي ڏينهن ۾ يا سال ۾ کان پوءِ يعني (56-1255هـ ۾) چانوٽي لڳ دوڪان کوليو هوندو. ان وقت فقير بيدل جي عمر 24 سال ٿئي ٿي. جڏهن تہ ڪرمچند سندس هم عمر يا کٽي ۾ ٽي سال ننڍو هوندو. چاکاڻ تہ هو ايتري عمر تائين رسيل هوجو هو اڪيلي سر دڪان هلائيندو هو ۽ هن کي دوڪان، ڪاروبار ڪرڻ لاءِ روزانو روهڙيءَ کان بکر پيادل اچڻو وڃڻو پوندو هو. فقير بيدل جو ڪرمچند سان مجاز وارن ڏينهن جو هڪ واقعو پڻ ڄاڻايو ويو آهي. موسوي عبدالحسين شاهہ لکي ٿو تہ: انهن ڏينهن ۾ صديق فقير (ضلعو ٺرپارڪر وارو) اچي ميان سوال شاهہ جي اوطاق ۾ لٿو. صديق فقير جي تشريف آوريءَ جو ٻڌي بيدل فقير به آيو، صديق فقير ڪيس آڇيان ڪئي ۽ چيائين تہ "اڇو، هندو فقير" بعد ۾ بيدل فقير کان جڏهن پڇيو ويو تہ توهان کي هندو ڪري ڇو سڏيائون؟ ٻاڻ جواب ڏنائون تہ "مون هڪ هندو ڪرمچند ۾ فنا ڪاڏي آهي، تڏهن هندو ڪري سڏيو اٿن." (156) ٻئي هنڌ آيو آهي تہ صوفي صديق فقير عمر جي آخري حصي يعني پيرسنيءَ ۾ روهڙي آيو هو.(157) صديق فقير وصال کان پنج ڇهہ سال پهريان روهڙي آيو هوندو تہ اهو سن 1259هجري بيهي ٿو. مرحوم سبحان بخش قريشيءَ، ڪرمچند جوفقير بيدل سان مجاز جو عرصو ٽي سال ڄاڻايو آهي.(158) موسوي عبدالحسين شاهہ لکيو آهي تہ فقير بيدل ڪرمچند کان منهن مَٽي وڃي روهڙيءَ پنهنجي دڪان تي ويٺو(159). ان ڳالهہ مان فقير بيدل جي ڪرمچند سان ناراضگي معلوم ٿئي ٿي. هڪ اهم روايت اها به آهي تہ فقيربيدل ڪرمچند جي بکر ۾ انگريزن جي چانوٽي لڳ دڪان کولڻ تي سخت ناراضگيءَ جو اظهار ڪندوهو. فقير بيدل جيئن تہ هڪ وطن دوست صوفي ۽ وحدت الوجودي هو، تنهن ڪري فطري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

طور تي هو ڏارين فاتحن کان نفرت ڪندو هو. گمان آهي تہ پوءِ هن ڪرمچند کي دڪان بند ڪرڻ جو زور رکيو ڪرمچند سندس اهو چيو نہ مڃيو جو فقير بيدل جلد ئي ساڻس منهن مٽي آيو. ڪرمچند جي ديهانت جي تاريخ ڪٿي بہ ڄاڻائي نہ وئي آهي البت گلومل هرجاڻي لکيو آهي تہ "اهو ساڳيو ڪرمچند، بيدل فقير وٽ عمر جي آخري وقت تائين ايندو ويندو هو"(160) ان مان خبر پوي ٿي تہ ڪرمچند بيدل سائين جي حياتيءَ ۾ ئي ديهانت ڪري ويو هيو.

غلام محمد فقير

فقير قادر بخش بيدل جي صحبتي فقيرن ۾ غلام محمد کي اهم حيثيت حاصل آهي. غلام محمد فقير بيدل جو قرب ۽ فيض حاصل ڪري وڏي مرتبي تي پهتو، سندس مرتبي ۽ منزل جي خبر بيدل فقير جي فرزند فقير بيڪس جي هن شعرمان چگي ريت پوي ٿي.

"بہ محبوب غلام محمد فقير مرغ لاهوتي" (فقير غلام محمد لاهوت لامڪان تائين اڏامندڙ پکيئڙو هو.)

غلام محمد ذات جو داروگر مغل، شڪارپور جو رهندڙ هو، سندس مائٽ اتي درزڪو ڏنڌو ڪندا هئا. فقير بيدل جڏهن ڪرمچند کان منهن مٽي روهڙيءَ ۾ پنهنجي دڪان تي ويٺو، تن ڏينهن ذوالحج مهيني ۾ وار مبارڪ جي سالياني زيارت لاءِ غلام محمد پنهنجن مائٽن سان گڏجي روهڙيءَ آيو، تان جو بيدل فقير جي ساڻس نظر فيض ٿي بيدل جي شخصيت غلام محمد تي ايترو اثر ڪيو، جو هو شڪارپور کان بنا مائٽن کي ٻڌائڻ جي بيدل سائين سان ملڻ روهڙي ايندو هو آخر جڏهن مائٽن غلام محمد کي روهڙي وڃڻ کان روڪي ويهاريو، تڏهن فقير بيدل پاڻ شڪارپور وڃي غلام محمد کي پاڻ سان وٺي آيو. غلام محمد سموري حياتي وٽس گذاري. غلام محمد فقير، بيدل کان پورو پورو فيض حاصل ڪيو ۽ تمام گهڻي نياز ۽ نوڙت ۾ رهيو. هن بيدل سائين کان سندس دڪان بند ڪرايو ۽ پاڻ درزڪو ڏنڌو ڪري جيڪو ڪمائيندو هو سو بيدل فقير جي خدمت ۾ حاضر ڪندو هو(161) قاضي پير محمد، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو، ان جو بيدل سائين وٽ اچڻ وڃڻ بہ غلام محمد جي معرفت ٿيو، ڇوتہ غلام محمد جو قاضي پير محمد سان ويجهڙائيءَ وارو رستو هو. موسوي صاحب لکيو آهي تہ هڪ ڏينهن غلام محمد فقير، بيدل کي عرض ڪيو تہ هڪ تہ بندي کي پنهنجي پيراندي کان جاءِ ڏيندا ۽ ٻيو تہ جنهن قرب جي نظر سان مونکي (غلام محمد کي) ڏسندا آهيو، تنهن سان ئي قاضي پير محمد کي ڏسندا (162) غلام محمد فقير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

1261هجريءَ ۾ وفات ڪئي ۽ ڪيس اهڙي هنڌ دفن ڪيو ويو جو هينئر سندس تربت فقير بيدل جي بلڪل پيراندي کان آهي. حيرت جهڙي ڳالهه آهي، جو سنڌ جو برڪ مؤرخ مرحوم حسام الدين شاهه راشدي 1933ع ۽ 1935ع ۾ ڇپيل پنهنجن مضمونن ۾ غلام محمد جي مزار شڪارپور ۾ ڄاڻائي آهي. هڪ هنڌ لکي ٿو ته "غلام محمد اڳي ئي مري نه وڃي ها ته بيدل سائين جي مزار به جيڪر اڄ شڪارپور ۾ هجي ها، مگر قدرت کي اهو منظور نه هو، جنهن ڪري غلام محمد جي فوت ٽيڻ بعد سن 1265هـ ۾ بيدل سائين وري اچي پنهنجو ڦٽل گهر آباد ڪيو."(163) ٻئي هنڌ لکي ٿو ته "يار کان پوءِ پلا شڪارپور جي شهر ۾ رهي چا ڪندو. تاهم ٻه ٽي سال دوست جي تربت تي گهاريائين ۽ نيٺ اچي پنهنجا اصلوڪا ماڳ روهڙيءَ ۾ وسايائين."(164). راشدي صاحب شايد اڻڄاڻائيءَ کان اهو بيان لکيو آهي نه ته هو شڪارپور جو اهو ماڳ ضرور ڄاڻائي ها، جتي غلام محمد جي مزار آهي. اڳتي هلي مرحوم عبدالحسين شاهه موسوي ۽ مرحوم سبحان بخش قريشي پنهنجن تذڪرن ۾ غلام محمد فقير جو تفصيلي احوال ڏنو آهي ۽ سندس مزار جي نشاندهي فقير بيدل جي مزار جي پيراندي‌ءَ کان ڪئي آهي. غلام محمد فقير جي مزار اڄ به روهڙيءَ ۾ فقير بيدل سائين جي پيراندي‌ءَ کان پنهنجي اصل شڪل ۾ موجود آهي، البته ان تي ڪوبه ڪتبو وغيره لڳل نه آهي. موسوي عبدالحسين شاهه، غلام محمد جي وفات وقت عمر 40-45 سال ڄاڻائي آهي.(165) هينئر جيڪڏهن غلام محمد فقير جي عمر وفات وقت (1261هـ ۾) 40 سال به ڪٽي مقرر ڪجي ته پوءِ غلام محمد جي ڄمڻ جو سن 1221هـ بيهي ٿو، ان لحاظ کان غلام محمد فقير، بيدل سائين کان عمر ۾ پورا 10 سال وڏو معلوم ٿئي ٿو ۽ جڏهن فقير بيدل سائينءَ وٽ غلام محمد جو اچڻ ٿئي ٿو، تڏهن فقير بيدل جي عمر 28 سال ۽ غلام محمد جي عمر 38 سال بيهي ٿي. موسوي صاحب لکيو آهي ته فقير غلام محمد، فقير بيدل وٽ ساندهه 20 – 25 سال رهيو.(166) جيڪو پڻ صحيح ثابت نه ٿو ٿئي، خود موسوي صاحب جي لکڻ مطابق جيڪڏهن فقيربيدل ڪرمچند کان منهن مٽائي غلام محمد سان سڪ پريت جو سلسلو وڌايو هو ته پوءِ ان جو سن اٽڪل 1257هـ بڌجي ٿو، ان لحاظ کان ڏسبو ته پوءِ غلام محمد پنهنجي وفات تائين، بيدل فقير جي صحبت ۾ صرف 5 سال رهيو. فقير غلام محمد جي وفات فقير بيدل تي وڏو اثر ڪيو ۽ ڪيس فقير غلام محمد جي وڇوڙي وڏو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

صدمو رسايو. آخر قلب کي قرار ڏيڻ لاءِ فقير بيدل هڪ پيرو وري سير سياحت اختيار ڪئي ۽ درويشن جي درگاهن تي حاضري ڏيئي ۽ سالڪن سان صحبت ۾ رهي، انڪل چئن سالن کانپوءِ 1265هـ ۾ روهڙي واپس آيا. فقير بيدل سائين، غلام محمد جي وفات تي ڏاڍيون رباعيون چيون آهن، حسام الدين شاهه راشدي، بيدل جي انهن رباعين کي فقير غلام محمد جي وچوڑي جي غم ۽ گرئي ۾ سندس مرثيه خواني سڏيو آهي. هتي فقير بيدل جا غلام محمد جي وفات تي چيل اِهي شعرءِ رباعيون پيش ڪجن ٿيون، جن مان غلام محمد فقير جي شخصيت ۽ سندس بيدل فقير سان روحاني تعلق جي خبر پوي ٿي.

(1) رفت اج جهان غلام محمد مراگذاشت
مرهون به حسرت به تاسف اسير هم
پُر سيد دل چو سال وفاتش ز فکر پاک
سالک نظر بگفت مصفا ضمير هم.

(1261 هجري).

(2) چـــون غـــلام محـمـد از عـالـــم
به نهانخانه بي نشان به نهفت
غنچه تنگ صفات کرد قبا
گل جا نش به باغ ذات شگفت
سال فوتش از وَ بپر سيدم
نوگل روضهٔ جنانم گفت

(1261هجري)

(3) چون شد غلام محمد رحيل زين عالم
بماند بردل محزون داغ درد و بلا
سوال کردم تاريخ فوتش از هاتف
ندا رسيد بناگه چراغ بزم بها

(1261هجري)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(4) آن مخلص غلام محمد چون زين جهان
با جان شتافته به سُوي ملڪ سرمدي
ڪردم سوال سال و صالش ز عقل گفت
جاويد حاضري به جناب محمدي.

(5) چون مونسم غلام محمد وداع ڪرد
زين عالمي بماند به دل داغ و درد و غم
پر سيدم ازدل غمزده سال رحلتش
دل دردمند گفت ڪه غمگين مانده ام.
(1261هـ)

(6) آن مخلص يگانه ڪه خوش بود صحبتش
رفت از جهان بماند دل داغ حسرتش.
مقبول حق غلام محمد ڪه دور زد
خون شد دلم ز سوز غم و درد فرقتش
يا رب دوام باد بحق حبيب تو
فيضان ابر رحمت برخاڪ تربتش
جانش مدام غرق به بحر وصال دار
شادان نما به هويت نور وحدتش
شب چهار شنبه نوز دهم آخرين جماد
رسته ز قيد هستي تاريخ رحلتش.
(1261هـ)

(7) رفت از جهان غلام محمد مراگذاشت
مرهون به حسرت و بتاسف اسيرهم
پر سيد دل چو سال وفا تش زفڪر پاڪ
سالڪ نظر به گفت مصفا ضمير هم.
(1261هـ) (1261هـ)

فقير بيدل سائين جي انهن رباعين ۾ غلام محمد فقير جي شخصيت ۽ مرتبي جي خبر پوي ٿي. انهن کانسواءِ فقير بيدل، غلام محمد فقير جي وفات تي ٻيا به ڪي الوداعي نظم ۽ نوحا لکيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

فقير قاضي پير محمد

فقير قادر بخش بيدل جي صحبتي فقيرن ۾ مجازي محبوبن ۾ قاضي پير محمد کي سيني کان وڌيڪ اهميت ۽ حيثيت حاصل آهي. قاضي پير محمد، فقير بيدل جي صحبتي فقير ۽ محبوب دوست سان گڏوگڏ پاڻ ۾ ڪمال شخصيت جو مالڪ هو. قاضي پير محمد روهڙي جي ننڍن قاضين جو چشم و چراغ هو، جن کي خالدي قاضي ۾ چيو وڃي ٿو، چاڪاڻ ته سندن سلسلو اڳتي هلي خالد بن وليد سان ملي ٿو. خالدي قاضين جو وڏو جيڪو روهڙيءَ ۾ آيو، اهو هيو مفتي جيوند روحاني(167). موسوي عبدالحسين شاهه لکيو آهي ته قاضي پير محمد جو وڏو ڏاڏو قاضي مخدوم مفتي جيوند، شيخ صالح شاميءَ سان گڏ دهليءَ کان روهڙيءَآيو(168). مولانا عبدالوهاب چاچڙ خيال ظاهر ڪيو آهي ته مُلا مفتي جيوند، اڪبر يا جهانگير جي دور ۾ سنڌ ڏانهن آيو. مولانا چاچڙ صاحب وڌيڪ ڇاڻايو آهي ته روهڙي جي ننڍن قاضين (خالدي قاضين) ۾ قضا جو سلسلو مخدوم جيوند کان شروع ٿيو. انهيءَ کان پوءِ سندس پُٽ موسيٰ مفتي پوءِ ان جو پٽ جان محمد قاضي ٿيو. جنهن بعد قاضي جان محمد جو ٻيو نمبر پٽ مُلا عمر عالم سڳورو ۽ محتسب مقرر ٿيو.(169) فقير بيدل جو محبوب دوست قاضي پير محمد، محتسب ۽ عالم قاضي مُلا عمر جي پنجين پيڑهيءَ ۾ اچي ٿو. قاضي پير محمد جي والد جو نالو قاضي گل محمد ۽ ڏاڏي جو نالو قاضي فيض الله هو. قاضي پير محمد جي ڏاڏي جو پاڻ قاضي محمد عالم، وقت جو محتسب هو. پاڻ عالم هجڻ سان گڏوگڏ شاعر ۾ هو ۽ سندس تخلص خاڪي هو. خبر پئي ته قاضي پير محمد جو تعلق ۾ روهڙيءَ جي هڪ علمي خاندان سان هو. مرحوم سبحان بخش قريشي لکيو آهي ته قاضي پير محمد روهڙي شهر جو هڪ حسين و جميل شادي شده نوجوان ۽ شريف گهراڻي جو فرد هئو".(170) فقير بيدل، غلام محمد جي وفات کان پوءِ سنڌ جي مختلف شهرن جي سير سياحت کان پوءِ جڏهن 1265هجريءَ ۾ واپس روهڙي آيو، تڏهن هن قاضي پير محمد سان نينهن جو ناتو جوڙيو. حسام الدين شاهه راشدي لکيو آهي ته "روهڙي واپس اچڻ کان پوءِ ظاهري گهر ته آباد ٿيس، مگر باطني ديرو ته اجان تائين ويران هئس. دل ڏيئي بيدل ٿيو هو، سو نهايت پريشان گذارڻ لڳو، نيٺ روهڙيءَ جي قاضي پير محمد صاحب تي ڪٽي پرت جا پلاند وڌائين".(171) ان وقت فقير بيدل جي عمر 34 سال ۽ قاضي پير محمد جي عمر 20 سال هئي گدومل هرجاڻيءَ لکيو آهي ته "بيدل پنهنجي اوطاق چڏي قاضي پير محمد جي گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پرسان جاءِ تي مسواڻ تي ويٺو."(172) قاضي پير محمد جو بيدل وٽ اچڻ وڃڻ ۽ فقير غلام محمد جي ڏينهن ۾ ئي رهندو هو، پر فقير غلام محمد جي وفات بعد قاضي صاحب جو بيدل فقير سان نياز نوڙت جو رستو ويتر وڌي ويو. قاضي پير محمد شروع شروع ۾ پنهنجي طبعيت اندر گهڻو بي پرواهه ۽ سخت مزاج هو. پر جلد ئي فقير بيدل جي شخصيت ۽ علمي مرتبي کان متاثر ٿي هن جي طالبن ۾ شامل ٿي ويو. مرحوم سبحان بخش قريشي لکيو آهي ته 1263هـ ۾ قاضي پير محمد به بيدل صاحب کان ذکر فکر جي تلقين وٺي دم جي ڏن ۾ لڳي ويو.(173) قاضي پير محمد جيئن ته پاڻ به هڪ علمي خاندان سان تعلق رکندو هو، تنهن کري فقير بيدل جهڙي برڪ عالم ۽ صوفي سان رهندي ويتر ذهين بڻجي ويو. مرحوم سبحان بخش قريشي جي لکڻ موجب قاضي پير محمد عربي ۽ فارسي جو ڄاڻو ۽ خوشخطيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيو. اهوئي سبب آهي جو قاضي پير محمد، فقير بيدل جا اڪثر ڪتاب پنهنجن هٿ اکرن ۾ نقل ڪيا. موسوي عبدالحسين شاهه لکيو آهي ته قاضي پير محمد جو بيدل وٽ درجو اهڙو هيو، جهڙو حسام الدين چليءَ جو مولانا روميءَ وٽ، جيئن حسام الدين چلي، مولانا رومي جي واتان مثنويءَ جا بيت ٻڌندو ۽ لکندو ويندو هو، تيئن قاضي پير محمد به فقير بيدل جو گهڻو ڪلام لکيو.(174) قاضي پير محمد فقير بيدل جي تصنيفن ۾ ان جو مددگار ۽ ڪاتب رهيو. مرحوم سبحان بخش قريشي ته ايترو به لکيو آهي ته "قاضي صاحب جي جدائي (وفات) کان پوءِ بيدل صاحب جن ڪوبه ڪتاب نه لکيو، پر فراق جا ڪلام ۽ ڏوهيڙا چيا اٿس".(175) قاضي پير محمد هڪ طرف فقير بيدل جي تصنيفن کي پنهنجن هٿن اکرن ۾ لکيو، ٻئي طرف هن پنهنجي مطالعي لاءِ پڻ فقير بيدل جي ڪلام کي سهيڙيو. حسام الدين شاهه راشدي پنهنجي هڪ مضمون ۾ قاضي پير محمد جو مرتب ڪيل بيدل جي ڪلام جي ان قلمي ڪتاب جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو نالو "وحدت نامه" آهي. راشدي صاحب لکيو آهي ته هي قاضي پير محمد حضرت "بيدل" جي تصنيفن جو انتخاب ڪيو آهي. ديباچي ۾ لکي ٿو ته: "وحدت الوجود جي سلسلي ۾ جيڪي مصباح الطريقت ۾ فقير صاحب چيو آهي، تن سيني کي پنهنجي مطالعي لاءِ گڏ ڪيو اٿم." ان کان سواءِ (بيدل) جي هيٺين ڪتابن جو ان ۾ خلاصو ڏنل آهي. 130 صفحا فارسي غزل، قطعا، فرد، رباعيون ادائي صفحا رياض الفقر مان ورتل، 7 صفحا رموز القادري مان اخذ ڪيل، سادا ڏهه صفحا رموز العارفين مان ڪڍيل، 10 صفحا نهرالجر مان ورتل، هندي غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

14 صفحا، سنڌي ڪافيون 23 صفحا سي حرفي روپ جوڳ ۽ سي حرفي روپ بلاول"،(176) قاضي پير محمد جي ترتيب ڏنل انهيءَ ڪتاب مان خبر پوي ٿي تہ هو وحدت الوجودي فڪر سان تعلق رکندو هو ۽ ايترو تہ صوفي فڪر ۽ ان جي رمزن، اسرارن ۽ خيالن کان باخبر هو، جو هن فقير بيدل جي سيني تصنيفن جو نچوڙ قلمبند ڪيو. قاضي پير محمد جي علمي فضيلت ۽ ان جي سنڌي صوفيانہ شاعريءَ ڏانهن لاڙي هئڻ جو ثبوت ان ڳالهہ پر بہ ملي ٿو، جو محترم محمد فاضل شيخ پنهنجي هڪ ڪتاب پر نامياري شاعر علي گوهر شاه اصغر جي ڪلام جي هڪ اهڙي قلمي بياض جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو قاضي پير محمد جي خاص مطالعي لاءِ لکيو ويو.(177) قاضي پير محمد فقير، بيدل سائينءَ جي حياتيءَ ۾ 17 جنوري 1829ع، 3 شوال سن 1285هجريءَ ۾ وفات ڪئي. فقير بيدل جي هڪ شعر مان سندس وفات وقت عمر 40 سال معلوم ٿئي ٿي. قاضي پير محمد جي تربت ريلوي لائين روهڙيءَ پرسان مشهور عالم مولوي عبدالحليم ڪنبويءَ جي مزار لڳ آهي. قاضي پير محمد جي منزل ۽ مرتبي جي خبر فقير بيڪس جي هن شعر مان چگي ريت پروڙي سگهجي ٿي.

"ڪہ قاضي پير محمد مست و مجذوب خمار عشق"

فقير بيدل کي فقير غلام محمد جيان قاضي پير محمد جي وڇوڙي پڻ تمام گهٽو صدمو رسايو ۽ جهوري وڏو. چوتہ قاضي صاحب سندس هڏ ڏوکي، مونس، غمخوار ۽ محبوب دوست سان گڏوگڏ وڏو طالب ۽ مريد هيو. فقير بيدل، قاضي پير محمد جي وفات تي بہ ڪافي مرثيہ خواني ڪئي آهي، هتي فقير بيدل جا قاضي پير محمد جي وصال تي چيل چند شعر پيش ڪجن ٿا، جن مان قاضي پير محمد جي فقيراڻي شخصيت ۽ مرتبي جي بہ خبر پوي ٿي، تہ ساڳئي وقت فقير بيدل جي ساڻس قرب ۽ تعلق جي بہ ڄاڻ ملي ٿي.

تاريخ وصال:

اخي و عضدي بمزلتہ الروحُ مِن جسدي
مقبول بارگاهہ صمدي مغفور مرحوم قاضي پير محمد غفر الله له

(1) سالک طريق پير محمد ک در زمان
گو برده در سلوک طريقت ز سالکان
با خاص و عام داشت ره خدمت و نياز
مي ديد نور جلوه همت اوست را عيان
بعد از بلوغ سير الي الله سر نمود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سال چهل جدا ازتن آمد بہ ملک جان
سيم (3) شوال درشب يک شنبه نيم شب
دست از نشان بہ شست در آن بحر بي نشان
وقت عروج طائر روحش فرشته گفت
پرواز کرده نيم شب سوئي آشيان

سال 1285 ھ

ديگر: تاريخ وفات درويش، محبت کيش، محو ذات احد مغفور مرحوم قاضي پير محمد

(2) چون کہ قاضي پير محمد با هديٰ
کرد اندر عشق حق جان را فدا
دل زسال وصل او داده خبر
گفت بُد پروانہ شمع خدا

(سال 1285ھ)

ديگر: تاريخ وصال محبوب القلوب او صلہ الله اليٰ ما تيمناھ

پير محمد مظهر فيض الله
چون سَوي عالم بقا پيموده راھ
هاتف از سال وصالش باز گفت
در جهان جان گفت آرام گاھ.

(سال 1285 هجري)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بيدل سائين جو اولاد

فقير قادر بخش بيدل ۾ شاديون ڪيون، پهرين گهر مان ڪيس هڪ نياڻي تولد ٿيءِ ٻئي گهر مان ڪيس فرزند تولد ٿيا. موسوي صاحب موجب فقير بيدل کي تاريخن لکڻ جو بيحد شوق هو، جڏهن قاضي پير محمد جي چئني پٽن جي ڇمڻ جون تاريخون لکيون اٽس، تڏهن پنهنجن پٽن جون تاريخون چيون هوندائين، پر تولد جون تاريخون فقير بيدل جي صرف ٻن پٽن جون مليون آهن.(178) جيڪي آهن، محمد محسن (ڇم 1275هـ) ۽ محمد فريد (ڇم 1277هـ) جي هتي ڏجن ٿيون.

تاريخ تولد برخوردار محمد محسن (1275هـ)

بيست و ششم جمادالثاني زاد — محسن و مولدش مبارکباد
پنج هفتاد يک هزار دوصد — بد ز هجري رسول شاهه رشاد
حق تعاليٰ بحق حسنينش — از خوادث مصمون داراد

تاريخ تولد برخوردار محمد فريد (1277هـ)

شب آدينه بيست وسيم — از جماد اول فريد زاد
هفت، هفتاد يک هزار دوصد — بودکين ابتهاج دست بداد
يارب از فتنه دار مامونش — به نبي وآله الا مجاد

فقير بيدل جي ٽئين نمبر فرزند جو نالو، موسوي عبدالحسين شاهه، ۽ حسام الدين شاهه راشدي "امام بخش" ڄاڻايو آهي جڏهن ته مرحوم سبحان بخش قريشي ان جو نالو "خدا بخش" لکيو آهي.(179) فقير بيدل جي ٻن فرزندن "محمد فريد" ۽ "امام بخش" جي وفات تي پڻ اختلاف آهي. جهامنداس پانڌيا ۽ حسام الدين شاهه راشدي مطابق، بيدل جو فرزند "محمد فريد" ڇمندي ئي فوت ٿي ويو ۽ ٻيو فرزند "امام بخش" ڇٽن پنجن سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو جڏهن ته مرحوم سبحان بخش قريشي اهو ڄاڻايو آهي ته فقير بيدل جو فرزند "خدا بخش" ننڍي هوندي ئي گذاري ويو ۽ "محمد فريد" ڇٽن پنجن سالن جي عمر ۾ سن 1284هـ ۾ وفات ڪري ويو. جنهن جي تربت درگاهه بيدل جي ڏکڻ ۾ آهي.(180)

فقير بيدل پنهنجي وڏي فرزند تي پنهنجي والد صاحب جو نالو محمد محسن رکيو، جيڪو اڳتي هلي "بيڪس" تخلص سان سنڌي، سرائڪي، اردو فارسي ۽ عربي ٻولين جو نامياروشاعر ۽ صوفي بڻيو. سندس شروعاتي تعليم فقير بيدل جي فڪري اسڪول ۾ ٿي. جنهن بعد ڪجهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

وقت بيدل جي سؤٽ فقير عبدالله جي مڪتب ۾ به پڙهيو. طريقت جو مرشد به والد فقير بيدل هوس. بيڪس مجازي محبت جو ته هو پندار، پر راڳ وڻراڳي ۽ سماع ۾ هو پنهنجو مٽ پاڻ، حسام الدين شاهه راشدي لکيو آهي ته موج ايندي هيس ته پاڻ به گهنگهرو پائي يڪتارو ڪٽي ڪن تي هٿ رکي "الوميان" ڪندو هو.(181) بيڪس جو "ڪنئي"سان مجازي محبت جو پيوند هو، هري دلگير پنهنجي آتم ڪٿا ۾ ٻڌايو آهي ته: "ٻڌو هوم ته چانبوڪي رات ۾ درياهه جي ڪناري تي بيڪس واريءَ تي ليٽي راڳ ڳائيندو هو ۽ ڪنيو ناچ نچندو هو."(182) بيڪس سائين جي زندگيءَ وفا نه ڪئي ۽ پاڻ پنهنجي والد بيدل جي وفات کان صرف 9 سال بعد 23 ورهين جي ڏوهه جوانيءَ ۾ سن 1298هه مطابق 1 آگسٽ 1881ع تي وصال ڪري ويو.

فقير بيدل جو وصال

فقير قادر بخش بيدل 16 ذوالقعد 1289هه مطابق 15 جنوري 1873ع ۾ وصال ڪري ويو. سندس جنازي نماز ۾ سندس مريدن، طالبن ۽ فقيرن تمام گهڻي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، جن ۾ مسلمانن سان گڏ هندو پڻ شامل هئا. فقير بيدل کي اهڙي هنڌ رکايو ويو، جتي پاڻ اڪثر وقت اچي مراقبو ڪري ويهندا هئا. فقير بيدل جي مزار تي هيٺيون ڪتبو لڳل آهي، جيڪو حسام الدين راشدي پنهنجي مضمون ۾ پڻ نقل ڪيو آهي.(183)

رحلت نمود: تاريخ وفات مرحوم فقير ميان قادر بخش
وا! دريغا ڪه سالڪ ڪامل راند ناگه زدار دنيا رخش
هاتفم گفت سال رحلتش بود "طالب وحيد قادربخش"
سن 1289 هجري.

فقير بيدل جي مزار مٿان پهريان ڪچو ڪوٺو ٺهرايو ويو ۽ ٽن سالن بعد چوڪنديءَ نموني ڪشادي درگاهه تيار ڪئي وئي. ان بعد 1298هه ۾ فقير بيدل جي ساڃي پاسي فقير محمد محسن بيڪس ۽ 1301هه ۾ فقير بيدل جي ڪاهي پاسي فقير عبدالله کي دفنايو ويو. 1923ع ۾ ٽنهي مزارن [illegible] ڪائيءَ جو عجيب ڪٺهڙو ٺهي تيار ٿيو، 1945ع ۾ درگاهه جي ڀيهر تعمير ٿي، جيڪا موجوده صورت ۾ آهي. 1963ع ۾ درگاهه بيدل سان گڏ اُتر ۾ هڪ عاليشان مسجد پڻ تعمير ڪئي وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بيدل سائينءَ جي ڪلام جو مختصر جائزو

فقير قادر بخش بيدل جي باري ۾ اسان اهو اڳ ۾ ٻڌائي چُڪا آهيون تہ سندن علمي ۽ روحاني شخصيت وڏي ڪمال جي درجي جي هئي جو پاڻ برڪ عالم، عارف، ۽ وحدت الوجودي مفڪر هئا، پر جا ڳالهہ ڪيس سندن جي ادبي تاريخ ۾ ممتاز مقام ڏياري ٿي اهو آهي سندس اساسي ۽ عظيم شاعر هجڻ. بيدل سائين هڪ ئي وقت سنڌي، سرائيڪي، اردو، فارسي ۽ عربي ٻولين جو نہ صرف باڪمال شاعر هيو بلڪ انهن ٻولين ۾ پاڻ وڏيون علمي تصانيف پڻ لکيون جن جو تفصيلي اڀياس اسين تصنيف ۽ تاليف واري باب ۾ ڪري چُڪا آهيون. هن هيڊ اسين سندس سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جو مختصر جائزو وٺنداسون.

بيدل سائينءَ جي هن رسالي ۾ سندس سنڌي ۽ سرائيڪي ڪلام شامل آهي جنهن ۾ ترتيبوار سنڌي بيت (وحدت نامو، فرائض صوفيہ ۽ متفرقا بيت) سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافيون (سرود نامو) مرثيو، منقبت، سرائيڪي ڏوهيڙا ۽ سحرفيون شامل آهن. بيدل سائينءَ جو اهو ڪلام وحدت الوجودي فڪر، حسن ۽ عشق جي موضوع ۽ شاعري جي اعليٰ فن سان سرشار سنڌ جي اساسي ۽ عظيم شاعريءَ ۾ هڪ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو. جيتوڻيڪ بيدل سائينءَ کان اڳ سنڌ جي ڪلاسيڪل شعري تاريخ ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جهڙا عظيم شاعر پنهنجو وارو وڃائي چُڪا هئا ۽ بيدل سائين بہ انهن ئي بزرگن جي چڏيل فڪر ۽ فن کي زورائتي نموني اڳتي وڌايو تنهن هوندي بہ ڪافي حوالن سان بيدل سائين ان ڏس ۾ پنهنجو الڳ ٽلڳ مقام پيدا ڪيو، فني ۽ فڪري طور نئون ۽ نرالو انداز ظاهر ڪيو ۽ شاعريءَ جي فني گهاڙيٽن ۾ نوان تجربا پڻ ڪيا. اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري ئي ممڪن ٿي سگهيو تہ بيدل سائين پنهنجي وقت ۾ گهٽو پڙهيل ڳڙهيل سُڃاڻ شاعر هيو ۽ سندس مطالعو تمام وسيع هيو.

وحدت نامو

بيدل سائينءَ جي سنڌي شاعريءَ ۾ سندس سنڌي بيتن تي مشتمل "وحدت نامو" هڪ شاهڪار تخليق آهي. بيدل سائين کان اڳ "وحدت نامي"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جي ئي عنوان سان سچل سائينءَ جو چيل هڪ سنڌي بيت ملي ٿو جيڪو الف اشباع سان آهي ۽ ان جون 76 مصراعون آهن. بيدل سائين جيئن ته سچل سائين جو گهڻو معتقد هو، تنهن ڪري شايد پاڻ سچل سائينءَ جي وحدت نامي کان متاثر ٿي هي بيت لکيا پر فرق اهو آهي ته سچل سائينءَ جو وحدت نامو مختصر ۽ هڪ وڏي بيت جي شڪل ۾ آهي جڏهن ته بيدل سائينءَ جي وحدت نامي ۾ پورا 149 بيت آهن ۽ انهن ۾ بيدل سائين وحدت الوجود ۽ "هم اوست" واري بيان کي تمام گهڻو تفصيل وار، سهڻي نموني ۽ سمجهاڻين جي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. بيدل سائينءَ جي وحدت نامي متعلق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ تقرير ۾ چيو ته جيڪو به سنڌ جي تصوف کي سمجهڻ چاهي ٿو ته اهو بيدل سائينءَ جو وحدت نامو پڙهي. ڊاڪٽر صاحب اهو به ٻڌايو آهي ته بيدل سائينءَ جي انهن بيتن جو نسخو جيڪو جهوڪ شريف وارن وٽ رکيل آهي ان تي مٿان لکيو اٿن "قانون چء تصوف" يعني وحدت نامي جا اهي بيت تصوف جو قانون آهن.

بيدل سائين وٽ سنڌي بيت پنهنجو ڪافي ارتقائي سفر ڪري عروج تي نظر اچي ٿو جنهن "ڳاهه" ۽ "گنان" کان اڳتي وڃي قاضي قادن وٽ دوهي ۽ سورٺي جو گهاڙينو وٺي شاهه ڪريم وٽ "دوها سورٺا" جو گڏيل روپ ڏاري شاهه لطيف وٽ وڏيڪ وسعت اختيار ڪئي.

بيدل سائينءَ جي "وحدت نامي" جا سمورا بيت فني حوالي سان "دوها سورٺا" جي گڏيل گهاڙينٽي تي چيل آهن. جنهن جو پهريون بيت هن طرح آهي.

هستيءَ کي "هم اوست" ۾ ڪيو گم جنين
ڏٺو ترت تنين، اکين شعاع شهود جو .

اهو بيت توڙي وحدت نامي جا سمورا بيت "دوها سورٺا" چند جا آهن يعني انهن جي پهرين مصرع/سٽ دوهي جي ۽ ٻئي مصرع/سٽ سورٺي جي آهي اهڙي قسم جو پهريون بيت شاهه ڪريم لکيو هيو.

پاڻياريءَ سر ٻهڙو جر تي پکي جيئن
اسان سچڻ تيئن دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.
(شاهه ڪريم)

بيدل سائينءَ جي وحدت نامي جا پهريان پنج بيت هن هن سٽن جا آهن جن ۾ "هستيءَ کي هم اوست" ۾ جي وراٽي سان پاڻ کي هم اوست يعني وحدت ۾ گم ڪرڻ ۽ فنا ڪرڻ جو ذڪر آهي ۽ اهو ٻڌايل آهي ته ان ڪرڻ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

شهود جو شعاع، اثبات جو آڇوڙو ۽ آگم نروار ٿئي ٿو جئين منصور حلاج تي عيان ٿيو.

حالت جا حلاج جي سمورو آهي سوز
سدائين سوريءَ تي نيهن جو نوروز
رندي راز رموز ڪنهنکي سلن ڪينکي

بيدل سائينءَ جي وحدت نامي جي خاص خوبي انهن بيتن جون خوبصورت وراٽيون آهن جيڪي پنجن پنجن بيتن کان پوءِ تبديل ٿين ٿيون. بيتن جي وراٽي ۽ انهن جو سلسليوار تڪرار بيتن ۾ فني طرح هڪ خوبصورت موسيقيت ۽ رواني پيدا ڪري ٿو تہ ڀئي پاسي انهن وراٽين سان فڪري طرح بہ تصوف جي سبقن ۽ سمجهاڻين تي وڌيڪ زور اچي ٿو ۽ جيڪا ڳالهہ ٻڌائي ۽ سمجهائي وڃي ٿي ان کي بيت جي اها وراٽي ۽ تڪرار اڳتي وڌي هلي ٿو. بيتن جي وراڻ کي ڳنڍڻ لاءِ بہ هڪ خوبصورت انداز قائم ڪيو ويو آهي تہ هلندڙ وراٽيءَ وارن بيتن جي آخري بيت جي آخري پد کي ٻين ايندڙ بيتن جي وراٽي طور متعارف ڪيو ويو آهي جيئن حالت جا حلاج جي وراٽيءَ جو آخري بيت آهي.

حالت جا حلاج جي ربوبيت راز
حقيقت مجاز ايڪائيءَ ۾ ايڪ ٿيا.

انهيءَ بيت جي آخي حصي/پد ايڪائيءَ ۾ ايڪ ٿيا کي ٻين ايندڙ بيتن جي وراٽي طور آندو ويو آهي.

ايڪائي ۾ ايڪ ٿي معنيٰ ۽ صورت
اچي احديت دوائيءَ کي دور ڪيو

"دوها سورٺا" چند جي انهن بيتن ۾ ٻن ٻن سٽن ۽ ٽن ٽن سٽن جا بيت بہ شامل آهن. جڏهن تہ هڪ بيت چئن سٽن جو بہ آهي.

جي تون پسين پاڻ کي جئين ڪئين پسڻ آءِ
تلويح ۽ توضيح جي تاتي ناهي جاءِ
اصولن جي عقل ۾ هي سر ڪين سماءِ
وصولن وٽاءِ سٽي سمجهہ ڳالهڙي.

بيدل سائين وحدت نامي جي بيتن ۾ صوفين جي سرواڻ منصور حلاج جي مستيءَ واري حالت ۽ ڪيفيت کي محمدي معراج سڏيو آهي جئين چوي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

حالت جا حلاج جي محمدي معراج
سالڪن سرتاج مستيءَ ڪون منصور ٿيو

وحدت نامي ۾ ايڪائي ۾ ايڪ ٿيڻ جي ڳالھ ڪيل آھي اھڙي ايڪائي جنھن ۾ سڀ صفتون اصلي ۽ حقيقي ذات ۾ فنا ٿين ٿيون ۽ پوءِ حقيقي وجود ئي محيط بڻجي ٿو ۽ پوءِ سيئي لڳ لاڳاپا ۽ ناسوتي قيد زائل ٿي وڃن ٿا

ايڪائيءَ ۾ ايڪ ٿي سڀائي صفات
دين ڪفر نابود ٿيو ظئي ٿي طلسمات
دورڪري درجات مڙيائي محيط ٿيو.

وحدت نامي ۾ بيدل سائين وحدانيت ۽ توحيد جي وڏي مقام تي پھتل نظر اچي ٿو، جتي ڪثرت وحدت ۾ ائين گم ٿي وڃي ٿي جئين سج اُپرڙ سان ستارا گم ٿي وڃن ٿا.

حقيقت ۾ ھڪ ٿيو ڪفر ۽ ايمان
مظھرمولیٰ پاڪ جي ھندو مسلمان
تارا ڪيا تالان سورج سندي سوجھري.

وحدت نامي ۾ بيدل سائين قرآن شريف جون آيتون، حديثون ۽ ڪي عربي قول به آندا آھن جن جا ڪجھ مثال ھتي ڏجن ٿا.

قرآن شريف جو آيتون.

اونھي ھن اسرار جي جنين پُر جھي مام
لاخوف عليھم ولاھم يحزنون آياڻ آرام
عارف ٿيا علام، بيخودي باب پڙھي.

اچي ٿيو اثبات ۾ ڪا پڙين قرار
ھوالاول والآخر والظاھر والباطن سدا برھ بھار
جاڏي ڪن نھار تاڏي وستي ويجھڙي

ھوڪو ھم اوست جو، سڄ ساڻ يقين
اينما تولو فثم وجه الله حق ريءَ آھي ڪين
فرق ڪفر ۽ دين بيشڪ بھانو اتھين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

حديثون

پسي موج محمدي هاتڪ ٽيا حيران
من راني فقد راي الحق ساڃيو ئي سبحان
مڙيو ئي مهربانُ، صورت سپ سمائيو

پسي موج محمدي، قطرو ٽيو قلزم
عرفت ربي بربي مستي ٽي محڪم
رکيو قرب قدم بيراڳن باهوت ۾.

عربي قول

سدا ڪن سبحان جو ذڪر منجهارن ذوق
من اراد ان يجلس مع الله فيجلس مع اهل تصوف ۾ انهن جي جهوڪ
لکي منجهان لوڪ، ڪا لنو لائج ان سين.

سڌايائون سنگ کي سندي راز رهاڻ
الفقر لا يحتاج الا الله ڪنهنجي ڪين نہ ڪاڻ
عبديت جي آڻ ڪين جهليا سي ڪاپڙي.

فرائض صوفيہ

"وحدت نامي" ڪانپوءِ بيدل سائينءَ جا فرائض صوفيہ جي عنوان سان 23 بيت اڇن ٿا جن جي عنوان مان ئي ظاهر اهي تہ انهن ۾ صوفين جي فرضن کي بيان ڪيو ويو آهي. فرائض صوفيہ وارا بيت اصل ۾ وحدت نامي جو ئي تسلسل آهن جن ۾ وحدت نامي واري فڪر کي ئي اڳتي وڌايو ويو آهي. فني حوالي سان، فرائض صوفيا جي بيت بہ "دوها سورٺا" گهاڙيٽي تي چيل آهن ۽ اهي سمورا بيت ٽن ٽن سٽن جا آهن. پهريون بيت هن طرح آهي.

ڪوٺائين ٽو ڪلمہ گو ڪلمو پڙهڻ سڪ
فڪر جي ڦرهيءَ تي لاجو اڪر لڪ
معنيٰ واري مڪ حرفن مون هٿ آڻ تون.

ڪوٺائين ٽو ڪلمہ گو وراٽي آهي جيڪا شروعاتي ستن بيتن جي منڊ ۾ اچي ٿي. بيدل سائين انهيءَ وراٽيءَ کي ڪمال سان ٻين بيتن سان اهڙي طرح ڳنڍيندو ويو آهي جو ان سان هڪ طرف فڪري تسلسل قائم رهي ٿو تہ ٻئي طرف فني حوالي سان بہ خوبصورتي ۽ رواني پيدا ٿئي ٿي. ان طرح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪوڻائين ٿو ڪلمہ گو سان گڏ پُرجهي ڪلمو پڙهڻ، ڪل ڪلمي جي ڪول، لهہ ڪلمي جي ڪل، گهر ڪلمي جي گهير، ڪلمو نيئي ڪماءِ ۽ ڪلمو پيهي پس واري ڳالهہ ۽ نصيحت جو ورجاءُ بيتن جي سمجهاڻيءَ کي زورائتي نموني ظاهر ڪري ٿو. هي طرف اوهان ڏسندوءُ تہ وراٽين ۾ حرف تجنيس جي فن کي بہ پرپور نموني پيش ڪيو ويو آهي.

فرائض صوفيہ جي اٽين بيت کان وري نئين وراٽي "لاجو ڪنهون هٿ ڪري شروع ٿئي ٿي"

لا جو ڪنهون هٿ ڪري جنگ جسم سان جوڙ
نفيءَ واري نئن ۾ وڃي ٻيائي ٻوڙ
سالڪ سڳو سور نيهي اُٿي نانهن جو.

اسان ڏسندا سون تہ بيدل سائينءَ جي هنن بيتن ۾ فني حوالي سان حرف تجنيس جي خوبصورتي ۽ ٻوليءَ جا نوان اصطلاح ملن ٿا جهڙوڪ فڪر جي ڦرهي، لاجو ڪنهون، معنيٰ واري مڪ، نفيءَ واري نئن، نانهن جو سڳو وغيرہ. فرائض صوفيہ جا سمورا بيت اهڙين فني خوبين سان ٽمٽار آهن.

فڪري حوالي سان بيدل سائين "لا" يعني پنهنجي "نفي" ڪندي ٻيائيءَ کي انهيءَ نفيءَ واري نئن ۾ ٻوڙڻ جي صلاح ڏيندي "نانهن" يعني ٻيو ڪجهہ بہ نہ هئڻ ۽ "تون ئي تون" جو سڳو سورٺ جي ڳالهہ ڪري ٿو. اڳتي هلي ٻين بيتن ۾ انهيءَ فڪر کي زورائتو بيان ڪندي حوالي طور قرآن شريف جون آيتون، حديثون ۽ اقوال پڻ ڏنا اٽائين. مثال طور:

لا جو ڪنهون هٿ ڪي لڙائي ڪا لاءِ
وجاهدو في سبيله جوش جيئون جاڳاءِ
پير تون پڙ ۾ پاءِ سانگو لاهي سر جو

جڏهن "لا" يعني نفي ڪبي تہ پوءِ "الا الله" يعني اثبات ٿيندو ۽ ڪثرت وحدت جو روپ وٺي گم ٿي ويندي جڏهن عبادت ۾ نيهي نابود ٿبو تہ ساجد توڙي سجود پنهنجي مسجود ۾ محو ۽ فنا ٿي ويندا.

الا الله اثبات ڪر نيهي ٿيءُ نابود
تارن سندو تاب ويو پسي شمس شهود
ساجد ۽ سجود محو ٿيا مسجود ۾.

بيدل سائينءَ انهن بيتن ۾ نفيءَ کان اثبات ٿيڻ واري ڳالهہ بيان ڪندي منصور حلاج جو مثال بہ ڏي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

الا الله اثبات کرجئين کيوحلاج
لا اِلٰہ انا فاعبدون هي حلاجي هاج
ماڻي تون معران جي پاڻ پروڙين پانهجو

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو اثر

بيدل سائينءَ سنڌ جي سرتاج شاهہ عبداللطيفَ جو وڏو معتقد هو. شاهہ جي رسالي جو بيدل سائينءَ وڏي گهرائيءَ سان مطالعو کيو هيو ۽ ان جا چٽا عکس بيدل سائينءَ جي ٻين نثري تصنيفن ۾ ٻہ ملن ٿا. جڏهن اسان بيدل سائينءَ جي سنڌي شاعريءَ خاص کري بيتن تي نظر وجهون ٿا تہ انهن تي شاهہ لطيف جو وڏو اثر نظر اچي ٿو هتي اسين بيدل سائينءَ جي وحدت نامي ۽ فرائض صوفياء جي کن بيتن ۽ شاهہ لطيف جي بيتن کي پيش کريون ٿا جن مان خبر پوي ٿي تہ بيدل سائين شاهہ لطيف جي کلام کان گهڻو متاثر آهي.

لائي خنجر "لا" جو هن خچر کي هڻ
سڏن جون سيد چوي وٽيون سپ وکڻ
پير پروڙي کڻ تہ هلڻ ۾ هوري وَهين
(شاهہ لطيف)

"لا جوکنهون هٿ کري جسم سان تون جهيڙ
وساري وجود کي پير نفيءَجو پير
گهر فنا جي گهير تہ اوڏو ٽئين اثبات کي.
(بيدل)

آڏو جو اثبات کي سو شرک لاهي شک
هئي جنهن ۾ حق تنهن نفيءَ جهڙو ناهہ کو.
(شاهہ لطيف)

الا الله اثبات کر شارک چڏي شک
آکي انا الحق مسلماني ماڻ تون
(بيدل)

پاڻ ئي پسي پاڻ کي پاڻ ئي محبوب
پاڻ ئي خلقي خوب پاڻ ئي طالب تن جو
(شاهہ لطيف)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

مڙيوئي محبوب آ، مشتاقن مقصود
سدا حق موجود، هم کي هڪ ڇاڻ تون
(بيدل)

صوفي ڇائين سڏ ڪرين صوفي ايءُ نہ صلاح
ڪاڻي رک ڪلاه وجه اُڇلي آڳ ۾
(شاھ لطيف)

صوفي سڏ ڏني ڪري سمايو ۾ سڪ
وحدت بنان وک ڪاڏهين ڪٽي ڪا نہ ڪا
(بيدل)

مري جيءُ تہ ماڻئين جانب جو جمال
ٽئين هوند حلال جي پند اهائي پاڙيئين
(شاھ لطيف)

مرڻون اڳي جي مرين تہ باقي رهي ذات
هميشہ حيات مرد نہ مرن ڪڏهين.
(بيدل)

نہ صرف ايترو پر بيدل سائينءَ شاھ لطيف جي فڪر کي اڳتي بہ وڌي ويو آهي:

جوڳيئڙا جهان ۾ نوري ۽ ناري
ہري جن ہاري آءٌ نہ جيئندي اُن ري.
(شاھ لطيف)

بيدل سائينءَ وڌ تہ حقيقت ۽ وحدت جي واڌ ۾ نوري ۽ ناري هڪ ٽيو وجن.

حقيقت ۾ هڪ ٽيو نوري ۽ ناري
دين ڪفر آهن ٻئي هڪ وڏ جي ڌاري
حاذق هوشياري رکين انهيءَ رموز جي
(بيدل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

متفرقا بيت

وحدت نامي ۽ فرائض صوفيہ کانپوءِ بيدل سائين جي سنڌي بيتن ۾ 27 ابيات سنڌي ۽ 8 متفرقا بيت اچن ٿا جڏهن ته هن رسالي ۾ بيدل سائينءَ جا 10 نوان بيت بہ شامل کيا ويا آهن، جن ۾ پڻ اهو ئي فڪر نروار ڪيو ويو آهي جيڪو وحدت نامي ۽ فرائض صوفيہ جي بيتن ۾آهي، يعني خودي‌ءَ کي فنا ڪرڻ،پاڻ سڃاڻڻ، عشق جي امانت ڪٽڻ، تحقيق جو طهورا پيئڻ، قال کي ڇڏي حال حاصل ڪرڻ وغيرہ. ساڳي وقت هن حصي وارن بيتن ۾ بيدل سائين سنڌ جي ڪن لوڪ داستانن جي حوالي سان کي تمثيلي بيت بہ چيا آهن پر بيدل سائين انهن بيتن ۾ بہ بجاءِ لوڪ داستانن ۽ قصن کي ٻڌائڻ جي تمثيلي انداز ۾ "هم اوست" واري فڪر کي ئي مرڪز بڻايو آهي.

موڪل ٿي مارئيءَ کي هلي پنهنجي ديس
وصل سندو ويس پهريائين پريت کون.

بيدل سائين انهيءَ بيت ۾ مارئيءَ جي روپ ۾ هن جسماني ۽ ناسوتي قيد مان آزاد ٿي حقيقي وصال حاصل ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي ۽ ازلي وطن وڃڻ جي خواهش ۽ جستجو بيان ڪئي آهي. اهڙو ئي حقيقي خيال بيدل سائين نوري جام تماچي واري لوڪ داستان ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي.

سرهي سگ سمي جي ڪيو نوريءَ کي نور
نسبت نماڻيءَ کي ڏکن کون ڪيو ڏور
هلي منجهہ حضور مُهاڻيءَ مانُ لٽو.

مطلب تہ بيدل سائين مارئيءَ جي ملير کي ازلي ۽ حقيقي ديس سان تشبيهہ ڏني آهي ۽ نوريءَ جي نماڻائي، عاجزي ۽ هيڻائينءَ کي اُهجاڻ بڻائيندي حقيقي مالڪ جي مهر جو ذڪر ڪيو آهي ۽ اڳتي هلي ڳالهہ وڃي اُتي ڳنائي اٽائين تہ:

توڙي ۾ ناسوت عبد چوايان عام ۾
بحر آهيان باهوت جو لڙهان ۾ لاهوت
هر دم ۾ هاهوت آسڻ آهہ اسانجو

بيدل سائينءَ جون ڪافيون

بيدل سائينءَ جي ڪافين جو ڪُل تعداد 317 آهي، جنهن ۾ 87 سنڌي ڪافيون، چار ريختي ڪافيون ۽ 226 سرائڪي ڪافيون آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

"ڪافي" سنڌ جي هڪ خوبصورت ۽ مقبول صنف آهي جنهن جي تصوف جي فڪر هيٺ سنڌ جي درگاهن مان اوسر ٿي آهي ۽ هن صنف ۾ پنهنجو هڪ روحاني رنگ شامل آهي سچل سائين وٽ "ڪافي" وڌيڪ نکري عروج حاصل ڪيو جڏهن ته بيدل سائين هن صنف ۾فڪري توڙي فني حوالي سان باڪمال شاعري تخليق ڪئي آهي. بيدل سائين هونئن ته اردو ۽ فارسي ٻولين جو صاحب ديوان شاعر هيو پر هن پنهنجي سنڌي ۽ سرائيڪي ڪلام جو بنياد جن صنفن تي رکيو اُهي آهن سنڌ جون اساسي شعري صنفون بيت ۽ ڪافي. ڇاڪاڻ ته انهن صنفن ۾ متيءَ جي خوشبو شامل آهي ۽ بيدل سائين جيئن ته هڪ سچاڻ شاعر هيو تنهن ڪري هن پنهنجي انهيءَ ڪلام کي ان ساڳي روايت تي قائم رکيو جيڪا روايت ڪائنس اڳ شاهه لطيف ۽ سچل سرمست وٽ عروج تي پهتل هئي ۽ اها روايت هئي شاعريءَ کي داستانن ۽ سُرن جي بنياد تي ترتيب ڏيڻ. اها شعري روايت شاهه ڪريم ۽ شاهه لطف الله قادريءَ کان ٿيندي جڏهن ميون شاهه عنات رضوي وٽ پهتي ته ان هڪ طرف "وائي" ايجاد ڪئي ته ٻئي طرف ان ۾ راڳ جو رس ۽ چس به شامل ڪيو. شاهه عنات جن سُرن ۾ ڪلام چيو انهن جو تعداد آهي 20 جن مان 13 سُر ته مڪمل ڪلاسيڪل موسيقي جا راڳ آهن. شاهه لطيف انهيءَ راويت کي عروج تي پهچائي ڇڏيو جو پاڻ راڳ جو وڏو ڄاڻو هيو. شاهه لطيف سنڌي عوامي راڳن ۽ ڪلاسيڪل راڳن کي داستانن ۾ ورهائي پنهنجو رسالو تخليق ڪيو جنهن جي سُرن/راڳن ۽ راڳڻين جو تعداد 30 آهي

سچل سائينءَ 31 سُرن/راڳن تي پنهنجيون ڪافيون چيون جن مان 15 سُر شاهه لطيف وارا آهن جڏهن ته 16 سُر نوان آهن. بيدل سائين شاهه لطيف جي وفات کان 62 سال پوءِ جنم ورتو جڏهن ته سچل سائينءَ جي وفات وقت پاڻ 12 - 11 سالن جو هيو بيدل سائين جي وقت تائين شاهه لطيف جو ڪلام سنڌ جي جهر جهنگ ۾ مقبول ٿي چُڪو هيو جڏهن ته سچل سائين، بيدل سائينءَ کان ٿورو اڳ ٿي گذريو هيو نتيجي طور شاهه لطيف ۽ سچل سائينءَ جي ڪلام بيدل سائينءَ جي فڪر توڙي فن تي گهرو اثر ڪيو اهو ئي سبب آهي ته شاه لطيف سچل سائينءَ جي شعري روايت بيدل سائينءَ وٽ هڪ نئون رنگ ۽ روپ اختيار ڪري نروار ٿي جنهن۾ شاهه لطيف واري نماڻائي، نهٽائي ۽ اعتدال به آهي ته سچل سائينءَ واري رندي ۽ مستي به. بيدل سائين به شاهه لطيف ۽ سچل سائينءَ جيان پنهنجي ڪلام جو بنياد راڳداريءَ تي رکيو ۽ هر ڪافي ڪنهن نه ڪنهن راڳ يا روپ ۾ ترتيب ڏئي ڪافين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

مجموعي کي نالو ڏنو سرود نامو. بيدل سائينءَ جي سرود نامي ۾ جن سُرن ۽ روپن جون ڪافيون شامل آهن انهن سُرن/روپن جو تعداد 19 آهي جيڪي آهن بسنت، هوري، جهنگلو، پورب، بروه، ڏناسري، بلاولي، آسا، سورٺ، سسئي، ديسي، سارنگ، جوڳ، نٽ ڪلياڻ، گنوري، ڪامول، مالڪوس، وهاڳ ۽ سهٽي انهن روپن مان سسئي ۽ هوري راڳ يا راڳڻيون ناهن، سسئي هڪ داستان جو نالو آهي جڏهن ته هوري موسيقيءَ جي هڪ صنف آهي جيڪا ڏرپد جو هڪ قسم آهي جنهن ۾ شري ڪرشن مهاراج جي زندگيءَ جي رومانوي پهلوءَکي اجاگر ڪيو ويندو آهي. بيدل سائينءَ به صرف هڪڙي ڪافي هوري روپ ۾ چئي آهي جنهن ۾ پڻ پوربي ۽ سرائيڪي هولين جي آميزش سان شري ڪرشن مهاراج جو عشقيہ بيان ڪيو آٿائين. اهڙي طرح بيدل سائينءَ جي سرود نامي ۾ ڪل راڳ ۽ راڳڻيون جن ۾ ڪافيون ترتيب ڏنل آن انهن جو تعداد 17 بيهي ٿو. بيدل سائينءَ جي "سرود نامي" ۾ شامل 17 سُرن/راڳ راڳڻين مان 11 سُر شاهہ لطيف جي رسالي وارا ۽ 16 سُر سچل سائينءَ جي ڪافين وارا آهن، جڏهن ته بيدل سائين هڪڙو راڳ نئون متعارف ڪرايو آهي جيڪو آهي "نٽ ڪلياڻ".

موضوع جي لحاظ کان بيدل سائينءَ جي ڪلام کي چئن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

(1) مدحيہ (ثناخواني) (2) مجازي (3)تمثيلي (4) صوفياڻو

سرور ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي ثنا خواني

بيدل سائين پنهنجي ڪلام ۾ جا بجا سرور ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي وڏي عشق ۽ اُڪير سان ثنا خواني ڪئي آهي. هونءَ ته اڪثر جاين تي تمثيلي انداز ۾ به حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جو ذڪر ۽ شان بيان ڪيو آٿائين پر ان سان گڏ ڇڻي طرح به سندن مداح ۽ ثنا خواني ڪئي آٿائين.

عرشئون آءِ عرب وچ سائين احمد نام سڏائين.

◎

انا احمد بلا ميم، قول ڪريم دا ڄاڻي.

◎

انا عرب بلا عين، آڪيس عربستان ۾.

◎

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

صورت محمدي ۾ روشن هي سر سارا
صورت نہ کھ اسيکون وہ نور هي نيارا.

⊙

کوڙين پتين ان جا هٿ مٿي هيٺ
ٻنهي جهانن، هو ويچارن واهرو.

⊙

ذات مقدس جلوا پايا احمد نام ڏرا کر آيا
بار نبوت سر تي چايا، هرجا حُڪم هلايا وي

⊙

نور الاهي احمد مُرسل، هر مرسل تون اعليٰ افضل
هادي مهدي ميرِ مڪمل، عشق دا راه بتايا وي.

⊙

حسن دا جلوا عين عياني مظهر نور نبي دا چاٽين
بيدل ٻياکوئي وهم نہ آٽين احمد آپ وکاياوي.

⊙

حضرت علي کرم الله وجه جي ثنا خواني

سرور کائنات حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم کانپوءِ بيدل سائينءَ مولاءِ کائنات حضرت علي کرم الله وجه جي شان ۾ بہ ڪلام چيو آهي ۽ ڪافي جاين تي حضرت علي کرم الله وجه جي ثنا خواني ڪئي آهي.

ظاهر بندو باطن مولا عشق جي بازي پُرجهي کير
اهو راز ڪري تو روشن علي ولي شاه مردان شير

⊙

جي طلب تينون هي بيدل دائمي ديدار دي
هٿ ڪنون چوڙين نہ دامن حيدر ڪرار دي

بيدل سائين هڪ پوري ڪافي حضرت علي کرم الله وجه جي شان ۾ چئي آهي.

هتِ هُت حامي آهي اسانجو هادي حضرت شاهہ.
لحمڪ لحمي روحڪ روحي، اعليٰ اسد الله.
محبت وارن ساڻ آ ساڻي، وانگي ساهہ پساهہ.
لا قيدن لئہ وحدت واري روشن ڪيائين راهہ.
من عرف جي مام جي بخشي، عُشاقن آ گاهہ.
بيدل مذهب کون رهہ نيارو، وحدت رک ويساهہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

مرثيہ خواني

بيدل سائين سيد الشهداء حضرت امام حُسين عليہ السلام جي شهادت ۽ ڪربلا جي واقعي تي مرثيا خواني پڻ ڪئي آهي ۽ پنهنجن ڪافين ۾ امامن پاڪن جي شهادت تي نهايت دڪدائڪ مصراعون چيون آهن.

سر امامان دي عشقي آندا تيز ڪيها طوفان.

⊙

سر امامان دي ڪيوين اُٺڙا محبت والڙا مينهن.

⊙

مير حسن نون زهر پلايؤ شاهہ حُسين شهيد ڪرايؤ
عابد ڪنون خون ناب وهايؤ صابر ستم سهايوئي.

⊙

سر امامين آيا بار غمان دا يارو
ويکو ڪيوين بار درد دا، آل نبي دي اُٺايا.
درد غمان دا باري لشڪر، چُم اُنهان سر چايا.
عشق انهان دي سر تي ويکو، ڏاڍا ستم سهايا.
بيدل صدقي خاڪ اهين تون جٽ اُنهان سر چايا.

بيدل سائين ڪربلا جي واقعي ۽ حضرت امام حُسين عليہ السلام ۽ ان جي جانثارن جي شهادت تي هڪ اهڙو سنڌي مرثيو چيو آهي جيڪو سنڌي شاعريءَ ۾ مرثيہ نگاري جي حوالي سان هڪ شاهڪار آهي ۽ ان کي سنڌي ادب جي چند اهم مرثين ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

ڪربلا ۾ شاهہ جڏهن مهمان ٿيو
درد غم جو اُٽ وڏو گهمسان ٿيو

ڪربلا ۾ آيو جڏهن ابن رسول
جا نشين مولا جگر گوشہء بتول
ورهہ جي وادي ۾ ڪيو نرمل نزول
سوز سورن جو سيو سامان ٿيو.

يا امام العارفين نيهون نهار
شاهہ! بيدل کي ڪي برهہ بهرو ڏيار
سوز سڪ جي سيدا سُرکي پيار
درد تنهنجو دل سندو درمان ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بيدل سائين امام آخرزمان حضرت امام محمد مهدي عليہ السلام جي بہ ثنا خواني ڪئي آهي ۽ ان حوالي سان پاڻ امام مهدي عليہ السلام جو وڏو عاشق ۽ سندس ظهورجو وڏو منتظر نظر اچي ٿو. بيدل سائين پنهنجي هڪ ڪافيءَ ۾ عشق کي "امام مهدي" ۽ دُوئيءَ کي "دَجال" سڏيو آهي.

عشق امام محمد مهدي، دوئي اٽئي دجال.
وجه دجال دوئيءَ جو ڪيري ، گُمَ ڪر جسم جنجال.
هوڪو ڦير حقيقت وارو، مهدي شاهہ مثال.
تون آن مهديءَ جو سر سارو، پنهنجو پاڻ سنيال.
ظاهر مون دل ذوق نہ پاوي، باطن رک برحال.
وحدت وارو دين قبولج، ڇڏ هي قيل مقال.
فرق نہ ڇاڻج همہ ۾ بيدل، جميعت ۾ جال.

فني حوالي سان بہ بيدل سائينءَ جي اها ڪافي ڏاڍي خوبصورت آهي هڪ طرف عشق جي امام مهديءَ سان ۽ دوئيءَ جي دجال سان ڏورائتي تشبيهہ بيدل سائينءَ جهڙي برڪ فقير جو فڪري ڪمال آهي تہ هي پاسي هڪ ئي ڪافيءَ ۾ ٽي ٻيرا امام مهديءَجو اسم مُبارڪ آڻي فني ڪمال سان گڏوگڏ حضرت امام مهديؑ سان عشق ۽ اُڪير جي بيساختگي ظاهر ڪئي وئي آهي.

غوث پاڪ رحمته الله عليه جي مدح

بيدل سائين قادري سلسلي جي باني غوث الاعظم حضرت محي الدين عبدالقادر جيلاني رحمته الله عليه جو وڏو عقيدت مند هو ۽ سندس ڪيترن ئي ڪتابن ۾ سندس ذڪر ۽ شان ۾ پرپور انداز ۾ ملي ٿو جڏهن تہ بيدل سائين جي سنڌي ڪلام ۾ پڻ غوث پاڪ رحمته الله عليه جي شان ۾ هڪ خوبصورت مدح ملي ٿي.

پهچ پير پيران پُڌي هي ٻاڌايو
مريدن تي ميران رکو رحم رايو.

سدا ساهہ منهنجو اوهانکي سنياري
هميشہ هينئون توڏي نينهون نهاري
ڪريو دستگيري، ڪون هستي ڇڏايو.

منگي دان بيدل برهہ جو بکاري
سدا جوش جو لان توحيد تاري
الله لڳ پلا پال تنهن سان پلايو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

قلندر شهباز رحمته الله عليه جي تعريف ۽ منقبت

بيدل سائين سيوهاڻي سرڪار حضرت عثمان مروندي قلندر لعل شهباز رحمته الله عليه جو وڏو عقيدت مند هيو نہ صرف ايترو بلڪ ڪيس باطني فيض بہ قلندر شهباز وٽان مليو. بيدل سائين پنهنجي ڪلام ۾ ڪافي جاين تي پنهنجي باطني مرشد لعل شهباز قلندر رحمته الله عليه جي ثنا ۽ سراهه ڪئي آهي.

سيوهڙ سجدا ٿو ڪريان، بيدل ٿي درويش،

⊙

بيدل نالي ٿي ڪيم، سجدو سيوستان

بيدل سائين سنڌيءَ ۾ حضرت لعل شهباز قلندر جي عقيدت ۽ شان ۾ پوري منقبت بہ چئي آهي جنهن ۾ قلندر شهباز رحمته الله عليه سان سندس عشق ۽ عقيدت روشن سج جيان شعاع ڏئي رهي آهي.

اي صبا وڃ لڳ خدا جي هڪ گهڙي
طرف روضي شاهه سيوستان وري
صد تحيت صدق مون پڙ تي پڙي
چئج ڏس احوال گر بخشش گري
يا قلندر ويرِ واهر ٿي وري
مير مروندي رسي ڪر رهبري.

بادشاهه بيدل سندو تون غور ڪر
حضرت حاجت روا في الفور ڪر
دوست همزا نوي دشمن دورڪر
عشق جي پيالي سان دل مخمور ڪر
يا قلندر ويرِ واهر ٿي وري
مير مروندي رسي ڪر رهبري.

سچل سائين جي سراهه

بيدل سائين سچل سائينءَ جو بہ وڏو عقيدت مند هو ۽ سندس در جو پانڌيئڙو پڻ. بيدل سائين سچل سائين جي وصال تي جيڪو ڪلام چيو ان مان سندس سچل سائينءَ سان گهري تعلق جي چٽي طرح خبر پوي ٿي.

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو
مست سالڪ من سچو عارف اتي اظهار هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

برھ جي برسات جو تنھن ويرتي وسکار ھو
ظاھر و باطن تنھين وٽ درد جو ڏڪارھو

قربدارن جي ڪنڪ ۾ مرد منصبدار ھو
در تنھين داتا جي بيدل پرت جو پينار ھو.

بيدل سائينءَ جي مٿي ذڪر ڪيل مدح خواني ۽ مرثيہ خواني کانسواءِ سندس ڪلام ۾ جا بجا ٻين صوفي سرواٽن جو ذڪر ۽ سندن ساراھ بہ ملي ٿي جن ۾ بايزيد بسطامي، منصور حلاج، شاھ عطار، شيخ صنعان، شمس تبريز، سرمد ۽ شاھ عنايت جھوڪ وارو شامل آھن.

حلاج جي حالت ۾ رھ گھر جان نہ ٻي ڪنھن گھير تون.

⊙

تون ترت تبريزيءَ جيان پنھنجي ھٿ جي ڪل ڪلج.

⊙

من خدا جو شيخ عطار تي ھاءِ ڪيو ھوڪارو.
سبحانيءَ جو شاھ بسطامي واھ وڃايو نغارو.

⊙

شاھ شرف سرمد جيھي عارف حسن جي موج ڪيتي حيران
حسن جي ڪيتي جٽيا پاوي پير طريقت دا صنعان.

⊙

شاھ شھيد دا بيڪ بناوندا شان شھادت پرتئون پاوندا.

مجازي ڪلام

بيدل سائين مجاز ۾ ممتاز حيثيت جو مالڪ ھو ۽ ھڪ وڏو عاشق ۽ حُسن پرست شاعر ھو، جئين چيو اٿائين تہ،

عُشاقاندا بيدل ھوندا، شيوہ حُسن پرستي،

بيدل سائينءَ جو مجازي ڪلام حقيقت سان ڳنڍيندڙ اھي جو پاڻ مجاز مان حقيقت جي منزل ماڻي ھٿائون ۽ سندس سمورو ڪلام اصل ۾ حقيقي عشق جو ئي اظھار آھي تنھن ھوندي بہ سندس مجازي شاعري سندس عشق مجاز جي دور کي انھن ڪيفيتن وصل، فراق، بيقرارين، حُسن جي حملن، ۽ ٻين رنگينين سان خوبصورت نموني بيان ڪري ٿي. بيدل سائينءَ جي مجازي ۽ عاشقاڻي ڪلام ۾ حُسن ۽ عشق جو اظھار جتي مفڪرانہ سوچ ۽ فلسفي کي ظاھر ڪري ٿو اُتي فني حوالي سان بہ شعري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

خوبصورتين سان مالا مال آهي، جنهن ۾ جمالياتي حُسن، تشبيهون، تمثيلون ۽ حرف تجنيس جهڙيون خوبيون نروار.

کهڙيون ديدان لايون، ڏاڍيون رمزان لايون
مون سان دلبر يار.

◎

توڙي عشق اويڙو سڃجي خوني ۽ خونخوار
سر جو سانگ نہ رک تون مڙڻ تہ آهي ميار.

هن کافي ۾ هڪ طرف عشق مجاز جي زوراورين ۽ خونخوارين جو بيان آهي تہ ٻي طرف سچي عاشق لاءِ انهيءَ ميدان ۾ سر جو سانگو رکڻ ميار آهي. فني حوالي سان کافيءَ جي "ٽلهه" ۾ هڪ عجيب رواني ۽ لفظي موسيقيت قائم آهي.

آءٌ بہ هيڙس عقل واري نينهن نهوڙي نيوڙي جيڏيون
مونکي بيخود بي اختياري کيفي نيٽن کيوڙي جيڏيون

انهيءَ کافيءَ ۾ جتي مجازي مام ۾ بي خود ۽ بي اختيار ٿي وڃڻ جي ڳالهه آهي اتي محبوب جي "کيفي نيٽن" جي ذکر شعر کي جمالياتي حُسن بخشيو آهي، ٻي پاسي نيهن نهوڙي نيو، بي خود بي اختياري ۽ کيفي نيٽن کيو، جهڙي حرف تجنيس بيدل سائينءَ جو کمال آهي.

ديدن سان کري ڏاڙو، دل لُٽيئي يار منهنجي
هيڏو وڇوڙو آءٌ نہ سهندس وارو وصل جو وارو
لڳي تو سان تار منهنجي.

هن کافيءَ ۾ جتي محبوب جي ديدن جي ڏاڙي جو نئون ۽ خوبصورت اصطلاح آهي تہ اُتي حرف تجنيس بہ. کافيءَ ۾ ديدن جي ڏاڙي سان دل جي لُٽجڻ، نہ سهي سگجهندڙ وڇوڙي جو ورلاپ ۽ پوءِ وصل جي خواهش سان دل جي ٻيهر زندهه ٿي وڃڻ جي ڳالهه ڏاڍي اثر کندڙ آهي. فني حوالي سان هن کافيءَ ۾ بيدل سائينءَ ٻِنا قافيا پڻ استعمال کيا آهن.

بيدل سائينءَ جي هن مجازي کافيءَ جو تہ کو جواب ئي ناهي جيکا پاڻ پنهنجي مجازي محبوب جي وڇوڙي تي چئي هٿائون.

ياکي ٿي وئين يار، نہ کو پيوءِ خيال اسانجو،
توهئون ڏاران سپرين، دل کي ناهي قرار
جيئڻ جنجال اسانجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

مل تہ مانڊائي لهي، نرمل ٿي نروار
منا مڃ سوال اسانجو

بيدل ويچارو چڏي، مٽيو پورب پار
هَئي هَئي ڏس حال اسانجو.

هن ڪافيءَ ۾ بيدل سائين پنهنجي محبوب جي وڇوڙي ۾ نڍال ۽ گهٽو بيوس نظر اچي ٿو جو پاڻ کي ويچارو سڏيو اٿائين ٻي پاسي هن ڪافيءَ ۾ هڪ سچي عاشق جي غمگين دل جي، مانڊائيءَ جي، بيقراريءَ جي ۽ هيٺي حال جي چٽي تصوير پيش ڪيل آهي.

اکيان تيڏيان ڪاليان ڪجليان مڌ پريان مخمور
دلڙي ساڏي چُور ڪيتئہ ڏولیا

حُسن جي حملن ۽ ڪارين ڪجلين اکين سان دل جي چُور ٿي وڃڻ جو ذڪر اهڙو ئي عاشق شاعر ڪري سگهي ٿو جيڪو "بيدل" هوندو، جڏهن تہ هن شعر ۾ ڪارين ڪجرين اکين ۽ انهن ۾ مڌ سان ڀريل مخمور جي تشبيهہ شعر ۾ جمالياتي حُسن پري چڏيو آهي بيدل سائينءَ جي مجازي ڪلام ۾ اهڙو جمالياتي رنگ ۽ ذوق ڏاڍي آب تاب سان نظر اچي ٿو.

سهٽا تيڏي چشمان سانون چينڪ لايا
دام زلف دي دلڙي اساڏي، گهور تسا ڏڙي گهايا

اکين جي حسن سان گڏو گڏ هن شعر ۾ محبوب جي زلفن جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي. جن جي "دام" يعنيٰ "ڄار" ۾ عاشق جي دل ڦاسي پئي آهي ۽ محبوب جي گهورن سان اهو گهائجي ويو آهي.

لٽ نيتي دلڙي چيريان دي چمڪار
فوج حُسن دي شهر دلين وچ آ ڪيتي ڦر مار
بيدل جهي وچ راتا هي ڪنڙي سهس هزار

انهيءَ ڪافيءَ ۾ بيدل سائين جتي عشق مجاز جي وارتا منجهان پيدا ٿيل ديوانگي ۽ بيساختگي جو اظهار ڪيو آهي، اُتي هن شعر ۾ بيدل سائين جهڙي سُڄاڻ شاعر پنهنجي فني ڪمال سان "انقلابي رومانيت" پيش ڪئي آهي، جنهن مطابق هُن حُسن جي حملن کي فوجي چڙهاين، پنهنجي دل کي مظلوم شهر ۽ عشق ۽ حُسن جي ڪارواين کي هڪ بيوس ۽ لاچار عاشق تي راتاهي هٽڻ جي انقلابي تشبيهہ ڏني آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

تمثيلي ڪلام

بيدل سائينءَ جي بيتن ۾ ڪجھ تمثيلي شاعريءَ جو ذڪر اسين اڳ ۾ ڪري چُڪا آھيون ھتي اھو ٻُڌائيندا ھلون تہ بيدل سائينءَ جي ڪافين ۾ ڪجھ اھڙا تمثيلي ڪردار ٻہ آھن جن جي روپ ۾ بيدل سائين پنھنجي مجازي توڙي صوفيانہ شاعري تخليق ڪئي آھي بيدل سائين داستانن شيرين فرھاد، يوسف زليخا، ليلا مجنون، مومل راڻي، عمر مارئي، سسئي پنھون، سھڻي ميھار ۽ ھير رانجھي جي ڪردارن ۾ پڻ پنھنجي صوفيانہ ۽ وحدت الوجود جي خيالن جي اپٽار ڪئي آھي.

بيڪ زليخان يوسف جي ۽محبت مچ مچايان
شيرين ۽ فرھاد شڪل ٽي آڻي اڪيون اٽڪايان.

شيرين فرھاد جو نالو ڪري عالَم ۾ آياسي
بھاني بيڪ مجنونءَ جي نہ ڪي ليليٰ لڪاياسي

مومل واري ويس ورن ۾ ڪھوٽ ھزارين گھايان.

ملڪ مارن جو نت بھاريو تو ڪئين ڇِترو چايو
مارن ري تو ھن ماڙين ۾ چا سان من پرچايو.

پاڻ پنھون تون آھين ڪيچ وٽين چو ڪاھين

دم دم دلبر ڪاڻ سڪ سھڻيءَ کي سير گھرڻ جي

صورت والي ويس ۾ رانجھن پيچ ساڏي نال پايا

رانجھا تخت ھزارون آيا وچ سيالي جلوا پايا.

ھير شدي نون انھين سيلاني ڪاجا رمز وڪائي.

مٿي پيش ڪيل مثالن مان خبر پوي ٿي تہ بيدل سائين مشھور لوڪ ۽ رومانوي داستانن جي ڪردارن کي تمثيلي انداز ۾ پيش ڪري انھن جي مجازي عشق کي حقيقي عشق سان ڳنڍيو چڏيو آھي. بيدل سائين جي انھيءَ تمثيلي شاعريءَ مان مجازي عشق مان حقيقي عشق ۽ ظاھري حُسن مان ازلي حُسن جي حقيقت ۽ پروڙ پوي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

صوفياڻو ڪلام

بيدل سائين سنڌ جو هڪ عظيم صوفي شاعرهو نہ صرف صوفي بلڪ وحدت الوجودي. تصوف هر مذهب جو نچوڙ تہ وحدت الوجود وري تصوف جو نچوڙ آهي. بيدل سائين پنهنجي وقت ۾ تصوف جو وڏو مبلغ ۽ فڪري حوالي سان هڪ وحدت الوجودي مفڪر ۽شاعرهيو. وحدت الوجودي فڪر هڪ اهڙو انوکو ۽ آفاقي فڪر آهي جنهن جو سنڌ ۾ اثر تہ صدين کان قائم رهيو آهي نتيجي طور سنڌ جا سمورا اساسي ۽ عظيم شاعر وحدت الوجود ئي رهيا آهن. جن مان بيدل سائين کان اڳ شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست وڏي مقام تي آهن. بيدل سائين شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست کان پوءِ سنڌ ۾ وحدت الوجود فڪر جو وڏي کان وڏو فيلسوف ۽ سرواڻ هيو. بيدل سائينءَ جي هونءَ تہ سموري شاعري تصوف ۽ ان جي وحدت الوجودي فڪر جي ترجمان آهي پوءِ پلي اها سندس مجازي شاعري هجي يا تمثيلي جنهن ۾ پڻ هن حقيقي مظهر جي حُسن ۽ عشق جو ئي بيان ڪيو آهي پر سندس اهڙي شاعري بہ آهي جنهن ۾ سندس اظهار نج صوفياڻو ۽ رندي آهي ان حوالي سان بيدل سائين جي وحدت نامہ ۽ فرائض صوفيا وارا بيت ان جو چنڊ مثال آهن بيدل سائين "هم اوست" ۽ وحدت الوجود جي فلسفي کي بيان ڪندي اهو چاڻايو آهي تہ هن سڄي ڪائنات جو مظهر اها حقيقي ۽ ازلي هستي آهي جيڪو ڪائنات جو خالق آهي. بيدل سائينءَ جي هڪ ڪافيءَ ۾ تہ "هم اوست" جو نعرو ردیف استعمال ٿيل آهي.

لُدني علم دا جي تون شائق حرف پڑهي هم اوست دا
دم دم نالي در هم حالي، ڏيان ڏرين هم اوست دا.

"هم اوست" ۽ "وحدت الوجود" جو هڪ چنڊ اظهار بيدل سائينءَ جي هنن سٽن ۾ بہ وڌيڪ عيان آهي، جنهن ۾ وحدت ۽ ڪثرت جو مامرو بہ سمجهايو اٿائين.

آهي ظهورو حسن جو هر جا هر سو در هر شيءِ
حق ريءَ هر دو جهان ۾ لاشڪ ڪين ليي

فوق تحت وحدت ڪثرت، هردم هُل هلائين.
جاءِ بہ جاءِ تو جهاتي پاتي، ڪاتي ڪجهو تون ناهين

بالا عرش اوتارو تنهنجو هت تو پير گهمائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بيدل سائين جي صوفياڻي شاعريءَ ۾ تصوف جا سمورا اصطلاح ۽ نقطا، نفي اثبات، اهم اوست، وحدت ڪثرت، پاڻ سڃاڻڻ، ازلي عشق، فنا بقا ۽ انساني عظمت وغيره پرور نموني بيان ڪيا ويا آهن.

حال فنا جو حاصل ڪرتون باغ بقا جو ڪائج ڪر تون.

غير نہ پائنج پاڻ کي بيدل شاهي مار نغارو.

ويڑهيچا وحدت جا واصل توکي ڪرن تنوار.

ڪثرت وارو قيد پيجي تون پر انهن پار.

عشق جو ڏس اسرار سڀ صورت ۾ يار سمايو.

عشق ازلي جن آهي ڪاڻ ڪنن جي تن کي ناهي.

بيدل هر گل سر الاهي انساني آ بيس.

تصوف ۾ انساني عظمت ۽ شان کي وڌيڪ اهميت حاصل آهي ڇو تہ هر انسان اشرف المخلوقات ۽ پنهنجي حقيقي خالق جو مظهر آهي تنهن ڪري صوفيانہ شاعريءَ ۾ انسان کي پاڻ سڃاڻڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي حقيقي خالق ۾ فنا ڪرڻ جو ڏس ملي ٿو.

غافل نہ آهين غير تون ٿي برهہ سان بيدار ميان
ڏس شان شاهي پنهنجو ڇڏ عبديت اوتار ميان.

تو ۾ آ ديرو دوست جو چاکي وجين وٽکار ميان
سڻ من عرف هاديءَ اُتو شهہ حيدر ڪرار ميان

بيدل سائين ٻُڌائي ٿو تہ حقيقي منزل تڏهن ملندي جڏهن عشق اختيار ڪبو، پنهنجي محبوب ۾ فنا ٿبو ۽ پنهنجي هستيءَ تان هٿ ڏوئبا.

وجي محو ٿي محبوب ۾ جي تو طلب تڪرار ميان
هٿ ڏوءِ تون هستيءَ کون ٿي خود ڪنون بيزار ميان.

بيدل سائينءَ وٽ اهو حقيقي عشق وڏي مان ۽ مرتبي سان ملي ٿو جنهن لاءِ هو هر شيءِ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بيدل بدي نيڪي ڇڏي وڃي عشق ڪج اختيار ميان
دنيا ۽ عقبيٰ ڪر ڦٽي سر ڪڙ برهه جو بار ميان.

نہ صرف ايترو پر بيدل سائين عشق جي عنايت تي شڪرانا ادا ڪري ٿو.

عشق عطا ڪيائون توکي بيدل ڪر شڪرانا.

اهڙو ازلي ۽ حقيقي عشق پنهنجي ازلي محبوب ۾ فنا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ دنيا جا سڀ قيد ختم ٿي ويندا آهن حتاڪ بزرگيون ۽ بي معنيٰ بڊجي ويندیون آهن. بيدل سائينءَ ۽ پنهنجي نفيءَ ۽ عشق ۾ فنا جو درجو حاصل ڪري رنديءَ جا رنگ رچايا.

برهه جا بار بدناميون چمي چشمن تي چايا سي
بزرگيءَ کان ڀڄي بيدل رنديءَ جا رنگ رچايا.

بيدل سائين جڏهن هم اوست جي فڪر جي ڳالهه ڪي ٿو ۽ هڪ ازلي محبوب ۽ هحقيقي ذات مطلق کي هن سڄي ڪائنات جو محور، مرڪز ۽ ازلي حق چوي ٿو تہ پوءِ ذات پات، مذهبي مت پيد ۽ انتها پسندي، طبقاتي ڏاڍ ۽ تفرقہ بندي خلاف آواز بلند ڪري ٿو.

آپي وسندا آپي رسندا هي شيعا سُني ڪون.

آهي هندو مومن ايڪ، وچ عقيدت وحدت والي.

هر مظهر ۾ بيدل آکي يار سلام عليڪ.

شيعا سُني ٽيوڙ سوکا صوفي ڪون سڏاويگا

مذهب جو مونجهارو ڇڏي ذاتي ڪُنهه ڏي ڪاهه ڪر
شيعي سُنيءَ کان پَڄ پري رخ رمز واري راهه ڪر.

بيدل سائين سماجي براين ۽ ڏاڍاين جي جڙ انهيءَ طبقاتي ڏاڍ، مذهبي انتها پسندي ۽ فرقيواريت کي سمجهي ٿو انڪري هو ڏاڍ خلاف امن محبت ۽ سلامتي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان ذات جي ايڪي ۽ اتحاد جي ڳالهه ڪندي سمورن ويڇن، وچوٽين، دوئي ۽ ٻيائي کي ختم ڪري سڀني کي وحدت جي جهنڊي ۽ فڪر هيٺ آڻڻ جو نعرو هڻي ٿو.

وحدت وارو دين قبولج ڇڏ ٻي قيل مقال.
فرق نہ ڇاڄ هم ۾ بيدل جميعت ۾ جال.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

مذهب واري قيد کان بيدل عشق ڪندئي آزاد.

بيدل مذهب کون رهه نيارو وحدت رک ويساهه.

ذات صفات کان آهيان نيارو نه ڪو نانءُ نشان .

وحدت دي خوشبو تون هوندا رنگ دوائي دا نيس.

بيدل ڪثرت ڇوڙ تہ ٿيوي وحدت نال وصال.

بيدل ٽوڙ موحد ٿيوين ٻيائي والڙي ٽڪي ٽڪي.

سچل سائينءَ جو اثر

اسان اهو تہ اڳ ۾ ٻڌائي آيا آهيون تہ بيدل سائين سنڌ جي منسو:۔ سچل سائين جو نہ صرف معتقد بلڪ انهيءَ جي ئي فڪر جو پائڌيئڙو هو. بيدل سائينءَ جي صوفيانہ شاعريءَ تي فڪري توڙي فني حوالي سان سچل سائين جي ئي شاعريءَ جو گهرو اثر آهي. بيدل سائينءَ جي ڪلام ۾ ٻہ ساڳيا سچل سائينءَ وارا منصوري ۽ رندي نعرا، اناالحق جا آلاپ، هم اوست جا ويچار، مستي ۽ بيخودي موجود آهي. جنهن کي سچل سائين ۽ بيدل سائين جي هنن شعرن ذريعي پرکي سگهجي ٿو.

ظاهر پنهنجي ذات ڪيائين جوڙ ڪري جسماني
(سچل)

ظاهر باطن وصف تنهنجو هت هت ٺاهه ٺهائين
جوڙ ڪري جسماني
(بيدل)

ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي
مان جوئي آهيان سوئي آهيان
(سچل)

جوئي آهيان سوئي آهيان پول نہ ٻيو ڪو پانيان
(بيدل)

نحن اقرب نيڑي آکيس وٽ نهين هڪ وال
(سچل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

نحن اقرب نيڑي وسندا وهو معڪم هسندا رسندا

(بيدل)

آهيان آءُ اسرار جيڏيون ڪير ٿيون پانيو

(سچل)

آءُ آهيان اسرار عالَم ليکي آدمي

(بيدل)

نوري ناري ناهيان آهيان رب جبار

(سچل)

ٻانهپ ٻولي ناهه کا نور آهيان نروار

(بيدل)

ٻيون فني خوبيون

بيدل سائينءَ جي ڪلام ۾ ڪيتريون ئي فني خوبيون موجود آهن جن جو اسان مختصر ذڪر ڪيو آهي جهڙوڪ حرف تجنيس، لفظي موسيقيت، جمالياتي حسن وغيره. هتي اسين سندس شاعريءَ جي ڪن ٻين اهم خوبين جو مختصر ذڪر ڪندا سون.

ڪافين جا ٽلها

بيدل سائينءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪجه ڪافين جا اهڙا ٽلها استعمال ڪيا آهن جيڪي شعري حوالي سان نوان، نڪور، غير معمولي ۽ ڏاڍا وٽندڙ آهن ۽ انهن جي پڙهڻ سان هڪ عجيب رواني ۽ موسيقيت پيدا ٿئي ٿي. بيدل سائينءَ جي پهرين ٽن سنڌي ڪافين جا ٽلها هن ريت آهن.

- تون ته ساڳيو سچڻ آهيون.
- تون ته جو آهين سو آهين.
- تون ته ڇو ٿو لوڪ ٻُلائين.

انهن ٽنهي ڪافين جي هر هڪ ٽلهه ۾ "تون ته" جو استعمال شاعر جو عجيب لهجو ۽ خوبصورت مزاج ظاهر ڪري ٿو جنهن ۾ هڪ پنهنجائپ ۽ اُڪير نظر اچي ٿي ۽ سچ پچ فني حوالي سان به اهي مختصر ٽلها ڏاڍا وٽندڙ آهن. ۽ انهن سان ڪافيءَ جو هڪ نئون گهاڙيٽو متعارف ٿئي ٿو. بيدل سائينءَ جي ڪافين جا ڪجهه ٻيا ٽلها ڏسو.

سر حقيقت وارو سالڪ کو سمجهي
راز رباني‌ءَ وارو.

ڪهڙيون ديدان، ڏاڍيون رمزان لايون
مون سان دلبر يار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

عشق سندو آشار نہ ڪي ڳجهو رهندو
برهہ سندو بيمار نہ ڪي لڪو رهندو.

انهن ڪافين جي پهرين ۾ هي ٽلهہ ۾ فني نواڻ ۽ لفظي موسيقيت آهي جڏهن ته آخري ٽلهہ ائين لڳي ٿو ته جيئن سورٺو هجي ڇو ته ان ۾ سورٺي جيان سڻن جو پهريون پد هم قافيا آهي جڏهن ته سڻن جي هي پد واريون سڻون وري پاڻ ۾ هم قافيا آهن ۽ انهن جي شڪل وراڻي جهڙي آهي. هاڻي وري هڪ هيو ٽلهہ ڏسو.

جسم دي پول نہ پلي تون هين روح روحاني
جسم دي پول نہ پلين تون هين نور نوراني

بيدل سائينءَ جا قافيا

بيدل سائينءَ جي ڪافين ۾ جتي هيون فني خوبيون ملن ٿيون اتي سندس ڪجهہ ڪافين جا قافيا پڻ وڏيڪ ڏيان ڇڪائيندڙ آهن. قافيو هر شاعر استعمال ڪندو آهي ۽ ڪي شاعر پنهنجي نڪور رديفن جي ڪري مشهوري ماڻيندا آهن. بيدل سائينءَ جو ڪمال اهو آهي ته هن پنهنجي ڪافين ۾ نواڻ آندي آهي ۽ اهڙا ته نوان قافيا استعمال ڪيا آهن جن مان هڪ طرف عجيب لفظي موسيقيت پيدا ٿئي ٿي.

عاشق ٿئين تان سر ڏين نہ ته ڪيم عشاقين اچج
منصور واري موج سان اچي رنگ رمزن جي رچج

اُنهيءَ ڪافيءَ ۾ قافيا اچج، رچج، سڻج، هڻج، مڙج وغيره استعمال ٿيل آهن جن ۾ پنهنجي خوبصورتي ۽ عجيب احساس آهي.

مون سان پيڃ پنهونءَ جو ۽ ڙي جيڏيون

هن ڪافيءَ ۾ وري پِيو، نِيو، ڪِيو، وِيو ۽ هِيو قافيا استعمال ٿيل آهن جڏهن ته اهي لفظ هوليءَ ۾ زبر سان بہ استعمال ٿيندا آهن پر هتي بيدل سائينءَ اهي لفظ زير سان استعمال ڪري هڪ نئون احساس ۽ موسيقي پيدا ڪئي آهي.

نڪرمنجهان ناسوت، اڏر پڪيئڙا واهيري ڏي.

بيدل سائين انهيءَ ڪافيءَ ۾ ڇهن منزلن ناسوت، ملڪوت، جبروت، لاهوت، باهوت ۽ هاهوت ڪي قافيي طور آندو آهي ۽ انهن ڪي ڏاڍو خوبصورت ۽ ڪاميابي سان استعمال ڪيو آهي.

آهيان نور نفيس جوڙيم جوڙ جڳت جي ساري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

هن کافيءَ ۾ بيدل سائين نفيس جهڙي نفيس ۽ ڏکئي قافيي مقرر ڪري نهايت فن ۽ ڪمال سان شيس، ادريس، خبيث ۽ ابليس جهڙا قافيا استعمال ڪيا آهن. اهڙي طرح هڪ ٻئي کافيءَ ۾ وري "ويس" قافيو مقرر ڪري ان سان آبيس، ريس، لبيس، اويس ۽ درويش جهڙو آوازي قافيو ڏاڍو سهڻي نموني سان استعمال ڪيو اٽائين، هاڻي وري هي قافيو ڏسو.

سمجه رک سالڪ سچا ڏس هُو بَہ هُو محبوب آ

هن سنڌي کافيءَ ۾ هُو بَہ هُو، سُو بَہ سُو، رُوبرو، ڪُو بَہ ڪُو، تُو بَہ تُو، قافيا استعمال ڪرڻ بيدل سائينءَ جو ئي ڪمال آهي.

قافين جو تڪرار

بيدل سائينءَ اهڙيون بہ ڪي خوبصورت ڪافيون چيون آهن جن ۾ قافين جو خوبصورت تڪرار سان کافيءَ جو هڪ انوکو انداز قائم ڪيو آهي جنهن سان هڪ طرف عجيب لفظي موسيقيت پيدا ٿئي ٿي تہ ٻي طرف اهڙو استعمال ڏاڍو خوبصورت بہ لڳي ٿو.

توريءَ عين عذاب، عين عذاب توڙي باغ بهشت جا
بيدل هڏئون هوت جي ڪسي ٿيو ڪباب، ٿيو ڪباب
توڙي باغ بهشت جا.

⊙

نت نهاريان راهان، راهان راهان وي.

⊙

عشق دا مهڻا وچ سيالين چُم اسان سر چايا چايا چايا

⊙

مين تہ بيراڳڻ ٿيان ٿيان ٿيان.
پيش رانجهو دي پيان پيان پيان .

⊙

سهڻي اڳون ساڏي آزي آزي آزي.

ٻوليءَ جو استعمال

بيدل سائينءَ جو اهو بہ ڪمال آهي تہ هن سنڌي ۽سرائيڪي ڪلام ۾ ٻين ٻولين جا لفظ اهڙي طرح استعمال ڪيا آهن جو اهي لفظ ڏاريا نہ ٿا لڳن ۽ فني لحاظ کان بہ انهن جو استعمال ڏاڍو خوبصورت لڳي ٿو.

ذات چپاوت لوڪ پلاوت لالن ڪيڙو لبيس
رين سورج سان خوب رلايس مُک پر ڏاري ڪيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

انهيءَ سنڌي ڪافيءَ ۾ "چپاوت" ۽ "پلاوت" پوربي لفظ آهن جڏهن ته رات جي بجاءِ رين ۽ سج جي بجاءِ سورج جو استعمال بہ ڏاڍو سهڻو ٿو لڳي، ٻئي طرف مُک پر ڏاري ڪيس جي پوري ست بہ ڏاري نہ ٿي لڳي.

چڏ هستي گهن مستي سڻ رمز ربابون

انهيءَ سنڌي ڪافيءَ ۾ بہ "گهن" ۽ "سُڻ" سرائيڪي لفظ آهن جيڪي اهڙي ته خوبصورتيءَ سان استعمال ٿيل آهن جو اگر ا ۽ ڏاريا نہ ٿا لڳن هٿان شعر جي ست وڌيڪ وٽندڙ ٿي لڳي ۽ ان ۾ اندروني قافيو وڌيڪ رواني پيدا ڪري ٿو.

لاشڪ آشائقن ڪي دل جو ڪتاب ڪافي
جنهن ۾ اصول اصلي لاريب لا خلافي.

بيدل سائينءَ جي انهيءَ ڪافي ۾ عربي لفظ استعمال ٿيل آهن پوءِ بہ شعر جي فني گهاڙيٽي ۽ خوبصورتيءَ تي ڪو بہ اثر نہ پيو آهي ۽ علمي انداز ۾ چيل انهيءَ ڪافيءَ جو اظهار وڌيڪ اثر انگيز بڻجي ويو آهي. اهڙي طرح بيدل سائينءَ جي ڪن سرائيڪي ڪافين ۾ وري سنڌي لفظ استعمال ٿيل آهن ۽ اهو بيدل سائينءَ جو ڪمال آهي جو هن جي آڏو هر ٻوليءَ جا لفظ غلام بڻجي ويا آهن مرضي پويس ته سنڌي ڪلام ۾ سرائيڪي لفظ استعمال ڪري ۽ مرضي پويس ته سرائيڪي ۾ سنڌي لفظ.

اسان پرديسي بيڪس آهيون پريوندي آوڻ والي،
عشق دي محفل ۾ ناهي جاءِ ڪنهن هوشياري دي
چشما والڙي چال سالڪ سمجهن عشق جا ڪوڏيا.

انهن سرائيڪي ڪافين جي سٽن ۾ لفظ "آهيون"، "ناهي" ۽ هڪ پوري ست "سالڪ سمجهن عشق جا ڪوڏيا" سنڌي ۾ استعمال ٿيل آهي پر ڏسو ته هنن سان ڪافين ۾ شعري رواني ۽ خوبصورتي ڪيڏي نہ وڌي وئي آهي.

اسان هتي بيدل سائينءَ جي ڪلام جو مختصر جائزو پيش ڪيو آهي ۽ ان جون ڪي چند فني خوبيون بيان ڪيون آهن ۽ انهن جا بہ ڪي ٿورا مثال ڏنا آهن جڏهن ته بيدل سائينءَ جي ڪلام ۾ فڪري توڙي فني حوالي سان گوناگون ويچار ۽ ڪيتريون ئي شعري خوبصورتيون ۽ فني خوبيون موجود آهن جن کي ڪو اهل علم، اهل فن ۽ اهل دل ئي گهرائيءَ سان پڙهي، سمجهي ۽ هينئين سان هنڌائي سگهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

حوالا

(1) ديوان بيكس مولف: عبدالحسين شاهه موسوي مطبوعا 1961ع.
(2) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامہ: گدو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع.
(3) بيدل جو سنڌي ڪلام: بولچندر اچپال، مطبوعا 1950ع.
(4) ديوان بيدل: عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون چاپو).
(5) بيدل جي ڪلام جو قلمي نسخو ڪاتب: فقير محمد مُحسن بيڪس 1294 هجري.
(6) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامہ: گدو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع.
(7) وحدت نامو: گدومل هرجاڻي مطبوعا 1943ع.
(8) بيدل جو سنڌي ڪلام: بولچندر اچپال، مطبوعا 1950ع.
(9) ڪُليات بيوس: محمود شاهه بُخاري مطبوعا 1991ع.
(10) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامہ: گدو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع.
(11) بيدل جو سنڌي ڪلام: بولچندر اچپال، مطبوعا 1950ع.
(12) ديوان بيدل عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون چاپو).
(13) ايضاً
(14) بيدل سائين جي ڪلام جو وڏيري دُر محمد گهمري وارو قلمي نسخو: سن ڪتابت نامعلوم
(15) فقير غلام علي مسرور جي هٿ اکرن ۾ لکيل بيدل جي ڪلام جو قلمي نسخو.
(16) انيس المساڪين عرف راحت السالڪين: قلمي: قاضي غلام مهدي نقل 1917ع.
(17) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامہ: گدو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع.
(18) بيدل جو سنڌي ڪلام: بولچندر اچپال، مطبوعا 1950ع.
(19) ديوان بيدل: عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون چاپو).
(20) تاريخ شعره سنڌ: فقير هدايت علي نجفي تارڪ مطبوعا 1945ع.
(21) مضمون: عشق جو اوتار بيدل پوتار، حسام الدين راشدي مطبوعا بيدل 3.
(22) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامہ: گدو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع.
(23) بيدل جو سنڌي ڪلام: بولچندر اچپال، مطبوعا 1950ع.
(24) تذڪره لطفي: لطف الله بدوي مطبوعا 1952ع.
(25) ديوان بيدل عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون چاپو).
(26) تاريخ شعره سنڌ: فقير هدايت علي نجفي تارڪ مطبوعا 1945ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(27) تذكره لطفي: لطف الله بدوي مطبوعا 1952ع.
(28) پنج گنج: مرحوم سبحان بخش قريشي مطبوعا 1976ع
(29) انيس المساكين عرف راحت السالكين، قلمي: قاضي غلام مهدي نقل 1917ع.
(30) مضمون: "مير جان الله شاهه رضوي" لطف الله بدوي مطبوعا نئين زندگي فيبروري 1957ع.
(31) مقالو: "دين جو جهندو حضرت بيدل سائين" مولانا عبدالوهاب چاچڑ مطبوعا بيدل 4.
(32) تاريخ شعراء سنڌ: فقير هدايت علي نجفي تارک مطبوعا 1945ع.
(33) تذكره لطفي: لطف الله بدوي مطبوعا 1952ع.
(34) بيدل جو سنڌي كلام: بولچند راجپال، مطبوعا 1950ع.
(35) انيس المساكين عرف راحت السالكين، قلمي: قاضي غلام مهدي نقل 1917ع.
(36) ايضاً
(37) ايضاً
(38) ديوان بيدل عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون چاپو).
(39) تذكر مشاهير سنڌ: مولانا دين محمد وفائي ياڳو ٽيون مطبوعا 1986ع.
(40) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامه: گدو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع.
(41) پنج گنج ترجمو مرحوم سبحان بخش قريشي مطبوعا 1976ع
(42) انيس المساكين عرف راحت السالكين، قلمي: قاضي غلام مهدي نقل 1917ع.
(43) ايضاً
(44) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامه: گدو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع
(45) پنج گنج ترجمو مرحوم سبحان بخش قريشي مطبوعا 1976ع
(46) ايضاً
(47) انيس المساكين عرف راحت السالكين، قلمي: قاضي غلام مهدي نقل 1917ع.
(48) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامه: گدو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع
(49) ديوان بيدل: عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون چاپو).
(50) ايضاً
(51) بيدل جي كلام جو قلمي نسخو كاتب: فقير محمد مُحسن بيكس 1294 هجري.
(52) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامه: گدو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع
(53) ديوان بيدل: عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون چاپو).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(54) ايضاً
(55) ايضاً
(56) ايضاً
(57) مضمون "بيدل جو عبدالقادر مان قادر بخش نالو": علي اظهر موساڻي مطبوعا بيدل 7.
(58) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامہ: گلو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع
(59) تذڪر مشاهير سنڌ مولانا دين محمد وفائي پاڻ ٽيون مطبوعہ 1986ع.
(60) مضمون "بيدل فقير" نارائڻ ڊي گرناڻي مطبوعہ 23-1922ع.
(61) تاريخ شعراء سنڌ: فقير هدايت علي نجفي تارڪ مطبوعا 1945ع.
(62) مضمون: "عشق جو اوتار بيدل پوتار" حسام الدين راشدي مطبوعا بيدل 3.
(63) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامہ: گلو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع
(64) بيدل جو سنڌي ڪلام: بولچند راجپال، مطبوعا 1950ع.
(65) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامہ: گلو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع
(66) ديوان بيدل عبدالحسين شاهہ موسوي 1991ع (ٽيون چاپو).
(67) تذڪره لطفي: لطف الله بدوي مطبوعا 1952ع.
(68) تذڪر مشاهير سنڌ: مولانا دين محمد وفائي پاڻ ٽيون مطبوعہ 1986ع.
(69) مقالو: "دين جو جهندو حضرت بيدل سائين" مولانا عبدالوهاب چاچڙ مطبوعا بيدل 4.
(70) من جي مالا: مولانا عبدالوهاب چاچڙ مطبوعہ 2001ع
(71) ايضاً
(72) راوي مولانا عبدالوهاب چاچڙ صاحب
(73) سنڌ جا اسلامي درس گاهہ: محمد جمن ٽالپر مطبوعہ 1982ع.
(74) مقالات خانائي: قريشي حامد علي خانائي مطبوعہ 2006ع.
(75) سنڌ جا اسلامي درس گاهہ: محمد جمن ٽالپر مطبوعہ 1982ع.
(76) تاريخ شعراء سنڌ: فقير هدايت علي نجفي تارڪ مطبوعا 1945ع.
(77) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامہ: گلو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع
(78) بيدل جو سنڌي ڪلام: بولچند راجپال، مطبوعا 1950ع.
(79) ديوان بيدل: عبدالحسين شاهہ موسوي 1991ع (ٽيون چاپو).
(80) تذڪره لطفي: لطف الله بدوي مطبوعا 1952ع.
(81) تذڪر مشاهير سنڌ: مولانا دين محمد وفائي پاڻ ٽيون مطبوعہ 1986ع.
(82) پنج گنج ترجمو مرحوم سبحان بخش قريشي مطبوعا 1976ع
(83) مقالو: "دين جو جهندو حضرت بيدل سائين" مولانا عبدالوهاب چاچڙ مطبوعا بيدل 4.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(84) بيدل جي كلام جو قلمي نسخو كاتب: فقير محمد مُحسن بيكس 1294 هجري.
(85) ترجمو فقير عطا فولادي شر.
(86) رسالو سچل جو: مرزا علي قلي بيگ مطبوعہ 1902ع
(87) ايضاً
(88) ايضاً
(89) ايضاً
(90) مضمون: "عشق جو اوتار بيدل پوتار" حسام الدين راشدي مطبوعا بيدل 3.
(91) بيدل جو سنڌي كلام: بولچندر اجپال، مطبوعا 1950ع.
(92) ديوان بيدل: عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون چاپو).
(93) ايضاً
(94) انيس المساڪين عرف راحت السالكين، قلمي: قاضي غلام مهدي نقل 1917ع.
(95) مضمون بيدل فقير پيرو مل آڏواڻي مطبوعہ 1937ع.
(96) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامہ: گدو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع
(97) بيدل جو سنڌي كلام: بولچندر اجپال، مطبوعا 1950ع.
(98) تذكر مشاهير سنڌ: مولانا دين محمد وفائي پاڳو ٽيون مطبوعہ 1986ع
(99) تذكرہ لطفي: لطف الله بدوي مطبوعا 1952ع.
(100) پنج گنج ترجمو مرحوم سبحان بخش قريشي مطبوعا 1976ع
(101) تاريخي قطعات: مرزا فتح علي بيگ مطبوعا 2008ع
(102) ترجمو فقير عطا فولادي شر.
(103) مضمون "بيدل فقير" نارائڻ ڊي گرناڻي مطبوعا 23-1922ع.
(104) تاريخ شعراء سنڌ: فقير هدايت علي نجفي تارك مطبوعا 1945ع.
(105) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامہ: گدو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع.
(106) تذكرہ لطفي: لطف الله بدوي مطبوعا 1952ع.
(107) ديوان بيكس مولف: عبدالحسين شاهه موسوي مطبوعا 1961ع.
(108) ايضاً
(109) مضمون "فقير قادر بخش بيدل": رجب علي درازي مطبوعہ بيدل 4.
(110) تاريخ شعراء سنڌ: فقير هدايت علي نجفي تارك مطبوعا 1945ع.
(111) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامہ: گدو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع.
(112) ايضاً
(113) اصغر سائينءَ جو كلام: محمد فاضل شيخ مطبوعا 1999ع.
(114) تاريخي قطعات: مرزا فتح علي بيگ مطبوعا 2008ع
(115) ترجمو فقير عطا فولادي شر.
(116) بيدل جو اردو كلام: اختر درگاهي مطبوعا 1997ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(117) ديوان سلوك الطالبين: ڊاڪٽر خضر نوشاهي مطبوعا 2006ع.
(118) بيدل جو اردو ڪلام: اختر درگاهي مطبوعا 1997ع.
(119) ايضاً
(120) مثنوي دلڪشا: مُرتب: نواز علي شوق مطبوعا 2005ع.
(121) مثنوي نهر البحر قلمي: ڪاتب فقير غلام علي مسرور سن 1924ع.
(122) ديون مصباح الطريقت قلمي: ڪاتب غلام علي مسرور سن 1924ع.
(123) ديوان منهاج الحقيقت: مُرتب: ڊاڪٽر خضر نوشاهي مطبوعه 2007ع.
(124) بيدل جي ڪلام جو قلمي نسخو ڪاتب: فقير محمد مُحسن بيڪس 1294 هجري.
(125) وحدت نامو مُرتب: گدومل هرجاڻي مطبوعا 1943ع.
(126) ديوان بيدل (اردو) اختر درگاهي مطبوعا 2003ع.
(127) روض عشق: مُرتب مرزا فتح علي بيگ مطبوعا 2009ع
(128) ايضاً
(129) ظهور نامه قلمي: ڪاتب فقير محمد محسن بيڪس 1294 هجري.
(130) تاريخي قطعات: مُرتب مرزا فتح علي بيگ مطبوعا 2008ع
(131) پنج گنج ترجمو مرحوم سبحان بخش قريشي مطبوعا 1976ع
(132) فوائد المعنوي ترجمو فقير غلام علي مسرور مطبوعا 2001ع.
(133) سند الموحدين قلمي ڪاتب: فقير غلام علي مسرور سن 1924ع.
(134) رموز القادري = = =
(135) تقويت القلوب في تذڪرة المحبوب = = =
(136) في بطن احاديث = = =
(137) قرة العينين في مناقب السبطين ترجمو: نوشاد علي جعفري مطبوعا 2011ع.
(138) مضمون "بيدل جون تصنيفون" پير حسام الدين راشدي مطبوعا بيدل 3.
(139) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامه: گدو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع.
(140) ديوان بيدل: عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون ڇاپو).
(141) پنج گنج ترجمو مرحوم سبحان بخش قريشي مطبوعا 1976ع
(142) مضمون "بيدل جون تصنيفون" پير حسام الدين راشدي مطبوعا بيدل 3.
(143) ديوان بيدل: عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون ڇاپو).
(144) پنج گنج ترجمو مرحوم سبحان بخش قريشي مطبوعا 1976ع
(145) بيدل جي ڪلام جو قلمي نسخو ڪاتب: فقير محمد مُحسن بيڪس 1294 هجري.
(146) ديوان بيدل: عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون ڇاپو).
(147) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامه: گدو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع.
(148) ديوان بيدل: عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون ڇاپو).
(149) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامه: گدو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(150) مضمون "بيدل جون تصنيفون" پير حسام الدين راشدي مطبوعا بيدل 3.
(151) بيدل جي ڪلام جو قلمي نسخو ڪاتب: فقير محمد مُحسن بيڪس 1294 هجري.
(152) مضمون بيدل جون تصنيفون پير حسام الدين راشدي مطبوعا بيدل 3.
(153) ديوان بيدل عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون چاپو).
(154) پنج گنج ترجمو مرحوم سبحان بخش قريشي مطبوعا 1976ع
(155) تاريخ سکر: مولائي شيدائي سنڌي ادبي بورڊ مطبوعا 1992ع.
(156) ديوان بيدل: عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون چاپو).
(157) ايضاً
(158) پنج گنج ترجمو مرحوم سبحان بخش قريشي مطبوعا 1976ع
(159) ديوان بيدل: عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون چاپو).
(160) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامه: گدو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع.
(161) ديوان بيدل: عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون چاپو).
(162) ايضاً
(163) مضمون: "عشق جو اوتار بيدل پوتار" حسام الدين راشدي مطبوعا بيدل 3.
(164) مضمون "بيدل جي دل جو ڌڻي": پير حسام الدين راشدي مطبوعا بيدل 3.
(165) ديوان بيدل: عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون چاپو).
(166) ايضاً
(167) ايضاً
(168) ايضاً
(169) مضمون (روهڙيءَ جا قاضي): مولانا عبدالوهاب چاچڙ مطبوعا ماهوار شريعت 1990ع.
(170) پنج گنج ترجمو مرحوم سبحان بخش قريشي مطبوعا 1976ع
(171) مضمون: "عشق جو اوتار بيدل پوتار" حسام الدين راشدي مطبوعا بيدل 3.
(172) ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامه: گدو مل هرجاڻي مطبوعا 1940ع.
(173) پنج گنج ترجمو مرحوم سبحان بخش قريشي مطبوعا 1976ع
(174) ديوان بيدل: عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون چاپو).
(175) پنج گنج ترجمو مرحوم سبحان بخش قريشي مطبوعا 1976ع
(176) مضمون بيدل جون تصنيفون پير حسام الدين راشدي مطبوعا بيدل 3.
(177) ماٽيلي اوهاوڙي جي هولي: شيخ محمد فاضل مطبوعا 1992ع.
(178) ديوان بيدل: عبدالحسين شاهه موسوي 1991ع (ٽيون چاپو).
(179) پنج گنج ترجمو مرحوم سبحان بخش قريشي مطبوعا 1976ع
(180) ايضاً
(181) مضمون: "عشق جو اوتار بيدل پوتار" حسام الدين راشدي مطبوعا بيدل 3.
(182) چولو منهنجو چڪ هر: هري دلگير مطبوعا 1990ع.
(183) مضمون: "عشق جو اوتار بيدل پوتار" حسام الدين راشدي مطبوعا بيدل 3.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بيدل سائينءَ جو رسالو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ماخذ

ب: بيڪس سائينءَ جو لکيل قلمي نسخو.
ق: قاضي غلام مهدي جو لکيل قلمي بياض.
غ: غلام علي مسرور جو لکيل قلمي نسخو.
گ: گورڌنداس سوپاٽي وارو قلمي نسخو.
س: سکري عثمان جو لکيل قلمي بياض.
ن: نور محمد آخوند جو لکيل قلمي بياض.
ع: عبدالرحمٰن خانگڙهي وارو قلمي نسخو.
هـ: هرجاٽي گدومل جو ڇپيل ڪتاب "ديوان بيدل".
ر: راجپال بولچند جو ڇپيل ڪتاب "بيدل جو سنڌي ڪلام".
م: موسوي عبدالحسين شاهه جو ڇپيل ڪتاب "ديوان بيدل".
ا: انصاري گل محمد جو ڇپيل ڪتاب "ڪلام بيدل".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

وحدت نامو

1. هستيءَ کي "هم اوست" ۾ کيو گم جَنين،
ڏِئو ترت ٿَنين، اکين شُعاع شهود جو.

2. هستيءَ کي "هم اوست" ۾ جنين گُم کيو،
تنين[1] تُرت پيو، آڇوڙو اِثبات جو.

3. هستيءَ کي "هم اوست" ۾ جنين کيو گم،
تنين تي آگم، اچي ٿيو اِثبات جو.

4. هستيءَ کي "هم اوست" ۾ جنين کيو فاني،
تن تي عياني، اچي ٿي اثبات جي.

5. هستيءَ کي "هم اوست" ۾ کيو جن فَنا،
چيو تن اَنا، حالت ۾ حلاج جي.

6. حالت جا حلاج جي سُمنورو[2] آهه سوزُ
سدائي سُوريءَ تي نِيهَن جو نو روز
رندي رازُ رَمُوزُ، کنهن کي سَلِن کينکي.

7. حالت جا حلاج جي سمورو آهه سُورُ
مَردن ۾ منصُورُ، کو کو ليئي[3] کاٿهين.

---

(1) تن (ه) (2) سموري (ه) (3) ٻُجهي (ه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

8. حالت جا حلاج جي مُحمدي معراجُ
سالڪن سرتاج، مستيءَ ڪون منصور ٿيو.

9. حالت جا حلاج جي اُونهون هي اسرارُ
اچي اُلوهِيتَ جو بِرهہَ اُتايو بارُ
ڪنهن ڪنهن ڪلادار، ڪَلَ پوي هن ڪُنه[1] جي.

10. حالت جا حلاج جي رَبُو بيت رازُ،
حقيقت مجازُ، ايڪائيءَ ۾ ايڪُ ٿيا.

11. ايڪائيءَ ۾ اَيڪُ ٿي معنيٰ ۽ صورت
اچي "احديت"، دُوائيءَ ڪي دُور ڪيو.

12. ايڪائيءَ ۾ ايڪُ ٿيو اچي جان جِسم،
ويئي ريت رسم، وحدت سندي ويڑ[2]هه ۾.

13. ايڪائيءَ ۾اَيڪُ ٿي سپائي صفاتِ،
دين ڪُفر نابود ٿيو طئي ٿي طلسمات،
دُور ڪري درجاتِ، مڙيائي مُحيط ٿيو.

14. ايڪائيءَ ۾ ايڪُ ٿيو سيو ڏوهہ ثوابُ
هستيءَ جو حجابُ، "هم" منجهہ هِجِي[3] ويو.

---

(1) ڪُن (م) (2) وِير (ر) (3) هنجي (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

15. ايڪائيءَ ۾ ايڪ ٿيو بيرنگي ۽ رنگ
وحدت ۾ زائل ٿيو ڏوائيءَ جو زنگ
مُلان ۽ مَلنگ، حقيقت ۾ هڪ[1] ٿيا

16. حقيقت ۾ هڪ ٿيو موسيٰ ۽ فرعونُ
لوڙهي ڇڏيو[2] لونُ، لَهرُن هم اوست جي.

17. حقيقت ۾ هڪ ٿيو ڪُفر ۽ ايمانُ
مظهر مولیٰ پاڪ جي هندو مسلمانُ
تارا ڪيا تالان، سُورج سندي سوجهري.

18. حقيقت ۾ هڪ ٿيو اڇو ۽ ڪارو
نِينهن هنيو نعرو، هر مظهر ۾ هيڪڙو[3].

19. حقيقت ۾ هڪ ٿيو نُوري ۽ ناري
دين ڪُفر آهن ٻئي[4] هڪ وڻ جي ٽاري
حاذق هُشياري، رکيين[5] انهيءَ رموز جي.

20. حقيقت ۾ هڪ ٿيو بيراهي ۽ راهه
"خلق الاشياء فهو عينها" ڏاهن ڪانهي ڏاهه،
عارفن آ گاهه، اونهي هِن اسرار جي.

---

(1) هيڪ ٿيا (م) (2) ڇڏيون (م) (3) هڪڙو (م) (4) ڇڻ هڪ (م) (5) رکن (غ) (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

21. اُونهي هن اسرار جي جن کي پئي ڪَلَ
لنگهي خوفَ خلَلَ، آيا مُلڪَ اَمانَ ۾.

22. اُونهي هن اسرار جي جن کي پئي ڏاهَ،
"لهم البشريٰ في الدنيا ولآخرت" هِت هُٿ صحت ساهه
ڪاڏي ڪرن ڪاهه، جو مڙيو ئي مشاهدو.

23. اُونهي هن اسرار جي جنين پُرجهي مامَ،
"لاخوف عليهم ولا هم يحزنون" آيا ۾ آرام،
عارف ٿيا عَلام، بيخودي بابُ پڙهي.

24. اونهي هن اسرار جو جن تي ڪُليو دَرَ
جاڏي ڪن نظر، تاڏي پسن پرينءَ[1] ڪي.

25. اُونهي هِن اسرار جي جِني ڏٺي جُوءِ
حيرت ۾ پيا هُوءِ، پسي موج محمدي.

26. پَسي موج محمدي هاتِڪَ ٿيا حيرانُ
"من راني فقد راي الحق" ساڳيو ئي سُبحانُ
مِڙيوئي مهربانُ، صورت سڀ سمائيو[2].

27. پَسي موج محمدي جَبُروتن ڪيا[3] جوشَ
معنوي مدهوش، لاهُوتُون لنگهي ويا.

---

(1) پِرَ (م) (2) سمايو (م) (هـ) (3) ڪي جوش (م) (هـ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

28. پَسي موج محمدي قطرو ٿيو قُلزم
"عرفت ربي برّبي" مستي ٿي مُحڪم
رکيو قرب قدم، بيراڳن باهوت ٻڌ.

29. پَسي موج محمدي وُجُودون ويا،
"انا رب انا محمد" انهي پنڌ پيا،
جوڳي مَري جيا، هَيرڪ جي هاهُوت جا.

30. پَسي موج محمدي مستي ٿين مُقامَ
آديسن آرام، اچي ٿيو اِثبات ٻڌ.

31. اچي ٿيو اِثبات ٻڌ ڪاپڙين قرارُ
"هوالاول ولآخر والظاهر ولباطن" سدا برهه بهارُ
جاڏي ڪن نهار، تاڏي وستيُ[1] ويجهڙي.

32. اچي ٿي اِثبات ٻڌ جوڳيڙن جي جُوءِ
"اذا تم الفقر فيكون عيشت كنفس الله"[2] خاصن خاصي خُوءِ
رِندن سندي رُوءِ، چمڪي چوڏس چنڊ جان.

33. اچي ٿيو اِثبات ٻڌ مستانن[3] جو ماڳُ
رَبُوبيءَ جو راڳُ ڪَن رِيءَ سناسن سُٽيو

---

(1) وسؤن (ق) (2) اذا تم الفقر فيكون عينه كنفس الله (م) (3) مشتاقن (م) (هـ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

34. اچي ٿي اِثبات ۾ آديسن اوطاق
"وجوه يومئذ ناظرت الي ربها ناظرة"، پلپل پسن پاڪ
بيراڳي بيباڪ، عنصر ڪون آزاد ٿيا.

35. اچي ٿيو اِثبات ۾ اُن جو اوتارو
نانگا نظارو، سدا ڪن سُبحان جو.

36. سدا ڪن سُبحان جو نظارو نيهي
وٽون تن ويهي، سُورَ پِرائي آءُ تون

37. سدا ڪن سُبحان جي وادوڙيا واکاڻ
"من احب شيأ اكثر ذكره"، عشق اهو اُهياڻ
رِندي رمز رهاڻ، سُٽي سوز پراءِ تون.

38. سدا ڪن سُبحان جو ذڪر منجهارون ذوق
"من اراد ان يجلس مع الله فيجلس مع اهل تصوف" پُڇ[1] انهن[2] جي جهوڪ
لِڪي منجهان لوڪ، ڪا لَنو لائج اُن سين

39. سدا ڪن سُبحان جي منجهان پِرت پَچارَ
"وما ينطق عن الهويٰ" عارف ان آچار
تنين جي تنوارَ، جڏا روح جياريا.

---

(1) پس (ق) (2) اُن جي (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

40. سدا ڪن[1] سبحان جي وسوڙيل وائي
تنين ڪون جائي راحت رسي رُوح ڪي.

41. راحت رَسي روح ڪي تنين ڪون تڪرار
"فاصبح مع الله من صحب الله" گوش ڪجان گُفتار
سامي[2] ۾ سنسار، وسي اُتي[3] واهرُو.

42. راحت رسي روح ڪي ان جي پسي جُوءِ
"تعرف في وجو هھم نضرت النعيم" سنڌن روشن رُوءِ
خاصن جي خوشبوءِ، مون مَنُ مستانو[4] ڪيو.

43. راحت رسي روح ڪي سُٽي راز سندونِ
اُتي اوتارونِ جِتي رنگُ نہ رُوپَ ڪو.

44. راحت رسي روح ڪي سُٽي ڳالھ سندين
"فرحين بما آتيناهم الله من فضله" جميعت ۾ جالين
ڪينو اٽن ڪين، هم ڪي حق چون[5].

45. راخت رسي روح ڪي انهن جي آئي
هليا ڦيرائي، هوڪو هم اوست جو.

46. هوڪو هم اوست جو سُٽج ساڻ يقين
"اينما تولو فثم وجه الله" حق رِيءَ آهي ڪين
فرق ڪفر ۽ دين، بيشڪ بھانو اُتھين

---

(1) رکن (غ) (2) سامين (م) (3) أتي (ھ) (4) مستان (م) (5) چون جي (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

47. هوکو هم اوست جو سُٹج ڏيان ڏري
"الا ان بکل شيءِ محيط" پرين ناهه[1] پَري
ٿو سهسين ويس ڪري سيوئي آهه سُپرين.

48. هوکو هم اوست جو سُٹي ٿيءُ هوشيار
آٹج هي اعتبار جو حق ريءَ آهي ڪينڪي.

49. هوکو هم اوست جو سُٹي رک ويساهه
"وهوالله في السمٰوٰت والارض" هرجا آپ الله
ايهــو[2] شاهنشاهه، اولي عبديت جي.

50. هوکو هم اوست جو ٻڌي ٻَڌ ڪمر
نِيهون ڪر نظر جو مڙيوئي محبوب آ

51. مِڙيوئي محبوب آ تِر جو نانهن تفات[3]
ڪُل شيءِ هوالله صاحبَ ياتُون ٻات
اچي ٿيو اِثبات جاڏي ڪاڏي سُپرين.

52. مڙيوئي محبوب[4] آ، نانهن تفاوت تِرَ
"لاموجود الاهو" خاصن هيءَ خبر
آهه ساروئي سِرَ صورت هن سنسار جي.

53. مڙيوئي محبوب آ تنهن[5] ۾ ناهه فرق
غازي غير غرق ڪري سمجهه سِرُ تون.

---

(1) نہ آھہ (م) (2) اُوھو (م) (3) تفاوت (ھ) (4) جو (م) (5) تن (غ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

54. مڙيوئي محبوب آ سدائي سپ پار
"ولاسم الا وجود واحد" صورت سهس[1] هزار
جامان سؤ جنسار، پهريندڙ هِڪُ پرين.

55. مڙيوئي محبوب آ، مشتاقن مقصود
سدا حق موجودُ، هم کي هِڪُ ڄاڻ تون.

56. هم کي هِڪُ ڄاڻ تون تنهن ۾ شڪُ نه آڻِ[2]
"ذالک الکتاب لاريب فيه" هرجا حق سُجاڻِ
جاڏي کاڏي ڄاڻِ، موجودي محبوب جي

57. هم کي هِڪُ ڄاڻ تون تنهن ۾ آڻ نه شَڪُ
"کان الله ولم يکن معه شيء" اهو پڙهه سبق
هيڏان[3] هوڏي حق، ٻولي ناهي ٻي سندي

58. هم کي هِڪُ ڄاڻ تون شايق ڇڏ[4] شِرڪُ
مَوَحِدنِ مَرڪُ، آهي رَهَتِ راز جي.

59. هم کي هڪ ڄاڻ تونِ وحدت سُٽ وائي
پرين آهي پَڌِرو پسن[5] ويساهي
ٻوڙِج ٻِيائي، انهيءَ بَحرَ عميقَ ۾.

---

(1) سهسين (م) (2) ڄاڻ (م) (3) هيڏانهن هوڏانهن (م) (4) ڇڏي (م) (5) پسڻ (غ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

60. هم کي هِڪُ جاڻ تون هم هِڪُ آهي
"لا" سين ڇڏ لاهي خام خوديءَ جا خطرا.

61. خام خوديءَ جا خطرا "لا" سين سيئي لوڙهه
فِڪرَ ترازي هٿ رکي خيال طلب جو تور
خيما نِيئي کوڙ، نفيءَ کون اِثبات ۾.

62. خام خوديءَ جا خطرا نفيءَ سان ڪج ناس
"وهو معکم اينما کنتم" پرين تنهنجي پاس
فکر فنا رک راس تہ اوڏو ٽئين اِثبات کي

63. خام خوديءَ جا خطرا، عاشق ڪج عدم
قُرب پار قدم، خوديءَ رِيءَ ڪٽج تون.

64. خام خوديءَ جا خطرا مڙيئي ڪج مات
"ولنحينه حيوات طيبتہ" مري ٿيءُ حيات
نفيءَ کي اثبات، لاشڪ آهي اوڏڙي.

65. خام خوديءَ جا خطرا اُٿيِ[1] ڪَج نابُود
سالِڪ تنهنجو سُود نفيءَ ڏاران نانهن کو.

66. نفيءَ ڏاران ناهه کو سالڪ سُودُ سندو
"عد نفسک من اصحاب القبور" ٻوڙا تو نہ ٻُڌو
لا ۾ منجُهَ[2] لتو، آديسن اِثبات جو.

---

(1) سگهو (ھ) (2) هنج (ھ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

67. نـفـيءَ ڏاران ناهه کا مُورُون منفعت
"دع نفسک وتعال" جي ٻُڌج ٻُجهارت
اَٿي اِشارت، نفيءَ ۾ اِثبات جي.

68. نفيءَ ڏاران ناهه کو چنچل ٻيو چارو
"ووجدک ضالاً فهديٰ" سمجهج اشارو
مَارج نقارو، نَفي ٿي اِثبات جو.

69. نفيءَ ڏاران ناهه کا، ويراڳي ٻي وات،
سامئيڙا سِرُ کاتِ، تہ اوڏو ٿئين اثبات کي

70. نفيءَ ڏاران نہ ٿئي وحدت ساڻ وُصولُ
لهين قُرب قبولُ، مرڻئون اڳي جي مرين

71. مرڻئون اڳي جي مرين تہ موٽي کونهي مَوتُ
"ان اولياء الله لايموتون" فاني ٿين نہ فوت
جوڳين سندي جوتِ قائم آهه کونين ۾

72. مرڻئون اڳي جي مرين تہ مُئو چوندء کين
"ولا تقولو لمن يقتل في سبيل الله" سڏج ساڻ يقين
قرب دار ڪڏي نہ، محبت وارو ماتِ ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

73. مرڻئون اڳي جي مرين تہ چوندءِ ڪين مُئو
"المومن حي في الدارين بل احياؤ عند ربهم" سامي تونہ سُئو
جو ڏُرو آهِ ڏَئو، سو هميشہ حيات آ.

74. مرڻئون اڳي جي مرين تہ ٽئين نِسهرو نُورُ
مرڻ جو مَذڪورُ ڪڏهين ڪَنين نہ سُٽين.

75. مرڻئون اڳي جي مَرين تہ باقي رهي ذات
هميشہ حيات، مردَ نہ مَرنِ ڪڏهين،

76. مَـرد نـہ مَـرن ڪڏهين هو جي ٽيا حق
"اجسادنا وارواحنا ارواحنا اجسادنا" سڪج هي سبق
انڌا آڻِ نہ شَڪُ، حياتيءَ ۾ هن جي.

77. مَـرد نـہ مَـرن ڪڏهين ڪُوپا هن قائم
هَمَ مرين تہ گرو مَري ڏُولهہ مارِن دَمَ
ڏيهِيءَ رِيءَ دائمُ، حاضر هن هرجاءِ تي.

78. مَرد نہ مَرن ڪڏهين ديهي هوءِ نہ هوءِ
"فسبحان الذي بيده ملكوت كُل شيءٍ" جو چاهي ٿئي سوءِ
جو ديهِيءَ ڪُون هَتَ ڏوءِ لڪين ديهون اُنَ جون.

79. مَرد نہ مرن ڪڏهين جن الڪُ ڪيو اثبات
هي جِهتِ ۽ جهاتِ سَيرُ سيوئي ان جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

80. مرد نہ مَرن ڪڏهين جي ساڳيو ٿيا سُبحان
عالمَ تي احسان ڪوڙين پٽين اُن جو.

81. ڪوڙين پٽين اُنَ جو مٽي خلق رَحمُ
نالي ڳڏي ان جي وجي گوندر غم
اُجن لئہ آگم آهہ عنايت اُن جي.

82. ڪوڙين پٽين اُن جو عالم تي انعام
نالي ڳڏي اُن جي جيءُ جُسي آرام
جُنگَ پيارن جامُ سندو عشق اُجين ڪي.

83. ڪوڙين پٽين اُن جو لطفُ مٽان لوڪ
ساهہ سَهائو نہ ٽٽي جان جان ڦري ڦوڪ
جُنگن سندي جهوڪ رُوحاني رڙهيج تون.

84. ڪوڙين پٽين ان جي رَهينِ تي رحمت
نالي ڳڏي اُن جي ضايع ٽٽي زحمت
مَيٽي مُصيبت اڪر لڪن عيش جو.

85. ڪوڙين پٽين اُن جا هٽ مٽي هِيٽن
ٻنهي جهانن هُو وَيچارن واهُرُو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

86. هُـو ويـچـارن واهـرو مسـڪينن مدد
"لـو اقـسـم عـلـي الله لابره الله" لاهوتي لارد
پچ لڳ ڇڏن نہ پانهنجا سندن هي عهد
توڙي بلڪل بَد تہ بہ در آئي داد لهي.

87. هُـــو ويـچـارن واهـرو مساڪينن ماڻ
"يمحوالله مايشاء ويثبت" آڏوتن اُهياڻ
ڪِد تنين جي ڪاڻ تہ وسُنوَ[1] ڪي ويجهو ٿئين.

88. هُـو ويـچـارن واهـرو مسڪينن ملجاءِ
وڃي آڳهه ان جي سُوَر سيئي سَلجاءِ
ٿَنهن رتيءَ[2] سان رلجاءِ جا پٽِي پرينءَ جي پير جي.

89. هُـو ويـچـارن واهـرو يـتـيـمن يـاور
ٿُرت رسن تک تار ۾ دانا دلاور
اهڙا اڪابر ماندن لئہ مولیٰ مُڪا.

90. هُو ويچارن واهرو شارڪ ڇڏ تون شڪ
هاهُوتي ٿيا حق نالي آهن آدمي.

91. نـــالـي آهن آدمي نہ تہ معنيٰ ۾ مولیٰ
سُجاڻڻ سامين جو عبادت اُولیٰ
اولا ٿين سولا سدا هٿئون هن جي.

(1) وستيءَ (هـ) (2) زيتيءَ (م) الف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

92. نـالـي آهــن آدمي نہ تہ آديسي اسرارُ
سمجهي سِرُ سامين جو ڪُوپو ڪلادارُ
ادا رک اعتبار تہ اُهُون پروڙين ان جو.[1]

93. نـــالي آهــن آدمي نہ تہ آديسي اقال[2]
"تخلقواباخلاق الله" پي ڪا چلن نہ[3] چال
نانگا سدا نِهال هِت هُت جوڳي جيئرا.

94. نـالــي آهــن آدمي نہ تہ سراپا سُبحانُ
"الانسان سري واناسره" مَردن هي مڪانُ
بَرتر آهہ بيان تنين جو تقرير ڪُون.

95. نـــالــي آهـن آدمي نہ تہ سامي سِرُ سارو
نانگن جو نعرو لنگهي ويو نوڪنڊ ڪون.

96. لنگهي ويو نوڪنڊ ڪُون غازين جو غوغاءُ
"من عروج الروح يهتزالفلک" سناسين ثناءُ
شهودن شعاع عرش مٿارون اُپريو.

97. لنگهي ويو نوڪنڊ ڪُون مردن جو مقام
"لايسع فيه ملک مقرب" اهو تنهن انعام
پوءِ سناسين سام پورب سندي پنڌ ڀر.

---

(1) آهون پروڙين ان جون (م) (2) آڪال (م) (هـ) (3) چلي (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

98. لنگهي ويو نوڪنڊ ڪُون سناسين جو سيرُ
جاتي سندن جهوپڑا[1] تاتي پکيءَ نہ پيرُ
ڪاپڑين ريءَ ڪيرُ هلندڙ ٿئي هاهُوت ڏي.

99. لنگهي ويو نوڪنڊ ڪُون نانگن سندو نِشانُ
نَفي ۽ اثبات ڪون پَري پيُن پَرياڻ
پاڻئون پلي[2] پاڻ آديسي آرام ٿيا.

100. لنگهي ويو نوڪنڊ ڪون پانڌيئڙن پرواڙ
اَلستي آواز، سُٽايائون سُنگ ڪي.

101. سُٽايائون سنگ ڪي "لا" واريون لاتيون
بيراڳن باهُوت ۾ جَهاتيون جي پاتيون
ڏِيهان ۽ راتيون هلندڙ هن هَاهُوت ڏي.

102. سُٽايائون سنگ ڪي لطيفي ڪي لات
سُٽي سَي پاسي ٿيا پاڻ ڪنان پريات
مرڪيون مقالات پُورا ڪن پُورب جي.

103. سُٽايائون سنگ ڪي ڳالهيون سنديون ڳُجهَ
لاهوتين ڪي ڪا هُئي لُنءَ لُنءَ اندر لُجهَ[3]
جنهن جي سُجهہ نہ بُجهَ تاتي ڪيائون تڪيا.

(1) جهوپڑي (غ) (گ) (هـ) (2) پاسي (م) (3) لُڇ (غ) سڇهہ (هـ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

104. سُٹايائون سنگ کي سندي رازَ رِهاڻِ
"الفقر لايحتاج الاالله" کنهن جي کين نہ کاڻ
عَبديت جي آڻِ کِين جهليا سَي کاپڑي.

105. سُٹايائون سنگ کي ربوبيت رازُ
سامين پيچي ساز سُر سهيون کيو سِر جو.

106. سُر سهيون کيو سر جو ساز پيچي سامن
تارون چني تن جون گيت عجب ڳائن
کَنَ رِيءَ سُيو تَن انحد جي آواز کي.

107. سُر سهيون کيو سر جو خاصُن[1] چڏي خواب
انحد ۾ آنند ٿيا چُٽا کان عذاب
راڳيندن رباب پيچي تان پورا کيو.

108. سُر سهيون کيو سر جو راڳيندن مون رس
"انا انت فاين انا" اهو عيش اخص
کو مامَ پَرُوڑي مَسَ انهيءَ راڳ رهاڻ جي.

109. سُر سهيون کيو سر جو مَستانن مري
"السماع معراج الاولياء" موٽيا ماڳ وري
سَندنِ ذوق ذَرِي اَنحد ساڻ اَپار ٿي.

110. سُر سهيون کيو سر جو ڏِئو جن جمال
ڏنو تن کلال سُرکو سوز گداز جو.

(1) خاص (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

111. سُـــرڪـو سوز گُداز جو جَيڪي پين جُنگَ
سُوليءَ مٿي سنيريا چَڏي پَتَ پلنگَ
نيهي چَڏي نَنگ ناسوتون نڪال ڪيو.

112. سُـــرڪـو ســوز گُــداز جو رندن پيتو راس
قدمن تلي سِرُ ڏري چڙهيا او آڪاس
بَي سِريءَ جي باسُ[1] اَچَي تَن جي تَنَ مون.

113. سُـــرڪـو ســوز گُــداز جو جنين پيتو جالُ
قدمن تلي سِرُ ڏري چَلن اُلٽي چال
خوديءَ کان خيال پَلَي پراهون ويا.

114. سُـــرڪـو ســوز گُــداز جو جوشون پيتو جن
قدمن تلي سِرُ ڏري وِکَ وڏائي تَنِ
بَي سِريءَ جو بَن لنگهي لاهوتي ويا.

115. سُرڪو سوز گداز جو پيو جهل تنهنجو تاب
بي سِريءَ جو بابُ پڙهي پڙهيو وسار تون.

116. پڙهي پڙهيو وسار تون اناالحق جي اور
"ففكرك فيك يكفيك" تُرج اها ٿور
چڏي دوئي دور ڪُنهَ پَرُوڙِج پانهنجو.

---

(1) بانس (م) (هـ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

117. پَڑهي پڙهيو وسار تون اناالحق اکر
"اقراء کتابک" سندو سُوجهي لَهِج سِرُ
ٻي ڪنهن پارِ نہ پُرُ پاڻ پروڙ پاڻ ۾.

118. پَڑهي پڙهيو وسار تون اناالحق اسرارُ
"هل في الدارين غيري" آڻِ ايهو اعتبارُ
پَيهي ڏِس پَاتار تہ پاڻ پَرُوڙين پانهنجو.

119. پَڑهي پڙهيو وسار تون اناالحق حرف
حقيقت سان هِڪُ ٿيءُ چڏي نَحُو صَرف
شاهي پاءِ شرف دوتائي دور ڪري.

120. پَڑهي پڙهيو وسار تون عِلمُ اناالحق جو
ساڳيو آهين سو ڳولا ڪرين جنهن جي.

121. ڳولا ڪرين جنهن جي سو تون آهين پاڻ
پاڻ ڪَنان پاسي ڪيو توکي تنهنجي ڄاڻ
پنهنجو پاڻ سُجاڻ تون تان ناهين آدمي.

122. ڳولا ڪرين جنهن جي سوئي تون سُلطان
پَيهي پَس تون پاڻ ۾ پنهنجي سُونهن سُجاڻ[1]
ناحق ٿيو نادانُ لِيا وجهين لوڪ ۾.

---

(1) سڃاڻ (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

123. ڳولا ڪرين جنهن جي ساڃيو سو تون سِر
پاڻ نہ پسين[1] پانهنجو بيبيو[2] وتين برُ
گهير اهوئي گِهرُ تہ ملين تون مطلوب کي.

124. ڳولا ڪرين جنهن جي ساڃيو تون سوئي
جي پاڻُ پروڙين پانهنجو ناهين ٻيو ڪوئي
هي هُو هِڪوئي سَڏ پڙاڏو سمجهہ تون.

125. ڳولا ڪرين جنهن جي ساڃيو تون مطلوب
خوبن کون آهين خُوب جي تون پسين پاڻ کي.

126. جي تون پسين پاڻ کي لوڙهي لَعبُ لَهوُ
معنيٰ جي مهرياڻ ۾ ٽئين محض مَحوُ
ڇڏي صرف نَحوُ پڙهين ورق وجود جو.

127. جي تون پسين پاڻ کي ڇڏي فِقهَ فندُ
ڪَنزُ قُدورِي جو ڪڏي مول نہ پُڇين پندُ
لوڙهي لهين رندُ پاڻُ منجهارون پانهنجو.

128. جي تون پَسين پاڻ کي رويت رُوحاني
اُڇلي وِجهين آڳ ۾ منطق معاني
بِرهہُ نہ ٽِئي بانِي قُطبي مطول سندو.

---

(1) پسيءِ (م) (2) بيبيون (م) بنيو (ق)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

129. جي تون پَسين پاڻ کي جيئن[1] ڪيئن پسڻ آءِ
تلويح ۽ توضيح جي تاتي ناهي جاءِ
اَصُولن جي عقل ۾ هي سِر ڪين سماءِ
وَصُولن وٽاءِ سُٽي سمجھ ڳالھڙي.

130. جي تون پسين پاڻ کي تہ پيءُ جِھلَ جو جَامُ
هُو جا عبادت عَامُ، سا صوفيءَ ڏوھ نِسھرو.[2]

131. صوفيءَ ڏوھ نسھرو عبادت عامن
خبر نہ خامن پختن جي پروڙ جي.

132. سمھڻ ۽ ستون ڪرڻ صوفيءَ ۾ نہ سماءِ
جوڳين ڪين جُڳاءِ ڏاران جوڳ جڳت جي.

133. صُوفي سُوليءَ هَليا عاشق عيد نہ ڪَنِ
آهي سَندو تَنِ سَھُو سوز گُداز جو.[3]

134. صُوفي سُوليءَ هليا عيد نہ مجن اُو
بيراڳن مون بُو سدا اچي سوز جي.

135. صُوفي سدا سوز ۾ عاشق پُڄن نہ عيد
طالب رِيءَ توحيد ٻولي ٻولن ڪانہ ٻي.

---

(1) جنھن ڪنھن (م) جيئن ڪي (ھ) (2) نسورو (ھ) (ق) (3) سان (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

136. صوفي سدا سوز ۾ وڃ سندن ويراڳُ
اُونهون جو اَجهاڳُ پيهي تنهن پاتال ويا.

137. صوفي سدا سوزَ ۾ منجهن وِرهُ وڃاڻُ
عشق سندن اُهجاڻ سپ دم جَالن[1] درد سَان[2].

138. صوفي سَڏَ ڏني ڪري سَمايو ۾ سِڪَ
وحدت بنا وِڪَ ڪاڏهين ڪٽي ڪانه ڪا.

139. صُوفي چائين پاڻ ڪي وجي پاڻ وڃاءِ
اِثباتيءَ جي آءِ نيهي خبر ناهه ۾.

140. صُوفي چائين پاڻ ڪي پاڻ وِڃائي ويهُ
سُورَنِ[3] سان ڪر سيهه پِي ڪهِ سُرڪو سوزَ جو.

141. صُوفي ڪٽن نه پاڻ سان سُورن رِيءَ سَمَرُ
پَيو تن ساب سفر ڪهيا جي ڪين ڪٽي.

142. صوفيءَ سانڊيو ساهه ۾ وحدت جو ويساهه
سندس ساهه پساهُ سُمائي[4] نه سَرِيرَ ۾.

143. صوفي سريرون ويو صورت هَڏِ نه سَماءِ
اَحديت ۾ آءِ بَيٺڪَ بيراڳن جي.

---

(1) ڇاڻن (غ) (2) سين (ق) (3) سُوريءَ (م) (هـ) (4) سمائيندو (هـ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

144. صوفي سهس[1] رنگ ۾ آڻي سمايو
لاحديءَ لايو تماشو هر طُورَ ۾.

145. تماشو هر طُورَ ۾ صوفيءَ سندو آءِ
"الصوفي مع الله في كُل مكان" هو حاضر هرجاءِ
حد بي حد سَماءِ صوفي سيرُ صفات ۾.

146. تماشو هر طور ۾ صوفي جسم جهات
"الصوفي الذي لايَعدم بعد وجوده" اچي ٿيو اثبات
اول آخر ذات وچون اَولو عبد هو[2].

147. تماشو هر طُورَ ۾ صُوفيءَ جو سِر جوش
"اقطع القارين فعل الصوفين" خودي کون خاموش
جان جان هوندو هوش تان تان پسڻ کوان پري.

148. تماشو هر طُور ۾ صوفيءَ جو سامانُ
جيڪي پسُن[3] پاڻ ۾ سوئي منجهه جَهانُ
بانڪو بي نشان ماري دَمُ اِثبات جو.

149. تماشو هر طور ۾ صوفي سدائي
ٻوڙي ٻيائي همه کي حق چوي.

150. تماشو هر طور ۾ صوفيءَ جو صد بارُ
ڪري ڏڙ سِسيءَ کون ڏار پچيائين پوءِ پُورب کي.

151. بيدل جا هي بيت تلقين رباني
ڪري عياني ڇڏئين راز رندن جو.

◎

(1) سهسين (م) (هـ) (2) جه. (م) (3) پسين (هـ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

نرائض صوفيہ

1. ڪوٺائين ٿو ڪَلمہ گُو ڪلمون پڙهڻ سِکُ
فِڪر جي قرهيءَ اُتي "لا" جو اڪر لِکُ
معنيٰ واري مِکُ، حرفن مون هٿ آڻ تون.

2. ڪوٺائين ٿو "ڪلمہ گُو" پُرجهي ڪلمون پڙهہ
فِڪر جي قرهيءَ اُتي "لا" جو لِکُ اڪرُ
مَرڻان اڳي مَرُ، تہ مانجهي مسلمان ٿئين.

3. ڪوٺائين ٿو "ڪلمہ گُو" ڪَلَ ڪلمي جي ڪولِ
هم ڪي حق ڄاڻ تون پُلُ نہ ٻي ڪنهن پولِ
وِرسيا نِتُ وَرولِ نفيءَ ۾ اثبات ڪيُ.[1]

4. ڪوٺائين ٿو "ڪلمہ گُو" لهہ ڪلمي جي ڪَلَ
طلب جي تلوار ڪي سِکَ جي هَڻُ صيقلَ
عبديت جي الَ، لا سان "لاهہ" وجود ٿئون.

5. ڪوٺائين ٿو "ڪلمہ گُو" گِهرُ ڪلمي جي ڳهير
وڃڻ لاءِ وُجودَ جي پيرُ نفيءَ جو پير
شائق آهين شير هستيءَ ڪي هٿاءِ تون.

6. ڪوٺائين ٿو "ڪلمہ گُو" ڪلمون نيئي ڪَماءِ
"لا" هينئين سين لاءِ تہ اوڏو ٿئين اِثبات ڪي

7. ڪوٺائين ٿو "ڪلمہ گُو" ڪلمون پَيهي پَسُ
خطرا خيال عَبث "لا" سين سپ لُڙهاءِ تون.

---

(1) نفيءَ ڪي اثبات ۾ (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

8. "لا" جو ڪِنهون هٿ ڪري جنگِ جسم سان جَوڙِ
نفيءَ واري "نِئن" ۾ وَڃي ٻيائي ٻوڙِ
سَالڪ سَڳو سَورِ نيهي اُڀي نانهن جو

9. "لا" جو ڪِنهون هٿ ڪري لڙائي ڪا لاءِ
"وَجاهدُو في سبيله" جوش جِيئُون جاڳاءِ
پيرُ تون پڙَ ۾ پاءِ سانگو لاهي سِرَ جو.

10. "لا" جو ڪنهون هٿ ڪري جوڙ جسم سان جنگ
نفيءَ واري نِئن ۾ نامياڻ پوءِ نسنگ
رَچ رُوحاني رنگ پاڻون پاڻ پري ڪري.

11. "لا" جـــو ڪِنهون هٿ ڪري جسم سان تون جهيڙ
وِساري وجود ڪي پيرُ نفيءَ جو پير
گِهرُ ڦُنا[1] جي گهير تہ اوڏو ٽئين اِثبات ڪي.

12. "لا" جو ڪِنهون هٿ ڪري جهبڙج جسم ساڻ
"فضل الله المجاهدين علي القاعدين درجتہ" پُرزا ڪجاڻ پاڻ
جاڻَ وڃائي جاڻ نفيءَ ۾ اِثبات ڪي.

13. "لا" جو ڪِنهون هٿ ڪري جهيڙج ساڻُ جسم
چڏي رِيت رَسم، ماهِرُ ٽيءُ مُحيطَ ۾.

14. "لا" جو ڪِنهون هٿ ڪري اُڀي مانحهي مَلَ
ڪري حيدري هَلَ، خيبر خوديءَ جو پَٽي.

15. اِلاالله اِثبـات ڪـر نَيـهـي ٽـيءُ نـابُـودُ
تارن سندو تاب ويو پَسي شمس شهود
ساجِدُ ۽ سُجودُ، مَحوِ ٽيهِ[2] مَسجودَ ۾.

---

(1) نفيءَ جي (ه) (ر) (2) ٽيا (ه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

16. اِلااللهُ اِثبات ڪر اهو آ اسلامُ
طالب ڇڏ تفرقو اچي وڃُ آرامُ
معبودي جي مام، نفيءَ سان نروار ٽئي.

17. اِلااللهُ اِثبات ڪر اِهو ٽي ايمانُ
"وانت الموجود في الدارين" مَڃُ ٽيءُ[1] مسلمان
معبوديءَ جو ماڻُ پاڻُ سُجاڻي پاءِ تون.

18. اِلااللهُ اِثبات ڪر جيئن ڪيو منصور
ثابت رهج ثُبوت ۾ ڇڏي فرق فُتور
حاصل ڪج حضور پاڻُ پروڙي پانهنجو.

19. اِلااللهُ اِثبات ڪر جيئن ڪيو حلاج
"لااِلٰه الا انا فاعبدون" هي حلاجي هاج
ماڻي تون معراج جي پاڻ پروڙين پانهنجو.

20. اِلااللهُ اِثبات ڪر شارِڪَ ڇڏي شَڪُ
آکي اناالحق مسلماني ماڻِ تون.

21. اِلااللهُ اِثبات ڪر شارڪ شڪ نہ آڻ
مسلماني ماڻِ عاشق اناالحق چئي.

22. نہ ڪا هاءِ نہ هُوءِ اهو جو ويل وصال جو
وَجاءَ ربكَ والملك صفا صفاً رهيا رُو بہ رُوءِ
سدا سُو بہ سُوءِ سڃڻ وسن سامهان.

23. چُست منجهون چالاڪ هت پڻ ڏٺم هوت ڪي
فلما تجليٰ ربه للجبل جعله دكا سريو ماسواڪ
ماڪذب الفودُ ماريٰ اعليٰ ٽيو ادراڪ
ولقد راهُ نزلتہ اُخريٰ پرين پورُيا چاڪ
هُو جي پڪ پِياڪ ساقي ٽيا صبوح جا.

⊙

(1) ٽيوءِ (گ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ابيات سنڌي

1. مسڪيني مَرڪ، آ اَصُل آديسينُ جو
لنگهي هَليا لَڪُ ڪاوڙ سندو ڪاپڙي.

2. پاڻ نہ ڪٽج پاڻ سان پاڻُ سُجاڻج پاڻ
آ ساجن تو هي ساڻُ تون ڳولين ہي طرف ڏي.

3. گِهن امانت عشق جي جي سَڏايُوَ[1] آدم
رَبوبيءَ جي راز جو آهين تون مُحرم
دَمَ سان ٿي تون دَمَ تہ ماهِرُ ٿئين معنيٰ ہِ.

4. ماهِرُ ٿيءُ معنيٰ ہِ ڇڏي جسماني
تو ہِ سِرَ سبحان جو عين العياني
خودي ڪر فاني تہ پسين باغ بقاءَ جو.

5. پسي باغ بقاء جو مَنَ جون موجون ماڻِ
"من عرف نفسه فقد عرف ربه" پنهنجو سِرُ سُجاڻ
جاڻ وجائي جاڻ ڪُنهَ[2] حقيقت حق[3] جو.

6. هڪ ڏڪي ہيو ڏونگرين[4] ٽيون هلي ڪين سگهي
پرين آءُ اڳي پيرين آءُ نہ پهچڻي.

7. هِڪُ ڏُڪي ہيو ڏونگرين[4] ٽيون جو تَتُسِ ڏينهن
محبت سندو مينهن ويچاريءَ وسائيو.

---

(1) سڏائين (م) (ر) (2) ڪن (م) (3) حقيقت جو (م) (4) ڏوڪري (م) (5) ڏوڪري (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

8. هِڪُ ڏکي ٻيو ڏونگرين[1] ٽيون ٻنڊ پرانهُون
ڪريان ٽي دانهون سُٽج منهنجا سپرين.

9. لِکيو لوڙي سَيڪا ڪانہ لکئي ڪون ڏارَ
"جف القلم بما هو كائن" پڪي هي پچار
سرتيون ۾ سنسار مون سيئي سُورَ پِرائيا.

10. پُنهون ناهِ پري ويجهو وسي سپرين
"ونحن اقرب عليہ من حبل الوريد"غافل تو ڳري[2]
جي ڪو ڏِيان ڏري تہ ڪوهيارو قريب آ.

11. پِيريءَ جي پَري ڪيا مُرشديءَ مردودُ
"فما ربحت تجارتهم" سُجن ڪونهي سُودُ[3]
مٹا ٽيا معبود عاري عبادت ڪون.

12. عاري عبادت ڪون ٽيا واهم وجودي
تينن جي پوندي خبر روز حساب ۾.

13. ياڪِي يوم حساب ۾ رُليا روئندا رَتُ
"فاذا برق الصبر وخسف القمر" ڪهيو ساري سَتُ
ولهٰا[4] واڪيو وت وانجها تون وحدت ۾.

14. واڪيا جي وحدت سين چيهُون چُٽا سي
"فما اخرج عن النار وادخل الجنت" حاصل جنين هي
رهيو تنين ڪي طَهُورا تحقيق جو.

15. طهورا تحقيق جو جنين پيتو جالُ
"وسقاهم ربهم شرابا طهورا" نانگا ٽيا نهالُ
حاصل ڪري حالُ قالئون چُڪيا ڪا پِڙي.

---

(1) ڏوکري (م) (2) گهري (غ) (3) شيخيءَ ڪيو نہ سود (غ) (4) وڪيا (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

16. عبادت کون عارُ آندائون اثبات ريءَ
"اماالذين استنكفوا والستكبروا" اهو انهن پارُ
فيغد بهم عذابا اليها گوش نہ پين گفتار
خائن ٿيندا خوار ياڪي يوم حساب ۾.

17. قال نہ وٽي ڪاپڙين حالُ اٽن همدَمُ
"ان الذين قالو وربنا الله ثم استقامو" اهو سندن ڪَمُ
لاخوف عليهم ولا هم يحزنون غازين ڪونهي غم
ڪاپڙين قدم ڪنيو پورب پار ڏي.

18. عاشق ڪن آهُون ڦوڙائي فراق جون
درد سنديون دانهون شال پَوَنِ ڪَنِ قريب جي.

19. موسم ٿي ميلاپ جي اُٺا مُحبت مِينهن
"ارجعي الىٰ رَبُک راضيته" نرتئون اُٺا نِيهُن
گُذريا ڏُکيا ڏينهن وائي ٿي وصال جي.

20. موڪل ٿي مارئيءَ کي هَلِي اَباڻي
جيئري جُڳاڻي ملي ماروئڙن سين.

21. موڪل ٿي مارئيءَ کي هَلِي پار مَلير
واعدا سندا سڃٽين آهن سپو سير
ٿِيسُ ساهُ سُڌير، وائي ٻُڌي وصال جي.

22. موڪل ٿي مارئيءَ کي هَلِي پنهنجي ڏَيس
وَصل سندو ويس پهريائين پريت کون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

23. توڙي منجهه وصال راحت ناهي روح کي
المخلصون في خطر اعظيم هڻو سندم حال
خودي خام خيال، جنجل وجهي جيءَ کي.

24. ڏُکن کي مَ ڏُکوءِ يَڃُ نہ آسُون اُن جون
متان سُک سندوءِ لٹو وڃي ويسلا.

25. ڪَيهون سندءِ صفتون ڪيها سندءِ پار
مون سپ ڄمار، ڪَنين سُيون ڪينکي.

26. ڪُهِلَن منجهون خيرُ ڪڏهن ٿيندو ڪينکي
هِن پَوڙيءَ تي پيرُ، سمجهي رکج سپرين.

27. ساهڻون ويجهو سُپرين پرين ناهه پَري
جنهن ريءَ ڪين سَري ساعت هڪڙي ساهه کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

متفرقا بيت

1. سُرهي سنگَ سَمَي جي ڪيو نوريءَ ڪي نُورُ
نسبت نِماڻيءَ ڪي ڏُکن ڪون ڪيو ڏُورُ
هَلِي منجهه حُضور، مُهاڻيءَ مانُ لڏو.

2. نوري نور نِسهرو مُول نہ مُهاڻِي
هِتِ هُتِ آهه اُنهيءَ سان جامُ سمون ساڻي
هُوءَ جا اَگهاڻِي، تنهن مُهاڻيءَ مانُ لڏو.

3. مَليرئون موندّي مُکا سرتين سَنيها
وِساري ويهي رهيئن قول ڪيئي ڪَيها
پِرين پري ها، نہ تہ ويجها وِسرن ڪينکي.

4. مَلڪُ نہ ڪو مَلڪوتُ، هَو هَوڪو حقيقت جو
هاهوتئون هلي ڪري جاءِ ڪيم جبروت
نازل ۾ ناسوت، اَڇِي ٽِيسُ اوچتو.

5. توڙي ۾ ناسوت، عبد چوايان عام ۾
بحر آهيان باهُوتَ جو لُڙهان ۾ لاهوتُ
هردم ۾ هاهُوتُ، آسَڻُ آهه اسان جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

6. ڪُنَ ڪون اڳي ڪاٿهين هو سناسيءَ جو سيرُ
نہ ڪو ڪرسي عرشُ هو نہ ڪو زبر زير
نہ ڪو پَرِيءَ پَيرُ نہ ڪابُوءِ بشر جي.

7. ڪُن ڪون اڳي ڪونہ هو ظهوريءَ جو ذوق
هيڪائي هيڪ هُئي نہ ڪو تحت نہ فوق
شائقن جو شوق، پَرِئيون ئي هو پڌرو.

8. سُجهون هُجون اڳهين هُئِي محض ماهيت
نہ ڪو تعين تنهن کي نہ ڪا ڪيفيت
جاري هُئي نہ جهان ۾ حقيقي حڪمت
لڪو لاتعين ۾ هو قادر ۽ قدرت
سُوڏي سا صفت، احدئون اڳي جا هُئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

نوان بيت

1. جوڳيءَ ۾ جولان اچن اونداهي رات کي
"سبحان الذي اسريٰ بعبده ليلا" سندن هي سامان
گنوائي گمان، عبد ڇڏي معبود ٿيا.

2. عبوديت اوٽ، آهي آڏوتين کي
بيراڳي بيدل ڇوي ڇورنگ رسيا ڇوٽ
منازل کون موٽ آديسين کي عام ٿي.

3. الوهيت آءِ وندر وادوڙين جي
"اذا تم الفقر فهو الله" سامين هئين سماءِ
جوڳين لڏي جاءِ جلالون جبروت ۾.

4. ڏکي چڙهي ڏونگرين ڪوکي ڪاڻ قريب
هاديءَ لڳ حبيب پيرو ڪج پنيور ۾.

5. وري آءُ وڃاڻ ڪامل تون ڪوهيار کون
هي پڻ سندوَ سسئي گولي گذربان
پرين پاڻ سجاڻ ڏس نہ ڏوهہ ڏکيءَ جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

6. رويو ڪن رهاڻ مستانا محبوب جي
لار اي ولا امري الاهو پاڻون پسن پاڻ
عاقل ٿيءُ اڃاڻ تہ لهين سڌ سنبل جي.

7. سامي ڪين سمهن پنڌ پِڙُو پورب جا
آديسي آڏيءَ ڪي رون او روڪن
وادوڙيا ووڙن سدا واٽ وصال جي.

8. خالق خلقيو خلق ڪي ڪانن عرفانا
"وما خلقت الجن والانس الايعبدون" پري پرنينا
سمجهي ڪج سماءِ قطرو پوي مچ ۾.

9. اولائي ارت، ڪيو پنڌ پهوڙ ڏي
چڏي ننڊ نپٽ، ڪيو تان ڪيچ رسو.

10. هڪ ڦوڙائو سڃڻين ٻيو پنڌ منجهه پهوڙ
ڪامل ويو ڪوهيار ڏي پينر ڪان پنيور
گهوريان متن گهور هي هوند جڏو جندڙو.

◎

11. اصلا اي مومنان ماهه محرم ڪيو ظهور
هي هلال آهي مگر خورشيد عرصات نشور
هن ۾ اسباط نبي ڪي بيگناهه ڪُهندا ڪفور
هن ۾ اولاد علي تي ٽيندي يڪسر نفخ صور.

◎

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سنڌي ڪافيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافيون روپ جهنگلو

(01)

تون تہ ساڃيو سڄڻ[1] آهين

1. صورت انساني ڪيوءِ ديرو، عرشين ڪين سمائين.
2. فوقُ، تحتُ، وحدت ڪثرت ۾، هردم هُل هُلائين.
3. دين ڪُفرَ مستيءَ هستيءَ جا، پاڻ ڪي لقب لائين.
4. صِفَ ميدان محبت جَي ۾، سُورهيہ پاڻ[2] سڏائين.
5. ڪاڪي ساڻ زُغي ٿي ظاهر، ماريءَ ملڪ منائين.
6. ڪاڪي ويسُ فقر[3] جو پهري، بيدل نام سڏائين.

(02)

تون تہ جو آهين سو آهين

1. جاءِ بہ جاءِ تو جَهاتي پاتي، ڪاڪي ڳُجهو تون ناهين.
2. حاضر ناظر هر رنگ هَرجا، ٿاهہ عجائب ٿاهين.
3. نانءُ نشان نہ ڪوئي ٿُنهنجو، سَهسين نامَ سڏائين.
4. عشق حسن جو جامو پهري[4]، صورت منجهہ سمائين.
5. ڪاڪي لاهي لاڃاپا لالڻ، پيرُ پٽر ٿو پائين.
6. ڪاڪي بيدل ٿي عالَم ۾، پنهنجي ذات پُڃائين[5].

◎

(1) ساجن (ه) (2) پاڪ (ن) (3) فقيري (ن) (4) عشق جو جامو پهري (ه) (5) ڇُهائين (ه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(03)

تون تہ چو ٿو لوڪُ پلائين

1. تخت هزاري جون تون مالڪ چاهئون چاڪ سڏائين.
2. بالا عرش اوتارو تنهنجو هتِ ٿو پيرَ گُهمائين.
3. پانهپ واري ٻولي لوڪئون پاڻُ لِکائين.
4. ڪاڻي هِندُن واري هلچل ڪاڻي مومِنُ چائين.
5. بيدل بيک ۾ سهٽا سائين پنهنجا پارَ پُچائين.

(04)

نامیان [1]نِسهرو نِيهَن جو نعرو هَڏِ نروار ميان
عرشين آوازُ تونهنجو [2]هِتِ ٽئين اچي اظهار ميان.

1. سُلطان سپني ۾ ڏِسي جيئن پاڻ کي پينار ميان
جاڳي تہ ساڳيو بادشاهه الحقّ حڪومتدار ميان.

2. غافلُ نہ آهين غيرُ تون ٽيءُ بِرهَ سان بيدار ميان
ڏِسُ شانُ شاهي پانهنجو چڏ عبديت اوتار ميان.

3. توکي وَهمَ ويڙهيو ادا هئہ جي هُجين هوشيار ميان
ساري لَهين سُڌِ پانهنجي آهين يگانو يار ميان.

4. سوداگريون ٻيون ڪري ڦِٽيُون وحدت جو ڪَر واپار ميان
ساروئي تنهنجو سُود ٽئي سِرُ ڏئي لهين اسرار ميان.

5. تو ۾ آ ديرو دوست جو [3]چاڪيُ وجين وٽڪار ميان
سُڻُ من عرف هاديءَ اُتو شهه حيدر ڪرار ميان.

6. بيدل بدي نيڪي چڏي وجي عشق ڪج اختيار ميان
دُنيا ۽ عُقبيٰ ڪر ڦِٽي سِرڪڻُ بِرهه جو بار ميان.

(1) نسورو (غ) (2) عرش ۾ آواز تنهنجو (م) (3) چاڪان (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(5)

وجي مَحوِ ٿي محبوب ۾ جي تو طلب تڪرار ميان
سَو نُورُ مخفي ڪيئن ٿئي ٻاجهون نفي نروار ميان.

1. هَڪَ ذوءِ هستيءَ کون ادا[1] ٿيءُ خود ڪنون[2] بيزار ميان
ٿِج نيست نيهي تان ڏِسين هَرجا الله اظهار ميان.

2. ٿي غرق بحر عَميقَ ۾ ٻاهر نہ پَو ٻيءَ پار ميان
دارين جي دعويٰ ڇڏي ڏِسُ ڪو ڏَرون ديدار ميان.

3. حلاج حالت جو ڪنيو باري عجب سر بارُ ميان
آندو الوهيت سندو جنهن ٻاڻ تي اعتبار ميان.

4. بيدل انهيءَ درياهه ۾ وِجهه ٻاڻ بي اختيار ميان
پاڻي تون ٿيندين پاڻهي ڏس عشق جو اسرار[3] ميان.

◎

(1) هڪ ذوءِ تون هستيءَ کون (م) (2) خودي ءَ کون (م) (3) اظهار (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(6)

سالِمُ سنيها هُو بہ هُو پهتا پرينءَ جي پار جا
ساڻيءَ سهاجهي مون اُتا سَي دُرس تنهن دلدار جا.

1. واقف وساري ڪيئن ويڻين اُوهي عهد جي اسرار[1] جا
جَيڪسِ سَيبائين سَاهہ ڪي سُڪڙا انهيءَ سنسار جا.

2. عاشقَ الستي ياد ڪر هُت گڏ هوئي گُفتار جا
ڪَيئي عيش ڪنهن اوقات ۾ خاصي ڪهين خُمار جا.

3. هُيئن تون اسان سان هِڪ اڳي ٿي ڪيئي نفعا ديدار جا
وسري ويا توهُون مگر منصب انهيءَ اوتار جا.

4. تـوڏي اســان جـي آ ســدا تن من محبت تار جا
بيدل برهہ جي بات سُڻ لارا چڏي لاچار جا.

(07)

مورک پُرجهہ ڪِي پاڻ ڪي مورون جو آهين ڪيرُ تون
ٻِيءَ ڇاڻَ ڳون بيزار ٿيءُ پيرج سدا هي پيرُ تون.

1. آهين ٿُون مالڪ مُلڪَ جو ٿَنهن ۾ نہ ڇاڄ قَيرُ تون
تحت الثريٰ ۽ عرش تي موجود بالا زيرُ تون.

2. حلاج جي حالت ۾ رَهہ ڳِهرجان نہ ٻي ڪنهن گهيرُ تون
سِرُ سمجهہ انساني ادا ڪر بَيسِريءَ جو سيرُ تون.

3. راسخ رندن جي راهہ[2] ۾ پُرجهي ڪِي پائج پيرُ تون
"هم اوست" چؤ ٿيو هڪ منهون ورنہ ويڃائي ويرُ تون.

4. بيدل اهو ويساهہ ڪر نامِيان جو ناهين[3] غيرُ تون
"حق اليقين" سان ڏو سدا[4] موهوم واري ميرُ تون.

◎

(1) اقرار (م) (2) رمز ۾ (م) (3) نہ آهين (م) (4) ادا (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(8)

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو
مست سالڪ مَن سچو عارف اُتي اظهار هو.

1. ٻرهه جي برسات جو تنهن وِير تي وسڪار هو
ظاهر و باطن تنهين وٺ[1] درد جو ڏڏڪار هو.

2. وجد وحدت جو سدا خاصو تهين خُمار هو
مَردُ سو منصور وانگر عشق جو اوتار هو.

3. منجهه سُخن تنهن جي الوهيت[2] سندو آثار هو
جُنگ جذبي موج مستيءَ ۾ مثل عطار هو.

4. پانهنجي رائي پرين نوي ورهيه نروار هو
وصل جي پوءِ موج ماڻي ذوق جو ڏُخار هو.

5. طور ٻارهن سؤ ٻائيتاليهه ۾ طيار هو
چوڏهين رمضان جي هاديءَ پونِ هسوار هو.

6. ڦُربدارن جي ڪَنڪ ۾ مرد منصبدار هو
دَر تهين داتا جي بيدل پرتِ جو پينار هو.

◎

(1) تي (ن) (2) علويت (ن)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(09)

جو شئون جَلائي جسم کي جيءَ ۾ ڪي پائج جھاتڙيون
ريءَ دردَ سپ ڳالھيون ڦِڪيون وھواه بِرھ جون باتڙيون.

1. جَي تو طلب تڪرار آ گُوندر گُذارج راتڙيون
تَو سِر سگھو ٽيندين ادا بيشڪ بِرھَ برساتڙيون.

2. رَکَ سُرتُ ساھ پساھ ڏي سُڌ سي لطيفي لاتڙيون
نيھي نَفي ٽيءُ پاڻ گُون ڏِسُ عشق جون اِثباتڙيون.

3. ويساھ وحدت جو رکج چا سيرَ چا دَرجاتڙيون
بيدل بِرھ جي بات سُڌ چوڪيون طلب جون تاتڙيون.

(10)

واقف وِسَھَ هيءَ ڳالھڙي توريءَ نہ ڪِي موجود ٻيو
شَکُ شِرڪَ وارو دُور ڪر وحدت جو تو اقرار ڪيو.

1. سانگو نہ رک سِرَ جو ادا جَي ٽي عشق اظھار ٽيو
منصور ڏس ھن موج کون سورھيہ ويي سوليءَ چڙھيو.

2. لنوَ عشق جي جنھن کي لڳي دارين جي لُڙ کان لنگھيو
پانئڻ کون جو بيزار ٽي محبوب جي در سو اگھيو.

3. ڪيو خوار خودبينيءَ توکي پِرَ سان نہ تنھنجو پيڇُ ٻيو
ڦاٽين ڏُوئيءَ جي دامَ ۾ وحدت جو توکون واسُ ويو.

4. بيدل حسن جي شمع تي پرتئون اچي پروانُ ٽيو
معشوق عاشق عشق کي عين اليقين يڪذات ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(11)

عاشق ٿئين تان سِرُ ڏئين نہ تہ ڪيم عشاقين اَڇج[1]
منصور واري موج سان اچي رنگ رمزن جي رچج.

1. سِرُ ڏي اول سورهيہ سِگهو پوءِ نِيهَن ۾ نروار ٿج
منصور وانگي سِڪ منجهون سِرُ يار سوريءَ تي سَنڀج[2].

2. تون تُرت تبريزيءَ جيان پنهنجي هُئڻ جي گل گلج
شمس الحقيقت آنهہ تون نعرو نِسنگ نيهئون هڻج.

3. صنعان جيان سِر پانهنجي ٻوجهو ملامت جو ڪٽج
صورت سندا سپ سگ ڇِني معنيٰ جي نسبت ڏي مَٽج.

4. بيدل بِرهہ جي باغ مان ڪَو واسُ وِرهُن[3] جو وٽج
نعرو خدائي هڻ سدا وحدت تي ڪثرت کي مَنڀج[4].

◎

(1) اڇيج (م) (2) سَڀج (ر) (3) واسن (م) (4) وحدت کي ڪثرت تي منيج (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(12)

سِرُ حقيققت وارو، سالڪ ڪو سمجهي
راز رباني‌ءَ وارو.

1. آهه ظهورو حسن جي هرجا هر[1] سُو در هر شيءِ
معنيٰ انهيءَ مام جي پاڻ نه ڪو پُرجهي.

2. الانسان سري واناسره هڪ جاڻج هُو هي[2]
رمز انهيءَ سان راس ٿيا، صادق صوفي ڪَي.

3. اُونهون سِرُ احديت وارو سمجهي ڪيرُ سگهي
جاءِ نه عقل دليل جي عاشق ڪاهِ اڳي.

4. خلق الاشياء فهو عينها سَتِ تون شَڪَ سَيي
حق ريءَ هر دوجهان ۾ لاشڪ ڪين[3] لَيي.

5. بيدل وحدت منجهه وجودي ڏِسُ تون ڏيانُ ڏري
غير خدا جو ناهِ ڪي جيئي توڙي مَري.

◎

(1) هرسُويءِ (م) (2) هو ۽ هي (م) (3) ڪونه (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(13)

کھڑیون ڏيدان لايون
ڏاڏيون رمزان لايون، مون سان دلبر يار[1]

1. آيو سِر عشاقن جي تَي برهہ جو باري بار
سِڪ وڃايو تن جو سپ پر صبر قرار.

2. خنجر نازَ جو خوب هنيائون ڏڙ ڪون سِرُ ٽيو ڏار
هَٿون حبيبن جي مَرن مانجهي منصبدار.

3. توڙي عشق اويڙو سُٽجي خوني ۽ خونخوار
سِر جو سانگ نہ رک تون[2] مڙڻ تہ آهي ميار.

4. هندو زال کان هيڻ نہ ٿي جي طالب آءِ[3] تکرار
ماڻِ ڪري پؤ مڃ ۾ عاشق ڇڏ[4] اختيار.

5. بيدل عاشق ٿئين تہ اُبهين سر ڏي ٿيءُ سردار
پُلصراط جو پنڌ ٿي عشق نہ آسان ڪار.

(14)

مون سان پَيڃُ پُنهونءَ جو پيو ڙِي جيڏيون.

1. آءٌ بہ هيڙس عقل واري، نيهَن نِهوڙي نيوڙي جيڏيون.
2. اکيون اڙايم هوش وِڃايم[5]، منُ مستانو ٽِيوڙي جيڏيون.
3. مونکي بي خود بي اختياري، ڪَيفي نيٽن ڪيوڙي جيڏيون.
4. موج منصوريءَ جوش جڳايو، وَهَمُ دُوئيءَ جو ويوڙي جيڏيون.
5. پاٽون پاڻ سان لَنو لاتائين، بيدل پاڻ نہ ٻيو ڙي جيڏيون.

◎

(1) ڏاڏيون رمزان گهريون ديدان لايون دلبر مون سان يار (م) (2) تون عاشق (م) (3) آنهن (م) (4) چڏي (غ) (5) گنوايم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(15)

سِر سمجھ تون سارو مار منصوري نعرُو.[1]

1. انـــا احـــمـــد بِـــلا مـيـم احـد جـو آهـي اشـارو.
2. ســمـجـهـ سراسر سِرُ سلُوني آهين تون نُور نيارو.
3. قُـم بـاذنـــي كـــري اشـارت واصل وحدت وارو.
4. مـــن خـــدا جـو شيخ عطار تي هاءِ كيو هُوكارو.
5. عشق بازن جا منصب عالي مُنكر جو مُنهن كارو.
6. سُـبـحـانـــيءَ جـو شاهـ بسطامي وَاهَ وڃايو نغارو.
7. بيدل ٽيوين جا نكي جيوين وحدت جو وٽجارو.

(16)

دعويٰ ڪُورنگيءَ جي سَڻي وحدت ڏي چِت جو چاهَ ڪر
سِرُ پانهنجو ڪر تون سهيون ٻيا سڀ قِصا ڪوتاهَ ڪر

1. مذهب جو مونجهارو ڇڏي ذاتي ڪُنهـ ڏي ڪاهـ ڪر
شيعي سُنيءَ كان ٻچ پري رُخ رمز واري راهـ ڪر

2. علم و عقل كان ٽيءُ پري سِڪَ سوزَ جي صلاح ڪر
خلعت خدائيءَ جي ڏَكي سِر قُرب جي ڪُلاهـ ڪر

3. بيدل بِرهَ جي پَڙڪ سان ڪا[2] سُوجَهـ ساهـ پساهـ ڪر
تون تان اُهو ساڳي آهين واقف اهو ويساهـ ڪر

◎

(1) سمجهـ تون سر سارو مارج منصوري نعرو (م) (2) ڪو (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(17)

معنيٰ وجودي کر صحيح آهين سدا موجود تون
ڪنهن جيَ عبادت ٿو ڪرين ساڻيو آهين معبود تون.

1. ڪاڏي ڪرين ٿو تون قصد دارين جو مقصود تون
سِرُ معنوي پنهنجو سَمُجهه مَلڪن سندو مسجود تون.

2. چڏ سَڏ بهشتي باغ جي مَلڪوت ۾ مشهود تون
غزنيءَ جا پنڌ چو ٿو پُڇين مورون ملڪ محمود تون.

3. بيدل برهُ اختيار ڪر جي ٿو گهرين بهبود تون
ڏوهڻون ٿوابون ڪَجِ گُنر آهين سمورو سُودُ تون.

(18)

خَمرَ ڪنهن خاص خُماريا سالڪن ڪيا سر فدا
ڪَيف ڪنهن ڏاڍي ڪَڪوريا جُنگَ ٿيا جيءُ گون جُدا.

1. درد واري دَورَ ۾ احرام عُشاقن بَڌا
سوز جا سُرڪا پِيِنْ[1] سنيريا وَتنِ سُوريءَ سدا.

2. نيستيءَ واريون نمازون عارفن ٿي ڪُيون[2] ادا
غيب ۾ وجي غيب ٿيا سَيْ[3] رازَ جِي پهري رِدا.

3. وَجدَ واريءَ ويڙهه ۾ ڪنهن موج مستيءَ جي وڏا
نِيهَن جو نعرو هڻي نامیان اناالحق جي ندا.

4. "من خدايم" موج ۾ عطار فرمايو ادا
سِرَ وِدائڻ ۾ ڏِني بيدل سچي ساري مُدعا.

(1) پيون (م) پيو (غ) (2) ڪيون سڀ (م) (3) ٽيڙا (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(19)

ڏِس ڪيڏو آنبھ ڪيو سر مستيءَ جوش حلاج جي.

1. پنھنجي رائي سالڪُ سنيري سر سوليءَ تي نِيو
لئي معنيٰ[1] سر معراج جي.

2. حال حلاجي بحر بيپايان لکنِ مون کو پَيو
مُنھن آڻي انھيءَ امواج جي.

3. من رآني فقد رائي الحق موج ۾ مُرسل چيو
ھينو طبل تنھن صاحب تاج جي.

4. وحدت جي ڪثرت ۾ بيدل ڪيو خاصن کي ڪِيو
مَئيٰ[2] منصب لايحتاج جي.

(20)

سِرُ سبحاني آھيان صورت کيل ڪلايان

1. عرشؤن اُتري فرش اُئي ٿو پِرتئون پير گھمايان
آدم حوا جو ڪيم بَھانو سھسين نامَ سڏايان

2. ڪاڻي پِھر[3] رسالت جامو عبدي رمز رَلايان
سبحاني ما اعظم شاني ڪاڻي طبل وڄايان.

3. بيکَ زليخا يوسف جي ۾ محبت مڇ مَڇايان
شيرين ۽ فرھاد شڪل ٿيٰ[4] آڻي اکيون اٽکايان.

4. ڪڏھن منجھ قصور ٿي ظاھر سُوزُون سِيسُ ڪپايان[5]
ڪڏھن وچ درازين ويھي دردُون دُودُ دکايان.

5. بيدل صورت ڪري بھانو چالا عجب چلايان
ذات صفات کان آھيان نيارو ھِت ھُت ٺاھ ٺھايان.

◎

(1) مع الله (م) (2) لئي (م) (3) پھريم (م) (4) ۾ (م) (غ) (5) ڪتايان (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافيون روپ بروو

(21)

آءُ سارو سِرُ آهيان، پولُ نہ پيو ڪو پانيان

1. ظاهر باطن ڳيلُ ڪِلايم ٿاهہ عجب ٿو ٿاهيان.
2. ديوَ پَريون سڀ تابعُ منهنجا وائين تخت اُڏايان.
3. وحدت واريون موجان[1] ماڻي قطري بحر سمايان.
4. چوان پُڏان ٿو هيڏنهن هوڏنهن ڪنهن ڪون چَپُ چُپايان.
5. بيدل آهيان سِرُ الاهي صورت سانگ بنايان.

(22)

آءُ پَلي يار آئين وڃو ڏَڪي انساني.

1. آئي ٿُنهنجي ٿيون سرهايون سَهسين رنگ سمائين[2]
جُوءِ وسائي[3] جاني.

2. اَحد منجهارون احمد چاڙيئہ چاهئون چاڪُ سڏائين
آهين عَينُ عَياني.

3. ظاهر باطن وصف تنهنجو هِت هُت ٿاهہ ٺهائين
جوڙ ڪري جسماني.

4. بيدل واري وَيس لبيس ۾ پنهنجا پنڌ پُڄائين
يار رکي يارانيِ.

⊙

(1) موجون (م) (2) سيبائين (غ) (3) وسائين (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(23)

تون تہ اُهو ساڃي[1] آهين، ذات مُقدس پاڪ

1. پانئڙ وِڏڙو يَولَي ۾ توکي، هستيءَ ڪَيڙُءِ هَلاڪُ.
2. ڃاتي ٽيڙين ظاهر زمين تي، عرش ڇڏي اَفلاڪُ.
3. پاڻون پاڻ سان لَنوَ جا لاٿئي، خاص اچي منجهه خاڪ.
4. تـخـتَ هـزاري شاهہ سڏائين، وِچِ سيالين چاڪُ.
5. مارِ نغارو وحدت وارُو[2]، بيدل ٿي بيباڪُ.

(24)

تون تہ اُهو آهين ساڃي پُڻ نہ بي ڪنهن پولِ.

1. ٻاهر ڏُونڍج ڪينڪي ڪڏهين، ڳوٺ منجهان ڪُجهہ[3] ڳولِ.
2. آدم نـالـو پـاڻ سڏائـي[4] ڏِس انهيءَ تي ديولِ.
3. توهون ٻاهر ڪينڪي آهي پنهنجو پاڻ ۾ قُولِ.
4. هِڪ هِڪوئي ظاهر باطن دوئي اٿئي دِل هولِ.
5. "من عرف" جو ڪر نظارو بيدل اکڙيون کولِ.

◎

(1) ساڃيو (م) (2) مار نغارا وحدت والا (م) (3) ڪُجھ (گ) (4) سڏائين (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(25)

بِرهَ جو باري بار، رمز بازن ريءَ ڪيرُ اُڻائي

1. راهه انهيءَ ۾ سالڪ سِرَ تي سَهَنِ ڪرت ڪنار.
2. ڪيئي منصور ڪيا هن شُعلي سُوليءَ تي هَسوار.
3. عشق جو شيوو آ خونريزي مُلن ناهه ميار.
4. حُسن حقيقت فرق نہ پائنئج عاشق ڪر اعتبار.
5. مخفي هو محبوب بيرنگي نِيهَن ڪيو نروار.
6. هيڏنهن هوڏنهن پنهنجو پاڻ سان دِيدَ لائي دلدار.
7. بيدل بِرهَ ڪُون[1] يارَ يگاني پِهريا ويسَ هزار.

(26)

سالڪن جي سر تي جائي[2] جوش جلالي اَچي اَچي

1. وحدت جي درياهه ۾ پلپل موجَ منصوري مَچي مَچي.
2. رنگ رَبُوبيت واري ۾ رُوحُ رندن جو رَچي رَچي.
3. اذاتم الفقر فهو الله، چَيو سائينءَ سَچي سَچي.
4. حلا جي حالت ۾ يارو مان تون مُول نہ بَچي بَچي.
5. "انحد" جي آواز سان بيدل لُنوَ لُنوَ نِيهُون نَچي نَچي.

◎

(1) ڪنون (م) (2) سدائي (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(27)

فاذكروني اذكُركُم، ذاكر ٿيَ[1] مذكور ۾ گُم.

1. ٻاجهون گُم ٿيوءِ جي غازي چَڏِ تون[2] ٻيا سپ فِڪر فَهمُ.
2. بيخوديءَ جو بابُ پڙهج تون سالڪ سپ ڇماندر ڇَمُ.
3. ڪِين سڏيندءِ لعل لاهُوتي عشق بنان توکي آدمُ.
4. "من راني فقد رائي الحق" رازَ اِنهيءَ جو ٿِيَ[3] مُحرمُ.
5. وحدت ۾ جِندُ جانِ وِجائي بيدل هَڻُ منصوري دَمَ.

(28)

ڪين ڇاڻِن يار عام عشق جي مامَ منجهون مَلُواٽا[4]

1. جيڪي پيئندا مَئي منصوري محب ٿيندا مستانا.
2. ڪن مطالح مَحويتَ کي فِقِه چڏي فرزانا.
3. صوفي صافي بَيسِر بي پا دِيدَ ڪيا ديوانا.
4. رِندي رَمز پُروڙِن جيڪي مَرد پُڇن ميخانا.
5. عِشقُ عطا ڪيائون توکي بيدل ڪر شُڪرانا.

◎

(1) ٿيو (غ) (2) ڇوڙ (غ) (3) ٿيو (غ) (4) مولانا (هـ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(29)

كعبو قُدسِي تَوهِي سائُ كوهه كڏين كعبي جي كاڻ.

1. الانسان سِري وآنا سِره رمز پَرُوڙ اِها منجهه پاڻ.
2. مَلك فلك سڀ تُنهنجا ساجد سالك پنهنجو سِرُ سُجاڻ.
3. كُرسي عرش اَمُر تُنهنجي هِ وحدت جو تو منجهه وَٽاڻ.
4. كعبي جو تون آهين مَالكُ بيدل ٻِيو تان وَهَمُ نه آڻ.

(30)

ٻُجِهي[1] موَّج[2] منصوري پَري پَري
دين كفر جي دور گون.

1. سالِمُ صوفي لا مذهب كو وحدت ويسهَ كَري كَرِي[3].
2. پاڻ كون ظاهر پاڻ هِ باطن كيرُ جَمَي كيرُ مري مَري.
3. حافظ قاري كيرُ كوٺائي كيرُ پوتِي[4] ٿو پڙهي پڙهي.
4. آڻ يقين تون يار يگانا ڏور ڏوئيءَ كي ڏري ڏري.
5. بيدل جنهن جو حالُ حلاجي چاڙهي هِيءَ[5] سو چڙهي چڙهي.

---

(1) پجي (ر) (غ) (2) مام (م) (3) لامذهب صوفي سالم كو سير وحدت جو كري كري (م)
(4) پو ٽيون (م) (5) عشق جي (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(31)

ذوق سُرودُ پُڇو درويشان
بيدردان نون خبر[1] نہ ڪائي

1. السماع معراج الاولياء، فتويٰ يارن هيءَ فرمائي.
2. برهُ آواز ڪري بيرنگي مستيءَ واريَ[2] موج مَچائي.
3. "انحد" جي لَنو لَنوَ ۾ يارو نوبت زوري نِيهَن وڄائي.
4. نالِ[3] طنبور سُرندا طبلا مشتاقن ڈين[4] مَت اهائي.
5. عبديت اَولَو ٿي بيدل صوفين جي وَٽُ سَمجهہ سَجائي.

(32)

سالِڪَ رمز سُرودَ جي سمجهن
مُورڪ مُول نہ مڃن ڪڈاهان

1. راڳ جا مائلَ من جا قائل[5] وٽن سي رمزن واريون راهان.
2. سُٹِي سُرودُ سڪر ۾ بيخود بَيسر پهرن قُرب ڪُلاهان.
3. پنهنجو پاڻ ويڪن ۽ وِسهَن نامياں جاڏي ڪرن نگاهان.
4. ناچُ نچائن ڳائن ڳائن عرشون لنگهن اُنهن جون آهان.
5. نِيهُن ۾ پاڻ نچائج بيدل درد جو يار دِليون ٽڄ خواهان.

◎

(1) ڪَلَ (م) (2) والي (م) (3) تال (م) (4) ڈني (م) (5) راڳ جا قائل من جا مائل (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافيون روپ بلاولي

(33)

عشق امام محمد مهدي ڏوئي آٿئي دَجالُ

1. وِجهه دَجالُ ڏوئيءَ جو ڪيرَي گُم ڪر جسم جنجالُ.
2. هَوڪو ڦيرِ حقيقت وارو مهدي شاهه مثال.
3. تون آن مهديءَ جو سِرُ سارو پنهنجو پاڻُ سنپال.
4. ظاهر مون دل ڏوق نه پائي باطن رَڪُ بَرحال.
5. وحدت وارو دين قبولج ڇڏِ[1] هِي قِيل مقال.
6. فرق نه جاڻِ[2] هِمه هِ بيدل جمعيت هِ جال.

(34)

صُوفي لا مذهب تڪرار هر[3] مذهب ڪون آ بيزار

1. ڪَي ٿا سُڏائين صاف سڏائين ڪي ٿا شيعا پاڪ ڪوٺائن
گيت "هِمه" جو عاشق ڳائن عشق جو اعليٰ آ اسرار.

2. اِها حياتي آٿئي خزانو دَمَ دَمَ ٽُنهنجو دَرَ يگانو
باوَرُ ڪرَ تون ٿي مردانو وحدت جو ڪر يار وَ پار[4].

3. حال "فنا" جو حاصل ڪر تون باغ "بقا" جو ڪاءُ[5] ته ڦَرُ تون
ڏِيدَ ڏِيدن هِ دَمَ دَمَ ڏَرِ تون جلوو نُورَ جو ڏِسُ نروار.

4. "من عرف" جو سمجهه اشارو اِني انا الله جو هڻ[6] نعرو
واهه وَڃاءِ تون نيهَن نغارو بيدل بِرهين بي اختيار.

(1) ڇڏي (ه) (2) جاڻين (ه) (3) هي (ن) (4) واپار (ه) (5) ڪائج (ه) (6) هڻ تون (ه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(35)

جاڏي ڪاڏي پاڻ، ڇڏِ تون غيرُ گُمانُ

1. بيرنگيءَ مون رنگُ بنائي ٽِي آيو انسانُ،
دين ڪفر جي ويس ۾ سيرُ ڪري سُلطانُ.

2. ڪاٽي بيدُ پڙهي ٽو برُمان[1] ڪاٽي مسلمانُ،
ڪاٽي اَنيت[2] جو ڦيرائي فرمانُ.

3. ڪاٽي جامو حُسن جو پَهري شرف ڏيڪاري شانُ،
ڪاٽي بارُ بِرهَ جو اُٺائي اڳوانُ.

4. مُلن ۽ منصورَ جو جهيڙو وحدت ڪيو ويرانُ،
هيڏانهن هوڏانهن پاڻ هو جاهل يا عرفانُ.

5. شيعو سُني پاڻ سڏائي شافعي ۽ نعمانُ،
بيدل باور ڪر اِهو جَوئِي جسم سُو[3] جانُ.

(36)

نڪر منجهان ناسوت، اُڏر پڪيئڙا واهيڙي[4] ڏي.

1. جنهن وِساريو قالب خاڪي، آهي ماهِرُ ۾ ملڪوت.
2. پاڻُ سُجاڻ تہ آهين عارف، جاءِ ٿُنهنجي جبروت.
3. گهٽا ڏينهن وٽاڻُ هو ٿُنهنجو، لامڪان لاهوت.
4. آدم حوا ڪون هيئن تون اڳهين، بيشڪ ۾ باهوت.
5. بيدل ڪر پرواز جو سعيو، هَلُ موٽي هاهُوت.

(1) برهما (م) برهمڻ (ر) (2) انانيت (م) (3) سوئي (م) (4) ونءِ واهيري (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(37)

ڪري سينگار صورت جو اَڇي سپ ۾ سَمايا سَي
صفت ۾ پانهنجي[1] رائي سوين نالا سڏايا سَي.

1. شيرين فرهاد جو نالو ڪري عالمَ ۾ آيا سي
بَهاني بيڪَ مجنونءَ جي نَڪِي ليليٰ لِکايا سي.

2. ڏِکي جامون جلالت جو هزارين هُلَ هُلايا سي
موسيٰ فرعون مون[2] مورت عجب چالا چلايا سي.

3. ڪڏهن تي قم باذنيءَ جا حُڪم حقي هَلايا سي
ڪڏهن عشقئون "اناالحق" جا وري ڪي گيت گايا سي.

4. بِرهَ جا بارَ بدناميون چُمي چشمن تي چايا سي
بُزرگيءَ کون پڇي بيدل رنديءَ جا رنگ رچايا سي.

(38)

جوئي آهيان سوئي آهيان پُول نہ ٻيو کو پانيان

1. وَيسَ لبيسَ دينَ ڪُفر جا، ڪيئي لاهيان ڪيئي پايان.
2. رنگين رنگين پاتين پاتين، ناهه لکين ٿو ناهيان.
3. مُومل واري ويسَ ورن ۾ گهوٽ هزارين گهايان.
4. رِندن واتون وحدت وارو، سارو سِرُ سڏايان.
5. هن مظهر ۾ ڪاڻ بهاني، بيدل نام سڏايان.

◎

(1) پنهنجي رائي سان (م) (2) منهن (م) ۾ (ن)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(39)

آهيان نُورُ نَفيسُ، جوڙيم جوڙ جڳت جي ساري

1. آدم حوا مظهرُ مُنهنجو، شوقئون ٽِيَڙُس شِيثُ.
2. ڪڏهن نالو نُوحُ سڏايم، آيس ٽي اِدريسُ.
3. ڪاٽي پاڪ پيغمبر چايُم، ڪاٽي خامُ خبيثُ.
4. بيدل خود "انا خير" آکيمُ اَولَي ۾ ابليسُ.

(40)

جالَي ساڏو مين[1] سنسار، جيوين[2] مسافر وانا واهو

1. ڪام ڪروڌ ۽ موهُ وڃايو، آديسي اَهنڪارَ.
2. سَنتَ چڏي سُکُ ڪنيو ڏُکن جو، سِرَ تي باري بارُ.
3. ڪري اپياس چڑهي آڪاسين، بانڪو بي اختيار.
4. مَن هسوار پَون جو گهوڙو، ڪري سو گگنُ گذار.
5. بيدل عاشق انهيءَ ڳڳت جي، سُرت رکج سپ پار.

◎

(1) ئي (ن) (2) جيئن (ن)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(41)

نئون نياپو آيو، ماروئڙن جو مونڌي
محبوبن جو مونڌي

1. ڪوڙ عُمر جو ڪيهي سببئون، تنهنجي ساهه سيبايو.
2. جيڪس هاڻي ماروئڙن ڏنهن، تو پاڻ خيال منايو.
3. سانگيئڙن سان ساڻ سچائي، واهه تو نِيهُن نياپو.
4. ويڙهيچن جو آهي اصل ڪون، راز جو تو ڏنهن رايو.
5. وَرُ ساڙيهه ڏي سِگهڙو بيدل، سنيڑ اُٽي ڪر سايو.

(42)

رات مون ڏي مارُن جو نئون نياپو آيو
ڏکيو ڏوراپو آيو.

1. جسماني جي ڪوڙ ۾، رکيوء رهڻ جو رايو.
2. مُلڪُ مارُن جو نِت بَهاريو، تو ڪيئن چتڙو چايو.
3. ڪيهي سببون تو هن ڏينهن، ڏيهون ڏور ڏسايو.
4. ويڙهيچن ڏانهن وڃي ايڏانهين، تو ڪيئن خيال منايو.
5. مارُن رِيءَ تو هِن ماڙين ۾، چا سان مَنُ پرپايو.
6. هُت سنيارن سانگي توکي، هِت ڪنهن سانگ رهايو.
7. وَرُ ساڙيهه ڏي سِگهڙو بيدل اُٽي سَنيڑُ ڪَرِ سعيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

کافیون روپ آسا

(43)

سَمجَھہ رکُ سالکَ سچا ڈِسُ ھُو بہَ ھُو محبوب آھہ
تُم وَجه الله کنین سُٹ، سُو بہَ سُو محبوب آھہ.

1. جنھن پیتو ساغر صفا جو تنھن وِساریو هي وجود
اُنَ جي فکرت ۾ مُدامي رُو بَہ رُو محبوب آھہ.

2. مـوج وحـدت جـي وڃايو وَھمُ بشريت سندو
جو مُحب پاڻون ڇُنو سو مُو بہ مُو محبوب آھہ.

3. پائي جھاتي پاڻ ۾ جنھن کيو صحيح اسرار هي[1]
تنھن جي اڳتون اوڏ ريءَ ڏس کُو بہَ کُو محبوب آھہ.

4. کُـلُ شـيءٍ هـالِـکٌ الا وَجَـھہ تحقيق ڄاڻ
سُرت رک بيدل سمجُھہ پي تُو بَہ تو محبوب آھہ.

---

(1) کي (غ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(44)

اَمر نَهِي جون ڳالهيون اوري جوڳين پنڊُ پَراهون

1. نَحوَ جو نَيهي حرف نہ ڄاڻن مَحويت جون موجان ماڻن
   ڪَنزُ قُدوري طرف نہ تاڻن عارف وجن اَڳاهون.

2. رمزن وارا رِند رِندانا فقه هِ قاسن ڪيئن[1] فرزانا
   مستي ملڪ ڪري مردانا طلبئون ٽرن[2] تڏاهون.

3. عِلمُ لُدنيءَ جا جي عالِمَ لامذهب سي صوفي سالِمَ
   بار برهه جو بانڪا بالم چُم چائن سِرِ چاهون.

4. اُلٽ پيدُ برهه جو سارو سمجهي ماريائون[3] نيهن جو نعرو
   بيدل ڪيئن ڪن لوڪ ڏي لاڙو نِيَڙُنِ موج متانهون.

◎

(1) ڪيئي (هـ) ڪين (ر) الف (2) تڻن (الف) (3) مارن (الف)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافيون روپ سَسُئي

(45)

پاڻ پنهون تون آهين ڪيچ وٽين[1] چو ڪاهين.

1. صاحب آهين ڪيچ وٽن جو، پَرِتُ چو پاڻ کي پائئين.
2. خلق الآدم عليٰ صورته، غيرُ خدا جو ناهين.
3. عَبديت کي احديت ۾، لالڻ[2] چو نہ لهرائين[3].
4. بيدل بندو ناهہ تون هرگز، چو ٿو ڪُوڙُ ڪمائين.

(46)

خاڪِي ڪَيڙم ويسُ آهيان نہ تہ نُورُ نيارو.

1. اچي ٺاهيُم اِنَهين، عبديءَ جو آبيسُ.
2. ڪاڻي چاڪَرُ چائيان، ڪاڻي خاصو ريسُ.
3. هِڪُ ڏِکيان ٻيو لاهيان رنگا رنگ لبيسُ.
4. ڪاڻي سالِڪُ سُڏريلُ، ڪاڻي عين اويسُ.
5. سيوهڙ سجدا ٿو ڪريان، بيدل ٿي درويش.

◎

(1) وٽن ڏي (الف) (2) لائق (هـ) (3) لڙهائين (ر)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(47)

ٹِي آيُس انسان، آهيان اسرار عجائب.

1. ٻانهي ٻولِي ناهِ کا، سارو سِرُ سبحانُ.
2. نوح نبيءَ جي ويسَ ۾، تارِ ڪيم طوفانُ.
3. آيُس ابراهيم ٽِي، باهِ ڪيم ٻُستان.
4. بيکُ بنائي عيسوي، اُڏاٽس آسمانُ.
5. بيدل نالي ٽي ڪيم، سجدو سيوستان.

(48)

بيڪس ڪاڙِ ينيور ۾ آرياڻي تون اچيج.

1. هـيءَ جـا تُـنـهـنـجي آسري، تنهن جي سارَ لهيج.
2. نِـمـاڻـيءَ جـي نـجـهـرَي، پَيهي حالُ پُڇيج.
3. سـوز عـشـق جـو سُپرين، بَهرو ڪو بخشيج.
4. پُـنـهـون هـٿـون پـانهنجي، وحدت وَٽ وڃيج.
5. لالـڻ لائـق پـانـهـنـجـا، ڪوهيارلَ ڪريج.
6. محوِيت ڏي مون پرين، بيدل کي مُنهن ڏيج.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(49)

هَوتَ سِگھي لَهُ سارَ اَچِي سِکاين جي

1. رائـــيءَ رُجَ ۾ رَسُ[1] کـــوهـيـارل، آءُ ٻُڌِي ٻاکار
پنهنجي اُجاين جي.

2. پاڻون لاٿَوَ نِيهُن جنين سان، اچي ٽيو[2] آڌار
تنين نماڻن جي.

3. ننگ سُجاڻج پنهنجو پاڻهين، نڌر آهه نڪار
ٻانهي ٻاروچن جي.

4. هيءَ ڪَنيزَڪ ڪوڙي لالن، مَرُ چُمي پيزار
سدا سپرين جي.

5. بيدل شدو وتي اُداسي، تنهنجو[3] ملڻ منڌار
مُدعا ٽيس مَنَ جي.

◎

(1) وس (الف) (2) ٽيءَ (ه) (3) هن جو (هه) الف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(50)

اَڇي پَياسي اَسّي[1] يار، محبت جي مهرياڻ ۾.

1. گيلي عشق اروپ جي بازي لکيون ڇُپيون دل گسي يار
صورت جي سامان ۾.

2. "خلق الآدم علىٰ صورته" پاٽون پاڻ ٿو ڏسي يار
عين اَتوَ[2] انسان ۾.

3. پَهري پوش صفاتي يارو، بيٺو[3] دلاور دسّي[4] يار
عينن جي ايوان ۾.

4. سرڙيون سيف برهه جو بانڪو، ڪيون حملا ٿو هَسي يار
چشمن جي چوگان ۾

5. "وهو معڪم اينما ڪنتم"، وِرهَ وارن سان وَسي يار
قول سندس قرآن ۾

6. بيدل مول نہ تون ٿي ماندو، رازدارن تي رَسي يار
هِجرَت[5] ۽ حرمان ۾.

◎

(1) اسين (م) آسي (الف) (2) آيو (م) (3) ويٺو (م) (4) ڏسي (م) (5) حسرت (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(51)

ويندس نا تہ مَري، موٽج دوست مُئيءَ جا

1. جيئري جُدائي نہ سهان، اڇ تون ويرَ[1] وري.
2. چُڪي ڏونگر چوَٽئين، سگهي ڪين[2] چڙهي.
3. توريءَ شهر پنيور ۾، گهاريان ڪين گهڙي.
4. اکين اڳتون نانءَ الله جي، پاسي ٿيءُ نہ پري.
5. پرين وٽي وڃج پاڻ سان، هيءَ ڪميني ڪوڙي.
6. دل بيدل جي سُپرين چَيئَڪَ ڪئي آهہ چرِي.

(52)

آيو نِيهڻون نُورَ نيارو، اڇ انساني اوتار ۾

1. عبديت جي اَولَي يَولَي "لا ميم"[3] محب موچارو
رک گوش انهيءَ گفتار ۾

2. هيڏنهن هوڏنهن حق حقيقت، پَسِي[4] پنهنجو پاڻ نظارو
ٿي عاشق پيو اوتارَ ۾.

3. دين ڪفر جو دلبر سائين، ڪري پرتئون پاڻ پسارو
آيو تسبيح ۽ زنار ۾.

4. محب منصوري جامو پهري هَٿِي[5] هستيءَ وارو نعرو
ڏايي خيال ڪنهن خمار ۾.

5. بيدل نالي جڳ[6] ۾ جالي، سو رانول رمزن وارو
ڪري سيرُ اچون[7] سنسار ۾

◎

(1) يار (م) (2) سگهان تان نہ (م) (3) لتم (م) (هـ) (4) پئسہ جو (م) (5) هنيون (6) دو جڳ ۾ (هـ) (7) اچو (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(53)

ھاروُ[1] چو تو ساڻ، ووڑين چو وٽڪار ۾

1. هِتيئي[2] ڪر هوتَ سان، ريجهي[3] رُوحَ رهاڻ.
2. سوئي توسان سپرين، جُهڪين[4] جنهن جي ڪاڻ.
3. ووڑيون ووڑج پاڻ ۾، تو ۾ ويرُ[5] وڃاڻ.
4. هيڏي هوڏي ڪِيم هَلُ، ٻيا سڀ خيال اُڪاڻ.
5. بيدل رڪج رُوحَ ۾، اقرب جو اُهيجاڻ[6].

(54)

توريءَ عينُ عذاب عينُ عذاب
توڙي باغ بهشت جا

1. پَسڻ ڏاران پرينءَ جي، حوران محض حجاب محض حجاب
2. ڏورئون يَڄِي[7] ڏوهه ڪان، وَيجهو ڪان ثواب ڪان ثواب
3. ڪنڌ نہ موڙي ڪاڏهين، جنهن جو نيهُن نواب نِينهُن نواب
4. پَيهي وچ پاتار ۾، هٽون چڏ حُباب چڏ حُباب
5. بيدل هَڏُون هوت جي، ڪُسي ٽيو[8] ڪباب ٽيو ڪباب

(1) ھاروچا (م) (2) هستيءَ کي (ھ) (3) ويهي (الف) (4) جڪين (م) (5) ديرو (ھ)
(6) اهياڻ (ر) (7) پنهنجي (الف) (8) ٽيءَ (م) (ر) (ھ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(55)

ياڪِي[9] ٽئين وڃي يار
نہ ڪو پَيوءِ[10] خيالُ اسان جو

1. ٿوهُون ڏاران سُپرين، دل ڪي ناهہ قرار
جيئڻ جنجال اسان جو.

2. مِلُ تہ ماندائي لَهي، نرملَ ٿيو نروار
مٿا مڃ سوال اسان جو.

3. بيدل ويچارو چڏي، مَٽِيُوَ[11] پُورب پار
هَي هَي ڏس حال اسان جو.

◎

(9) ياقي (غ) (10) بَرَّءِ (هـ) پَيَءِ (م) پجوءِ پاپي (الف) (11) ماٽيو (هـ) الف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

كافيون روپ ديسي

(56)

عشقئون آيو آيو، صورت ويس ۾ سُهٽو

1. ڪُنتُ ڪنزا مخفيا سُڻ، لَالَنُ ڪنهن نہ لِکايو.
2. اَڇِي انسان ۾ ڪيائين اظهارِي پيرُ پَڌرِ پِرَ پايو.
3. رنگين رنگين پاتين پاتين، نُورُ نظارو لايو.
4. ڪاڦي هِندُو ڪاڦي مومنُ، اهو رکيائين رايو.
5. بيدل آڻج تيئن ويسَهہ[1]، جيئن سانئِن[2] سمجهايو.

(57)

تو ۾ سو سِر سارو جنهن جا پنڌ پُڇين ٿو

1. "في انفسڪم" سُڻ فرمودو، تو ۾ نور نظارو.
2. "انا احمد بلا ميم"، عاشق سمجهہ اشارو.
3. مڙس ٿي ميڙج مَنَ پنهنجي ٿَئون، وهم تون ٻانهپ ڌارو.
4. غيرُ نہ پائنڄ[3] پاڻ ڪي بيدل، شاهي مارِ نغارو.

◎

(1) ويساهہ (ر) (2) سائينءَ (م) سائين (ر) (3) ڄاڻج (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(58)

هِتِ هُتِ حامي آهِ اسان جو هادي حضرت شاهِ.

1. "لحمک لحمي روحک[1] رُوحي"، اعليٰ اسدالله.
2. محبت وارنِ ساڻ[2] آ ساڻي. وانگي ساهِ پساهِ.
3. لاڪيدن لئہ وحدت واري[3]. روشن ڪيائين راهِ.
4. "من عرف" جي مامَ جي بخشي. عُشاقن[4] آگاهِ.
5. بيدل مذهب ڪون رهِ نيارو، وحدت رک ويساهُ

(59)

گُم ٿِي گُم ٿِي گُم ٿِي غازي عشق اهو ارشاد.

1. ٻِيون سڀ عِلمَ عقل جون ڳالهيون، بِرهِ بنان برباد.
2. نُڪتي نانهن جو روز ازل کون، عشق آهي اُستاد.
3. "دع نفسک جو" سمجهِ سبق تون، يار رکين نِتُ يادُ.
4. وحدت وَسيهِ ساڻ سدائي، شوقئون رَهُ دلشاد.
5. مذهب واري قيد کون بيدل، عشقُ ڪندؤ آزاد.

◎

---

1. لمک لمي دمک دمي (هـ) (2) سان آهي (هـ) (3) وارو (م) (4) عاشقن (هـ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

کافيون روپ سارنگ

(60)

ظاهر بندو باطن مولا بِرهَ جي بازي پُرجهي ڪيرُ

1. اِيهو رازُ ڪري ٿو روشن علي ولي شَه مردان شيرُ.
2. "من عرف" جي مام موچاري فرمودي ۾ ناهي ڦيرُ.
3. پاڻ ڳوائيندڙ پاڻ کي ڳولي[1] عشق غَيُور وَڃايو[2] غيرُ.
4. تان تون پنهنجو پاڻُ سُجاڻين وحدت وارو پَيرِج پيرُ.
5. پنهنجو سِرُ صحيون ڪج بيدل سُوجهي سمجهه سِريءَ جو سيرُ.

(61)

رائيءَ پنهنجَي يارُ پيارو آيو هِنَ اسرار ۾

1. معنيٰ مُلڪ کون آيو سُهٽو، صورت جي سنسار ۾.
2. اَڇي ظهورو ڪيائين سارو، انساني اوتار ۾.
3. لُٽيون درد مندن جون دليون، سهٽي هن سينگار ۾.
4. نُور نيارو آيو عشقئون، تسبيح[3] ۽ زنار ۾.
5. بيدل چڏ ٻانهپ جي ٻولي، جالي هر جنسار ۾.

(62)

سِر اسرار حقيقي آهيان صورت ڪر انسانُ وو

1. فرش اُتي ٿو عبد سڏايان، عرش اُتي رحمانُ وو.
2. نُوح واري اوتار ۾ ڪيڙُمُ، عالمَ تي طوفان وو.
3. جسم جي اولي ڏنم ڏڪاري، آهيان جانِ جهانُ وو.
4. ذات صفات کان آهيان نيارو، نہ ڪو نانءُ نشانُ وو.
5. بيدل سيرُ سَيوئي منهنجو، لامڪان مڪانُ وو.

(1) لهي (ن) (2) وڃائس (م) (3) و (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

كافيون روپ پورب

(63)

پُريا پُورب پار، سامي سنگُ چِني ويا

1. گُر[1] كون سمجهيو گودڙين، الستي اسرار.
2. راتيان ڏينهان هيكڙو[2]، آديسين اوتار.
3. لوكئون لاهوتي لڏيا[31]، گنؤ هليا[4] گرنار.
4. بيدل بيراڳڙ هوئي، كا جا تن تنوار[5].

(64)

لاهوتي سي لعلُ پاڻون جن پاسي[6] كيو.

1. جوڳي نكتا جُڳ[7] گُون، چڏي جسم جنجال.
2. نانگا جالن نانهن پِر، كَيڑا نِيهَن نِهال.
3. آڏوتي اثبات جي، مُركيون كن مقال.
4. هو وجي پهتا حال كي، ماڻهن ليكي مُحالُ.
5. بيدل رَهُ بيراڳ پِر، پاڻ كنان پل خيال.

◎

(1) گور (ر) (2) هكڙو (م) (3) لڏي هليا (م) (4) هُيا (م) (5) تند تنوار (هـ) (6) پاسو (الف) (م) (7) جوڳ (م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(65)

پُورب پَهہُ پَيَونِ سامي ويا سنسار مون.

1. سُورَ کنيائون پاڻ سان، سَمَرُ هي سندونِ.
2. نانگا هليا ناڻ ڏي ناگهِ نِيهُن نِيَونِ.[1]
3. آڏيءَ ويڑا اُليل مون، کوجو سَڏُ سُيونِ.[2]
4. ڏاڍو دَردَ فراق جو، دِل ۾ ڏُوڏُ ڏُکيونِ.
5. بيدل عشق جو اوچتو، منجهان مَڇُ مچون.

(66)

پرينءَ کان پَرُوڙُ هيءَ پرايم جيڏيون

1. انـدرِ آکيـرو کـيـو، سُپيريان جي سُورَ.
2. وحـدت سـنـدَي واس ڪـون، مُـلا ٿيا منصورَ.
3. کوڙين کانَ لڳا مونکي، گهايس تنهنجي گهورَ.
4. بـيـدل عـهـد الست ڪُون، محبت کيس مخمُور.

◎

(1) ٿيونِ (الف) (2) سڏيونِ (هـ) الف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافيون روپ جوڳ

(67)

ڊِيڊَن سان[1] ڪري ڏاڙو دل لُٽيئِي يار مُنهنجي

1. هن ڪنيزڪ ڏانهن ڪڏهن ڪوهيارل، ويهي[2] ڪج نہ وسارو سِگهي لَهِج سار مُنهنجي.

2. روز ازل ڪون روح روحن سان، ڪيو جو نوُر نظارو لڳي توسان تارَ منهنجي.

